منهنجو تخليقي سفر

خيرالنساء جعفري

Sindhica
سنڌيڪا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجو تخليقي سفر

(ڪهاڻيون، تحريرون، تقريرون، انٽرويوز ۽ انڊيا جو سفر)

خيرالنساءِ جعفري

Sindhica
سنڌيڪا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇپائيندڙ جا حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب جو نالو: منهنجو تخليقي سفر
ليکڪا: خيرالنساءِ جعفري
ڇپجڻ جي تاريخ: جنوري ١٩٩٢ع
تعداد: هڪ هزار
ڇاپيندڙ: ذڪي سنز پرنٽرس، ڪراچي
ڇپائيندڙ: سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي

قيمت: 75 رپيا

All rights are reseved for the Publisher

Munhunjo Takhleeqi Safar
(My Literary Endeavours)
Language: Sindhi
By: Khairun- Nisa Jafery
Published by: Sindhica Academy, Karachi

Price Rs. 75.00

سول ڊسٽري بيوٽرز
آزاد ڪميونيڪيشنز
B- 24 نيشنل آٽو پلازه
مارسٽن روڊ، ڪراچي،
فون: 7737290

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فهرست

	صفحو
پبلشرپاران	5
پنهنجي متعلق	7
1- گڏي، خيرو ۽ خيرالنساءِ جعفري	9
2- حويلي ۽ ڪان هاسٽل تائين	15
3- پيڙا جو پڙلاءُ	31
4- کهڙو برانڊ ۽ کهڙو سگريٽ؟	43
5- قربتون ۽ فاصلا	57
6- 1967، 1968 ۽ 1969ع	62
7- تخليق جو موت	92
8- تتل سوچون	111
9- مونسپالٽي ۽ ڪتا	118
10- بيروزگاري ۽ بندوق	121
11- رعنا شفيق جي ڪتاب، پولار، تي لکيل مهاڳ	124
12- الطاف شيخ جي ڪتاب، ڇا جو ديس ڇا جو ويس، جو مهاڳ	127
13- طارق عالم ابڙي جي ڪتاب، رات سانت ۽ سوچون جو مهاڳ	132
14- ڪتاب، هيلو ڪووري آ، جو مهاڳ	138
15- شعبان وسطڙي جي ڪتاب تي مهاڳ	143
16- مهاڳ اياز لطيف جي ڪتاب تي!	150
17- ڌرتي تنهنجا ڏک	156
18- ڪجهه ته پڇو؟	160
19- وهه- ماڪي	165

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

20- حوصلو ۽ همت	168
21- هاجو ڪري هو، آڌيءَ جو اُٿي ويا !	170
22- ثميره زرين	180
23- تنهنجي لاءِ	184
24- پنجاهه هزارن جو حزب الله	188
25- پروفيسر حزب الله	194
26- مارورِيءَ ملير	200
27- ڪِل- جاڪستوري	225
28- خيرالنساءِ جعفري سان ڳالهه ٻولهه	236
29- پاڻيءَ منجهه پتاشو	241
30- خيرالنساءِ جعفري (علي نواز قل)	248
31- خيرالنساءِ جعفري (عبدالقادر جوڻيجو، ڪرم الاهي چنا)	253
32- هيلن ڪوسنگ ڪاڌم	261
33- سنڌي ساهت ۾ عورتن جو ڪردار	269
34 منهنجو تخليقي سفر	274
35- تنوير سان ملهايل شام ۾ تقرير	279
36- اميريءَ کان فقيريءَ تائين	284
37- تاج بلوچ جي ڪتاب 'خوشبو جو زهر' تي ڪيل تقرير	291
38- ليڊيز ڪلب ۾ هڪ تقرير	299
39- سنڌ يونيورسٽي جي، آڊيٽوريم ۾ ڪيل تقرير	307
40- 'لفظن جا رانديڪا' جي مهورت تي هڪ تقرير	312
41- اياز لطيف سان ملهايل سان ملهايل شام جي موقعي تي ڪيل تقرير	320

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پبلشر نوٽ

خيرالنساءِ جعفري سنڌي ادب ۾ جنهن بيباڪي ۽ حقيقت پسندي سان لکيو آهي، ان حوالي سان ڪي ٿورڙا لکڻ وارا هوندا جيڪي سندس همسري جي دعويٰ ڪري سگهن. ادب جي دنيا ۾ لکندڙن جي ڪڏهن ڪڏهن اهڙي تخليق پڌري ٿيندي آهي، جيڪا ڏهاڪن ۽ صدين جو شاهڪار بڻجي ويندي آهي. نسيم کرل جي 'چوٿيهون در' ۽ امرجليل جي 'سرد لاش جو سفر' وانگيان خيرالنساءِ جعفري جي 'حويلي کان هاسٽل تائين' ڪهاڻي جڏهن شايع ٿي ته سنڌ جي سماج ۾ وڏا وڏا 'مقدس' بت پاش پاش ٿيندا نظر آيا. اتان ئي سندس فن ۾ زندگيءَ، نواڻ ۽ اعتماد جي نڪتل خوشبوءِ ڪيتري عرصي تائين نئين ٿهيءَ جي سوچن کي واسيندي رهي آهي.

ذاتي حوالي سان خيرالنساءِ جعفري کي سندس سچي، سهاجهڙي ۽ اڏول شخصيت طور سنڌ جي علمي ۽ ادبي حلقن ۾ پڻ عقيدت وارو مقام حاصل آهي، جنهن ڪري ادب جي قلندر لڏي جي خواهش رهي آهي ته خيرالنساءِ جعفري سندن ڪتاب جو مهاڳ لکي، سندن سڏايل تقريب کي رونق بخشي ۽ مجلس ۾ پنهنجي موچارن لفظن ۽ جملن جي سڳنڌ هير ڦهلائي.

'منهنجو تخليقي سفر' خيرالنساءِ جعفري جي 'تخليق جو موت' کان وٺي مختلف ڪتابن تي لکيل مهاڳن، تقريرن ۽ انٽرويوز ۽ انڊيا جي سفر تي مشتمل ڳتڪو آهي، جيڪو سنڌيڪا اڪيڊمي جي پاران ستين اشاعتي سلسلي جي طور تي پيش ڪندي پنهنجي لاءِ فخر محسوس ڪريون ٿا.

نوراحمد ميمڻ
چيئرمين
سنڌيڪا اڪيڊمي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي متعلق

حيات جي ڪنهن Horo Scope پٽاندر...

آئون بنا مرضي جي 17 آگسٽ، 1947ع تي خميس جي ڏينهن جائي هئس. وقت! پنهنجو پاڻ گذرندو آهي، پر ڪجهه ماڻهو وقت کي پنهنجي مرضيءَ تي گذاريندا آهن. آئون انهن مان آهيان جن کي ’وقت‘ پنهنجي مرضيءَ سان هلائيندو آهي. ڪو وقت ايندو جڏهن خيرالنساءِ جعفري هِن دنيا ۾ نه هوندي، پر اُن وقت جي مون وٽ تاريخ ڪونهي!!

ٽائيم ٽيبل پٽاندر زندگي گذارڻ منهنجي وس ۾ ڪونهي. نه ٽائيم نئي وس ۾ آهي ۽ نه ٽيبل تي اختيار آهي!... ٽائيم ٽيبل مطابق زندگي چڱا ۽ عقلمند ماڻهو گذاريندا آهن. زندگيءَ جا هو نه، زندگي هنن جي محتاج هوندي آهي. مون ته انڪساري وچان ٽيبل تي ويهي ڪڏهن ماني به نه کاڌي آهي. ماني صندلي تي ويهي کائيندي آهيان. صندلي سستي پوندي اٿم پر (ڪٽڪ جو داڻو) يعني ماني ڏاڍي لڳائٽي پوندي اٿم، جو پيٽ ڀري به چار ڪرنهه وڌيڪ کائڻ جي مون کي قيمت پاسٽي پوندي آهي! يعني Suger فوراً Stand- up ٿي ويندي آهي.

صندلي سستي ان ڪري پوندي اٿم جو انڪسار جي ڪا قيمت ڪونهي. صندلي تي ويهي سمهندي به آهيان لکندي به آهيان، ڳالا جو ڳلم به صندلي تي ئي وڄائيندي آهيان- ڳويا منهنجي جيئڻ جو Scope، منهنجي رهڻ جي دنيا تمام سستي ۽ portable آهي!

1970 ۾ منهنجي مرضي هئي ته مون کي ڪٽ ماستري ملي پوي! جو هر مهيني 50 رپين جي سخت ضرورت محسوس ٿيندي هئي. بڪ اسٽالن جي ڪتابن خريدڻ جي شوق ۾! ماستري نه ملي....

پر اوچتو ان ئي سال ئي 1970 ۾ يونيورسٽي نفسيات ۾ ليڪچررشپ ملي ويئي. پگهار 50 رپين جي بدران 450 رپيا پئي مليو. پر! منهنجي ڪتابن پڙهڻ جو شوق ئي لهي ويو. اڄ به منهنجو مطالعو، ڪتابن پڙهڻ جي حد تائين نه هئڻ جي برابر آهي!

’ماڻهو‘ منهنجي دلچسپيءَ جو هميشه محوّر رهيو. خصوصاً اهُو ماڻهو جيڪو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هميشہ صندليءَ تي رهيو ۽ صندليءَ کان اڳيان پنهنجا پير ٻگهاري نہ سگهيو!

1974 جو وقت آيو! ڪهاڻيڪار نہ هوندي بہ ڇهہ ست ڪهاڻيون لکي ڇڏيم، جن منهنجي وقت ۾ بہ، البت 1977- 1978 ڌاري ڪافي ميتا ورتي. 1978 کان 1982 تائين مون رڳو پنهنجي وقت کي، پويان گذريل وقت کي مڙي ڏسڻ ۾ ئي وقت گذاريو!

1982 جي آخر تائين گذريل وقت کي ميڙي سيڙي هڪ اسٽور روم ۾ ڦٽو ڪيم، پنهنجي مرضي سان. نہ رڳو هند جو سفر ڪيم پر پنهنجي پسند تي بہ قسطون بہ لکيم.

ان کان پوءِ پراڻي قلم مان ڪجهہ ڪَس لٿي. ڪجهہ سهڻن ماڻهن جي سهڻن ڪتابن جي ايماندارانہ دلالي بہ ڪيم، يعني Preface لکيم! ۽ پوءِ وقت پٽاندر! مرضي نہ هوندي بہ، ڪڏهن پاڻ سان ڪڏهن پاڻ کان وڌن سان شامون ملهائڻ جي موقعن تي ڪي لکتيون، ڪي لفظ، جن کي ماڻهو تقريرون چوندا آهن. منهنجون مڙيئي لکتيون! ڪهاڻيون، پريفيس، انٽرويوز، تقريرون، هن وقت جون تازه دم نہ پر گذريل وقت جون پراڻيون شيون آهن. پنهنجي مرضي تي انهن مڙني چيزن کي هڪ هنڌ ڪنهن اسٽور ۾ بند ڪيو اٿم. ان اسٽور جي چاٻي اوهان کي ڏيان ٿي. ڪا اوهان جي پسند جي چيز ملي پوي، جي نہ ملي تہ پوءِ هي اسٽور روم تہ منهنجو آهي... اوهين شوروم يا ڊرائنگ روم کي ئي ڏسو.

—— خيرالنساءِ جعفري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳُڏي، خيرو ۽ خيرالنساءِ جعفري

ڳُڏي، خيرو ۽ خيرالنساءِ جعفري- هڪڙو ماڻهو، هڪڙو روپ، ٽي نالا جنهن کي جهڙي ڏسڻ ۾ آئي، انهيءَ ڪٿي اهڙو نالو رکيو هوندس. اڪ اڪ جو ڦير آهي، سوچ سوچ جو تفاوت آهي نه ته خيرالنساءَ آهي ته هڪڙي ئي روپ رنگ جي مالڪ. وقت جي نزاڪت کي اڪ ۾ رکي پنهنجو روپ ڪو نه بدلائي. جهڙي پرپٺ هوندي اهڙي منهن تي. منهن تي جيڪڏهن شينهن شير خدا جو سڏائي ته پوءِ گدڙن وارا ڪم ڪو نه ڪندي. ان ڪري 'مڙس ماڻهو' هئڻ جي باوجود پنهنجو پاڻ کي 'شيردي بچي' چورائڻ جي ڪوشش ئي ڪا نه ڪئي اٿس، جيتوڻيڪ انهن رسمن جو ڪاروبار ادب جي دنيا ۾ چوٽ تي چڙهيل آهي. بقول هڪ دوست جي ته جنهن وچولي طبقي مان خيرو ڪنييءَ وانگر ڦٽي نڪتي آهي، اتي Masksسان مارڪيٽ پريا پيا آهن. جيڪو ڪپيئي سو منهن تي چاڙهه، جيئن ڪپيئي تيئن هل.

ننڍپڻ لاءِ سندس نالو' ڳُڏي' رکڻ وارو ڪو مستقبل جو نجومي ٿو نظر اچي. معاملو ڪيترو به ڌيان طلب هجي، معاملي ۾ قاتل ماڻهو ڪيترا به ويجها هوندس پر سندس منهن تي اهڙي ته معصوميت، سادگي ۽ لاتعلقي ڇانيل هوندي آهي جو ڪيس بي اختيار ڳُڏي چوڻ تي دل چوندي آهي، پوءِ چوڻ واري جي عمر ڇا به هجي. چوڻ وارو ڇاهي سٺ سالن جو ٻار هجي يا ويهن سالن جو پوڙهو. مون کي ته شڪ آهي ته سياڻ جيڪو اولاد ڏيندس، اهو به ڪيس 'امان' جي بدران' ڳُڏي' نه چئي ونيس. قد بت ۽ ڪپڙن ۾ به ڳُڏي لڳندي آهي. ڪنهن ڳالهه پئي ڪئي ته شادي وقت جڏهن ڪيس سنواري سينگاري سندس سهيلين سهرا پئي ڳايا ته انهن کي پنهنجو ننڍپڻ ياد اچي ويو ۽ جڏهين هو ڳڏيون پرڻائينديون هيون. هونئن ته هرڪا عورت شادي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تيئڻ وقت 'گڏي' هوندي آهي. پر هيءَ تہ شادي ٿي گُڏي جي هٿي.

آرٽس فئڪلٽي جي نراليءَ دنيا ۾ ڪير ڪنهن کي سڃاڻي نہ سڃاڻي، ڪير ڪنهن تي مڇ چنبڙي يا نہ چنبڙي گهٽيءَ خلق خدا جي ڪاريڊارن جو فرش پيئي ڪڇي، پر جڏهن خيرو، ليلاءِ تنوءَ جو قافلو ليڊيز روم مان نڪري ڪاريڊار جي فرش تي پنهنجا پير ڏريندو آهي، تڏهين فرش ڪڇڻ جي بدران وچڻ شروع ڪندو آهي ۽ ڪڪريون اڏامنديون آهن.

ليليٰ کي چگ مرسيءَ جو پٽڪو بڏي اڳيم هلڻ جي عادت آهي، ائين ڪندي جيڪڏهن ڪنهن کي اڳيان تنگ ڏيئي ڪيرائڻو پوي تہ انهيءَ ڏنڊي کي توڙ تائين پهچائڻ ۾ عيب ڪو نہ سمجهي. پر خيرو ساٿس ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي جوڙ تي هلندي ۽ پويان تنو ائين پٺي ايندي ڄڻ چنئوريءَ تي چڙهي هجي، پر ساٿ ڪو نہ ڇڏيندي. ڪاريڊار ۾ هلندي سڄيءَ خلق کي منهن ڏينديون ايندي يون. ڪٿي ڪنڌ جي لوڏ، ڪٿي منا اکر، ڪٿي ڪڙا ۽ تيز اکر، ڪٿي ٽڪ بجو. ڪين پري کان ايندو ڏسي کي 'ڏريون' اٿ پکيءَ وانگر واريءَ ۾ مٿو لڪائينديون نظر اينديون پلا جي ڪنهن جي بنهين سر تي اچي پيئيون تہ پوءِ ٿوري گهڻي وات ٽڪائي ڪري جند ڇڏائڻ جي ڪندو. ليليٰ سان تہ هٿي ڏٽي پڇي وڃجي. پر خيرو...؟ اسان جا تہ ٻئي هٿ ڪنن تي آهن. جنهن کي ڪٿي ڪٿي... خيرو ڳالهائيندي، ليلا وارو ڪٽائينديس، تنو ٺهڪ ڏيندي ۽ سامهين ڏر جي پيرن هيٺان واري نڪرندي. ڪنهن ماٺوءَ کي پنهنجي رحم جي جذبي کي اُتت ڏيٽي هجي تہ اهڙيءَ محفل جو پاسو جهلي. مجال آهي جو خيروءَ جو جملو گسي! سَنڌ اچي جهليندو. زبان جي ملهہ جو انگ انگ سجهيس. ڪهڙو حملو ڪهڙي هنڌ تي ڪجي، ان جي وچا اٿس. ائين ڪرڻ وقت خيروءَ جي 'معصوم گڏي' پڙ ڪري الائي ڪيڏانهن اڏامي ويندي آهي. هھڙو ڏکيو چيتڙ مون ڏٺو، کي ڏٺو هٿ هٿ ڪري وٺندي آهي. ان ڪري گهڻيئي خلق ڪانئس الرجڪ آهي.

خيروءَ جهڙو دوست دنيا ۾ ملڻ مشڪل آهي، خيروءَ جهڙو دشمن دنيا ۾ ملڻ مشڪل آهي. گهٽگهرائي ۾ سر ڪپي وڃ. ٻڙڪ ڪانہ ڪيندي. ڏڪ سک ۾ ٻني ڪلها وهي ويندي. قاتل دل جي مالڪ آهي، سو بہ اهڙيءَ دنيا ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جتي دلين جا دروازا نہ رڳو بند هوندا آهن پر مٿن پنج سيرا ڪلف بہ لڳل هوندا آهن. خلوص خرچ ڪرڻ وقت بہ هٿ ڪليل هوندا اٿس. روايتي سخين وانگر هٿ لڪائي خلوص خرچ ڪو نہ ڪري. جيڪا چِلهہ تي سا دل تي. ڳالهہ ڪبي تہ کلي ڪبي ۽ صاف صاف ڪبي. ڪنهن کي وٺي، نہ وٺي، ان ۾ خيروءَ جو نڪو اڌ نڪو ٽين پتي.

خيرو دشمن ٽيڻ جي فن کان بہ چڱيءَ طرح واقف آهي. دشمنيءَ (عارضي) کي هڪڙيئي ڌڪ ۾ ڇڏائي ڏيندي، پوءِ جي رينگ رينگان ۽ گيهل گيهلان مان نہ ڇاٽي. ذاتي طرح تہ نقصان اصل نہ ڏيندي، باقي زبان جي جهٽڪي سان ايترو گهرو چير ڏيئي ويندي جيڪو پوءِ ڏينهن تي ويجي چٽندو ۽ خيروءَ کي اها خبر ئي ڪانہ هوندي ڳالهہ آئي ويئي ٿي ويئي، پرائين قبرن کوٽڻ مان ڪهڙو فائدو! هوئن بہ خيرو ويچاري مستقل دشمني رکي ڪانہ ڇاٽي. 'منهن تي سچ چوڻ' جي بندوق جي گهوڙي تي هر وقت هٿ هوندو اٿس. نشانو ورچڙهي آيس تہ گهوڙي تي آڱري دبائيندي دير ڪانہ ڪندي ۽ ظالم جو نشانو اهڙو پڪو آهي جو شستَ ئي ڪانہ پڏي، بارود جي دونهين وچان رڳو ڪنيڙاٽيون اُڏرنديون نظر اينديون.

رسڻ پرچڻ ۾ خيرو بين ادبين وانگر آهي. ڪڏهن تہ مٿانئس هاٿيءَ جا پير چاڙهي ڇڏينس تہ ڪانہ ڪڇندي ۽ ڪڏهن مک جي پٽڪي تي ڳالهہ ۱۰٪ تان چاڙهہ ڪائي ۱۰۰٪ تي وڃي پهچندي، ڳالهہ، نہ ڳالهہ جو پڇ، خيرو پئي پچرندي. گهڻگرن سان ڊائيلاگن جي ڏي وٺ پيئي هلندي. سندس ذهانيت ڊائيلاگن ۾ پيئي وٺ ڪائيندي ۽ ٺوها ڪا ڏيندي. اهڙن سندن تان جهليندي، جو ويندا هٿ پير نرندا. اهڙن ڏکين وقتن تي صرف ليلا ئي اهڙي شخصيت آهي، جيڪا پنهنجا هٿ پير بچائي ويندي بلڪ ڪڏهن ڪڏهن خيروءَ کي سچي ٽوٽ پرٽي پوندي آهي. قاسم پڳهيو، جيڪو ڊائيلاگن اچلائي هڻڻ جو ماهر آهي، هر وقت ڊائيلاگن جو دڪان کليل هوندو اٿس، اسان جهڙين جهنگ جي بلائن کي بہ ڊائيلاگ هڻڻ سبڪاري ڇڏيو اٿس، ان کي ڏس ڏيندس تہ، "پٽ! بہ تي سبق خيروءَ کان پڙهي اچ، اها هٿ نہ اچڻئي تہ ليلا جا پير جهل."

گهڻگرن سان رسڻ پرچڻ ۾ البت خيرو هڪڙيءَ ڳالهہ ۾ بين ادبين کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏار بينل آهي. اها هيءَ تہ خيروءَ جي ڪاوڙ چڱي خاصي ڏيگهہ وٺيو ويجي. هٽي هٽي وڏيءَ جاڪوڙ ڪانپوءِ سرچندي آهي. ۽ جڏهين سرچندي آهي، تڏهن اڳيان ڪارا ڪيل سڀ پنا نہ رڳو ڦاڙيندي آهي، پر انهن کي ساڙي بہ ڇڏيندي آهي، جيئن تر جيترو بہ نشان نہ رهي. جن پوتن ۾ اڳ چُريون ڦُنڊيون هيون انهن ۾ گل ڦٽڻ لڳندا آهن.

خيرو اٽڻ وهڻ، ڳالهائڻ ٻولائڻ ۾ عورت جي بجاءِ مرد وڌيڪ لڳندي آهي. کهڙي بہ ڳالهہ اڳيان اچيس تہ ڪن تار نہ ڪندي ۽ نہ وري وتبي ستبي. عام ڇوڪرين وانگر ذهني تحفظات تہ صفا نہ رکندي آهي.سچ سان اک ملائيندي ڇنڀيندي بہ ڪونہ، ان ڪري ڪتان بہ اٿي ويندي تہ پويان ’حيرت‘ جا نشان ڇڏي ويندي. نہ رڳو ڳالهائڻ ۾ پر ڪائڻ ڪارائڻ ۾ بہ مڙس ماڻهو آهي. گهٽگرن کي ماني کارائڻ جي شوق سان گڏ پاڻ بہ ’کائڻ‘ جي شوقين آهي. جنهن ماحول ۾ چانهن جو ڪوپ بہ غنيمت آهي، اتي خيروءَ جا هٿ ”هٿ جنين جا هبن...“ هوندا آهن. ماني کارائڻ لاءِ خيرو باقاعدي سازش سٽيندي آهي، جار وڇائيندي آهي، منصوبو گهڙي ان تي عمل ڪندي آهي. اج نہ تہ سياڻ، سياڻ نہ تہ پرينهن ڪونہ ڪو ’مهمان‘ ڦاسي پوندو آهي ۽ خيروءَ جي ماني کائي پوءِ هر وقت ان جار ۾ ڦاسڻ لاءِ واجهہ پيو وجهندو آهي.

هاڻ اچون خيرالنساءَ جعفريءَ تي.

گُڏيءَ مان خيرو ۽ خيروءَ مان خيرالنساءَ ٿيڻ ۾ وقت تہ الائي ڪيترو لڳو، پر ان لاڳيتي عمل جي رسي ۾ اهڙيون ڪي گنڍيون نہ آهن جنهن جي نشاندهي ڪري سگهجي. پر خيرو ادب جي دنيا ۾ وڏي شان مان سان ڳائي وڃائي خيرالنساءَ جعفري ٿي آهي.

سنڌي افساني جي ارتقا ۾ ماٺڪ جي نئين روپ ۾ مشتاق شوري جي نالي ڪانپوءِ ڪجهہ وقت مانار ۾ اچي ويئي ۽ ڪو اهڙو نئون نالو ڏسڻ ۾ نٿي آيو، جنهن کي سٺن ڪهاڻيڪارن ۾ ڳڻائي سگهجي. ڪهاڻي ۾ نيون فڪري راهون ڳولي لهڻ پنهنجي جاءِ تي پر هڪ تازي تواني ’نالي‘ جو وجود ۾ اچڻ، جيڪو هن پيڙهيءَ ۾ پڙهندڙن کي پليون ڪهاڻيون ڏيئي سگهي، وڏي خوشيءَ جي ڳالهہ آهي. پوءِ چاهي ڪٿي ان ڪهاڻيڪار نيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فڪري راهون ڳولي نه لڌيون هجن. پر سنڌس فن ۾ زندگي، نواڻ ۽ مستقبل ڏانهن سجيل آڳر هجي. سنڌي افساني جي اها ڪمي خيرالنساءِ جعفري جيتوڻيڪ هوئن ته ڪافي وقت اڳ کان ڪهاڻيون لکندي اچي، پر سنڌس اندر ۾ وينل آرٽسٽ سنڌس تخليق "تخليق جو موت" ۾ پڌرو ٿي پيو. ان بعد سنڌس ڪهاڻي ٦٩-٦٨-١٩٦٧ڇپجي پڌري ٿي (جيڪا ڪافي وقت اڳ جي لکيل هئي) ۽ ان ڪانپوءِ "حويليءَ کان هاسٽل تائين" لکي اٿس جيڪا ليکڪ جو نالو ڇٽن اکرن ۾ لکائي ڇڏيندي ۽ ايندڙ ادبي پيڙهين ۾ به ياد ڪئي ويندي.

خيرالنساءِ جعفري ڪهاڻي لکڻ وقت پنهنجي ماحول،طبقي ۽ ان طبقي جي ٻي پاڙن ڪردارن-ڪي پاڻ سان ڳنڍيل رکيو آهي. اهڙائي ڪردار ڪنيا اٿس جيڪي سنڌس آسپاس موجود آهن ۽ سنڌس ماحول سان گهاٽو تعلق رکن ٿا. نه ته شيرين ڪارنر جي ڪنهن ڪمري جي"تڏيءَ"ڪنڊ ۾ ويهي هارين نارين جون ڳالهيون ڪيون اٿس ۽ نه وري تنبدي ولي محمد ۾ رهي ڪري جيٽ ايج جو ڀوت سوار ٿيو آهي ۽ نه وري مغربي ادب جا چاليهارو سال اڳ جا ڦٽا ڪيل خيال دست بن مان ڪڍي، پنهنجي منهن تي ملي، پنهنجو پاڻ کي زوري ماڊرن ازم جو شڪار بنايو اٿس ۽ پنهنجي اصلي شڪل ڦٽائي ويهي رهي آهي. اهائي سنڌس فن جي وڏي ۾ وڏي سچائي آهي. ها، البت ٻوليءَ جي نڪته نگاهه کان ڪن جڳهين تي مٿس اعتراض ڪري سگهجي ٿو. جيڪو اڳتي هلي مسلسل لکڻ سان ختم ٿي سگهي ٿو.

ڪهاڻي جي ڪردارڪي، جيئن به آهن، جهڙا به آهن، قبول ڪري، پنهنجو پاڻ کي انهن کان ڇني ڌار ڪري، غير جانبدار ٿي، انهن کي لکت جي سٽاءَ ۾ آڻي Sure realism جي مڪتبه فڪر ۾ اچڻ جي بدران خيرالنساءِ پنهنجن ڪهاڻين جي ڪردارن سان 'نسبتاً وڌيڪ'Involve ٿيل آهي ۽ هر ڪردار ۾ خيرالنساءِ سڄي ساري ته نه پر سنڌس پاڇولا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ان ڪري ڪيس بنا شڪ جي Sure realism جي مڪتبه فڪر ۾ ڳڻائي سگهجي ٿو. (هت اهو به سوچڻ گهرجي ته اسان وٽ ٿيندڙ پرک ۾ فن جي جوڙجڪ جي مڪتبه فڪر جي نڪته نگاهه کان تمام گهڻين ڪهاڻيڪارن کي Realist سمجهيو ويجي ٿو. حالانڪ ائين نه آهي. مثلا جمال ابڙي،

غلام رباني ۽ منهنجي لاءِ اهو چيو ويندو آهي تہ اهي Social realist آهن پر حقيقيت انهن تنهين ليکڪن جون ڪهاڻيون غور سان پڙهبيون تہ ليکڪن جي ڪردارن سان گهري Involvement ڏسڻ ۾ ايندي.ان ڪري ڪين Realist چوڻ بدران جيڪڏهن Sure realist جا سنا مثال رسول بخش پليجو، نسيم کرل ۽ غلام نبي مغل آهن. هت وري اهو سوال اٿندو تہ ڪردارن سان Involvement جي سلسلي ۾ آخر جديد نڪتہ نگاه رکندڙ ڪهاڻيڪارن جن جو تعلق Stream of Conciousness Existantialism ۽ بئي جديد فڪر سان آهي، انهن ڪي ڪٿي بہ لکجي مثلاً آغا سليم، مانڪ، مشتاق شورو ۽ شوڪت حسين شوري جون ڪجھ ڪهاڻيون؟ ان لاءِ عرض آهي تہ ڪردارن سان 'نسبتا وڌيڪ' Involve هئڻ جي بجاءِ مڪمل طرح تي Involve آهن، ٻيءَ صورت ۾ هو خود ڪردار آهن.

بهرحال خيرالنساءِ جعفريءَ جو فني نڪتہ نگاه ڪان ڪهڙي بہ مڪتبہ فڪر سان تعلق هجي پر ڪهاڻيءَ ڏانهن سندس سخت Artistic approach هئڻ ڪري سندس ڪهاڻيڪارن ۾ اوچو مقام آهي.

عبدالقادر جوڻيجو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حويليءَ کان هاسٽل تائين

ڇا آئون بہ ڪائي مومل آهيان! جا پيڻ کي پاڪر ۾ پري راڻي جو ويس ڪري اندر جي اُچل کي آٿت ڏيئي سگهان ٿي ؟ ڇا منهنجو جيون! هي جيون بہ ڪوئي ريڊيو اسٽيشن آهي جو ڇبيل پروگرام جي جاءِ تي باقي ڪوئي بہ پروگرام ڇيڙي مَن کي مانو ڪري سگهي ٿو! اِهي بہ سوال آهن. جي اڪثر غير مرد جيان منهنجي ذهن کي جِسم سمجهي چنبڙي پوندا آهن. ۽ آئون پڙهيل ڪيل اُتم زادي ڪٿولي تي ليٽندي ليٽندي اِنهن ڏارين مگر خصي ٿيل خيالن مان حامل ٿيندي ٿيندي رهجي ويندي آهيان. ۽ سندم خانداني تقدس واري برتريءَ جو پرم ويندي ويندي رهجي ايندو آ. اُهو پرم جو منهنجو پڦيءَ کان نياهيو نہ ٿيو. هن کي... رهجي ويو ۽ آئون... رهڻ کان رهجي ويندي آهيان- دراصل... رهڻ ۽... رهجي وڃڻ پنهنجي نوع کان بہ مختلف جملا سهي پر فرق منجهن فقط ٿوري ڦير جو آ- جو پلصراط جيان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ کي زوريءَ جنت جون چاٻيون مڙهيو ڏين دنيا ٻنهين ۾ سرخرو ڪيو ڇڏي ۽ ٻئي کي خواريءَ جي ڪاري سان ڌرم مان ڌڪيو ڌار ڪري ... اِن ليکي سان جيون کي ڏاگهي جيڏا ڏک ڀائيندي ٻـ ڀتيءَ جي مقابلي ۾.... آئون ڀاڻکي چڱي بخت جو ڀانيان ٿي.

ميان ٿي مقدس آهي هيءَ حويلي- جنهنجي اوچين ديوارن تان سج صدين کان لنگهڻ ڇڏي ڏنو آهي. ڏينهن جو تـ ٻين حويليءَ تان ڪڏهن گذر ٿيو ئي ناهي نـ- هر وقت، هر سو رات ئي رات سان رسڻ پرچڻ ٿيندو رهندو آ. پوءِ جتي ڏينهن اچڻ ڇڏي ڏين. صرف رات ئي رات جو ديرو دکندو رهي، اُتي ناجائز مال ڪيڏو نـ اُپائي ۽ نپائي سگهجي ٿو. پر سچ پچ صرف اُپائي ئي سگهجي ٿو. سڏي طرح نپائي هرگز نـ...

۽ تڏهن سرخروئيءَ جو وچولو انداز اسان ٻيو بـ سوچيو هو. پنهنجو خانداني تقدس بـ روا رهي. ۽ جسم کي جيئڻ لاءِ ٻارڻ بـ مهيا ٿيندو رهي، جي ٻن مختلف، پر ضروري تقاضائن کي نڀائڻ جو هڪ نئون انداز- سولي ۽ سپتي وجهہ سان- تڏهن جڏهن حويلي جا ڪنگر مٿي تمام مٿي تهائين مٿي هجن، ۽ حويليءَ جي ويڙهن ۾ اندر- تمام اندر تهائين اندر مسندن تي روح کي رانهن لاءِ خدمتون خاص انهن جون هجن. جن جو سنگ صدين کان آذان جي آواز ناتي 'بلاول' جي لچ سان مليل هجي. مسندن تي. شهزادين سمان حاڪم زاديون- پيرانديءَ پريل بدن، زنجيري وارن ۽ چنجهي اکين سان حبشي ٻانهيون- پر جن تي روح جا راز- ايڏا جو الاءِ ڪيتريون بيوس اکيون، ۽ پنيا وار مٿائن واري ڇڏجن، جبريلي جوت آڪا سندن پيڪا ڇڏيندڙ بدن ۾- جو هڪ دفعو سيني سان لاهين تـ سئو ورهن جا ذڪڙا لحظي ۾ لهيو وڃن.

ڪتولي جي هيءَ نوار...

اَلاءِ ڪهڙو محرڪ آهي هن نوار جي نرميءَ ۾ بـ- جو هن تي ليٽندي ئي اَلاءِ ڪهڙن ڪهڙن ويچارن سان ويڙهجي ويندي آهيان- اَلاءِ ڇو ننگائپ اچي ويندي اٿم. سوچن ۾- مريض بنجي ويندي آهيان مانسڪ جي- هيڏي حويليءَ ۾ آهي ڪا ٻي مون جهڙي ڳهيلي نينگر- ماٺهن ليکي نينگر ٻڙهي لکي سنجيده ۽ سئو پري تي پٺي آهي. پر منهنجي هن من ۾ جا پاٽي پت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

متل آهي ان جا لياڪا تہ ڪڏهن ڪو اڪين مان بہ پائي نہ سگهيو- اَڙي علم تہ انسان کي حالتن سان نباهہ ڪرڻ سيکاريندو آ- پوءِ مون جهڙو حالتن کي قيرڻ لاءِ خود حالتن سان ٺي قيت ڪاڏي هئي؟... گهڻو وقت اڳي هڪ اهڙي بغاوت تي پنهنجي حويلي ڇڏي هاسٽل ڪان وڃي نڪتي هئس، نہ تہ ڪهڙي نينگر نڪتي آهي حويليءَ کان ٻاهر اڄ ڏينهن تائين؟ ڪنهن ڏنو آ جڳن جي ريت کي ان طرح ريٽجندي؟

پر شايد هن حويليءَ جي مڪينن جون قسمتون ڪاتب تقدير اتي ئي ڳري مرڻ لاءِ جوڙيون آهن- تڏهن تہ بن بن پيڙهين وري اتي ئي اچي پهتي آهيان- اهي ئي پراڻا پيچرا- پهريان ئي دڳ- اهي ئي چڳهہ اهي ئي لاتون.

پيلا ازل کان ئي جن قسمتن ۾ محبت جي بنواس ۾ پڪشوءَ جيان ٻن ٻن پيڙهين لکيل هجي، اهي ڪٿ تائين هڪ هنڌ گوتم جيان گيان ۾ گهارين- شايد آئون بہ پڪشو آهيان. ۽ مون کي بہ بن بن پيڙهين ئي آهي.

پهرين ويڙهہ اندر ۾ تڏهن متي هئم، جڏهن ننڍڙي لائي حويليءَ ۾ هرڻ جيان چالون ڏيندي سون سريکي پڦيءَ کي ڏٺو هوم- جنهن جي ٻانهن ۾ پڪوڙجي سمهندي سمهندي چرڪي پوندي هئس- هوءَ جڏهن چانديءَ جيان چمڪندڙ ٻانهون منهنجي گرد ورائيندي هئي- تڏهن پاڻ۽ تہ ڪو سچ جو اولڙو آرسيءَ تي لڙي آيو آ هنڌ ۾!... پر سچ مچ اولڙو ڪونہ لٿو هو. واقعي سمورو سچ لهي آيو هو. انڱڻ تي جڏهن حويليءَ ۾ منهنجي پڦيءَ کان دين جي حفاظت ۾ آيل رشتن جي حفاظت نہ ٿي سگهي هئي.

حويليءَ لاءِ عام- ۽ پڦيءَ لاءِ خاص خدمتن ۾ وقف ٿيل خاص الخاص ٻانهي، چئن سالن جو ٻالڪو ڇڏي پڦي کي پارت ڪري ان ديس سڌاري ويئي- جت جو ويو- وري ڪڏهن نہ وريو.

۽ تڏهن سندس خدمتن جي صلي ۾ پڦيءَ ٻالڪي جي نگهداشت جي ذميداري پاڻ تي کنئين... مجنون کي ليلا جو تہ ڪتو بہ پيارو لڳو هو... هي نيٺ بہ تہ انساني ٻار هو- جي هو ڪٿي شيد ڪائي لچ مان تہ ڇا ٿي پيو- ڏاڍين نازن سان پليو- کن کن باداميون- پل پل پستا کائي.

پڦيءَ ڪري سڏيو هوس دين جو پٽ- ديني ديوارن جي حفاظت ۾ پلجندي- پسون کي نڪا جهل نڪا پل- جهٽ مچي مڙس ٿيو ـــــ ان مان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نڪو ڪنهن کي اهنج نہ ڪو اوکو.

پر اوچتو ئي اوچتو-

سچ لهڻ سان قيامت ڇانئجي وئي هرسو- جڏهن حويليءَ ۾ پوري هندستان جي تاريخ ڏوڪجي آئي-

ملڪ ڪافور جهڙي ڪمانڊر شيديءَ سان شهزادي رضيہ جو نياءُ!

پُٽ مان پُٽ ائين ٿيو جيئن قدرت ڪٽي مان ڪٽون ڪري- ڪيڏا ڪوڪڙا متا هئا- حويليءَ ۾ تاريخ جي ان ورجاءَ تي- ڪيڏانهن ويون حفاظتي تدبيرون- ڇا ٿيو انسان جي اُتمپڻي جو- ڪهڙي لهر ۾ لڙي ويا سڀ شاهاڻا سلسلا!!!

ميان ٿي، پڪي منهنجي پوءِ بہ مقدس هئي- هوءَ ڪمتر ڪنهن بہ ريت نہ هئي- شري ڪرشنا بہ تہ چيو هو نہ تہ 'سڀ ڪان ڪمتر آهي اها عورت جا محض موقعن نہ ملڻ جي ڪري پاڪدامن رهجي وڃي'- سو ان الزام کان بچڻ لاءِ جيڪڏهن پڪي منهنجي بقول ڪرشنا جي 'موهيندڙ مرد کي ڏسي ائين وگهري وئي جيئن سج آڏو ريتانهون پٽر' تہ ان ۾ پڪيءَ منهنجيءَ جو ڪهڙو ڏوهہ؟

ننڍي لاءِ ڪتابن ۾ هڪ پهاڪو پڙهيو هوم-

"پلي بک پرم جي... شال نہ وڃي شان."

محاورو ناهڻ واري جو تعلق بک سان الاءِ ڪهڙو هو- جڏهن تہ ان بک کي ئي متائڻ لاءِ انسان ڌرتيءَ تي آيو- ۽ جُڳن کان جهيڙيندو آيو... 'شان' سان ڏءُ تہ صرف خوديءَ جو ٿي ٿيو- پر هيءَ اندر جي بک بہ تہ ريڻٽي هئي ڪنهن طرح-

مسئلو جي جسم کي جيارڻ جو ئي هجي- تہ اکين کي ڏسڻ- ڪنن کي ٻڌڻ ۽ جسم کي جيئڻ جي بک کي منهن ڏيڻ لاءِ- ڪنهن پلهہ جو سهارو ونٽو ئي پوي ٿو- تڏهن تہ ٿوري تي شڪر ڪندي،... پاڻ کي پرچائڻ لاءِ- حويليءَ جي اندر حاڪم زادين کي انهن شيدٽين... "من وسلويٰ" جو ڪم ڏنو هو...

جڏهن آرياڻيون انهن حبشاڻين کي سيني سان لاهيو مراقبن ۾ مست هونديون هيون- تڏهن منهنجي اسرندڙ ذهن- نوان نوان ڪتاب هانءَ سان لاهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Sublimation جو نئون طريقو ڳولهيو هو- ان کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ بابي سائين جو ويچاريو هوم- جنهنجي شڪل سالن کان منهنجي ذهن تان ڏندلي ٿي وئي هئي. بابو منهنجو هو سڀ رنگ سانول- ڏسبو هو ڪڏهن ۱۲-۱۲مهيني- سو بہ ان لاءِ تہ جنهن هنڌ کان نڪرجي، وري اتي ئي اچڻو پوي ٿو- جو ڏرتي آهي گول. فصل لهندا، بابو ايندو، پوءِ جو ڪيسا پري نڪتو ٻاهر تہ ۱۲ مهيني يا نصيب!

۽ پوءِ الاءِ ڪيئن ڪيئن جهيڙي، ڪنهن ڪنهن سان جهيڙي، نڪري پئي هئس حويلي مان. علم سکڻ لاءِ چين تہ پري رهيو، پر هاسٽل سوڌي ايندي جي صعوبتون هن ساه سٺيون، اها ڳالهہ ڪرڻ کان ڳري.

هاسٽل! منهنجي عملي محبت جي پهرين خوابگاه!! جنهن کي ساري هاڻ اڄ بہ ائين هڃيو پويم، جيئن ڪائي اياڳڻ، پنهنجي سهاڳ سان سنجوڳ جون پياريون پلڪون ساري.

سال رکيل هي پراڻا ويچار، اڄ بہ اهڙا تازا آهن جڻ اجهو اجهو هينئر هينئر. يادن جي ممي خاني مان چندڪو ڪائي ٻاهر نڪتا هجن. هاسٽل جي پهرين رات! ها، هاسٽل جي پهرين رات...

سياري جو وڳڙو. ڇوڪرين اندر رومن ۾ جوڙا جوڙا ٿيو، هڪ ٻئي جي هنڌن ۾ گهڙيو، من مستيون ٿي ڪيون. ڪنهن ايڪڙ ٻيڪڙ مذاق ڪندي نيزا ڪائي ان جا چلڪا ٻيءَ کي وهائي ٿي ڪڍيا. ڪا هڪ اڌ اڪيلي ڇوڪري هنڌ يا ڪرسيءَ تي پنهنجي جسم کي ڍرو ڇڏيو ڪنهن وچڙيل وينجهار جي يادن ۾ گم هئي- ڪيڏو هيسيل ۽ آپاٽڪو هو منهنجو من. ان ڏينهن، ڏينهن وارن احساسن هيڪاري من کي ڳوُرو ۽ ويا ڪل بڻائي وڌو هو.

ان ڏينهن ڪلاسن ۾ بہ تہ ڪجهہ سمجهہ ۾ ڪونہ آيو هوم. دماغ ڍبيل ۽ سمجهہ ساٿي ٻانئي هئم. پريشان ٿي ٻاهر هلي آئي هئس. ڪلاس جي... سامهون نظر نهار تائين وڏو وڏو ڦهليل لان. لان تي پري پري تائين پلٿي ماري وينل ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون. پر ۾ ڪاريڊور جي ٻنڌ تي وينل جوڙا. وڏي وڏي ڇوٽين سان ڇوڪريون... ڇوڪرا.

هرسو کل، مذاق ۽ مسخري...

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪليو آسمان... هلڪي روشني... ٿڌي ۽ تازي هوا...

وايومنڊل اهڙو منڊائتو ڏسي هوائن من کي لڳڻ شروع ڪيو. هوا جي هلڪورن تي هوريان هوريان اندر جي اونهاين ۾ ڪو ستل شڪاري ننڊا ڪڙا نيڻ کڻي مٿي نهارڻ لڳو. اکين جي دونالي بندوق کڻي سيڪ ۾ آڻي هن سامهون نهاريو.

پر هي ڇا؟ هر طرف Stricktly prohibited جو بورڊ!

اندران ڪنهن مون کي نندڻ شروع ڪيو.

تون اُتم زادي آهين سلطانہ- اندر جي آمي' کي تنهنجي ٻنڌڻ جي ناهي خبر شايد... اِن اندر جي ڪافر کي ڪلمون پڙهائي سمهاري ڇڏ... هي اڏڪون پلي ڇڏ... ماحول جون هي رسمون توکي روائينديون ڪين... شڪاريءَ جي هٿان بندوق ڇڏائجي ويئي. من ۾ ڪنهن چوڙرا ڪورا جو احساس ڇڏي ڪنيل نظرون پنهنجو پاڻ ڪري پيون.

ايڏي مايوسيءَ کان پوءِ بہ الاءِ ڇو... ڪنهن جهيٺي ترشنا جو احساس... ڪنهن بيقراريءَ ۽ بيزاريءَ جو داٻو...

ذات نيات جو چڪر... جنت جي آڄ... دوزخ جو دڙڪو... سماجي اُتم پڻو پاٽيءَ ۾ ڪنهن پاڇولي جيان ٻڏي تري رهيا هئا.

ان پهرئين ڏينهن ئي دل انيڪ قسمن جو دٻالت محسوس ڪيو هو. جسم ۾ ٽوٽ هئي- روح ۾ ٽوٽ... سرير ڪڏهن سوٽ ڪڏهن ساٿو.

پاڻ کي سمجهايم: اهڙي جي ڪيفيت رهي من جي تہ پڙهيئن سلطانہ تون بہ... شعلا تہ هميشہ مشعلن جي ميراث رهيا آهن. تو انهن کي مشعلن مان چني پنهنجي شڪتيءَ کي ڇو شعلہ زار بنايو آ... هي هلڪو هلڪو تؤ... هي دٻيون دٻيون چٽنگون- هي ڪتاب، ڪاغذ ساهہ سرير درو ديوار سڀ ڇڻ ڪنهن شعلن جي لاٽ مان لنگهي رهيا آهن... تون حاڪم زادي آهين سلطانہ- مارئي تہ متدس من سان، آڳ مان لنگهي آڳ کي گلزار بنائي وڌو هو، هي تنهنجو ڪهڙو تقدس آ راٿي جو ٿڌيءَ کي تتي ۽ تتيءَ کي تيلي ڏيو وجهين... ۽ پوءِ الاءِ ڪهڙا ويچار ويڙهي سيڙهي سيرانديءَ رکي، اچي پنجي رهي هنس پلنگ تي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻاٽ انڊيارن ۾ اَندر جي پٽن ۾ پٽڪندي ٻتي ٻه ته نه ٻاري هنم روم جي- تڏهن اوچتو وڃهن واري وڏي چوکٽ تان چڪ هڻڻ جي آواز سان روشني ڦهلڻ جو احساس ٿيو هوم.

ڪنهن روم ۾ اچي ٻتڻ ڏٻائي روشني ڦهلائي هئي.

اهڙي ڪليش جي موسم ۾ قدرت آسمان تان من سلويٰ لاٿو هو، تيئن اوچتو رضوانه لٿي هئي آڪاس تان. جنهن ٻتڻ سان گڏ من جي ڪا ڪل ڏٻائي اوچتو روشنيون وکيري ڇڏيون هيون اندر ۾...

روشني روم ۾ ڦهليل هئي... روشني منهنجي روح ۾ به ڦهليل هئي. رضوانه منهنجي روشنين جي پيامبر، جنهن سان پريت وندينديءَ مون حيات جا الاءِ ڪيترا ڏينهن ساٿس هڪ ڪلاس، هڪ روم ۽ هڪ هنڌ تي گذاريا.

جيئڻ جا ڪي ٻيا ڏانءَ به ٿيندا هوندا پر مون هڪ ڏانءَ سکيو هو ڪانئس ۽ سوچيو هوم... ته جيئڻ جو جواز ڪجھ ته ممڪن آهي. جي حياتي ۾ رضوءَ جون وفاداريون ساڻ رهن... ۽ شايد ان ئي ويلا ڪو ڪاتب تقدير ڪي به ڪو قلم هيو هٿ ۾. جو تڏهن ته اُتي جو اُتي هڪ رهڙ سان ٻنهين جي انگن ڪي هڪ ئي ڍنگ سان جڪڙي ڇڏيئين...

ياد اٿم هوءَ ٻتي ٻاري اچي منهنجي پيرانديءَ کان ٻيٺي هئي. چيو هئين: آئون تنهنجي روم- ميٽ رضوانه آهيان. اڄ انگلش پڪچر جو پروگرام نهيو هو سو وئي هئس اوڏي. آئنده يئي توکي به اڪيلو نه ڇڏبو.“

هن منهنجي اکين ۾ عجب نظرن سان نهاريو. اکيون نه هيون... پر ڪا ويبسٽر جي ڊڪشنري، جنهن ۾ پيار ۽ اُڪير جا مڙيئي اکر اکري آيا هئا... پر تڏهن ذهن هوم ڏٻالٽ- سو اکرن جي اُچارن کي پروڙي ڪانه سگھي هئس. البت ايترو سو سمجھيم ته انهن نظرن پويان ڪي لفظ هئا- انهن لفظن پويان ڪا معنيٰ هئي ۽ ان معنيٰ پويان ڪي مقصد هئا... جن جي نسبت الاءِ ٻنهين مان ڪنهن هڪ سان ويجھو ٿي ملي. يا ته سندم وجود ئي هو ڪو همدرديءَ جوڳو، جنهن کي هن پيار جي پالوٽ سان جيارڻ ٿي چاهيو. يا ته ذهن ۾ هئس، شام واري انگلش پڪچر جو پرتوؤ... جنهن کي هن مون تي آزمائڻ ٿي چاهيو...

مون اکين جا پَلر چڪي مٿي ڪَنئي ڏانهس نهاريو... الاءِ ٻياري هئي ڪن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳي هئي... پر ياد اٿم تہ من کي ڏاڍي وڻي هئي. پريل بدن، سونهري رنگ، چپن تي گهري گهري لپسٽڪ جو ليپ... چپ! بقول ڪنهن جي ”ڪجهہ بند ڪجهہ کليل شرير چپ“... جي ٻين چپن تي اَچن تہ لڳي، ڄڻ خون جي وهڪ ۾ چٽنگون مچي پيون آهن، ڄڻ جذبو وگهري خون ۾ خون وڳري شعلا ۾ شعلا ڀڄري چميون بنجي ويا هجن.

ڪيڏي وڻي هئم... ڪيڏي وڻي هئم... تڏهن تہ شايد اِن پيَوَ کان تہ ڪٽي ايڏو پيار پرڙا هٿي منهنجي اکين مان اُڏري نہ وڃي... اکيون پوري چڏيون هئم. هوءَ هراسجي پيرانديءَ چڏي اچي سيرانديءَ بيٺي. الائجي هراس هوس ڪن حرامپائي- پر مان بند اکين سان ڪجهہ ڏسي ڪانہ سگهي هئس. البت ايتري ويجهي قربت سان هن جي لپسٽڪ جي خوشبو منهنجي روح ۾ گهڙي وئي هئي... هن جا گرم گرم چپ منهنجي سوچن سان سٽيا تي منهنجي ذهن تي ترڪڻ لڳا... نرم نرم ڳاڙها چپ- بقول بوسنيلڊ ”جن جو گرم گرم لمس جيڪر روح جي زخمن کي ريٽي چڏي-“ ياد اٿم تہ هن منهنجي منهن تي منهن رکي ڪي لفظ چيا... جي گهري گهري اُماس ۾ اَتي ئي گم ٿي ويا. پرندڙ بلب هوريان هوريان حواسن تان هٽي ويو... ڄڻ هيڪر وري انڌيرن جي لهر ۾ لڙهندي وڃان... پر ان لڙهڻ ۾ لئي هئي پيوَ نہ هو...

جسم جو جسم سان الجهاءُ، موت ۾ روح جي ايڏي سلجهن! پهريون تجربو. ڪائنات جي هن ڪايا ۾ جسم جي رعنائي ايڏي هوشربا!! ٻيو تجربو. سرير ۾ ايڏي سونهن جنهن کي انڌيرن ۾ ڏسي نہ پر محسوس ڪري سگهجي ٿو!!! ٽيون تجربو.

واقعي ملڪ ڪافور ڪي جٽي! پهرين ئي وجهہ ۾ رات جي ٽن تجربن- جن پوءِ جسم جي گاڏي کي اَڳيان رڙهڻ لاءِ ڊيزل جو ڪم ڏنو...

سچ تہ هاسٽل جي پهرئين ڏينهن ڪلاس ۾ Theory جيڪي ڏنجهہ ڏنا، اوترو ئي رات وارو Practical رانهين ويم روح کي...

ٻئي ڏينهن سائي ... ڪلاس ۾ تاريخ ۽ جاگرافي پڙهي بيڪڙيل دروازن ... کي ... ۾ ... ورجائي ... پريت کي رانڊ نہ ... رضوءَ کي پيچي ... ضرور پائيم... ننڊي موندي لاشعور ۾ رسيل ...

هئم هڪ حويليءَ جي ريت جنهن کي پر کي ڏنم هاسٽل ۾- پهرئين ئي ڏڪ جي ٽن تجربن ۾ سمجهي ويس تہ علم واقعي ٿيوري آهي، پر صرف علم ٿيوري ناهي. علم جيسين پريڪٽيڪل ناهي تيسين فقط ٿيوري علم ناهي. ڏينهن جو ڪلاس ۾ ٿيوري، رات جو روم ۾ پريڪٽيڪل... راتين پويان راتيون- ڏينهن پويان ڏينهن لنگهڻ لڳا هئا...

منهنجو علم بہ وڌڻ لڳو هو- پڙهيو هوم- الاءِ ڪيڏي وڏي وسعت آهي ڪائنات ۾- آڪاس تي اَلاءِ گهڻا وڏا ۽ ڪهڙا ڪهڙا سياره آهن. زهره- شمس- عطارد- سج- چنڊ- ڌرتي... هڪ گول ننڍڙو دائرو آهي. انهن سيارن اڳيان انهن سيارن تان ٻهي جي هيٺ ڌرتيءَ تي نظر اُڇلبي تہ هڪ ٽٻڪو نظر ايندي- پر جي اهو ٽٻڪو اَچي ويجهي اکين ۾ تہ الاءِ ڪيترا گره ۽ سيارا واري ڇڏجن مٿانئس...

رضوءَ کي بہ تہ ٻانهن ۾ ڀري سمجهندي هئس سڄي ڌرتي سموئجي آئي آ منهنجي سرير ۾... هڪ ٽٻڪو، پر الائجي ڪيڏا ور وڪڙ... زاويا اونچايون ۽ گهرايون هيون اُن ۾-محسوس ٿينديون هئم منجهس ڪينجهر جو گهريون گهريون گهرايون- ڪارونجهر جيان وس ۾ ايندڙ اوڀاريون... سٽيا سٽيا چيڪي مٽيءَ جا ڀيٽ، لسڙيون لسڙيون ترايون..

ايڏو حسن، ايڏا زاويا ڏسي محسوس ٿيندو هوم پاڻ ۾ هڪ وحشي پر مار... جنهن ان جسم جي ڌرتي کي کنيڻ ۽ کوٽڻ تي چاهيو- تر تر پيهڻ تي چاهيو- لوٽڻ ۽ نچوئڻ تي چاهيو تڏهن تہ منهنجو سڄو جسم، هٿ، لب ۽ لمس جاگرافي جي جوڏي جيان هن جي جسم تي جهپٽي پوندا هئا... هن جي جسم جي جاگرافي تي نظر رکي ئي ٿي تہ مون کي ڪلاس ۾ ڪڏهن تاريخ ڏکي نہ لڳي... سمجهي ويندي هئس اهي سبب جنهن ڪري ڌاريان پرمار ڳڪ جيان لڳڙ تي چو لڳي پوندا هئا وسندي وستين تي، چو ٻاهريان پرمار اَچي- پر گهٽ ٿيندا هئا ڪنهن پرٿويءَ تي.

تڏهن تہ تاريخ جي ورجاءُ جيان هاسٽل جي هر رات پاڻ کي ائين ئي ورجائيندي هئي.

اُڪنڊ ۽ اُڪير- ڪير لڪائي- ۽ ڪنهن کان لڪائي تي سيني کي تہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پروڙ پئجي ويئي اسان جي پريت جي...

هاسٽلرز ڪلنديون هيون... ڇيڙينديون هيون اسان کي.

"هو اوهان جو... ۽ اوهان هنن جو لباس آهيو." ها. واقعي شايد اسان هڪ ٻئي جو لباس آهيون- بقول موهن ڪلپنا، اسين باغ عدن جا فرشتا ناهيون... اسان جي اکين ۾ اُهي پيد آهن جي لباس جي پويان به جسم ڏسي سگهن ٿا!

رضو! لاشڪ ته جنهن کي مون حواسن سان ڏسي نه، پر احساس سان محسوس ڪري ڏٺو هو.

پر لباس جي اندر جسم- جسم جي اندر به ته ڪا جهيڙ ٿي سگهي ٿي- تڏهن ته هو 'اوهان جو- ۽ اوهين هنن جو لباس آهيو... هو اوهان جو ۽ اوهين هنن جي پناهه آهيو! جهڙا جملا هرو ڀرو ڪنهن عتاب جيان ڳوڙهو ڪري وجهندا هئا من کي...

رات پل ڪني وقتي وندر لاءِ هئي به سهي- پر ڏينهن به ته اوتروئي ڏانوڻيو بينا هئا ڏکن کي.

هوريان هوريان رات نرڻ سان اندر جا گرم گرم احساس. پنير ڪي جي ماڪ ۾ پچي پچي نستا ٿي پوندا هئا- جي باک ڦٽڻ سان لاشن سمان ضمير کي چنبڙي پوندا هئا- جي پينو ٻار جيان ڇڏائي نه ڇڏين الاءِ ڇو ڪي لاشا ضمير کي بيطرح ضربيندا آهن ڪجهه اُجهاٽيل آس جو وڏيڪ احساس ڏياريندا آهن- تڏهن ته سر تي الاءِ ڪهڙا ۽ ڪيڏا بوجهه ڊوئي ڏينهن جو منڌين منڌين اکين سان نهاريندي هٿس هر ڪنهن ڏي.

الاءِ گهڻا دفعا خيال آيو هوم ته پاڻ تان اها ساداتي تقدس جي چادر لاهي ان ۾ ڪنهن ڪفن سمان انهن آزاريندڙ احساسن جا لاشا پوري ٻري ڦٽو ڪري ڇڏيان. زندگي گذاريان هلڪي ڦلڪي ڪنهن رواجي نينگر وانگر... جنهن ۾ واقعي لباس جي عظمت برقرار رهي سگهي... سچ پچ ڪوئي مون لاءِ ۽ ڪنهن لاءِ آئون ڏک ٻنجي وڃان...

پلا هي احساسن جا ٻار... شرم عتاب ۽ گهٽتائيءَ جا خيال- ذات نيات جا چڪر- اندر جا اُڌما سيئي هڪ وقت وارو ڪري مون کي مريض نه بنائي وجهن ها ما ـ ـسڪ جو...

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميان ٿي جا زندگي مون ٿي گذاري نارمل؛ نہ هئي ڪنهن نوع ڪان- انسان جي سماجي جانور آهي... ۽ عقيدتن آسين جي مساوات جا قائل آهيون- تہ آئون ڇو باقي سماج ڪان اُتم پانيان پاڻ کي... ڪو عام ماڻهو مون تائين رسي نہ سگهي... ڪنهن عام تائين رسڻ لاءِ آئون هيٺ لهي نہ سگهان... تہ ڪٿان رهي ها لائف نارمل.

تڏهن تہ روز صبح جو آرسيءَ تي بيهي پنهنجي نستي ۽ نپل ڇهري کي ڏسي اندر ۾ ڪنهن مزيد داب ۽ زور جي گهٽتا پائيندي آهيان- روز ڪنهن بيوسي ۽ بيقراريءَ جو احساس ويچاريندي آهيان... آرسيءَ آڏو پنهنجي اکين ۾ اکيون پائي اندر پتلين ۾ وينل هڪ دالو پارڙو ڏسندي آهيان- ۽ پاڻ کي اُن سان پيٽيندي آهيان... ڇا ڇريو هو منهنجو من- پالڪي راما جيئن! ڪنهن آرسيءَ کي گود ۾ پري پانيو هئين چند منهنجن ڇرنن ۾ اچي ويو آ...

سچ تہ ڇريو هو منهنجو من... چند تہ پري- بنهہ پري- پولارن کان پري هو- صرف گود ۾ لهي آيل اولڙي کي ڏسي دلبي ۾ اچي وئي هئس روز روز دلبا! انهن دلبن سان ٿي Adjustment!!

ڪير ٿو چوي تہ جيئڻ لاءِ ڪوڙائي صحيح پر جواز ضروري ناهن؟ ڪير ٿو چوي تہ حقيقتون جي واقعي ڪوڪليون هجن تہ صرف دلبا ڪافي ناهن؟؟

رضو! منهنجو حالتن سان Compromise جو اُهڃاڻ! منهنجي هم نشين- منهنجي غمگسار-

جنهن کي آخري دفعو بدلائيندي ســـندمرآڏو صلاح الدين جو هڪ جملو ورجايو هوم رضو- توکان چاهڻ جي تمنا جيتري قدر مون ڪئي آهي، ديوتائن اوتري پاڻ ميانڻ جي بہ نہ ڪئي هوندي.

پر انهن آخري ڏينهن ۾ هن تي انهن جملن جو ڪوئي اثر نہ ٿيو هو... شايد جن اکين- ۾ پرش جي پريت سمائجي وڃي اُهي اکيون- سڀ اکيون- محمود غزنوي، جون بنجي ونديون آهن- جنهن بت شڪن جو لقب ورتو هو سومنات جا الاءِ گهڻا بت ڀڃي- هئي نہ پنهنجي اندرئين پرمار جي آنا جي تسڪين- نہ تہ هن جي پنهنجي ساهہ ۾ ڪي سومنات ڪين سانڍيل هوندا ڇا؟...

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ها تہ- ذرتي جو سڀ کان اهم قضيو اهو هو جنهن جو ذڪر الاءِ ڇو قرآن ۾ نہ آيو نہ... رضوءَ مون کان اکيون بدليون هيون- هن جي اکين ۾ ڪنهن مرد جي محبت سمائي هئي-

هجان ها آئون بہ ڪو مرد تہ- جيڪر عمر جيان چاڙهي ويجانس ها ڪرهي تہ ڪڏهوڪو- پر، هاءِ ڙي هي عورت پٺو! ۴۰۱ دفعہ مرد کان مضبوط احساس هوندي بہ ڪلها هئم ڪمزور... ۽ مٿان تريجڊي اِها تہ رضو واقعي پنهنجون اکيون بدليون هيون- هوءَ بيرخي برتڻ لڳي هئي مون سان.

مَن ودیا وارن جو چوڻ آهي- تہ جي حساس ماٿهو کي درگذر ڪبو تہ هو پنهنجي عمر کان ڏهہ سال اڳي ئي درگور ٿي ويندو- پلا جي من جو مسيحائي اکيون ڦيري وجهي تہ ڪنهن کان پڇندو- ۽ ڪير چاهيندو جيئڻ- ڪٽ رهنديون حيات جون باقي رنگينيون- ۽ ڪنهن کان پڇندو ڪائڻ ۽ ڪوئڻ- حيات جي هرشيءِ تي نہ لڳندي من کي؟- جڏهن تہ ڪپڙن مان نرمي- ڪاڏي مان گرمي ۽ ڪل مان شوخي ئي نڪري ويجي.

تڏهن موت کي برحق چائي، قسطن ۾ قبولڻ جو فيصلو ڪيو هوم... هوريان هوريان... آهستہ آهستہ- آه در آه- هاسٽلرز مون کي ڏسي سسڪا هڻنديون هيون.

"رضوان اڄڪلهہ Part III واري عاصم سان Attach آ... پڌو آهن ساڻ جهٽ شادي بہ پئي ڪري."

"پئي هونئن بہ روشني وکيرڻ لاءِ ضروري آ تہ Positive ڪرنٽ کي Negative سان لڳائجي... اگر سائين بہ ڪرنٽ ٿيا هڪ جهڙا تہ نتيجو آهي فيوزا!"

"رضو اڄ ڪلهہ روشنين ۾ آ..."

"سلطانہ ويچاريءَ جو تہ فيوز ئي فش!"

اهڙا ريمارڪس پڌي ڪيڏي شدت سان احساس ٿيندو هوم پنهنجي زندگيءَ جي بيڪاري جو... جڻ زندگي نہ هئي ڪو رگيل رئو هئي- جنهن کي ڪنهن پاڻي مان ڪڍي اُس ۾ ڦهلائي ڇڏيو هجي- جا بجا اَڏريل رنگ... داغ... ڊاٽ ڦٽ.

اڙي سلطانہ... تون سماج ۾ ايڏو اوچو مقام رکين ٿي ڳهيلي- اُن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زندگي تہ ڪنهن ثقيل ڪتاب ۾ ڪنهن اهم سيٽ سمان بہ ناهي جنهن کي ڪٽي اندر لائين ئي ڪري سگهجي-

انهن احساسن ئي ڏجايو هوم جو هر شيءِ تياڳي ويجي پئجي رهي هئس پلنگ تي- ڪنهن اڪيلائي ۽ اُپائڪائي جي شدت سان- ياد تم هوءُ شروع شروع ۾ تورو گهڻو پچندي بہ هئي خيال رکندي بہ هئي- پر پوءِ...

هڪ لڳان ائين ئي هيڏ هاريل منهن سان ٻاهر آڳر ۾ پئي هئس تہ هن ٻاهران گيٽ مان مرڪندڙ منهن ڪڍي اندر نهاريو هو... مون تي اوچتو نظر پيس تہ جهٽ منهن تي سنجيدگي طاري ڪري پڇيو هئين "اڙي تو اڄ بہ ٻنپهرن جي ماني نہ کاڌي!- مان تورو ٻاهر هلي وئي هئس- پلا هينئر بک اٿئي؟ چيم "ها. ڏک اٿم تہ سهي رضو." الاءِ ڇو من ڪنهن قوڪيل قوڪٽي جيان قسي پيو... ڳوڙهن جو لڙيون ڳلهن کي لڳي ويون. "جي اهي ئي آزار بخشتا هئي، رضو تہ ڳنديو ڇو هئي... ڇا چنڻ لاءِ؟" هن سنجيدگيءَ سان چيو- "آئون نہ تہ ڪا ٻي سهي- تون پل پيچي بدلائي ڇڏ..."

"مون کي تنهنجي همدردي ۽ ڌيان جي ضرورت آهي رضو... ڪنهن پيچيءَ جي نہ- هيءَ هيڏي ساري پريت ڪا راند تہ نہ هئي رضو؟"

وراڻيئين: "هي پريت محض تنهنجي ذهن جي اختراع آهي ورنہ هر جاندار سڌي يا اڻ سڌي طرح پنهنجي ئي ضرورتن جو محتاج آهي." "منهنجي ضرورت تون- ۽ آئون تنهنجي محتاج آهيان رضو" مون چيو. چوڻ لڳي "هو آئيڊن جو نظريو نہ پڙهيو ٿئي تہ هر جاندار پنهنجي ئي ضرورتن جو محتاج آهي- ايتريقدر جو ڪڪڙ جو آرو بہ ممتا جي ڪشش ناهي- پر محض مسلسل آنن لاهڻ ڪري مڪاني سوزش ۽ سوج کي ناڙڻ جو هڪ طريقو: خبر ٿئي سلطانہ- هن مرڪي مزيد وار ڪيو ثبوت ثابت ڪرڻ لاءِ هن نَر ڪڪڙ کي پڇيءَ تي ڪارا مرچ هٽي آري تي جو ويهاريو تہ هن بنهہ ماديءَ جون سڪون لاتيون هيون...

اهو ٻڌڻ کان پوءِ قيامت جو ڏينهن پيو ڪهڙو هو. مون کي خبر نہ هئي... 'بس' هاڻ تہ ناڪار جو ڪوبہ پاسو نہ آهي، جي مصداق هن آڏو ليلائڻ ڇڏي ڏنو هوم... هن کي حالتن جي وس ۽ پاڻ کي قسمت جي وس سمجهي پنهنجن چپن تي خاموشيءَ جي مهر هڻي ڇڏي هئم... هن تہ پاڻ تان ذوه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاهي سڀ ڏوه ڏنو هو منهنجي ڪُتنب ۽ ڪيڙ ڪي... پر مون سڀ پنهنجي ڪرم ڪان ڪري پانيو هو. چپ ڪانسوءِ ڪو پيو چارو نہ ڏسي ٿي تہ چپ ٿي وئي هئس... هڪ دفعو نرجي ٿي پچيومانس اڄ هيڏي دير ڪاڏي وئي هئين رضو-؟ چيو هئين "Walk تي..." "ڪو وقت هو جڏهن مون ڪان سواءِ Walk ۾ مزو نہ ايندو هئي... هاڻي شايد اچيئي ٿو..."

چيئن "اخلاقاً نہ اچڻ کپي- پر اصولن اچي ٿو. ۽ سچ مچ اچي ٿو... خبر ٿئي نہ سلطانہ... منهنجي شادي جي ڊيٽ Fix تي وئي آهي." "تو ڪڏهن ٻڌايو ئي ڪونہ..." مون ڳالهہ ٽاريندي چيو - پر هن جملو جاري رکيو - "سچ سلطانہ...Opposite sex جو فيور وٺي ڏس اهڙي تازگي ٿي اچي وڃي طبيعت ۾... جڏهن عاصم صرف تعريفي ئي نگاهن سان مان ڏي نهاريندو آ... تہ محسوس ٿيندو ٿم - مان، مان ناهيان بلڪ مادام ڪيوري آهيان ۽ اجهو، اجهو ڪنهن ١٠ لکن جي چيڪ تي صحيح ڪري آئي آهيان... ايڏو اعتماد، ايڏو حوصلو پرجي ايندو اٿم پاڻ ۾- جڻ زندگي جو هر ليکو سولو ٿي پيو هجي... سچ سلطانہ جيڪو Security جو احساس ۽ تحفظ جو خيال هڪ سني ساٿي مان ٿو ملي... اهڙي امان ۽ اهڙي پناهہ ڀي ڪٿي؟ تون بہ انهن جُوني نيائن مان ڪڏي ڇڏ پاڻ کي. پنهنجي شخصيت کي سنوارڻ لاءِ ڪنهن مضبوط سهاري جي آڏ وٺ، جنهنجو هٿ تنهنجي هٿ ۾ اعتماد جي لهر آڻي ڇڏي- حيات ۾ نياءُ جو اهوئي سلسلو سپاويڪ آ... باقي ان نوع جو هر فرضي پيار Perverted آ... جو وقتي وهنوار جي وندر تہ ٿي سگهي ٿو پر من کي ڌوتل پوتل ڪپڙي جيان پوتر نٿو بنائي. آسپاويڪ پريمن ۾ رکيوئي ڇاهي، رڳو پيچ ۽ پاپ، پڇتاءُ ۽ پيڙا! پاڻ کي انهن اٽڪائن مان آزاد ڪر... ان Deception مان ڪڍي وٺ... آزاد ڪر پاڻ کي سچ سلطانہ آزاد ڪر..."

'هيئن ڪرڻ گهرجي' ۽ 'هوئن ڪرڻ گهرجي' جي فارمولا تي جيڪر هلڻ ممڪن هجي ها تہ زندگي کي آلجبرا جي فارمولا پٽاندر ڪاٿوءَ کي ڪاٿوءَ سان جوڙي 'جوڙ' نہ بنائي سگهجي ها- جيئن ڪمپيوٽر جيان رڳو منافعي جا ڪارڊ نہ پاسيرا ڪندو وڃي ها- پر هتي تہ ڳالهہ هئي Taboos

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي سفر ۾ ڀٽڪيل اُن مسافر جي، جنهن جي هٿن ۾ هٿا رکو ڪاتوءَ جا نشان- پوءِ اهي مسافر جن جي منزل جو ڪو خاص تعين نہ هجي، پيار جي هر ننڍڙي ننڍڙي اسٽيشن تي پنهنجي ساه جو سمورو سامان لپيٽي هيٺ لهي پوندا آهن... اهو ڄاڻندي بہ تہ اسٽيشن غلط ۽ بيحد فاني آهي.

آءٌ بہ بن بن ڀٽڪيل مسافر هئس، پيار جي آسري ڪنهن غلط اسٽيشن تي لهي پئي هئس...

ڪنهن چيو جا ٽاڪ ٽو هر جيان ڪندا ڏي اوهان ڪي، اهو هنڌ ئي ڇڏي هليا ويو.

ان ڪان پهرين جو رضو شاديءَ جي لمبي موڪل تي هٿان هلي ويجي چو نہ آءٌ ئي اهي ماڳ مٿي ويجان- تڏهن اٿي هوريان هوريان نستي بدن ۽ جهريل جيءَ سان ميز تان ڪتاب ۽ ڪبٽ مان ڪپڙا ڪڍيا هئم... سڀ ليڪا چوڪا لاهي سامان پيتين ۾ ۽ الاءِ ڪيڏا سور سيني ۾ سموهي آخري وار رضوءَ ڪان موڪلائڻ وئي هئس...

چيومانس. "آئون وڃان پئي رضو." پڇيو هئين "ڪيڏانهن-؟"

ڏڄ وچان وراڻيومانس "پنهنجي پراڻي حويليءَ ڏانهن... اسين جتان آيا آهيون... اسان کي واپس اتي موٽي اچڻو آ..."

اڄ هن حويليءَ ۾ آئي ڪي سال ٿيا... حويلي! منهنجو اصلي مسڪن- منهنجي پراڻي پناهگاه- جنهنجي مقدس ڪنگرن تان سڄ ڪڏهوڪو لنگهڻ ڇڏي ڏنو آ... رات ويلا بين آرياٽين جيان ڪنهن بلاوز کي پاڪر ۾ پري زندگي پٽراميشم جيان پنهنجي ئي وجود جهڙي حصي سان لئي ۾ اچي لڙهڻ لڳندي آهي... روز جيان جسم سان جسم جي ٽڪراءُ سان احساس گرم ٿي ويندا آهن- عام ماڻهو جيان منهنجا بہ لنئوٽا ٿيندا ۽ رڳون ٽاڻجي ويندون آهن. انڌيرن جي خوف ڪان... ڪن بستري جي پَرَ ڪان سماج، اُتم پڻو ۽ ساداتي تقدس سڀ ساٿ ڇڏي پري هليا ويندا آهن- هوريان هوريان هميشہ رات جي پوئين پيري جي ماڪ ۾ اهي احساس پڃي پڃي نستا ٿي پوندا آهن... باک ڦٽڻ سان اهي نستا احساس لاشن سمان منهنجي ضمير کي ضربون هڻڻ شروع ڪندا آهن... اهوئي ڪنهن اڻ ڏٺي پاپ ۽ پيڙا جو احساس! ڪنهن پچ ۽ پڇتاءُ جي پوڳنا!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن ڪاتب تقدير کان ڪا شڪايت نہ آهي- شايد اهوئي اسان جو در ياڳ آهي... پر ڪڏهن ويچارن جي ويرن ۾ لڙهندي لڙهندي اڪثر پاڻ کان پڇيو اٿم "ڇا آءٌ بہ ڪائي مومل آهيان- جا پيڻ کي پا ڪر ۾ پري راڻي جو ويس ڪري اندر جي اُڇل کي اُتت ڏيئي سگهان ٿي؟ ڇا منهنجو جيون- هي جيون بہ ڪوئي ريڊيو اسٽيشن آهي جو ڇيڇل پروگرام جي جاءِ تي ڪوئي بہ پروگرام ڇيڙي من کي ماٺو ڪري سگهجي ٿو؟؟

اهي بہ سوال آهن جي غير مرد جيان اڪثر منهنجي ذهن کي جسم سمجهي...

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيڙا جو پڙلاءُ

ڪڏهن ڪڏهن ڪتابي علم بہ انسان کي ڪيڏو نہ بيويساهہ ۽ بزدل بڻايو وجهي، ان جي شايد توکي سڌ نہ هجي- جو تون ان ماحول ۾ اچڻ کان پوءِ بہ ان لِچ کان آجوئي رهين، ورنہ ميڏو ڏيساور ڏورڻ- پئسا خرچ ڪرڻ- پنهنجن کان پري ٿيڻ سڀ اجايا ٿي ڪين هئا!!

'بوسٽن' اچي تہ تنهنجون روشون اهي ئي رهيون جي شايد تنهنجون پنهنجي ديس ۾...

ها دوست، تون جو ايتري لوڏ سان ٿي هلين- بارن ۾ ٿي وينين ۽ گرل فرينڊز سان ٿي گهمين.

مان بہ هتي تعليم سانگي آئي هيس ۽ تون بہ، پر هت اچي اسان ٻنهي جا 'مطلب' ساڳيا هوندي بہ 'منزلون' بدلجي ويون هيون يا منزلون ساڳيون هجڻ کان پوءِ بہ گس مٽجي ويا هئا...

پاڻ ٻنهي مان غلط ڪير هو ۽ صحيح ڪير؟- ان جو فيصلو تہ وقت بہ نہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري سگهيوَ. جو چڱائي ۽ لڳائي غلط ۽ صحيح جون جوڙون اسان پاڻ ئي تہ جوڙيون آهن. وقت ۽ حالتن، جا سانچا انسان کي بہ ميڻ جيان مٿايو ڇڏين تہ معيارن کي بہ اڄ تون چوندين تہ تون صحيح هئين ۽ مان پائيندس مان. باقي "حقيقت" جو "ڪاٺو" اڇي سو ڪٿان؟

تون ۽ مان هڪ ڪناري جون ڇڻ بہ ڪُنڍون هئاسين، جن جا رخ ڇڻ ازل کان جدا.

تون درياءَ جي مست وهڪري جيان جتان چاهئي اتان لنگهندو وئين. زندگي جي هر تجربي کي پاڻ ۾ پائي- بي فڪر تي رُوم ۾ هلندو وئين: جيئن جو، پاڻيءَ تيئن ڪيءُ، سوچڻ ۽ لوچڻ تنهنجي اڳيان اجايا هئا. تو آڏو زندگي جو ساز رڳو موج ۽ مستي جي آواز لاءِ هو. پنهنجي هر ڪرتي کي بهادري ۽ ويساهہ پاڻيءَ. شايد اعتماد جي اها گهٽائي هئي تو ۾، جو مون هميشہ تو کي پرسڪون ۽ ساتيڪو ڏٺو.

ان جي ابتڙ مان هميشہ کان بي اعتمادي جو شڪار، ازل کان بيويساهہ ۽ بزدل- ماڻهو تہ ماڻهو ڪڏهن تہ خدا تي بہ اجايا... مان پاڻ کي هميشہ دريا ۾ ان ڪن جيان پاتيو، جو ماٺ کان پري هميشہ مانداڻ جي چڪرن ۾ هوندو آهي. سنگين کان سنگين حقيقتون پاڻ ۾ لڪائي ۽ ڏيکاءَ ۾ ڪجهہ نہ ڏيکاري. مون جيون جي جهورين کي ايئن پاڻ ۾ ملائي هڪ ڪيو آهي جو ڪن جڻان غمن جي غرقابي، هاڻ ڇڻ حيات جي فطرت بڻجي وئي آهي.

هاڻي تہ من جون مرادون ڪجهہ اهڙيون وچي ٿيون آهن، جو هينئر بہ جيڪر مون آڏو اهنج ۽ سهنج سامهون ڪرين، تہ مان هٿ ڊگهيريندس اهنجن ڏانهن. جو من کي هاڻي انهن ۾ ئي مزو ملي ٿو. ڇو؟ ان جي شعوري ڪارڻ جي تہ خود مون کي بہ ڪل ڪانهي.

دوست، اڄ دنيا توکي ڇا بہ چوي پر تون پاڻ تہ جيل جي چوديوارين ۾ چين سان آهين نہ تہ اڄ تون بہ مون وانگيان سوچ جي صحرا ۾ ڀٽڪندو رهين ها.

مون کي ياد آهي تہ جڏهن مان هتي نئين نئين آئي هيس تڏهن ڪيترو وقت ايڊجسٽ ڪرڻ ۾ لڳو هو. جيڪڏهن پيٽي بہ هجي ۽ پرجهلو بہ، تہ پوءِ مقصد ماڻڻ هرويرو ڏکيو ڪونہ لڳندو آهي. سمرڪ ايندي ئي مان پنهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مقصد ۾ جنبي ويس. ڪتابن جي دنيا ۾ مون پاڻ کي ڪافي حد تائين گم ڪري ڇڏيو جو منهنجي آڏو منهنجو پهريون مقصد ئي اهو هو.

همت افزائي لاءِ جتي استادن جي همت افزائي هئي اتي ادي عبدالقادر جي رفاقت به، پاڻ هتي به سال مون کان سينئر هو. اصل شڪارپور جو هو، ڇريءَ ۽ نيت برىءَ جي ڇوٽي جي بنهه ابتڙ. بيشڪ هتي جي ماحول ۾ ڪپي وجڻ ۾ مون کي ادي قادر جي ڏاڍي مدد هئي. چڱي دوست جو ملڻ به ته خوش نصيبي آهي نه، تڏهن مان به پاڻ کي ڏاڍو نيڪ نصيب پائيندي هيس.

پر هڪ ڳالهه ٻڌايانءَ ته تن ڏينهن اسان جي خوش نصيبيءَ جو معيار ئي ڪجهه اهڙو هو. خوشيون ايتريون سستيون پائبيون هيون جو ڪٿي اگر پرائي باغ ۾ ڪو گل ٽڙندو هو ته دل پنهنجي پئي خوش ٿيندي هئي. ڪٿي ڪو سٺو راڳ ٻڌم يا سٺو ڪتاب هٿ آيو ته پائيندي هيس ته ڄڻ قاروني خزانو ملي ويو. پيو ته پيو ڇانهه جو هڪ سٺو ڏوز به خوش نصيبيءَ جي علامت پئي لڳندي هئي- ۽ هاڻي حالتون پيون، ماڻهو پيا، ۽ ماڻهن سان گڏ معيار به پيا...

منهنجي هتي اچڻ کان ٻارنهن مهينا پوءِ تون آئين. جڏهن پهريون دفعو قادر کان تنهنجو بوسٽن اچڻ جو ٻڌم ته دل خوشيءَ کان ٻلهار ٿي ويئي. نه ته توکي سڃاڻندي هيس، پر پرديان سندي پار جي مڙيئي مٺائي.

جڏهن تون آئين ۽ ادي قادر تنهنجي مون سان سڃاڻ ڪرائي ته مون تومان ڪو خاص امپريشن نه ورتو. سواءِ ان جي ته تون بلڪل سادڙو، هاڻي ڪاٺيءَ جو مضبوط ٺورڙو بي ترتيب ۽ ڪافي رف شيءِ هئين، باقي ان کان وڌيڪ مون تو کان ڪوبه تاثر نه ورتو، جو تو ۾ متاثر ڪرڻ جي ڪا ڳالهه ئي ڪونه هئي. ان لاءِ نه ته ڪو تون ديار غير ۾ اچڻ ڪري ڪو هيسيل هئين، بلڪ تو ۾ ڪو لڇڻ ئي ڪونه هو. گهٽ ۾ گهٽ ان وقت مون اهوئي محسوس ڪيو.

مون کي تنهنجي اوائلي ڏينهن جي ڪابه خبر ڪانه هئي ته تو ڪٿي پئي گهاريا ۽ ڪيئن پئي گهاريا البته ايتري سا خبر پيم ته توکي رهڻ لاءِ ايم-سي- اسٽريٽ ۾ ئي روم مليل آهي! يعني منهنجي هاسٽل جي سامهون لان جي هن پر پئي ونگ ۾ منهنجي روم جي اڳيان. وراندي جي وچهين ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهن هٽي جي سڌي نهار ڪبي هئي تہ لائين ۾ ٻئي پورشن جي مڙني فليٽن جون دريون قطار ۾ ڏسڻ ۾ اينديون هيون، قادر ٻڌايو هو تہ توکي ٻئي فلور ۾ پيو نمبر روم رهڻ لاءِ مليل آهي.

آءٌ ڪڏهن ڪڏهن اسٽڊي کان پوءِ تڪ پچڻ لاءِ انهن ونڊهين مان نهاريندي هيس تہ تنهنجي روم جون بتيون رات جي ٻارهين وڳين سوڌي بند ٿي رهنديون هيون. ان کانپوءِ البتہ هڪ ڏيڍ وڳين ڌاري تنهنجي روم جي شيشن مان روشني جا ڇاچولا اچي ۽ لڙي ويندا هئا. جنهن مان منهنجو اندازو هو تہ تون ڇڙو روم ۾ اچيو ۽ سمهيو رهين. خدا ڄاڻي تون اسٽڊي اورس ڪٿي صرف ڪندو هئين؟

ڪنهن لئبريريءَ ۾، ڪنهن دوست دڙي وٽ يا ڪنهن هوٽل يا بار ۾. تن ڏينهن مون کي تنهنجي ڪا خبر ڪانہ هئي.

باقي سو توسان ڪڏهن ڪڏهن رسمي طور ملڻ ٿيندو ٿي رهندو هو، جو اسين سيئي ڏيساور کان آيل هم زبان هئڻ جي ناتي ۾ محفلون ڪندا ٿي رهندا هئاسين. جتي ٻين ٽاپڪس سان گڏ، اڪثر ٽاپڪ پنهنجي سوني ڌرتي جو بہ هوندو هو.

تون هوندو نہ ماٺ ماٺ ٿي هئين، پر قادر ٻڌايو هو تہ سخت قوم پرست آهين. توکي پنهنجي ديس جي محبت ۾ ڪافي دفعا اسٽرائڪون ڪرڻيون پيون هيون ۽ ڪيئي ڀيرا جيل بہ وڃڻو پيو هو. تو ديس ۾ رهي جو ڪجھ ڪيو هو ان ۾ جيتري صداقت هئي تنهن لاءِ آءٌ ڇا چوان.

اڄ تنهنجي سار سان گڏ 'مارٽن' بہ ٿو من ۾ هريمہ. مارٽن اسان واري پورشن جي انچارج جو پٽ هو. ١٨-١٩ سالن جو ڏاڍو ناهوڪو جوان. اڪثر شام جو چاڪليٽ چٻاڙيندو ۽ گٽار وڄائيندي نظرايندو هو. 'بوب' سنڌس ڪتو هر وقت ساڻس گڏ. اهڙو ذهين اهڙو ٽرينڊ جو ماڻهو کي مات ڪري. مارٽن ۽ بوب منهنجا پڪا دوست هئا. آءٌ هر روز شام جو لان ۾ بسڪوٽ ڪٺي ويندي هيس بوب لاءِ. جتي مارٽن پيو گٽار وڄائيندو هو ۽ بوب پاسي کان اکيون بند ڪيو شايد سرن مان پيو سرور وٺندو هو. اتي اسان جون خوب ڳالهيون ٿينديون هيون. مارٽن مون کان سنڌ متعلق ايڏي تہ پڇ پڇ ڪندو هو، جو منهنجي خيال ۾ هاڻي سنڌس ناليج بہ سنڌ متعلق

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوترونئي هئي جيتري منهنجي ۾.

بوب بسڪوٽن جو ايترو تہ عادي ۽ شوقين هوندو هو جو مجال آهي اڌ ڪلاڪ کان دير ٿئي ڪيس ڏيڻ ۾. زنجير چڏائي، ڪڙڪائيندو سڌو منهنجي روم ۾. اڳيان بوب پٺيان مارٽن. سزا جي طور تي بوب کي تہ بسڪوٽ ملندا ئي هئا، پر مارٽن جي چانهہ بہ لڳندي هئي مٿي تي. حقيقت ۾ منهنجي مارٽن جي دوستي پڪي ٿي هئي هڪ رليءَ تي. مارٽن کي منهنجي پاڻ سان آندل رلي ڏاڍي وڻي هئي. اڪثر ان رليءَ کي مفلر جيان گلي ۾ ويڙهي پيو گهمندو هو.

هڪ دفعي اندر روم ۾ آيو تہ نظر وڃي پيس سامهون رکيل ڪئلينڊر تيءِ جنهن تي عمر ۽ مارئيءَ جي ڏاڍي سهڻي تصوير چٽيل هئي. تصوير ۾ عمر مارئيءَ کان پاڻيءَ جي آڇ ڪري رهيو هو، ۽ مارئي اڳيان وڌي پاڻي پيش ڪري رهي هئي، پاسي کان هڪ اُٺ پڻ بيٺل ڏيکاريل هو. جيڪو رليءَ سان خوبصورت ڪجاوو اوڍيل هو. مارٽن ڪئلينڊر ڏسندي ئي هميشہ جيان سوال جواب ڪرڻ شروع ڪري ڏنا هئا. ۽ مون جواب ۾ کيس سچو عمر مارئيءَ جو داستان ٻڌايو هو. ان سان گڏ ڪجهہ لوڪ گيت بہ ٻڌايامانس جي مون پاڻ سان گڏ ٽيپ ڪري آندا هئا.

هڪ ڏينهن آيو تہ ڏاڍو سرهو هو. رليءَ واري چادر ڪلهن ۾- ڪنڌ ۾ گَنار. ڪئلينڊر ڏانهن ڏسندي چيائين: "ڪمال آهي هڪ عورت ۾ ايڏو عزم، وفا ۽ پوترتائي!"

چيومانس تہ، "شابس تہ ان مرد کي بہ ڏي نہ مارٽن، جو وڏو حاڪم هوندي بہ ايترو با اصول، بهادر ۽ ڊيموڪريٽ هو".

"بيشڪ بيشڪ". چئي ڪن ڏسي پنهنجي گلي ۾ چادر ڏانهن ڏسندي هڪ شرارتي مرڪ مرڪي چيائين، "فرينڊ، هيءَ چادر بہ ڪٿي اوريجنل تہ ناهي. جا مسٽر عمر جي اُٺ تي ڏيکاريل آهي؟"

"ها، ها پائي"، مون چيو.

"اُٺ بہ تہ هي اوريجنل ئي آهي نہ، جنهن تي رلي اوڍيل آهي!" مون ڏانهنس اشارو ڪندي وراڻيو.

اهڙي طرح مارٽن اسان جي تهذيب، اخلاق ۽ بهادري کان ڏاڍو متاثر هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڏهن ڪڏهن ڪلي چوندو هو ته، "فرينڊ جڏهن تون پنهنجي ديس موٽي واپس ويندينءَ ته توکي مان به ڪمپني ڏيندس ۽ پنهنجي اڪين سان ان ڌرتي کي ڏسندس جنهن جا رهواسي ايڏا سندر ۽ سپاجها آهن".

توکي ياد آهي ته هڪ دفعو تون اسان واري فلور تي وڃڻ لاءِ ورانڊي ۾ بينل هئين، ان مهل مان به يونيورسٽيءَ مان موٽي هئس. آءٌ مٿي وڃڻ لاءِ لفٽ جي انتظار ۾ هئس ۽ تون منهنجي وجود کان بي خبر ٿي چپ چاپ بيٺو رهين، ۽ مون پاڻ ئي توسان ڳالهايو هو.

"توهان اڄ هن پاسي ڪيئن؟"

"قادر ڏانهن".

"توهان پنهنجو وقت ڪيئن گذاريو؟"

"دوستن سان، دوستن وٽ". تو تمام مضبوط لهجي ۾ ننڍڙو جواب ڏنو.

"پر وقت جي گهرج توهان کان ڪجهه ٻيو به چاهي ٿي؟"

"دوستن لاءِ منهنجي جان به حاضر آهي، ۽ ان کان وڌيڪ ڪا گهرج، گهرج ناهي".

ان کان پوءِ تون مون کي نو لفٽ ڪري خاموش ٿي وئين ۽ مون به هرو ڀرو ڳالهائڻ مناسب نه سمجهو هو.

پوءِ هوريان هوريان مون محسوس ڪيو ته قادر وٽ تنهنجا پنڌ پير وڌي ويا آهن. اڪثر يا تون قادر وٽ ايندو هئين يا قادر تو وٽ. شايد تنهنجي دوستن ۾ هاڻي قادر به شامل ٿي ويو هو.

مون کي پن- ڇڻ رت جي اها پيلي پيلي شام ياد آهي جڏهن تو ڦيريون ڦيرو مون کي پاڻ ڏانهن متوجه ڪيو هو. هر تو سلام ڪيو هو.

مان لان ۾ ويٺي هئس. بوب بسڪوٽن ۾ مگن هو، مارٽن گٽار تي هلڪا هلڪا سر ڇيڙيا. سڪل سڪل پن هوا جي رخ تي هيڏي هوڏي ٿي وڪريا. موسم تي اداسيءَ جو عجيب اثر هو.

مان رکي رکي غير ارادي طور تنهنجي درين ڏانهن ٿي ڏٺو جي هميشه جيان اڄ بند هيون. شاهه لطيف ان ئي ويل لاءِ چيو هو:

ڪڏهن ٿا هيون ڏين، ڪڏهن در کلن دوستن جا
ڪڏهن اچان ته اچڻ نه لهان، ڪڏهن ڳجهاندر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ائين ٿي لڳو ڄڻ درين تي صدين جي دز وري ويئي هجي. انهن جي ماٿ ۾ ڪڏهن ڪا چرپر ئي نه ٿي هجي. سوچيم ڪڏهن ڪڏهن بند دروازا به من کي ڪيڏو ڏکيا لڳندا آهن. اهڙين ڳالهين جي چٽ ۾ چنتا ڪري وجهندا آهن، جن جو ڏسڻ ۾ ڪو سبب ئي ڪو نه هوندو آهي.

اسان به ناداني ۾: به ڪتاب پڙهي پاڻ کي سمجهه جو صاحب پائني ويهندا آهيون. ائين چو پائيندا آهيون ته حالتن جا حاڪم اسان پاڻ آهيون؟ هر ڳالهه جي نفعي ۽ نقصان تي ويچارڻ تي آتا! ان ڳالهه کان قطعي بي خبر ته ڪڏهن ڪڏهن ڪجهه ڳالهين جا ڪارڻ، حالتن ۾ نه، ازل کان ڪرم ۾ جڙيل هوندا آهن. جن ڳالهين تي اسان کي پهرين کل ايندي هئي ۽ اسين انهن کي ٻين جون بيوقوفيون پائيندا هئاسين اهي ئي اسين اڻ ڄاڻائيءَ ۾ پاڻ تي لاهي ويهندا آهيون. ان لاءِ جو اهي ڳالهيون اسان جي جنم پتري ۾ جنم کان ئي جڙيل هونديون آهن، جن کلن جند ڇڏائي ئي نه سگهبي آهي.

ان شام پهريون دفعو مون ڏٺو ته درين تان دز ٿوري و ڪري هئي. ماٺ ۾ هلڪو تحرڪ ۽ مستي هئي، ۽ درين جا تاڪ کلي پيا هئا. تنهنجي روم ۾ روشني ڦهليل هئي ۽ تون شايد شام جي سوڳواريءَ کان ڇڪجي اچي دريءَ ۾ بيٺو هئين. تو سگريٽ جا ڊگها ڊگها ڪش ٿي هنيا، ۽ هيڏانهن هوڏانهن ڏسندي تنهنجي اوچتي نظر مون تي پئي.

عزت مان تو سگريٽ وارو هٿ هيٺ ڪري ڇڏيو، ۽ نوڙي ڇاتيءَ تي هٿ رکي ڏاڍي اخلاق سان سلام ڪيو هيئي. اسان جي روايت مطابق.

مون کي تنهنجي اها ادا ايتري وڻي هئي جو مان خوش ٿي پڪي اڌ ڪلاڪ جو مارٽن سان تنهنجي پرپٺ سيڃاڻپ ڪرائيندي رهيس.

ڪڏهن ڪڏهن روشنيءَ جو ننڍڙو ترورو به من جي ڏنگيندڙ اونده کي ڪيڏو نه منور ڪري ڇڏيندو آهي. روشنيءَ ۽ روح جو به ڪيڏو نه اتوٽ ناتو آهي هڪ ٻئي سان.

حيران آهيان گوتم به ته انهن روشنين جو ڳالهائو هو. پوءِ ان کي ڇو زندگي تياڳڻ ۾ روشني ملي هئي؟ جڏهن ته روح زندگيءَ جي انهن روشنين مان ئي نور پايو ويچي، ۽ من کي جا ان روشنيءَ مان آسيس ملي ٿي سا وري تياڳڻ ۾ ڪٿي؟ ۽ تن ڏينهن هڪ ”روح“ کي به روشنين جي تلاش هئي. نبل ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نستي جيءَ کي نور جي ٽيڪڻ جي ضرورت هئي- جي ان روح شايد اتان پائي ورتا هئا.

وقت جو وهڪرو وهندو رهيو. منهنجي ٽيسز گهٽي پاڳي پوري ٿيڻ واري هئي. هوئنن بہ من آڏو ڪو مقصد هجي تہ زندگي هوئنن بہ ڏاڍي روان دوان گذرندي آهي.

من جا لطيف مامرا هرو پرو دل کي اڳيان ڏڪيندا آهن. ڪجهہ سوچڻ لاءِ ڪجهہ لوچڻ لاءِ، ۽ طبيعت حساس ٿي اڌ پورن ڪمن کي پورو ڪرڻ چاهيندي آهي، ۽ سمجهائي ڪونہ سگهبو آهي تہ اها ذهن جي ڪهڙي ڪيفيت هوندي آهي جنهن تي خوشيءَ گاڏڙ رنگ رچيل هوندو آهي، ۽ فيصلو ڪرڻ ڏکيو ٿي پوندو آهي تہ هيئر من ڪهڙي ڪيفيت مان لنگهي رهيو آهي؟ ذهن جي اها حالت تيسين قائم رهندي آهي، جيسين وچي ماحول جا ڪي سخت جاڳورتا ذهن کي هڪ پاسي ڪن.

تن ڏينهن ادو قادر مليو. ان ڪجهہ اِگري تاثر سان تنهنجي لاءِ ٻڌايو تہ تون هتي اچي لاپرواہ ٿي ويو آهين ۽ بنهہ وساري وينو آهين تہ تون هت ڪهڙي سانگي آيو هئين؟ تنهنجي دوستيءَ جو دائرو وڌندو ٿي ويو، جنهن ۾ ڇوڪرن سان گڏ ڇوڪريون بہ شامل آهن.

توکي تنهنجي دوستن ۾ خاص مرڪزي حيثيت حاصل آهي. هوٽلن ۽ بارن جا بل گهڻو ڪري تون ڀريندو آهين. تنهنجون پسنديون ايتريقدر تہ بدلجي ويون آهن، جو چوندو آهي تہ ڪوڪ ۽ پاڻي تہ فقط موڊ ۾ اچي هارڻ لاءِ هوندا آهن. اهو پيئڻ ڪهڙو جو جيئڻ لاءِ نہ جاڳائي. جو چڪو تکو نہ لڳي سو چڪو ڪهڙو؟

اهي سڀ ڳالهيون ٻڌي دل کي ايڏو تہ ڌڪ لڳو هو جو ان ڏينهن مان ڪو ڪم ڪري ڪانہ سگهي هيس، ۽ سارو ڏينهن ڪافي پي ۽ رڪارڊ ٻڌي گذاريو هو.

سچ تہ هتي توکي روڪڻ ٽوڪڻ وارو ڪير هو. مستيءَ جي انڌ ۾ اچي تون اهو رستو وڃائي وينو هئين جنهن لاءِ هيترا ڏورڻ ڏوري هتي آيو هئين.

مون کي نڪو حق هو ۽ نڪا حيثيت جو توکي انهن پليل رستن تان ورائي ونان ها.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شايد ڪم جي گهڻائي هئي. وطن جي سڪ به هئي ۽ ڪجهه من جو ذاتي خلفشار به. مان اوچتو بيمار ٿي پيس. اڪيلائيءَ ۾ ذيل اصل ائين پئي ذريو جو مجبورن اسپتال ۾ داخل ٿيڻو پيو. هتي اچي پنهنجي اهميت جي اصل خبر پوندي آهي. دوستن جي پرگهور لاءِ اچ وڃ،استادن جي خبر گيريءَ لاءِ فونن مٿي فون. مطلب ته مون پاتيو، هيل تائين مان پاڻ کي شايد Under estimate ڪندي رهي آهيان.

شايد توکي به قادر جي ذريعي خبر پئي سو تون به پلائي ڪري پڇڻ آيو هئين. آئين ته پڇيئي ڪي به ڪين. چپ چاپ ويهي هليو ويئن. ويندين ويندين سو ڏاڍي نهنائيءَ سان چيو هيئي، ”ڪو ڪم ڪار هجي ته مان حاضر آهيان“. ۽ جواب ۾ مان تنهنجي مهرباني به مڃي ڪانه سگهي هيس.

اسپتال مان ڊسچارج ٿيڻ کان پوءِ مون ٿوري وقت لاءِ پنهنجو ڪم هڪ پاسيرو ڪري ڇڏيو هو. مارٽن ۽ سندس ماءُ منهنجي ايتري ته چاڪري ۽ پرگهور لڌي جو مان پنهنجي بيماري کي شرم جو ڪارڻ محسوس ڪرڻ لڳي هئس.

ان وچ ۾ قادر تنهنجي لاءِ هڪ ننڍڙي ڳالهه ٻڌائي، ته تون اڪثر منهنجي خيريت پڇندو رهندو آهين. پر پاڻ پڇڻ ان ڪري نه ايندو آهين جو اهو مون کي الائي ڪيتري قدر مناسب لڳي! مٿان ادي قادر چيو هو ته، ”اسان هڪ ئي پاسي کان آيل پرديسي هڪ ٻئي جي خبر نه لهندا سون ته پيو وري ڪير لهندو؟ پرجي جڙون اتي جي ماحول جون هميشه کان اندر ۾ کتل آهن، تن جي ڪري لحاظ به آخر رکڻو ئي پوي ٿو“.

۽ مان اڄ تائين سوچي ڪانه سگهي آهيان ته اسان جي ماحول جون جڙون ته ڪيتريون ئي اسان ۾ کتل هونديون آهن، پوءِ انهن مان ڪجهه اسين قائم رکيو اچون ۽ ڪجهه کي ائين چنيو اڇليون جو اهي ڄڻ اسان جي ميراث مان ئي ڪين هيون. ائين آخر ڇو آهي؟

پوءِ ڪيترا پيرا مون پنهنجين اکين سان ڏٺو: تون اتي جي ديسي ڇوڪرين جي وچ ۾ راجا اندر بڻيو گهمندو وتندو هئين. ٻڌو هئم تو انهن مان ڪي دل پسند ڇوڪريون پاڻ لاءِ مخصوص ڪري ڇڏيون آهن، ۽ تون چوندو هئين، ”انهن کي اگر ڪڏهن مان ڪنهن ’ٻئي سان‘ ڏٺو ته غيرت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ثبوت لاءِ تي گوليون هميشہ لوڏ ڪري رکندو آهيان“.

انهن گولين جو ليکو بہ پڏو هئم. هڪ گولي شايد تون ان چوڪريءَ لاءِ ڳڻيندو هئين، ٻي ان جي آشنا لاءِ ۽ ٽين گولي!! ٽين گوليءَ جو حساب وسري ويو اٿم- غالبن تو پنهنجي لاءِ چونڊي هوندي اها ٽين گولي!!

ڪجھ ڏينهن کان پوءِ مون محسوس ڪيو تہ تنهنجي ۽ قادر جي وچ ۾ ٿوري اڻ بڻت ٿي پئي آهي، جو توهان جو هڪ ٻئي وٽ اچڻ وڃڻ بنھ ڪونہ ٿيندو هو.

ڳالهين مان ڳالھ تي قادر پاڻ ٻڌايو هو تہ توهان ٻنهين ۾ رنجشون ويتر وڌنديون ويون.

مون ڪانئس سبب پڇيو هو، پر هو اهو چئي لنوائي ويو هو تہ بس مڙئي نظرياتي اختلافن ڪري ويڇا وڌيا آهن- ورنہ ڪا خاص ڳالھ ڪانهي. ان ڏينهن مان هيڏي هوڏي ويچارڻ بدران ڪافي دير ويهي پنهنجي ٿيسز کي فائينل ٽچز ڏنا هئا، ۽ پنهنجي پڪاندر پڪو پھ ڪيو هئم تہ آئنده سيرئس ٿي صرف پنهنجي ڪم تي ڌيان ڏيو جو مون کي آخر پنهنجي وطن بہ تہ واپس وڃڻو هو.

ڪافي ڪم ڪرڻ کان پوءِ اها رات آءٌ ڏاڍي گهري ننڊ ستي هئس. روشنيون جي ٻري هجن تہ انڌاري ۾ هوندي بہ گهري ننڊ ايندي آهي. سو مان بہ ننڊ ۾ الائي ڪيترو پري وڃي نڪتس جو تکڙا تکڙا ۽ زوراٿا دروازي تي گهنٽين جا آواز ٿيا، جيسين اٿي دروازو پٽيان تيسين لاڳيتو گهنٽي وڄندي رهي.

”پرور، پت رکجانءِ“.

دروازو کوليم تہ سامهون مارٽن بيٺو هو. منڌل متيون ۽ جسم ۾ ڪنبڻي.

”ڇا ٿيو مارٽن؟“

”قتل، قادر قتل ٿي ويو“.

منهنجو مٿو ڦيرانٽي کائي ويو.

”ڪنهن قتل ڪيو، ڇو ٿيو قتل، ڪٿي ٿيو؟“ هڪ ئي ساهہ ۾ مون الائي ڪيترا سوال پڇيا هئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مارٽن سامهون پٽئي فلور جي پٽئي نمبر روم ڏانهن اشارو ڪندي رڪائي سان هليو ويو ۽ ويندي ويندي تنهنجو نالو بہ وٺندي ويو.

تنهنجو نالو ٻڌي مون کي محسوس ٿيو ڄڻ، ڄڻ عبادت ڪندي منهنجي تسبيح جا داڻا ڇڄي پيا هجن.

دوست، تون شايد ذهن جي انهن حالتن مان نہ لنگهيو هجين تہ ذهن تي جڏهن سانحا گذرندا آهن تڏهن دل پنهنجن جون قربتون چاهيندي آهي ۽ هرويرو پائيبو آهي تہ ڪن پنهنجن وٽ وڃي وهجي جو لمحن جي اذيت ايترو نہ ستائي. مان تڪڙ ڪري ٻي سمجهائيءَ وچان اٿيس. چيم، ”قادر کي وڃيو ٿي پنهنجو ڏوهہ ڏسيان ان سان وڃي ٿي تنهنجون ڳالهيون ڪريان“.

”پر قادر تہ ڪڏهوڪو ڪسجي ويو“. الائي ڪٿان ڪان سمجهہ موٽي آئي، ۽ پوءِ مان ڇيڙي ڪري ليٽي پيس جو ويهڻ جو ست ئي ڪونہ هو. اهو سڄو ڏينهن مان اندران دروازو بند ڪري پئي هئس. ٻاهر طرح طرح جا آواز هئا. اچڻ وڃڻ جا آواز، گوڙ گهمسان، قتل جون خبرون، قياس آرائيون. اهو سارو ڏينهن مون اڪيلو روم ۾ گذاريو، نہ مارٽن ئي لڙي آيو نہ ئي بوب ڪا سار لڌي.

تنهنجي ڪيتي تي ٻين ڪيترن کي لوڙڻو پيو. ڪيترا رولز ريگوليشنز پاس ڪيا ويا. ڪيتريون ئي تبديليون آيون ۽ اسان ڌارين تي سختيون برتيون ويون.

مارٽن پنهنجا آدرش بدلائي ڇڏيا هئا ۽ بوب پنهنجي عادت مٽي ڇڏي ۽ مان تڏهن پهريون ڀيرو پاتيو هو تہ پرائي ڌرتي تي ڪو ڌاريون ماڻهو ويٺي آهيان جنهن کي هتي رهڻ جو هاڻي ڪوئي حق ناهي.

۽ جڏهن ٻڪري پيتيءَ ۾ وڃهي وطن ڏي واپس وڃڻ جي ڪئي هئم، ان ڏينهن دل جهڙو ويني ويني پئي پاتيم. مارٽن سان ملڻ ويس تہ هو ڏاڍي پاٻوہ سان مليو. بوب کي پيار ڪري هڪ نظر قادر جي روم ڏانهن وڌم. پر اتي تہ ڄڻ ڪاريءَ وارا ڪک لڳا پيا هئا. سندس روم اڃا تائين سيل ٿيو پيو هو. نوڙي پٽ کي ڏسڻ چاهيم متان ڪي ماضيءَ جا ميساريل داغ ئي نظر اچن، پر وقت جا ريلا تہ ڄڻ رت جي رشتن کي ريٽڻ لاءِ ڪي آتا هوندا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن، ڪي بہ تہ ڪونہ هو اتي! جوڳين کان سواءِ جايون سڄيون سڄيون ڀٽي لڳيون. پولارن مان ڇڻ هر سُئو آواز ٿي اٿيا، ”اڄ... ماٺ مڙهين... ۾ جوڳي... جيڪي ويا... اڄ ماٺ... مڙهين ۾ ماٺ... مڙهين ۾!“ ۽ مان انهن آوازن کان گهٻرائجي روم ۾ هلي آيس. عجيب طرح جي آنڌ مانڌ هئي من ۾! پانيم ايئن ئي بہ ڪا ميخ آهي اندر ۾ جا اٽڪي ٿي. ڪا تند آهن جا ڪجهہ تنواري ٿي ۽ مان ان پيڙا کان بچڻ ڪاڻ ڪيترو وقت اڳ ۾ ئي ائرپورٽ هلي آيس.

ايندي ايندي الائي ڪهڙو رحم پيو پاڻ تي جو چيم اڄ هڪ ڦيرو ڇو نہ تنهنجي چوديواريءَ جو بہ ٿي وڃي. هتي جا بوجهہ هتي ئي ڇڏي وڃجن. پوءِ متان پنهنجو من پاڻ کي ئي ميارون نہ ڏي.

تنهنجي بلڊنگ جو ٽيڪسيءَ ۾ چڪر ڏيندي سوچيو هوم: هي ڦيرا تہ ڪنهن مذهب ۾ قسمتن جي سنجوڳ جا امين ڪري پاتبا آهن، پر مان اڄ هن ڦيرن جي تعبير بدلائڻ آئي هئس. چيم، ”اڄ توکي ارپڻ آئي آهيان پنهنجي لڪئي جا اُهي ڏينهن جي منهنجي لاءِ يقينن ڏاڍا ڏکيا هئا، پر هاڻ اڄ توکي اُهي بوجهہ ارپڻ کان پوءِ انهن جو منهنجي زندگيءَ ۾ ڪڏهن گذر نہ ٿيندو- ڪڏهن نہ!“ اهو منهنجو عزم هو، منهنجو فيصلو هو.

جهاز ۾ ويٺي ويٺي الائي ڪٿان ’غازيءَ‘ جا لفظ تري آيا ذهن تي.
”اسٽيشن تي عزيزن کي ’الوداع‘ چوڻ وقت پاسندو آهي، جڻ اسان جي وجود ۾ ڪجهہ آهي جو مري رهيو آهي ۽ جڏهن اتان موٽبو آهي تڏهن پاتبو آهي جڻ اسين پنهنجي ئي وجود جي هڪ حصي کي خدا حافظ چئي آيا هجون“.

۽ جڏهن جهاز رن- وي تي ڊوڙڻ لڳو هو تڏهن مون بہ دريءَ مان منهن ڪڍي فضا ۾ آخري دفعو توکي ’خدا حافظ‘ چئي هميشہ لاءِ ان ڪهاڻيءَ کي ختم ڪري ڇڏيو هو: هميشہ لاءِ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪهڙو براند ۽ ڪهڙي سگريٽ؟

اُن رات سگريٽ جو، سلگڻ ڪان پهرين سڏڪڻ مون پهريون دفعو ڏٺو هو ۽ مان چرڪي پيو هوس!

مودِ تي مسستي چانيل هئم ۽ ڏادي لوڏ سان اندر گهڙيو هوس. روم جي رنگين فضا ويتر هٺي ديوانو بنائي ڇڏيو هوم.

منهنجي دوستن کي به منهنجي مزاج جي چڱيءَ ريت خبر هئي سو هنن به منهنجي شاديءَ جو روم سينگارڻ ۾ ڪا ڪسر نه ڇڏي هئي. هر طرف ڳاڙها ڳاڙها شيڊ، پيارا پيارا دبيز پردا، ڊبل فوم جو گلابي گلابي بيڊ ۽ ان تي اَڻ ڏٺي منهنجي ڪنوار! هر طرف خوشبوءِ ۽ سرهاڻ... ڇا ڇا نه هو منهنجي روم ۾!

هوءَ ڪنڌ جهڪايو ڪروندڙي تي گهونگهٽ ڪڍيو ويٺي هئي. مان ڪائنس لفظي اجازت گهري پاسي ۾ ويٺس... بي چيني ۽ بي قراريءَ وڌيڪ اجازت نه ڏني ۽ اَتاولو ٿي گهونگهٽ مٿي ڪنيو مانس!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهڪيل جهڪيل اکيون ڳاڙها ڳاڙها ڪپڙا، نازڪڙا زيور ۽ خوشبوئن ۾ رچيل هڪ نازڪ نازڪ ننڍڙو سراپو!

آهستگيءَ سان منهنجي دل نعرو هنيو. ”مِني سائز سگريٽ!“

سگريٽن جي ’نزاڪتن‘ جو مان هميشه کان ڪوڙيو رهيو آهيان. برانڊ جو هر نمونو، هر ذائقو، هر سائيز ۽ قسم منهنجي آڱرين جي وڪڙن ۾ ڦاسجي ۽ منهنجي چپن جي ڇهاءَ مان نڪري چڪو آهي.

منهنجي هٿن جون آڱريون بيحد سڊول آهن ۽ منهنجي چپن جو لمس خوب گرمائيندڙ! ان ڪري اڄ تائين ڪابه سگريٽ هڪ دفعو منهنجي ڇهاءَ کان متاثر ٿي نه مون کي ڇڏندي آهي ۽ نه مان ئي ڇڏيندو آهيانس، توڙ نيائيندو آهيانس انت تائين، تان جو نئين سگريٽ پهرينءَ مان دکائي رک ٽيندڙ سگريٽ کي بوٽ هيٺ آڻي پير جو گهڪو ڏيئي ڪيس پٽ پر ڪري ڇڏيندو آهيان ’چين سموڪر‘ هئڻ ناتي ٽورو اهو ’هرجائي پڻو‘ ٿي ويندو اٿم.

اُهي الائي ڪيڏا عجيب لڳندا اٿم، جيڪي هميشه هڪ ئي سگريٽ ڪري سيجاٿپ ۾ اچن! سچ ته عجب لڳندو اٿم انهن تي!

هڪ پرفيوم جو مسلسل استعمال، در ڪڙڪائڻ جو مخصوص انداز، ڳالهائڻ! هلڻ ۽ لکڻ جو خصوصي ڍنگ! اهي ڳالهيون ته سمجهه ۾ اينديون اٿم، پر سگريٽ جي نزاڪتن سان ان ريت ’وفاداري‘ يعني هميشه هڪ ئي سگريٽ جو استعمال، مون کي بي وقوفي لڳندي آهي. اها وفاداري يا ڪنهن نفسياتي گره جو شڪ پائيندو آهيان، يا حالتن جي شڪار جو! ٥٥٥ جي نزاڪتن جو لطف وٺڻ وارا جيڪڏهن Wills واپرائڻ لڳن ته پڪ هوندي اٿم ته غريب ’حالتن‘ جي ور چڙهي ويا. پر جيڪڏهن Capstan ڇڪڻ وارا هميشه Capstan تي ئي گذران ڪن ته پائيندو آهيان يقيناً هي نفسياتي طور آجا ناهن پاڻ کان!

خيال هئم ته سگريٽ هميشه ڇڪڻ ڪاڻ آهن. سو هنن جي حسن کي آزمائڻ به عين فطرت وٽان آهي... ڀلا فيڪٽريءَ جي مالڪن به هيترا سارا قسم ڪڍي ائين ته ڪونه ڇڏيا آهن آخر؟ پوءِ ڪفران نعمت ڇو؟ جڏهن ته نازڪ سگريٽن سان اها ڪا زيادتي به ناهي جو هو آهن ئي ڇڪجڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪانڻ! سموڪر هئڻ جي ناتي منهنجو ڪم آهي ڇڙو ڪين تيلي ڏيڪارڻ ٻاڙ متائڻ! پوءِ ٻرڻ، ڪامڻ، لوساتجڻ ۽ رکجڻ جو ڪم رهيو سندن ٻلي! رک ٿيڻ کان ٿورو اڳ وري بہ منهنجو ڪم ٿيندو آهي، جو نئين سگريٽ ان ختم ٿيندڙ سگريٽ مان دکائي ڪيس بوٽ هينان گهڪو ڏيئي سندن آخرت سنواري ڇڏيندو آهيان هميشہ لاءِ. ائين ڪرڻ ۾ بہ اندر جي الائي ڪهڙي اڌمي ڪي آئت ملندي اٿم. ٻيو ٿورو سو احتياط پسند بہ آهيان. سگريٽ کي ان ريت چلڻ کان پوءِ رهيو کهيو ڏپ بہ لهي ويندو اٿم تہ ڪو هن جي ڪا آخري چڻنگ دکي دکي ارد گرد ۾ ڪو ٻارڻ نہ ٻاري ڏي ۽ مون لاءِ ڪو باهہ جو ڀنيٽ نہ ڪڙو ٿئي! ان ڪري بوٽ جو هڪ گهڪو جتي سندن انت آڻڻ لاءِ ڪافي هوندو آهي اتي منهنجي ڏپ لاهڻ لاءِ بہ بيحد ضروري.

پنهنجي ’دلڪشي‘ تي هميشہ ڏاڍو ناز رهيو اٿم. آهيان بہ هيڏي ساري خاندان جو اڪيلو چشم وچراغ.

حسن، دولت، امارت ۽ ذهانت. انهن سڀني خوبين کان علاوه منهنجي ڳالهائڻ جو فن! مڙنئي ڳالهين هئي اتم بنائي وڌو هئم ٻين ڪئون!

جڏهن يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندو هوس تڏهن ڏگهي ڏگهي شيورليٽ ۾ ’زون‘ ڪري زوزاٽ سان بريڪ هڻي پيڪيٽن جي صورت ۾ ايندڙ سگريٽن کي هٿي چرڪائي ڇڏيندو هوس. سگريٽن جو پاڪٽ ڇڙوڇڙ ٿي ويندو هو. ڪا سگريٽ ڪيڏانهن وڃي پوندي هئي ڪا ڪيڏانهن! ڪنهن جي منهن ۾ ور پوندو هو، ڪا شرمائيندي هئي، ڪا لجائيندي هئي، ڪا گهبرائيندي هئي ۽ ڪا وري ڇتي Scissors قينچيءَ جيان، واڪڙ ڪيو ڪي ٻول ٻوليندي هئي جي چڙهيل شيشن جي هن پارِ ئي رهجي ويندا هئا! مزو ايندو هوم سندن ان ريت وکرڻ ۾ بہ.

لفظن استعمال ڪرڻ جو فن خوب ڄاڻان. سو سندم ان فنڪارانہ صلاحيت کان متاثر ٿي ڪيترين سگريٽون پاڻ اچي منهنجي دام ۾ ڦاسنديون هيون! ۽ ڪا خاص ڪوشش ڪرڻي ڪانہ پوندي هئم. پائيندو هوس تہ خوبصورت لفظ استعمال ڪرڻ بہ تہ هڪ ڏانءُ آ... جڏهن تہ ان ڏانءُ جي هر سماج ۽ هر مذهب تلقين بہ ڪئي آ... پوءِ مان بہ ڇو نہ ان ڏانءُ مان فائدو وٺان... جڏهن تہ اهل بہ هوس. پوءِ جيڪڏهن ڪا بيوقوف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجن لفظن ۾ وچڙي اچي پاڻ ئي Deceive ٿين لاءِ تيار ٿئي ٿو ته ان ۾ منهنجو ڪهڙو ڏوهه!... جڏهن فائنل ايئر ۾ هوس تڏهن ڪنهن شاهي خاندان جي Three Castle ڏڪندڙ لفظن ۾ چيو هوم ”خبر اٿم تون ’لفظن‘ کان سواءِ باقي ڪجهه به ناهين. پر الائي ڇو تنهنجي ان لفظي جادوگريءَ هٿي موهت ڪري وڌم اٿم، جڏهن ته ڄاڻان به ٿي ته تنهنجي ان لفظي لاله زار ۾ رچ کان سواءِ ڪجهه نه ناهي“.

نالو ان سگريٽ جو مون کي ان ڪري ياد آهي جو هوءَ منهنجي بوٽ جي گهڪي کان اڳ پاڻ ئي ختم ٿي ويئي هئي ۽ مان اها تڪليف ڪرڻ کان بچي ويو هوس. پانيان ٿو ته سندس خوشبودار خط اڃا به پيتيءَ ۾ پيو هوندم. لکيو هئين ”سراب پٺيان ڊوڙڻ اجايو ٿي پانيا، ۽ زندگيءَ جي رنگينين ۾ رچڻ هاڻ مون کان نه پڄندو. سو ٥٠ سالن جي هڪ پوڙهي سان پرڻجي وڃيو ٿي هڪ ڳوٺ جا وڻ وسايان. مان توکي پنهين جهانن ۾ معاف ڪيو. توکي وساري ڇڏڻ جي ڪوشش ڪنديس ۽ تون به منهنجي لاءِ دعا ڪجانءِ“.

پر جيسين سندس لاءِ منهنجي دعا جا هٿ ڪڃن ٿي ڪڃن تيسين وري نئين سگريٽ لڳم دام ۾! ڪنيل هٿ اتي ئي رڪجي ويا ۽ سندس خواهش خواهش ئي رهي. سو ڪا به مخصوص سگريٽ من تي مستقل ڪڏهن ڪانه ٽڪيم. جي ڪنگ سائيز ڇڪيندو هوس ته ميڊيم سائيز ڏانهن اک هوندي هئم. جي مٺي سگريٽ ساڻ هوندي هئم ته تکيءَ لاءِ واجهائيندو هوس.جي تکي ور چڙهندي هئم ته مٺي جي دام لاءِ پيو ڏسندو هوس.

ان ڪري مون کي سگريٽن جا نالا ڪڏهن ياد ڪين رهيا. ڀلا ڪنهن کي ياد ڪري ڪنهن کي ياد ڪريان ها. بس صرف ايترو ياد اٿم ته ٥٥٥ جيان پريل پريل سرهاڻ سان ڀهڪندڙ هوندي هئي. ڪا K-2 وانگر ڏکڻي جهڙي سرو جو وڻ. ڪا Gold leaf سونهري سونهري رنگت جي ڪا وري Capstan جيان وچ قد جي پوري پٺي. ٿوري مٺي به ٿوري تکي به.

انهن خوبصورت سگريٽن جا سوٽا مون پاڻ هنيا هئا. حسن جي اها مهراڻ مون پاڻ اوتي هئي. پڌو هئم ته بابو به منهنجي ئي طبيعت جهڙو گلقند مزاج ماڻهو هو. پاڻ به الائي ڪيترن ئي گلن جي سرهاڻ کي سموهيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئين پنهنجي دامن ۾. امي سچي زندگي سندس اوسيئڙي ۾ رهي، ۽ مان چڙو سندس چڏيل ملڪيت تي ئي پروان چڙهيس.

بابي واري دولت خوب ڪم آيم. وڏو ٿي جڏهن سندس ري ڏٺي پيرن تي هلڻ لڳس ته امي روئي پئي هئي. چيءِ "سچو نور ته تنهنجي پيءُ جي راهن کي ڳولڻ ۾ نچوئي ڇڏيم. هاڻي تون انهن رستن تي هلي، ماءُ جي رهي کهي نرت نه لٽائي، ائين اندو نه ڪرينم راجا! جو هلڻ لاءِ پنهنجو ڇڏي پرايو سهارو ونڻ لڳان".

پر چوان ٿو نه لفظن جو فنڪار آهيان. سو اميءَ کي به لفظن ۾ ريجهائي ڇڏيندو هوس. ڪيم اُهوئي جيئن چاهيم. هڪ ڀيرو دفعو شعوري ڪوشش ڪيم به پاڻ کي روڪڻ جي. پر پانيم ته ان روڪ هٽي ٻاڙ کي ويتر وڌائي ڇڏيو هوم. پوءِ جا سگريٽ ڇڪيندو هوس ته اڳين پوئين ڪسر پوري ٿي ويندي هئي ۽ حد بندي قائم ٿي نه سگهندي هئي.

پر اهو ڪيل اميءَ کان گهٽا ڏينهن ڳجهو نه رهي سگهيو، جو پاڻ به آخر ڪير جي ڪاٺيل هئي. سو هڪ ڏينهن گهرائي حڪم صادر ڪري ڇڏيائين چئي: "تنهنجون هلتون مون کي ڪين ٿيون آئڙن، ڊچان ٿي متان پٺهين وانگر توکي به وڃائي نه ويهان... هڪڙي ڇوڪري ڏسي آئي آهيان. ماءُ پيءُ جي هڪڙي آهي. مون کي وٽي ٿي سو توکي پرڻائيندس ان سان".

"پر امي مان جا سگريٽ به ونندو آهيان ته ان کي به ڏسي واٽسي ناهي نوڪي ونندو آهيان. جهڙيءَ تهڙيءَ ۾ ته اک ئي ڪانه ٻڌيم. شادي ته قسمتن جو سنجوڳ آ سو..." مون احتجاج ڪيو.

پر اميءَ هڪ نه ٻڌي. چيئين: "مون جو سوچيو آهي، سو تنهنجي خلاف نه آ... الله سڀ چڱي ڪندو... تنهنجي ڪجڻ جي ضرورت ناهي. آءٌ اڳئين هفتي ڳالهه پڪي ڪري ايندس."

ڳالهيون ته مان به هميشه پڪيون ڪندو هوس. پر جيڪي نيايم سي پاڻ ٿو ڄاڻان، سو اميءَ جي منهنجي باري ۾ ڳالهه 'پڪي ڪرڻ' ۾ ڪو حرج ڪونه لڳم... ۽ هوءَ سچ پچ منهنجي ڳالهه پڪي ڪري آئي، ڪنهن ساجده سان، يا ساجده جي ڳالهه پڪي ڪري آئي مون سان.

ڏينهن نيرڻ لڳا هئا. پنهنجي من پسند سگريٽن کان جڏهن واندو ٿيندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوس تہ اميءَ واري سگريٽ متعلق سوچڻ لڳندو هوس... ويچارا ايندا هئم، الائي ڪهڙي هوندي آخر؟ ڏگهي ڏگهي جهڙي ڪنگ سائيز، ميڊئم سائيز، ڪين بي بي سائيز؟ الائي مني هوندي، الائي ڪوڙي هوندي، ڪين ڦڪي ڦڪي ٻاڙي ٻاڙي Two Flower جيان خوشبوءِ ۾ ٻڏل ڪين سوچڻ جي سمنڊ ۾ ائين ئي ٻڏندو ترندو هئس جو اميءَ جو حڪم هيڪر وري نازل ٿيو: ”تنهنجي روش جو هنن کي بہ ڪو پتو پئجي ويو آهي. ساجده جي ساهيڙين مان ڪي توکي بہ سڃاڻن. هوءَ بہ آخر ماءُ پيءُ جي هڪڙي آهي. گهٽا ڏينهن لائڻ سان جيترا وات هوندا، اوترين ڳالهيون ٿينديون. ماڳهين ڪٿي بي عزتي نہ ٿئي. سو آءٌ وڃيو ٿي ڏينهن وٺيو اچان.“

اهڙيءَ طرح اميءَ ساجده جا ’ڏينهن‘ وٺي آئي مون لاءِ. ڏينهن ڇا آيا هوءَ پاڻ اچي وئي. ۽ رات جڏهن سندس پر ۾ ويهي ڪيس منڊي پارائي هئم تہ هوءَ منڊيءَ وارو هٿ منهن تي رکي سڏڪڻ لڳي هئي ۽ مان ڇرڪي پيو هوس.

”ڇا ٿيو سجو...؟“ منهنجي آواز ۾ ڪيڏو لفظي خمار اوتجي آيو... ”ڇا ٿيو راڻي...“ پر هوءَ چپ چاپ سڏڪندي رهي. مون منڊيءَ وارو هٿ سندس منهن تان هٽايو... ڳالهہ کي مذاق جو رخ ڏيندي پڇيم:

”ڇا منڊي نہ وڻيئي...؟“ هن ڪو جواب نہ ڏنو.

”ڀلا مان نہ وڻيوسانءِ...؟“ ڪيتري دير کان پوءِ انڪار ۾ ڪنڌ لوڏيائين... ۽ مان مرڪي پيس.

”ڀلا منڊي بہ وڻي ۽ مان بہ وڻيس... پوءِ هي ڳوڙهن جون قطارون ڇو؟“

پر هوءَ ڪجهہ نہ ڪجي پڇي... سندس سڏڪڻ جو ڪجهہ ڪجهہ مطلب سمجهہ ۾ آيم ۽ ڪجهہ ڪجهہ نہ آيم. پر اهو سوچي مطمئن ٿي ويس تہ ڪيس نيٺ بہ لفظ جي شيشي ۾ لاهي وٺندس! بلڪل احتياط سان جو نہ شيشي ۾ ئي ڪا سير ايندي ۽ نہ ئي منهنجو ڪو ڀرم ڪلندو...!

جڏهن کان هوش سنڀاليو هوم تڏهن کان عورت متعلق هڪ پتڪڙو نظريو ٻڌندو پئي آيو هوس، تہ عورت هڪ منجهيل ڪتاب آهي جنهن کي جيترو سمجهڻ جي ڪوشش ڪبي اوترو ئي منجهندو ويندو. ان نظريي کي ’دقيانوسي‘ خيال کان وڌيڪ اهميت ڪڏهن ڪانہ ڏنم. ڀلو ٿئي ڪنهن

ماڊرن مفڪر جو جنهن اچي ان گسيل پٽيل خيال تي پاڻي ڦيريو. ڪهڙي نه پياري ڳالهه ڪئي هئائين... سندس نالو وسري ويو اٿم، باقي سو نظريو ياد اٿم... چيو هئائين،”انسان جو وجود ٻالڪ ڪان وني وڏي تائين ان جي Self-Expression جو ثبوت آهي. ٻالڪ جو ٻري ڪان ماءُ جي پيٽان ئي هاءِ گهوڙا ڪندو اچي ته اهو به سندس وجود جي اظهار جو ثبوت آهي. هي قوم سان محبتون، ادب جون الفتون ۽ چنڊ سان هٿ چراندون، سڀ ’ذاتي اظهار‘ جا ذريعا آهن. گويا هر ڪرت جو بنيادي محرڪ اهوئي 'Self-Expression' آهي!“

اهو نظريو لڳم دل سان. سو مان به هنڌائي وينس من ۾! ٻانيم ٻلا عورت ڪا مٿان ته نه لٿي آ نه. سو هر عورت جي پنهنجي پنهنجي 'Self-Expression' جي نمونن مون کي هٽي مشتاق بڻائي وڌو هو... چڱو خاصو تجربيڪار هوس ان ڏس ۾. سو ٻانيم ساجده بيگم به منهنجي نظرمان نڪتل ڪنهن نه ڪنهن نموني سان ضرور ملندڙ هوندي ۽ ڪيس پروڙڻ جو ڪم، منهنجي ذاتي هٿ جو ڪليل! پر ’سجو‘ اچي منهنجي ان نظريي تي پاڻي ڦيري ڇڏيو.

’سجو‘ الائي ڪهڙي ڪمپنيءَ جي ڪهڙي برانڊ مان جڙيل هئي، جو ڪيس مان سمجهي نه سگهيس. سمجهڻ جي ڪوشش ڪندو هوسانس ته مٿو ڦرڻ لڳندو هوم. شروع شروع ۾ ٻانيم ٻه- ٽي دم هٽندوسانس ته پاٿهي ئي پير تي لهي ايندي، پر ائين نه ٿيو.

ڪَش هٽڻ سان عجيب طرح گهٽ جو احساس ٿيندو هوم. جيترو شديد ڪَش هٽندو هوس اوترو وڌيڪ گهُٽ جو احساس ٿيندو هوم... الائي ڪهڙو انوکو تماڪ ڀريل هو هن ۾!

سندس ان ورتاءُ مون کي هٽي لوڏي وڌو بنياد کان. ٻانيم ڪنهن ڏينهن موقعو ملي ته ڪيس لفظن ۾ هٽي وچڙائي وجهان. اصل منهن ڀر ڪيرائي ڪيانس پٽ!

مٿس اهو دقيانوسي نظريو به آزمائي ڏٺو هئم.... سوچيم واقعي جي ڪٿي هيءَ ڪو منجهيل ڪتاب هجي به سهي، پر مون کان ڳجهو ڪونه رهندي... ڏکي لڳندي ڪنهن عام ذهانت جي ماٺهوءَ کي... جنهن جي Q 1

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندي نارمل. مون کي پنهنجي ذهانت تي هميشہ مان رهيو آهي... سو پانيم جي سچ پچ ڪو منجهيل مسئلو هوندي بہ ڪٿي، تہ منهنجي اڳيان ڪجهہ نہ هلندي...

پر جڏهن بہ ان مشڪل ڪتاب کي اٿلائڻ پٿلائڻ جي ڪوشش ڪيم، هميشہ هڪ باب ٿي سامهون آيو... اهوئي عشق متعلق، پر ماءُ پيءُ سان.

چوندي هئي "جڏهن بابي جن جي گهر هوندي هئس تڏهن انهن تي مرندي هئس... رات جو روزانو سمهڻ کان پهرين انهن جي ڊگهي زندگيءَ جون دعائون گهري سمهندي هئس... ۽ رات جي ڪنهن پهر اک کلندي هئم تہ الله کي چئي سمهندي هئس تہ منهنجي زندگي جا باقي ڏينهن سندن ليکي ۾ لکي ڇڏ!"

آءُ کلي چوندو هوسانس "پر اهو ٿيو تنهنجو پيار تنهنجي اميءَ ۽ بابي لاءِ... ڪنهن ٻئي جو بہ خيال اٿيئي ڪين نہ...؟"

اهو ٻڌي لڄي ٿي چپ ٿي ويندي هئي... پڇندو هوسانس "ڀلا هتي اچي بہ ماٺيين پٺين کي دعائون ڪندي آهين؟ ڏس پائي جنهن جو ڪائجي تنهنجو ڳائجي..." چوڻ لڳي: "اميءَ ۽ بابي جي اڳيئون بہ ڪڏهن ڳايو ٿورو ئي هئم... اهو تہ توهان پڇيو سو..."

سندس هر باب جي، ان ساڳئي موضوع سان مون کي ڪا خاص دلچسپي ڪانہ هئي... سوچيم وچڙي تہ ايجا بہ نہ. خير، هڪ ڏينهن کيس موقعو وٺي چيم "سچو تون چپ چپ چو ٿي رهين. ڳالهيون چو نہ ٿي ڪرين! ڇا مان تنهنجو ڪجهہ نہ لڳان؟" مون سندس رئي جي پلاند کي پنهنجي آڱر ۾ اٽڪائيندي پڇيو...

چيئين "ڳالهائيندي تہ آهيان..."

"پوءِ اڄ تائين نہ مون کان ڪجهہ گهريئي، ۽ نہ مون کي ئي ڪجهہ ڏنئي..."

"مون وٽ آهي ئي ڇا... جو توهان کي ڪجهہ ڏيان..."

"پر گهري تہ سگهين ٿي نہ..."

ڳالهہ ڦيريندي چيئين "توهان جو اڄ فون آيو هو."

"مون توکان ڪجهہ پڇيو هو سچو" مون کيس لفظن ۾ اوتڻ جو اڄ پڪو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پهه ڪيو هو.

پر پاڻ اها ساڳي ڳالهه ڪيئين "توهان جي ڪنهن فرينڊ جو فون آيو هو. ويچاري پڇي پئي توهان جو..."

مان ٿورو چڙڪي ويس. ڪيس وچڙائڻ جو مون سوچيو هو پر منهن پر ڪرڻ مان ٿي لڳس.

پاڻ سنيالي پچيومانس "ڪنهن ڪم سانگي ڪا ڪليگ هوندي. نالو نه پڇيئيس؟"

چيئين "نه".

پڇيم "ڇو؟"

"ڇا فائدو..."

چيومانس "هر ڪم فائدي ڪاڻ ته نه ڪبو آهي نه. ڪڏهن ڪڏهن ائين ئي ڪو ڪم بنا فائدي جي به فائدو ڏيئي ويندو آهي..."

چوڻ لڳي "اها ته توهان پنهنجن تجربن جي ٿا ڳالهه ڪيو".

"توکي منهنجن تجربن جي ڪهڙي ڪل چري!" وراڻيئين... "مون کان منهنجو نالو پئي پڇي، بيو چوي پئي ته مان توهان جي ڪير لڳان..."

"پوءِ تو ڇا چيس؟"

ننڍڙو جواب ڏنئين "اهو توهان پنهنجي دوست کان پڇجو." سندس جواب ٻڌي مان هيڪر وري ٿورو ڏڏڪو کاڌو.

اسان جي شاديءَ کي ٿي، چار مهينا ٿيا هئا. پر ان وچ ۾ 'سجو' جو وجود منهنجي آڏو بظاهر نه هئڻ جي برابر هو.

جي چاهيان ها ته پنهنجي سگريٽن جي عادت کي روا به رکي سگهان ها... پر هاڻي الائي ڇو مون کي هلڪن ڦلڪن سگريٽن جي ڪشش گهڻي دير موهي نه سگهندي هئي. ٻن ڪشن سان هڪ سگريٽ جو جهٽ ختم ٿي ويڃڻ منهنجي اتساهه کي گهڻي دير برقرار نه رکي سگهندو هو، ۽ مان جلد بيزار ٿي گهر پهچڻ جا سانباها ڪندو هوس!

هڪ ڏينهن سوير ئي بيچينيءَ وچان گهر موٽيس، جو ان ڏينهن 'سجو' وئي هئي پيڪين. اچي پنهنجي ڪبٽ مان اها بئگ ڪنيم جا بئگ، بئگ گهٽ 'ايشٽري' گهڻي لڳندي هئي. گذريل زماني جا مڙيئي مروتيل اڌ ڀريا ڪي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪل ڀريا سگريٽن جا ٽوٽا ڪنا هئا ان ۾. ڪيئي خط، ڪيئي تحفا، ننڍڙا انديشا ۽ انومان ڏوراپا ۽ شڪايتون! مڙيئي بند هئا ان Ashetray ۾. ڀانيم اڄ موقعو وڻي باهه جون اهي مڙيئي دٻيل چڻنگاريون لوڙهي ڇڏيان پاڻيءَ ۾، ڪٿي دٻيل مواد اندر ئي اندر تپي ڪو زلزلو نه آڻي، منهنجي دنيا ۾. اچي بئگ کولي چيزون هيٺ مٿي ڪري ڏٺم، پر ڀانيم ته هنن جي ماٺ ڪي ڪنهن موڊ ۾ اچي موڙيو آهي... ڪنهن شرارت وچان هٿوراڙين سان هن سٽل سامان کي ڇيڙيو آهي... "اهو ڪير ٿي سگهي ٿو سواءِ 'سجو' جي...؟" سوچيم. پهرين ڏڏيس به. پر پوءِ غصو آيم. چڙ اچي ويم...

'سجو!' جنهن نه ذهني طور مون کان ڪا آسيس ورتي ۽ نه مون کي ئي اهو ساهس ڏيئي سگهي... تنهن کي ڪهڙو حق هو منهنجي غير حاضريءَ ۾ منهنجي بلڪل ذاتي چيزن سان هٿ چراند جو؟

ان ريت منهنجي شين کي هيٺ مٿي ڪرڻ جو ڪنهن حق ڏنس...؟

رکي رکي ڪروٽ ۾ ٿي آيس. چڙ وچان اٿي روم جي هڪ سري کان ٻئي سري تائين اچ وڃ ڪرڻ لڳس... ٻاهر وڃي اميءَ کان پڇيم "ساجده ڪڏهن اچڻ جو چئي وئي آهي امي؟"

اميءَ جواب ڏنو "شام ڌاري اچي ويندي..."

اها شام منهن تار ڪري ٻاهر هليو ويس.. هڪ هوٽل ۾ اڪيلي سِر ويهي سگريٽ جي دونهي جا ڇلا ٺاهڻ لڳس... ڇلا! جي منهنجي آڏو ماضيءَ جون تصويرون بنجڻ لڳا... لفظ بنجي مون آڏو رقص ڪرڻ لڳا.

الائي ڪا سلڇڻي ڇٽيل ڇاٽيل Filtered سگريٽ هئي تنهن کي ڪو قيمتي تحفو ڏنو هئم، ڏاڍي لفظي جادوگريءَ جو ڀاڀوه سان... تحفو قبول ته پيو. پر جڏهن لفظن جو سحر ٽٽو تڏهن تحفو واپس نڪاءُ ٿي لڳم منهن ۾. واپس ڪرڻ واريءَ تحفي سان گڏ ڪجهه لفظ لکي ايمان ڪيو هوم. جو مون پاڻ کان به لڪائي ان باڪس ۾ بند ڪري ڇڏيو هو. لکيو هئين "تنهنجي امانت توکي واپس ٿي ڪيان، جو سچي مسلمان هئڻ جي حيثيت ۾ منهنجو به اهو ايمان آهي ته 'اسين جتان آيا آهيون اتي ئي موٽي واپس ويندا سين... اهي تحفا ته دنياوي بوجهه آهن روح تي... ختم ٿيڻ کان پهرين اهي بار لاهڻ ضروري ٿي سمجهان. ڪڏهن ڪڏهن مري ويل به هميشه لاءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زنده بڻجي ويندا آهن. ۽ ڪڏهن زنده هوندي بہ ماڻهو مئلن مثل پيانئبا آهن. هن جملي جي پهرين حصي جو هيل تائين مون سان ڪو تعلق ناهي رهيو. مرڻ کان پوءِ بہ ڇاڻان ٿي تہ اها ارپنا نصيب ڪانہ ٿيندم..."

دونهن جي مرغولن ۾ تصوير ٺٺڻ لڳي... تصور ٺٺي ٺٺي لفظ ٿي جڙڻ لڳا... لفظ! جن جو آءٌ سدا کان فنڪار هوس... منهنجا لفظ ڪنهن منهنجي ئي منهن تي ماريا هئا... ڪن وچڻ لڳم ڪنهن ڇتي قينئچيءَ جيان هڪ Scissor ڇيو هوم...

"تو تہ واڪا ڪري ڪري يقين ٿي ڏياريم تہ مان مصر جو ٢٠٠ سالہ نادر پيرامڊ آهيان جنهن جي مصوريءَ تي سندس خالق کي اتي جي بادشاهہ جو سڀ کان اوچو انعام مليو هو... تو تہ چيو هو تہ منهنجي وسعتن جو ڪم ڇيهہ ئي ڪونهي... مون جي حسن جي هر اها شيءِ سمايل آهي جا زندگيءَ جي هر پهلوءَ جي ضرورت آهي. تو چيو هو تہ تون زنده جاويد Pyramid آهين... مان پيرامڊ هئس يا نہ! پر تون گندگيءَ جو ڍير ضرور آهين... ڏيکاءُ لاءِ جو تو پاڻ ۾ ڪنول جا گل سجايا آهن تہ انهن جو سحر گهڻي دير هلي نہ سگهندءِ... تو ۾ خطرناڪ کان خطرناڪ زهريلا جانور ريگن ٿا ڏنگڻ لاءِ، تون ڪوبرا Cobraکان بہ ڪريل آهين جو هن جو وجود گهڻ ۾ گهڻ احتياط جي تہ علامت آهي... تون اندر جو رستم آهين ڪريل ڪتا مون کي پنهنجي پرواهہ ناهي. پر مان تنهنجون حقيقتون بہ لڪڻ نہ ڏيندس!"

لفظن جي ڏنگن واپس آڻي سمجهہ جي گود ۾ ڦٽو ڪيم. ۽ آءٌ سوچڻ لڳس تہ اهي سڀ چيزون ساجده جي ور چڙهي چڪيون آهن... ۽ مان... سڱ سوڌو جهلجي چڪو آهيان.

پر ساجده! ڏاهي ڏيڻ! ڪڏهن مک مان بکڻ بہ نہ ڏنو تہ ڪو چوري ڇپي پاڻ انهن واسينگن کان واقف ٿي چڪي آهي.

واقعي هوشيار آ... ۽ مون وانگر ذهين بہ!! شايد هوءَ بہ مون وانگر موقعي ۽ مهل جي مناسبت سان دلالت استعمال ڪرڻ جي ڏانءُ ڄاڻي ٿي... پر... پر... ڪٿي هوءَ بہ انهن چالن جي عادي تہ ناهي جيڪي آءٌ هلي چڪو آهيان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪٿي هوءَ بہ انهن گسن کان واقف تہ ناهي جيڪي آءٌ لتاڙي چڪو آهيان...

انومان ۽ انديشن، غصي ۽ ڪاوڙ وچان سگريٽ کي پير هيٺان اَٿي گهر ڏانهن روانو ٿيس... رات جا ۹ وڄي رهيا هئا. امي شايد پنهنجي روم ۾ هئي ۽ ساجده ڪاڏي جا ٿانوَ سميٽي باورچي خاني ۾ رکي اچي منهنجي پر ۾ ويٺي.

مون آواز کي درست ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر شايد ڪامياب نہ ٿيس.

”ماٽن کان موٽي آئينءَ؟“

”ها... توهان کي اميءَ ياد ٿي ڪيو“. هن سادگيءَ سان جواب ڏنو.

”ساجده هڪ ڳالهہ پڇانءِ...“

هوءَ چپ چاپ مون ڏانهن ڏسڻ لڳي...

”هر رشتي جون پنهنجون حدون ٿينديون آهن بڌءِ“.

”ڇا مطلب؟“

”انهن حدن کي اورانگهڻ جو مطلب سمجهين ٿي؟“

”مان... مان نہ سمجهيو“. هوءَ سچ پچ منجهڻ لڳي.

پر منهنجي اندر جي باهہ اُڀرڻ لڳي... سندس بي سمجهائيءَ واري نوع ۽ لهجي ويتر هٿي مچرائي وڌم...

چوهہ مان چيومانس ”تون چالاڪ آهين... ۽ مڪار آهين، مون کي تنهنجي وجود جي گهٽ‘کان اونهئين ڏاڍو پوءِ ٿيندو هو... پر اڄ خبر پيم تہ تون... ۽... تنهنجي ذهانت مون کي جيتي نہ سگهندي ذليل عورت!“ هوءَ پاڻ لاءِ ايڏا سارا لفظ ٻڌي سڏڪڻ لڳي... پلنگ تان اٿي وڃي صوفي تي ويٺي.

منهنجي لهجي جو زهر ايجان ختم نہ ٿيو. تيرڪش جو مناسب تير تہ هاٿي ڪڍيو هوم.

”تهذيب، اخلاق ۽ اهنسا بہ ڪا شيءِ ٿيندي آهي ساجده بيگم“. اتان سڏڪندي جواب ڏنئين ”مون ڇا ڪيو آخر...؟“ ”ان ريت ڪنهن جي غير حاضريءَ ۾ پرايون شيون ڦلورڻ ڪٿي جي شرافت آهي؟“

”مون کي ڪهڙي خبر تہ ڪو ان بئگ ۾ توهان جي تهذيب، اخلاق ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهنسا بند آهي... مون تہ..." هن هنجون هاريندي شايد مون تي چوٽ ڪئي...

مان پنهنجي آپي جو اهنڪار ان ريت برداشت نہ ڪري سگهيس. باهہ تي چيومانس "بس ڪر بي ايمان!... اهڙين چالاڪين سان مون وٽ گذر نہ ٿيندءِ... ڪوبہ مرد هڪ ذهين ۽ هوشيار عورت کي دوست بڻائي تہ فخر ڪري سگهي ٿو... پر زال بڻائي ڪڏهن بہ چين نہ پائيندو".

"پر... مان ڪهڙي هوشياري ڪئي توهان سان... مان تہ... مون تہ..." آواز جي زير و زير ۾ هن جا لفظ ٽٽي پيا!

"عورت هميشہ سادي فطرت جي ڀلي لڳندي آهي... پڌءِ مرد کي جيتڻ لاءِ ذهانت جو هجڻ ضروري ناهي... خصوصاً ذهين مرد کي..."

وڏيڪ ڪجهہ ڳالهائڻ چاهيم پر پاسي مان اوچتو سور اهڙي سَٽ ڏني جو پاسو وٺي ويهي رهيس الائي ڪهڙو نئون درد جاڳيو پاسي ۾... من جي پيڙا کان بستر تي پئجي لڇڻ لڳس.

هن جي سڏ ڪن ويتر هٽي بي ايمان بڻائي وڌم...

"تون چپ نہ ڪندينءَ... ساجده! منهنجي پاسن ۾ وَڍ ٿا پون!"

تڪليف جو پڌي هوءَ سڏ ڪڻ کي گهٽڻ لڳي. مون ڏانهن ڏسي منهنجي منهن مان پيڙا جو اندازو هٽي اچي اڳيان بيٺم... پڇيئين "توهان جي اميءَ کي وٺي اچان...؟"

"نہ ناهي ضرور".

"ڀلا... پاڻيءَ جي بوتل گرم ڪري اچان...؟"

"نہ، مون کي اڪيلو ڇڏ! منهنجو ساهہ ٿو وڃي سور کان!"

پر هوءَ پاڻيءَ جي بوتل گرم ڪري اچي منهنجي پاسي کان ويٺي. هوريان هوريان... منهنجي آزار کي آٿت اچڻ لڳي. پيڙا تي ڇنڊو پوڻ لڳم... ۽ الائي ڪيڏي مهل ننڊ پئجي رهيس!

صبح ساجهر هيڪر وري سور جي سياٽي اُيري. ننڊ مان ڇرڪي اٿي، پاسي کي هٿ ڏيئي ويهي رهيس. پاسي کي هٿ سان جهلي ساجيءَ کي اٿاريم. پر هي ڇا! 'سجو' تہ هنڌ تي هئي ڪانہ! هڪ مروٽيل ڪاغذ سندس ويهاڻي هيٺان پيو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ هٽ پاسي کي ڏيئي ٻئي سان ڪاغذ کوليم. لکيو هئين "چئو ٿا مان ذهين آهيان ۽ منهنجو توهان وٽ گذر نہ ٿيندو... ٿي سگهي ٿو توهان صحيح هجو. اهي ڏاهپ جا ڏنگ ڪٽي آءٌ هلي ٿي وڃان... مان اميءَ وارن جي گهر هرگز ڪانہ ويندس... ويل وٽ آهيان نہ... وري واپس نہ ايندس... زندگيءَ جا پيچ و خم ڪافي وسيع آهن... ڪنهن نہ ڪنهن پيچ ۾ گم ٿي ويندس. مون کي ڳولڻ جي ڪوشش نہ ڪجو!"

خط پڙهي پاسي جو سور چڏائي ويم. دل جهلي ويهي رهيس...

ڪجھ گهڙين کان پوءِ سامت ۾ اچي پنهنجي پوري قوت سان رڙ ڪيم"سا... جي! هڪ دفعو موٽي آ... 'سجو'... موٽي آ... " پر هي ڇا! سجو وات تہ رت ٿي ويم! امي ڊوڙي آئي... رت ڏسي روئڻ لڳي.

چيءِ "الائي ڪهڙي سگريٽ جو دونهون پٽ ٻنجي منهنجي پٽ جا پاسا جلائي ويو!... الائي ڪهڙي سگريٽ جو دونهون!!...

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قربتون ۽ فاصلا

”ڪڏهن ڪڏهن قربتون فاصلا وڌائي به ڇڏينديون آهن. تارن جي حُسن ته انهن کي پري کان ئي ڏسڻ ۾ هوندو آهي...“ هن چيو هو ۽ مان سمجهي ئي نه سگهيو هوس.

ڪيس پهريون ڀيرو پنهنجي سؤٽ فرزانه جي شاديءَ ۾ ڏٺو هوم. هوءَ معمولي شڪل ۽ صورت جي ڇوڪري هئي. منجهس ڪا به ڳالهه اهڙي نه هئي جا ڪنهن اوپري ماڻهوءَ کي متس ڪجهه سوچڻ تي مجبور ڪري ڇڏي. پر الائي ڇو سندس لباس ڪراچيءَ جهڙي شهر ۾ ڪيس منهنجي ڌيان تي آڻي ڇڏيو هو.

شاديءَ جهڙن هنگامن موقعن ڪان آءٌ هونئين ڏاڍو الرجڪ هوس... اهڙن موقعن تي هوندو ئي ڇا هي؟ هرويرو جو چرڪائيندڙ روشنيون ۽ آواز، مصنوعي چهرا ۽ لباس، اجايا رسمي ٺهڪ ۽ جملا! شخصيت ۽ سماج جا اهي ٻٽا ٻٽا روپ، اندر ڪجهه ٻاهر ڪجهه!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر هن شاديءَ ۾ مون کي ضرور شريڪ ٿيڻو هو، جو فرزانہ سان واعدو ڪيل هوم، چيو هُئين ”مِٽي ماٽي بہ آخر ڪا شئي ٿيندي آ. رشتن ناتن کي ڪڏهن ڪڏهن نڀائڻ لاءِ اگر ڪي بہ- چار ڪلاڪ قربان بہ ڪرڻا پون تہ ان ۾ ڪهڙو حرج آ.“ ۽ نتيجي طور چئن ئي طرفن کان گوڙ گهمسان جي هِن ميلي ۾، جتي ڀانت ڀانت جا ڪيئي ماڻهو حقيقت جي ڪوڪلائپ کان خائف ٿي وڏن وڏن ٺهڪن ۾ پناهہ وٺي رهيا هئا، ۽ مان گهرِيل، ڀاڻ کي سيني کان چنل ۽ ڌار محسوس ڪري رهيو هوس، ۽ جڏهن ڀاڻ تي ۽ ٻين تي جک ڪائي رهيو هوس تڏهن اوچتو مون هن کي ڏٺو هو. هوءَ مون کي ٻين کان تمام مختلف ۽ ڌاڌي اوپري لڳي هئي انتهائي معمولي ۽ سادي، بيحد قديم ۽ اَجنبي!

ڪانئس وڏي پڇيم ”توهان ڪٿان کان آيون آهيو؟“

’توهين‘ بہ پنهنجي عادت کان مجبور ٿي چيو هوم، ورنہ هوءَ تہ ’تون‘ ڪري ڳالهائڻ جي بہ لائق نہ هئي.

وراٽيئن ”مٺن جي دڙي کان.“ منهنجو ڌيان هيڪر وري سندس سراپي تي ويو... خاموش معمولي اکيون... سانورو رنگ، سوسيءَ جي سلوار، ڪچ پريل گج تي چولو ۽ لاک رتي اجرڪ!

شاديءَ جو هئو مُئو ٽريو تہ ڏٺم سندس هٿ ۾ ڪو رسالو هو.

”پڙهيل آهين؟“ پڇيو مانس.

”نہ“ وراٽيائين.

”پوءِ هي رسالو ڇو کنيو اٿئي؟“

”واءُ ڪرڻ لاءِ.“

شاديءَ جي ٻئي ڏينهن تي هوءَ ڌاڌي بي‌تڪلفيءَ سان گهر ۾ گهمي رهي هئي. فرزانہ کان آهستگيءَ سان پڇيم.

”اها پراٽي شئي ڪير آ؟“

چيئين، ”پري کان پنهنجي ماٽياٽي لڇ مان آ ۽ منهنجي سني دوست بہ آ“

”۽ خير سان بيڪار بہ آ.“ مون کلي آهستگي سان وراٽيو هو.

تنهن ڏينهن شام جو ڪنوار کي گهوٽ سوڏو هل پارڪ وٺي وڃڻو پيو هوم. گاڏيءَ جي آرسيءَ پويان نهار ڪيم تہ ڏٺم ڪنوار جي پاسي کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوءَ بہ تنبي ويٺي هئي. ان شام ڪيس ڏاڍي سوبر رنگ جي ساڙهي پاتل هئي، جنهن ۾ هوءَ ڪجهہ ڪجهہ سمارٽ ٿي لڳي. ڪيس ڏسي مون کي سندس وجود ڪجهہ ڪجهہ گوارا لڳو هو. جو پيانيم هوم تہ هن 'نئين جوڙي' سان آءَ ڪهڙو Enjoy ڪريان ها. هيءَ 'پراڻي شئي' پنهنجي وقتي وندر لاءِ مڙيئي چڱي ثابت ٿيندي محسوس ڪئي هئم.

هل پارڪ جون هوائون کائيندي ۽ ڪافي پيئندي مون هن کي ڪيترا دفعا ڳالهين ڪان ڇيڙڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هن چلڪڻ جو نالو ئي نہ ورتو هو. تڏهن مون دل ۾ سوچيو تہ مون کي منجهانئس اهڙي اميدئي نہ رکڻ گهربي هئي. اَڪن ڪان انب گهرڻ وارا بيوقوف هوندا آهن، ۽ مون بہ تڏهن پاڻ کي بيوقوف پانيو هو!

پوءِ الائي ڪهڙي ريت ڪو دلچسپ موضوع ڇڙيو هو. بحث ڇڙيو تہ هوءَ بہ کُلي پيئي هئي، اٿين جيئن سندوءَ جي پَوتر پاڻي جا بند ڀڳا هجن. هن جي گفتار ۽ خيالي پرواز پسي مان دنگ رهجي ويو هوس. حيرت کاڌي هئم ان 'پراڻي شئي' تي، جنهن ۾ ايڏو علم ۽ عرفان، ادب ۽ تهذيب جو اَٿاهہ درياءَ موجزن هو. ان گهڙيءَ هن آڏو مون پاڻ کي حقير ڪک جيان پانيو هو، جو سندس وهڪري جي آڏو لڙهندو ٿي ويو. پر تڏهن بہ لڙهندي لڙهندي مون سندس لاءِ عقيدت وچان سوچيو هو، هيءَ قديم شيءِ پنج هزار سال اڳ بہ تازي هئي ۽ سيان بہ تازي رهندي، وقت جي هر وک هن جي قدامت کي نواڻ ۽ تازگي بخشيندي ۽ هن جي جوڀن کي جياريندي. هيءَ شيءِ امر هئي ۽ اَمر رهندي. ماڪي جيئن پوءِ تيئن مٺي!

تڏهن پانيو هوم تہ هن جي مقابلي ۾ منهنجي زندگي تہ ڇڻ نوٽ ۽ بنجر ڌرتيءَ جي حصو هئي، جنهن کان سندس ريج رسي ويو هو، جنهن ۾ هيل تائين ڪو ساوڪ جو سلو سرجيوئي ڪونہ هو. سوچيم منهنجي حصي جا سلا وڃي انهن گسن تي اُپريا جت جت ان پوتر پاڻيءَ جا سهڪار هئا. پلا ريج بنا ڌرتي ۽ جوت بنا جيئڻ بہ ڪو جيئڻ هو!

اها سڄي رات آءٌ پنهنجي زندگيءَ تي سوچيندو رهيس هوءَ قديم شئي رکي رکي مون کي پنهنجي وجود جو احساس ڏياريندي رهندي هئي... اُنهي رات مون ڪيئي خواب ڏٺا هئا. (هر خواب ۾ مون سندوءَ جي سهڪار ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساوڪ جا سلا جن کي ڌرتيءَ ۾ جڙون ته هيون پر جن کان هيل تائين ريج رنل رهيو هو.) هر خواب ۾ مون چيٽ جي چانڊوڪيءَ ۾ اُميدن جا مور نچندي محسوس ڪيا هئا اُن رات!

صبح سوير نئين جوت سان جيئڻ جو عزم ڪري هُن جي گس وچي بيٺو هوس- خبر پيم ته هوءَ پنهنجي شهر وچي چڪي هئي. سندس وڃڻ جو ٻڌي هٿن مان ڪجهه ڇڏائيندي محسوس ڪيو هوم ۽ خالي هٿ متي ڪي ڏيئي آفيس هليو ويو هوس...

فرزانه کان پڇا ڪيم. آواز مان پائيم ته پاڻ ئي آهي تڪڙ مان پڇيم، "ڪٿان پئي ڳالهائين؟"

"مٺن جي دڙي مان."

پڇيم، "ڪيئن آهين؟"

وراڻئين، "في الحال متيءَ ۾ مبهوت آهيان." ايترو چئي هن فون رکي ڇڏي هئي.

ٻئي دفعي فون ڪيم ته هن فون ڪرڻ جو سبب پڇيو هو. چيم، "گهر ناهڻ لاءِ صلاح وٺڻ گهران ٿو، تنهنجي راءِ گهرجي."

جواب ڏنئين، "پل گهر ناهيو، چڱي ڳالهه آهي. ڌرتيءَ جي هر رهواسيءَ کي بنيادي جياپي جو پورو حق حاصل آهي."

مذاق مان چيم، "ته پوءِ 'جيئو ۽ جيئڻ ڏيو' واري اصول جي پيروي چاهيان ٿو... گهر ناهي ڏيندئين."

"نه مون کان ائين نه پڄندو."

پڇيم، "ڇو؟"

چيئين، "نندي لاءِ ٻين ٻارڙن سان جي ريتيءَ جا گهر به ناهيندي هئس ته سڀ کان پهرين منهنجا جهرندا هئا... سو هاڻي پنهنجو مونڊ ناهي."

"پر منهنجو گهر ته ناهي ڏي؟"

چيئين "آءٌ حالتن جي هٿان جهريل آهيان... مون کان ڪي به ڪين جڙندو..."

ڪجهه عرصي کان پوءِ ٻڌو هئم ته هن جي مڱڻي ٿي ويئي. صدمي هئي نهوڙي رکيم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيڪر وري فون تي ڪيس جهنجهوڙڻ جي ڪوشش ڪيم.

چيم، "مڱڻيءَ جون مبارڪون هجنئي." پر هن ڪو جواب ئي نہ ڏنو. چوٿهن مان چيم "منهنجي زندگيءَ جا تہ ليڪا لاهي ڇڏيئہ... پر هٿ فون تي منٽ منٽ جو ليکو ڏيندو آ، سمجهئين تڏهن بہ ڪو جواب نہ مليو. وري پڇيم، "چو مبارڪن جو جواب نہ ڏنئہ؟"

وراڻئين، "اسان جي تهذيب ۾ ڇوڪريون مبارڪون 'وٺنديون' ئي ناهن."

"تڏهن؟"

"ڏيڻ ۾ مزو آ... سو وٺڻ ۾ ڪهڙو!"

"تڏهن بہ پانيان تو خوش آهين؟"

"ها. آهيان تہ!"

هيڪر وري باهہ لڳم. ٻُڇان ڪائيندي چيومانس، "اهو تو وارو مڱيندو پڪ ڪو وڏو آفيسر هوندو؟"

جواب ڏنئين، "ڏس، ٻهريون لفظ واپس وٺ، باقي آفيسر ناهي."

"تڏهن پڪ ڪو عالم فاضل هوندو اهو تيس مارخان؟"

چيئين، پويون لفظ واپس وٺ، باقي عالم فاضل ناهي،"

"تڏهن پوءِ قبوليئہ ڇا لاءِ؟"

"منهنجن پنهنجن مان آهي."

ڏک وچان چيم، "تون پڙهيل ڪڙهيل ٿي ڪري اهي رواج نہ ٽيجي سگهين؟"

"...ٽيڄڻ جون ٻين کي صلاحون ڏيندي آهيان، باقي پاڻ ٽيڄڻ جي همت ڪانہ هيم."

۽ پوءِ ٻڌم تہ ان 'پراڻي شئي' تي ڏاڍي اهتمام سان قديم ريتن جي هڪ ديوار ڪري پئي هئي ۽ هو، ان ۾ ڏٽجي ويئي هئي تڏهن هيڪر وري مون کي ساڻن اميدن جا ساوا سلا سڪندي محسوس ٿيا هئا. ۽ هيڪر وري مون سنڌوءَ جي سهڪار لاءِ واجهايو هو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

١٩٦٧ع، ١٩٦٨ع ۽ ١٩٦٩ع

ڀنڀور... ڀنڀور

ڪيڏو ڪريهہ ۽ ڪربي ڏيندڙ نالو رکيو هئين منهنجو! اڄ بہ ڪڏهن ويرانن ڪي واسيندي ڀنڀور ڏسيو ڀنيلجيو پوان، پاڻيءَ جو گلاس ڀري جهٽ اچيو چنبا ڏيانس. پر ڏک اهو تہ... پاڻيءَ جو قطرو بہ مٿس پئجي نہ سگهندو آهي. هو هڪ رخ تان پاڻي ڏسي مخالف رخن ڏانهن ڀٽڪيو وڃي.

(ياد اٿئي تون چوندو هئين هي بہ توجيان هوڙهہ آهي.)

هڪ لڳان الائي ڪنهن ڪان ٻڌم هئم تہ ڀنڀور ۾ تنونس ڪان مٿل ماڻهوءَ جو روح آهي، هن جي ڀون ڀون ۾ ڀٽڪيل ڀاونائن جي گونجار آهي، ان ڪري هن ڪي پاڻيءَ جو چندو ڏبو آ، جو هن جي آتما تڏي ٿي پنهنجي ماڳ ڏي موٽي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو ٻڌي مون کي الائي ڪيڏن وهمن ورايو هو ۽ الائي ڪيترا پيرا چيو هو مانءِ "مون کي پنئور نہ ڪونيندو ڪر ڪامريڊ. منهنجو چڱو چوکو نالو پنيور حيدر زمان آهي." منهنجي چهري تي پوڄا ڀاو ڏسي چيڙائڻ لاءِ چوندو هئين "... پر اهو نالو بہ نہ اسان جي تاريخ جي اڻ مٽ الميہ جو يادگار آ... پنيور کي باهہ لڳي هئي، سسئي سورن جو ڪشٽ ڪاٽيو هو....... نتيجي ۾ ڪيس ڪجهہ نہ مليو، سواءِ تاريخ ۾ نالي جي." ۽ توکي تہ اهوبہ نہ ملندو يار (منهنجو ايڏو مردانہ انداز تخاطب ان ٻيبا ڪيءَ سان مون کي ۽ سيني کي ڪيڏو وڻندو هو.) جو تون آهين معمولي درجي جو هڪ عام ماڻهون ۽ مرندئين بہ بنهہ بوگس انداز ۾- پوءِ پل تون سسئيءَ جيان سور سهين، پنيور جيان باهہ جهلين." هلڪي شرارتي نوع وچان تنهنجي چپن جون ڪنڊون ۽ اکيون مرڪڻ لڳنديون هيون. آئون وچان ڳالهہ ڪپيندي هئس. "الا ايڏي بدخواهي علي- ڪشٽ بہ ڪٽجي ۽ نالو بہ نہ ملي. جڏهن تہ اعزاز ئي سهي پر نالو ملندو ضرور آهي..."

"ملندو ضرور آهي... پر توکي نہ ملندو. اسپيشل ڪيس هئڻ جي حالت ۾، ان شخص وانگر جنهن خودڪشي صرف اُن ڪري ڪئي تہ سندس نالو ڪنهن بہ صورت ۾ بهرحال اخبار ۾ اچي.... ويچاري جو ذڪر واقعي آيو تہ سهي اخبار ۾، پر ڪجهہ ان ريت تہ گمنام شخص جو لاش لڌو ويو ۽ چهري جي سڃاڻپ تي نہ سگهي ..."

"نہ سائين نالو ملندو ضرور. انهن کي بہ جيڪي هڪ دفعو مڪتي پائي تا آزاد تي وڃن ۽ انهن کي جيڪي مسلسل ڪيفيت جو هميشہ بنواس ڀوڳيندا رهن.... گوتم نہ سهي، در ڀٽڪڻ وارو ڀڪشوئي سهي."

"پر بس تہ پنهنجو پروگرام ڀڪشو ڪان وڌيڪ نہ بنائجانءِ."

"چڱو... پنهنجو پروگرام ڪيئن اٿئي پلا؟"

ورائيءِ "فس ڪلاس- ڪينسر جو موت ۽..."

"الله ڪري..."

"نہ... الله نہ ڪري علي"

تنهنجو ضد "الله ڪري..."

تنهنجا گهڙيءَ گهڙيءَ ورجايل اهي جملا ۽ اهڙا الائي ڪيئي اڄ بہ ڪنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نوزائيده جي ڪنن ۾ اذان جي آواز جيان لاشعور ۾ ڳتيا پيا آهن.

▲ ▲ ▲

جيتوٽيڪ يونيورسٽيءَ جي آخري ڏينهن ۾ مون توکي الائي ڪيڏي اعتماد سان چيو هو"مون توکي وساري ڇڏيو آهي."

ڪينٽين جي ان ڪنڊ ڪي جتي روز ڪلاس Attend ڪرڻ کانپوءِ الائي ڪيڏيون بي ربط ڳالهيون ۽ چريا نظريا ڇيڙيندا هئاسين- آڪاش تي اڪريل تيڙوءَ جي ان تمڪي ڪي، جنهن جي شاهدي پريندي هڪ لڳا توشميءَ آڏو چيو هو. "نه هي ڪڏهن تتندو ۽ نه اسان ٺي ڪڏهن ڇڇنداسين ان ساڳيءَ Identification ڪي، جنهن ڪري ٻئي هڪ ٻئي جي ڪري سيجاتا ويندا هئاسين... بقول ڪنهنجي "يونيورسٽي ڪئمپس ۾ ڪنهن کان به پڇ تي 'علي ڪهڙو'؟ جواب ملندو 'پنيور. وارو' پنيور ڪهڙي؟ چوندا 'علي واري'"

آئون ته اڄ به چوان ٿي ته مون توکي وساري ڇڏيو آهي. توسان گڏ هر ان رستي ڪي به جتان پنهين جو گذر ٿيو به هو ڪڏهن.

پر عبادت جي ختم ٿيڻ سان معبود جو خيال ختم ٿي به سگهي ٿو؟

ڪڏهين ڪڏهين چپ چاپ هلندي هلندي- يادن جي زنجيرن ۾ جڪڙيل قيديءَ جيان من جو تيڙ ڪائي هيٺ نهاريندو آهي؟ عام ماڻهوءَ جيان دل سيني جي بدران پيرن ۾ چو ڌڙڪندي محسوس ٿيندي آهي؟ ائين جو من وک وک تي ٿڏو ڪائي هيٺ نهاري، خاموش گذرگاهن تان يادن جي مٽيءَ ۾ پوريل ڪي پراڻا ڪليسا جا ڪنگرا ۽ مندرن جا ڪلس پيرن جي ٺوڪر سان منهن ڪري رڻندا محسوس ٿيڻ لڳن ۽ دل ڪين بي حرمتيءَ جي خيال کان آزار جي ڪٽي من جي ڪنهن سڀ کان اوچي تختي تي سانيي ڇڏڻ چاهي- اضطراب جي ڪنهن انوکيءَ ڪيفيت سان، عبادت جي ڪنهن بي نانءُ سلسلي لاءِ.

چو، منڪر بنجي به ماڻهو پنهنجي ساهه ۾ ايڏا سومنات سانيو هلي؟ چو؟ ۽ وري هر ياد جو پنهنجو بت. هر بت چئي آئون بادشاه.

▲ ▲ ▲

الائي ڪيئن توکي وساري ڇڏڻ جو چيو هوم، جڏهن ته ايندڙ وقت جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر سمبل، علامت ۽ اشارو، ويندڙ وقت جي پيرن ۾ پنجوڙ بنجي، ان کي، جيئن هو، تيئن ئي بيهاري بيٺو آ. صدين مان هڪ ساعت بہ جيڪڏهن پاڻ ميڃائي پنهنجي جاءِ والاري، تہ اها اهم آهي. هتي تہ پل پل جا ليکا قلب جي ڪوڊ بڪ ۾ درج آهن، جي ڪاغذ تي ڪري زمان ومڪان ۾ محفوظ ٿيڻ چاهين ٿا. پوءِ انهيءَ کي پل ڪنهن ڪهاڻيءَ جو نالو ڏجي نہ ڏجي، محض ڪا ياد سهي، ڪو مرثيو، روداد يا ڪو انشايو ئي سهي. ياد اٿم تون چوندو هئين، ”ڪهاڻيون اڪثر جنس، مان جنم وٺنديون آهن. تڏهن: جڏهن بہ جسمن مان هڪ مرد جو ماسڪ پائي ۽ ٻيو عورت جو. ملندائي پاڻ ۾ ڪهاڻي جي تخليق لاءِ آهن. آئون پڇندي هئس، ”۽ اسان جي دوستيءَ تي بہ ڪا ڪهاڻي سرجڻ لڳي تہ پوءِ؟“ علي، تنهنجن انهن لفظن جي پؤ ڪان ڪڏهن بہ قلم جي ذريعي توسان مخاطب ٿيڻ جي ڪوشش ڪانہ ڪئي اٿم. ڪٿي واقعن جو تسلسل گڏجي ڪا ڪهاڻي نہ گهڙي وجهي. جيتوڻيڪ پاڻ کي ماضيءَ جي بار کان آجو رکڻ لاءِ قلم هڪ بهترين پناهہ گاهہ آهي. هن جيءَ نوڪ سان ڪڏهن ڪڏهن جا واقعا ڪٿان ڪٿان سيري سريڪا ڪري، هڪ هنڌ رکڻ سان جڻ سالن جيءَ پيڙا کي پهو اڇيو وڃي. ڪن پل لاءِ ئي سهي ماٿهو ڪرسيءَ کي ٽيڪ ڏيئي اکيون پوري پير پٽاري سگريٽ جي هڪ ڊگهي ڪش سان اونهون ساهہ تہ کڻي سگهي ٿو.

ڪوئي چاڻي تہ سهي تہ ساهن جي اونهائيءَ ۾ بہ يادن جو ڪيڏو نہ افسوسناڪ الميو لڪل آهي!

جڏهن تہ ميڃان ٿي تہ جن حقيقتن کي ماضيءَ مان جهبي حال ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم، انهن ۾ جذبن جي اها رنگيني ناهي، جا تحرير کي زندگي بخشي ٿي. زندگي! جنهن پاڻ کي تحرڪ ۾ رکڻ لاءِ هميشہ محبت ۽ اتساهہ جو ٻارڻ چاهيو آهي- جسماني گرم سگريءَ جو بيحد جهيڻو ۽ منو ٻارڻ، جنهن تان مختلف نوعن جي الڳ الڳ عنوانن سان ڪهاڻيون پچي تيار ٿين ٿيون.

هتي تہ علي بہ پري پري تائين سوچن ۾ سُج ونل آهي اتساهہ جا رتوڃاڻ لاشا پري پري تائين ٽنگيا پيا آهن ڪربلا جهڙي اهڙي ڪارزار ۾ گرم سگرين جو تہ سوال ئي ڪهڙو؟ چارهاڻين ٺڏين سگرين کان جذبي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي گرم رنگيني ۽ اتساه جي اميد ئي ڪهڙي؟

تنهنجا منهنجا واقعا جوڙي جي قلم بند ڪريان به ٿي، ته سوچيان ٿي نام ڪهڙي سان.

پانيان ٿي جن بينام لڳاون تي ڪنهن رشتي جو ليبل چسپان ٿي نه سگهي، اهي بينام لڳاءُ دلين مان نڪري صرف فضائن ۾ وڪري وڃڻ لاءِ هوندا آهن، قلم سان پڪڙي ڪاغذ تي ڪيرائڻ لاءِ هرگز نه. پر اڄ الائي ڇو! پراڻي الماريءَ ۾ سالن کان پوريل هي ٿي ڪتاب ڏسي ڪتان ڪتان جا ساروڻا پاڻ ئي ترتيب وٺي سلسليوار بنجندا وڃن. شايد ڪنهن موضوع جي تخليق لاءِ، اڄ اهي ئالن کان واجهيل ناتا، جن کي زمان ومڪان جي امان نه ملي، قلم جي صليب تي ٽنگجڻ جو حق گهري رهيا آهن!

صليب! اننت منزل جو واحد Via!

▲ ▲ ▲

آتما جي آتما کي اجهل چمڪ، دوستي ۽ اعتبار جو آڌار، Ideology جو Ideologyسان ميل، شڪتيءَ جو شڪتيءَ کي بي آواز سڏ- بيوقوف هٿاسين علي، جو پانيوهوسين ته انهن بي نانءَ رشتن جي آڌار جيئڻ جو جواز لهي وٺنداسين. انهن بي نانءَ ناتن لاءِ ڪو دليل هو، ته صرف ايترو ته خدا جي خدا ئي به ته مٿس اعتبار اعتماد جي ڪري قائم آهي. نه ته ڪيس اکين سان ڏسي ڪنن ٻڌي ۽ هٿن سان ڇهي ڪنهن ڏٺو آهي؟

چنڊ کي ڇڏي چاندوڪي جو اعتبار، گلن کي ڇڏي صرف خوشبوءَ جي جستجو، شيءِ کي ڇڏي صرف شڪتيءَ ۾ پناه ڳولهڻ، ڪيڏي وقت کان اڳ جي انڌي Ideology هئي اسان جي!

هڪ ٻئي جي خوابن ۽ گمانن تي اعتبار.

”رات خواب ۾ مون توکي مرندي ڏٺو پنيور. پوءِ کان سڄي رات سمهيم ئي نه.“ ياد اٿئي ڪينٽين جي ڪنڊ ۾ چانهه جو چسڪو پريندي تو چيو هو. منهنجي اکين جا تارا حيرت کان ڦهلجي ويا هئا.

”حيرت آ علي، تڏهن مون رات توکي رئندي ڏٺو خواب ۾.“

”فرض ڪر جي واقعي ائين ٿئي، ته تون ڪيئن ملهائين منهنجي موت کي؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"پهرين تون ٻڌاءِ تون ڪيئن مليهائين؟"

خود غرض ٿي هڪٻئي جي اذيت جو اندازو هڻڻ لاءِ ڪيڏا بيوقوفيءَ جا سوال ڪندا هئاسين!

"نه، پهرين تون ٻڌاءِ."

تو ڏکهو ساهه کڻي پنهنجي جسم کي ڪرسيءَ تي ڍرو ڇڏيندي چيو هو "فورن مري نه ويحان. پر خبر ٻڌي پهرين سراپجي ويحان. جيڪڏهن يونيورسٽيءَ ۾ هجان ته پوءِ هوريان هوريان هن ڪينٽين جي ڪنڊ تائين جيئن روز ايندا آهيون تيئن اچان. ساڳيءَ طرح چانهن جا ٻه ڪوپ گهرايان. پوءِ هاسٽل ۾ تنهنجي روم تائين اچان. روم تائين ايندي تنهنجي ياد جو گهڻو حصو رستي جي هنن ٻنهين پاسي پٿرن ۾ پوريندو اچان. پر جي تون ياد اچڻ لاءِ زور پرين ته آئون T-V تي ڏيڪاريل ان ٻارڙي جيان اکيون زور سان ٻوري، ڪنن ۾ زبردستي آڱريون وجهي چوان هينئر مون کي ڪوئي ياد نه پيو اچي، هينئر مون کي ڪوئي ياد نه پيو اچي، ياد اٿم ڳالهه ڪندي ڪندي اضطراب وچان تو عينڪ کي ايڏو زور سان ڀيٽو ڪيو هو، جو هڪ ٺي سٽ سان ٻن حصن ۾ ٽڪرا ٿي وئي هئي.

علي، اڄ سوچيان ٿي. ڇا ڪينٽين جي اها ڪنڊ، جنهن تي اسان ڪان سواءِ ٻيو ڪير ڪڏهن نه وينو، لئبريريءَ جا مقدس ڪتاب، سال ٦٥ع کان ٦٩ع تائين جا شاگرد، ڊپارٽمينٽ جا استاد جي اسان جي سٽ ۽ ساٿ جا ساکي هئا، اسان جي وجود کي وساري سگهن ٿا؟

ڪير ٻڌائيندو انهن سيني کي ڪائنات جي سڀ کان اهم قضئي متعلق، ته دوستي اسان جي ختم ٿي وئي. بقول ڪنهن جي 'دوستي هئي اسان جي' جڻ دوا جي بند ڪا شيشي، جا آغاز جي تاريخ ۽ Exp- date سان ختم ٿي وئي،

هي ٿي ڪتاب، جي مٽيءَ جي جزدان سان لٽيا، الائي ڪڏهوڪو الماريءَ ۾ سٿيا پيا آهن، مٽيءَ کي چنڊڪو ڏيئي جلد جو ورايو اٿم، ته اڏريل اڏريل رنگ جي مس سان، تنهين ڪتابن تي، هينان تنهنجيءَ صحيح سان ڦڪا ڦڪا مرٿينگ لفظ اٽڪيا پيا آهن. ٽن نون سالن جي آمد تي ٽي عظمتن جا امين. سال ٦٧ع، ٦٨ع ۽ ٦٩ع جا. ائين ناهي ته ٦٨ع کانپوءِ سال

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٦٩ع نـ آيوءِ وقت بيهي رهيو. پر باقي ڪتابن جا تحفا تنهنجي نئين چوندبيل پيار جي چڪيا جو ٻارڻ بنجي ويا.

سال ٦٧ع جي ڪتاب تي لکيل آهي، "ٻن هارايلن کي هوئڻ بـ هڪ ٻئي سان عجب چڪ محسوس ٿيندي آهي- ائين جئن چٽي ويل ريل جا ٻـ ساڳيا مسافر... اسان بـ ٻانڻ ۾ ائين آهيون."

هيٺان تنهنجو نالو، تاريخ ١ جنوري سال ٦٧ع.

هيو ڪتاب سال ٦٨ع جو لکيل آ "ڪنهن اڃاتل ساڳئي سفر جا همراهي، ٻـ انڻ پورا وجود، رخت سفر ساڳئي سان. اضطراب ۽ بيچينيءَ ۾ هڪ ٻئي جا همنوائي. پيڙا ۽ پڙلائن ۾ ٻنهين جو هڪ جيترو حصو. ڌار اڪين سان ساڳي پرور."

ٽيون ڪتاب ٦٨ع جو. هلڪي مزاحيہ انداز ۾ خلوص جي اظهار خاطر لکيل آهي، "تنهنجي صرف هجڻ جو ئي احساس دل جي ڌڙ لاءِ امام ضامن آهي دل جي سهاري لاءِ ايمان جي انشورنس پاليسي..."

دل چوي ٿي اهي لکٽيون پڙهي کلان، بيطرح کلان- ايڏو جو اندر جي اَنڌ مانڌ لوڇ پوچ ڇن ڪنڌ پاڻ ئي سڌڪي سڌڪي سڪرات جي آخري سمي جيان ساٿي ٿي پوي. تون جي سامهون هجين تـ اها کل ٻڌي ڪامين وڃين. ڌندن سان ڇپن جون ڪندون چڪڻ لڳين. هميشـ جيان اهو ساڳيوئي جملو ورجائين، "ايڏو سڪون پڪ تو ڪٿان سمگل ڪيو آ! نـ تـ ايڏي آٿت عام حالتن ۾ ڪهڙو شريف ماڻهو Afford ڪري سگهي ٿو."

آئون سدائين ساڳيو جواب ڏيانءِ، "چڱو شريف نـ سهي پر سرندئي سهي مون ڪانسواءِ؟"

اهوئي تـ ڏک آ جو نـ ٿي سري. اسين ڪجهه بيڪار شين جو پاڻ کي عادي بنائي، انهن ڪانسواءِ پاڻ کي جڻ اڌو گابرو محسوس ڪرڻ لڳندا آهيون. نـ تـ شين ۾ ڪا خصوصيت نـ هوندي آ، جئن تو ۾ ڪا خصوصيت ناهي. بقول غازيءَ تـ "محبت مڪمل شخصيت سان انهن جي خامين جي باوجود ڪئي ويندي آ."

▲ ▲ ▲

ٽيئي ڪتاب سامهون پيا اٿم ۽ تنهنجا جملا اڏريل اڏريل رنگ جي مس سان مرٽينگ انداز ۾ لاش سمان جڻ ڪاغذ جي ڪفن ۾ ويڙهيل ڪتاب،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ڏرتيءَ ۾ امام جيان محفوظ پيا آهن.

دوستي، اعتبار ۽ اعتماد ختم ٿي چڪو آ ۽ لفظ اجا محفوظ رهيا آهن.

الائي ڇو اسين وقت کان اڳ ۾ ئي ڪنهن ڪنهن ڪي دل جا دائمي سهارا ۽ ايمان لاءِ انشورنس پاليسيون سمجهندا رهندا آهيون! الائي ڪهڙا ڪهڙا ايمان جا ضامن ۽ عقيدن جا نـا خدا جوڙيندا رهندا آهيون. جڏهن تـ خبر اٿئون تـ ضمانتون ضبط ۽ پاليسيون Lapse بـ ٿي ويندون آهن.

دريا پنهنجي دوار، هوائون پنهنجي رخن ۽ مندون ساڳين ماڳن تي هلي هلي رخ بدلائي بـ ڇڏينديون آهن. دلين ۽ درياهن جا هوئڻ بـ ڪهڙا ڀروسا! هوئڻ بـ انسان ۽ سندس فطرت ۾ ڪو ڪلارڪ ۽ ڪرسيءَ جهڙو رشتو تـ ناهي، جي هميشہ هڪ ٻئي کي چهٽيون اچن. ڪڏهن بـ، ڪوبـ واقعو، سال گهري سٽل جذبي کي جاڳائي زندگيءَ جي رخ کي موڙي بـ سگهي ٿو. نظريا ۽ اصول، قول ۽ فعل بدلائي بـ سگهي ٿو.

حالتن سان گڏو گڏ وقت وقت جي ڳالهہ آ. جڏهن وقت جي ڪنجي حالتن جي تالي ۾ گهمي، تڏهن خبر پيئي تـ ڏار اڪين سان ساڳي پروڙ رکڻ وارا هٿا تـ ٽريفڪ جو برابر ساڳيوئي سگنل، پر ٻـن مختلف[Indicators] سان. علي، تو ٽنڻ وقت ساوا رنگ چوندئا ۽ مون کي حصي ۾ زرد روشني ملي، جتي جيون جي هر هلندڙ گاڏي اچي بهي رهندي آ. تون اڄ اپ ۾ اڏامندڙ آزاد پنڇي آهين، اوچاين تي آڪيرو اڏڻ وارو منهنجو واهيرو بـ آهي تـ سهي، پر ڌرتيءَ جي اونهاين ۾. عام ماڻهوءَ جيان پنهنجي واهيري تائين رسڻ جي آس اٿم. منهن ۽ مٽي سان ڌرتيءَ کي کوٽڻ جو ڪشٽ.

چوندا تو بـ ڪئي ۽ مون بـ. ڪامياب تون بـ آهين ۽ آئون بـ. فرق هڪڙو آ، جو تون ڪاميابين سان نباهي هڪڙو دفعو سرخرو ٿي وئين ۽ اسان بـ پستين جي ميدان ۾ پيڙائن جي ساٿ سان Long March ۾ ڪجهہ نيائي آياسين، ڪجهہ نيائي ويندا سين. ان ۾ شاباش ڏيڻ جي ڪا ڳالهہ ناهي، جو ڪامياب تون بـ آهين ۽ آئون بـ.

مسئلو صرف جسم جي جيئڻ مرڻ جو هجي ها تـ ماڻهو اهڙا بنواس نـ بـ ڀوڳي ها، ڪا ٿڌي ڪند وني سمهي رهي ها سڪون سان. پر هتي تـ اڻ تر Ego جو سوال هو ۽ مون سان تـ خوش نصيبيءَ سان هميشہ اها

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽريجڊي رهي آ. جو جذباتي ڏي وٺ ۾ منهنجو هٿ هميشہ کان اوچو رهيو آ. ڪڏهن بہ منگتن جيان سڪ جي خالي ڪشتي کي محبت ۽ دوستيءَ جي سڪن خاطر ناهي ڦهلايو (دراصل جي جذبا توکان هميشہ Command سان مليا، انهن لاءِ Demand جي عادت جو نہ هئي.) آخر ۾ هٿ ڦهلايان ها مان تو آڏو- جنهن کي دوست ميجيو هوم پنهنجي سچي ساري وجود سان. ڪل ايندي اٿم جڏهن ڪوئي چوندو آهي تہ منهنجي دل ٽٽي پئي، پلا دوستيءَ جي عظيم ڦهلاءُ کي جسم جي صرف عضوي تائين ڪيئن محدود ڪري سگهجي ٿو؟ صرف دل تائين؟ صرف دماغ تائين؟ صرف شهہ رڳ تائين؟ ڌرتيءَ کان آڪاش تائين جي ڦهلاءُ کي جسم جي ڪنهن هڪ حصي تائين وابستہ ڪري، ان کي ڪنهن نواڻ جي ڪُنجيءَ سان محض افتتاح جي شوق خاطر ڪٽي ڇڏڻ! اها هئي تو پاري مصلحت پسند مشهوريءَ جي شائق عقلمند جي ڪيڏ. حالانڪ تو مون کي ’اڳرائي ڪندڙ‘ جو الزام ڏنو هو.

اسان تہ هميشہ وک وک ڪري منزل جو سفر طئي ڪيو، ۽ ماڳ ڏسي پلاند چندي پري بيهي رهياسين. پريل بازارون پاڻ بنائي، پنهنجي لاءِ پڳڙا چوندي چپ ٿي وياسين. اها منهنجي تياڳ پسنديءَ جي انتها هئي، جو تو هڪ لڳان اسان جي دوستيءَ جي آخري ڏينهن پنهنجو نٿون فيصلو ٻڌائيندي چيو هو، ”هڪ ٻئي جي پناه ۾ ان ريت پنهنجي ڪمزورين جو اعتراف ڪرڻ تہ اسان کي ڪمزور ڪري ڇڏيندو. اَڄ تہ هڪ ٻئي جي ذات کان ٽورو آجو ٿي، ڪجهہ دنيا سان گڏ هلڻ بہ سکون.“

”ضرور...“ مون کي ڪٿي اعتراض هو!

هڪ نقطو- هڪ زاويو، جتان شڪست خورده قنوطي شخص مرڪندڙ فاتح ماڻهن کان پنهنجا دڳ الڳ ناهڻ شروع ڪندا آهن. جتان آس نراس، سراب ۽ شادابيءَ جا رستا الڳ ٿيڻ شروع ٿيندا آهن. اسان ڌار ٿياسين ان نقطي تان.

سوچيان ٿي، ڇا ڪهاڻيءَ جو آغاز آئون ڌار ٿيڻ کان ڪريان. جڏهن تہ وڇوڙن کان پوءِ ڪهاڻيون سرجنديون نہ پر مرجهائجي وينديون آهن. پوءِ ڇو نہ ٽورو وصل جو ذڪر ٿي وڃي!

يونيورسٽيءَ جي پهرين ڏينهن... ها، شايد پهرين ڏينهن ئي تو سان

ملاقات ٿي هئم. اهو ڏينهن شايد منهنجي نيڪ نصيب (جيڪڏهن منهنجي حصي ۾ ڪا نيڪ نصيبي هئي تہ) ڏينهن مان هو، جو بابو بہ ساڻ هئم. نہ تہ بابي جو ساڻ هجڻ تہ ڪڏهن خواب ۾ بہ نہ سنيريو هئم. بابي الائي گهڻيون شاديون ڪيون، پرجو ليکو ذهن ۾ واضح اٿم- اهي جن جا نڪاح باقاعدي رجسٽر ٿيل هئا. پر انهن ٻن مان بہ پهرين زال سان پاڻ نہ نڀيو. ٻي ساڻس نہ نڀي (جا شايد منهنجي ماءُ هئي.) اهڙي ريت ٻي ربط ڦيٽن سان هلندڙ گاڏي نہ پاڻ نڀي هلي، نہ مسافرن کي ئي صحيح دڳ لائي سگهي. ٻي ماڳ پٽڪندڙ مسافرن جيان اولاد جنهن کي جيئن آيو تيئن پنهنجي وت ۽ وقعت آهر ٻي مقصد اسٽيشن تي لهي پيو. هاسٽل جي ڪنڊ اهڙي سمي مون لاءِ چڻ دارالامان بنجي ويئي. هوئنن بہ اهي مسافر جن جي منزل جو ڪو خاص تعين ٿيل نہ هجي، خلوص ۽ پيار جي ننڍڙي ننڍڙي اسٽيشن تي پنهنجي ساهہ جو سمورو سامان ويڙهي هيٺ لهي پوندا آهن. اهڙيءَ حالت ۾ تنهنجو خلوص ۽ سهڪار تنهنجي ئي لفظن ۾ دل جي ڏيڍ خاطر 'امام ضامن' بنجي ويو.

بقول ڪنهن جي غمن کي واقعي پنهنجون گهرايون آهن. حالتن کان مار کاڌل هارن جيان اسان هڪ ٻئي جي گهرائيءَ ۾ ايئن سرچي وياسين، جو ٻئي ڪنهن رشتي کي سلهاڙڻ جي گنجائش ئي نہ رهي.

يونيورسٽيءَ ۾ گهڙندي ئي بابا توکي چيو هو (جو ڳالهين ۾ خبر پئي تہ تون نہ صرف منهنجو ڪلاس فيلو پر بابا جي مرحوم دوست جو پٽ بہ آهين ۽ پنهنجي پيءُ جي ٻي وقتي موت کي خراب حالتن جي صورت ۾ ڀوڳيندو آيو آهين.) "پٽ پيڻ جو خيال ڪجانءِ هيءَ نئين آهي ۽ هر شيءِ دير سان سمجهہ ۾ ايندي اٿس. آئون Busy رهندڙ ماڻهن مان آهيان. البت چيڪن موڪلڻ ۾ دير نہ ڪبي."

بابو واقعي هميشہ جيان چيڪن جي حد تائين ياد رکي جئن ويو تہ وري نہ وريو.

پر تو بہ بابي واري لفظ 'ڀيڻ' جي ڪڏهن تائيد نہ ڪئي. بقول تنهنجي- "ضروري آهي ڇا تہ رشتا ۽ وابستگيون ضرور ڪنهن نہ ڪنهن نالن ۾ ئي ورهايون وڃن- پاءُ ۽ ڀيڻ جو رشتو، عاشق ۽ معشوق جو رشتو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زال ۽ مڙس جو رشتو. ڇا ان کان علاوه ٻيو ڪو به رشتو ممڪن ناهي؟ دوستيءَ ۽ اعتبار جو، ذهن جو ذهن سان هم آهنگيءَ جو. اهڙو رشتو جنهن ۾ نه ڪا ڪهاڻي سرجي، نه منزل ملڻ جي تانگهه ٿئي ۽ نه ئي وري چاشنيءَ وارو اهو چاهه، جو جسمن جي لمس مان پيدا ٿيندو آهي. اهڙا نالن کان وانجهيل ناتا عظمتن جا امين آهن- ان کان سواءِ باقي رشتا وودڪا جي اثر کان ٻي ستي وقتي وهنوار جي وندر آهن، باقي ڪجهه به نه.

▲ ▲ ▲

ڪتابن جا ٿهڻا هٿن ۾ جهلي ٻانهن تي ڪارا ڳاؤن لڙڪائيندي، ٿڪل ٿڪل رستي تي پيل پٿرن سان ٺڏن جي ريس ڪندي، اسان حيات جي ڪيترن ئي رهجي ويل خالن کي هڪ ٻئي جي هام سان پري ڇڏيو هو. تون حيات جي ناگزير حالتن کان پريشان هئين ۽ مون کي زندگيءَ جي گذرندڙ پلڪن پريشان ڪيو هو. ضرورت مند تون به هئين ۽ آئون به. هڪ ٻئي جي حاجت روائي، ڪنهنجو ڪنهن تي احسان نه هو. مشڪل ڪشائيءَ جي لمحن ۾ ٻنهين مان ڪنهن هڪ به نه سوچيو ته سڪون جو هيڏو سامان جنهن شخص مان مون کي ملي ٿو، سو ڪو اتفاقن Apposite sex رکي ٿو.

ياد اٿئي جنهن جاءِ ۾ اوهين رهندا هئا ان تي هلندڙ ڪيس جي ڪري تون اڪثر پريشان رهندو هئين. ڪيس کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪافي وقت ۽ پئسي جي ضرورت هئي. تون اڪيون پوري ڪرسيءَ کي ٽيڪ ڏيئي ٿڪل لهجي ۽ افسرده نوع ۾ چوندو هئين، ”سڄي رات سمهيو ناهيان. سوچيم ڪيئن صبح ٿئي، جو توکي اچي ڳالهه ٻڌايان. تو ٻڌايو هو ته ڪاغذي ڪارروايون ٿائين اوهان ڪيس کٽي ويندا آهيو. پر مخالف ڌر امين کي وڏيون وڏيون رقمون ڏيئي ڪيس پنهنجي حق ۾ ڪرائيو وڃي. تنهنجيون اوجاڳي کان ٿڪل اکيون شڪيت ۾ ٻڏل هونديون هيون.“

”سمهڻ وارا ته سوريءَ تي به سمهي رهندا آهن.“ مون توکي خلوص سان صلاح ڏيندي چيو هو. ”رات جو جڏهن سمهين ته سکيو سمهندو ڪر- ڏک ڏينهن جو هتي ڪٿي ايندو ڪر ته گڏجي ونڊينداسين.“

تون پريشان ٿي چوندو هئين ”ڏينهن ڏجهائين ٿا ۽ راتين کي ريجهائڻ جو ڪو سليقو ناهي. حالانڪ پنهنجي شڪستن کي هميشه کلي کيڪاريو اٿم-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

البت شام جو ڪنهن ريسٽورنٽ ۾ ويهندي، اڪيلي چانهن پيئندي توکي اڪثر مس ڪيو اٿم- خصوصاً تڏهن جڏهن موڊ منجهيل ۽ دل اداس هجي.

الائي ڇو، اهڙي ويل دل چاهيندي آ- تون پر ۾ هجين ته پنهنجي اونهاين کي توسان Expose ڪري بار لاهي ڇڏيان.“

”سچ ته تون امن آهين پنيور“

”سچ ته تون اَمين آهين.“

”چڱو پلا بئي هڪ ٻئي لاءِ دارالامان آهيون...“ ڪلي ناهه جي هڪ نئين صورت ڪڍندا هئاسين.

گويا مڪتيءَ جو مشروط فيصلو هو هڪٻئي جي وجود سان. بنا ڪنهن شڪ شبهي جي اهڙو سنگم- جنهن تي نه ڪا اک مرڪي، نه ڪنهن اڱر سيڄي، نه اسڪئنڊل جڙيو ۽ نه ئي Affair مشهور ٿيو. نه ته جو ناتو جڙئن هجي، دنيا ان کي ائين ئي قبولي، ضروري ته نه هو. جڏهن ته شڪ ڪرڻ وارن جي زد کان آسماني صحيفا به نه بچي سگهندا آهن.

▲ ▲ ▲

بس اٽڪياسين پاڻ ۾ ڪڏهن ته، هن فرزانه واري معاملي ۽ چانهن جا بل ادا ڪرڻ تي.

فرزانه تنهنجي ماٽناٽي لچ مان هئي. ڪوئي اوهي واهي نه هئڻ ڪري اوهان وٽ ئي رهي. تنهنجيءَ امان جي مرضي هئي ته گهر جي ڇوڪري گهر ۾ ئي رهي. پر تون ڪنهن صورت پير تي نه ٿي بيٺينءَ. هڪ لڱان تنهنجيءَ ماءُ مون کي ان معاملي ۾ توکي سمجهائڻ لاءِ چيو هو. سمجهايو هو مانءِ ته ڇڙ مان سڄي يونيورسٽيءَ مان چانٽيل ڇورن جي لسٽ چوندي چيو هئي، ”پهرين تون هنن سيني مان هڪ سان شادي ڪر ته پوءِ آئون فرزانه سان.“

هڪ ڏينهن تو پريشان ٿي چيو هو، ”امان چوي ٿي يا فرزانه سان شادي ڪر، نه ته گهر ڇڏي هليو وڃ.“

”فرزانه توکي لهٽين به ضرور. امان سچ ٿي چوي.“

چيئه ”شادي Risk آ ۽ في الحال آئون Risk کڻڻ لاءِ تيار ناهيان.“

”Risk ته اوپريءَ شيءِ سان ٿيندو آ. فرزانه پنهنجي آ.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وراڻيندا، ”پنهنجي شيءِ مان ڇاتل سڃاتل هڳاءَ تو اچي. جنهن کي چڱائيءَ جي لحاظ کان هر وقت پنهنجو Feal ڪجي، ان سان Deal وري ائين ڪجي، جو ان مان ٻار ڇڄن- پاڻ کان ٻيلي ائين ڪونہ پڇندو.“

اهڙيءَ طرح ڪيترن جي ڪنڌ وني ڇانهن جي چسڪن سان الائي اسان ڪيڏا بي ربط نظريا ۽ عجب Ideas ڇيڙيا هوندا. اتي جو اتي تر تان گسي هڪ ٻئي کي مردن جيان گاريون ڏنيون هونديون سين. ٻارن جيان ٻوٽ سڃايا هوندا ۽ وري نئين سِر تازا دم سلسلا جوڙيا هوندا روح ۾!

آئون سارتر جي انهن لفظن سان متفق آهيان بہ سهي تہ ”هر اهو لفظ جو اسان ٻئي جي آڏو ادا نہ ڪري سگهياسين- اسان جيءَ هار جو سخت اعتراف آهي.“ پر تنهنجي منهنجي ويڙهہ ڏرتيءَ تي پنهنجي نوع کان پهرين ئي ويڙهہ هئي. جنهن ۾ اسان هڪ ٻئي کي گهٽي کان گهٽو ٻڌائيندي بہ پنهنجو پاڻ کي شڪست خورده سمجهيو.

مون کي ياد آ- ويڙہ ۾ تون اڪثر چوندو هئين ”توسان گڏ ويهي بہ نہ تو سگهجي، تو کان سواءِ رهي بہ نہ تو سگهجي.“

آئون بہ کلي چوندي هئس ”تنهنجي ساٿ ۾ ايڏو سڪون آ، جو سمجهائي نہ تو سگهجي. ايڏو سرور آ جو ساندي نٿو سگهجي.“

ائين البت ضرور هوندو هو تہ ويڙہ جو آغاز هميشہ مون طرفان ۽ پرچاءُ ۾ پيش قدمي هميشہ تنهنجي طرفان ٿيندي هئي. جو منهنجو خيال هو تہ روسامي لاءِ اول ڪپت تون تو ڪرين. چوندو هئين، ”زندگيءَ جي هر معاملي ۾ هميشہ خوددار رهيو آهيان. پر تو جهڙي ٻوگس ماڻهوءَ لاءِ اڪثر انا اٽا اٽا ڪرڻي پئي اٿم.“

بهرحال تڏهن اسان ٻنهين جو خيال هو تہ زندگيءَ ۾ ڪو سٺو ’ساٿي‘ پائي من کي نفسياتي سهارو ملي ويندو آ جيئڻ لاءِ، جنهن جي آڌار تي زندگيءَ جا ننڍا وڏا ڪم سليقي سان نڀائي سگهبا آهن. جنهن جي ميڻ سان شڪستن جا بار آسانيءَ سان کڻي سگهبا آهن. جنهن کي زندگيءَ جا ٿورن لفظن ۾ گهڻا مطلب سمجهائي سگهبا آهن.

”اسان بہ تہ هڪ ٻئي جو جت هٿاسين علي!“

تڏهن تہ اسان ٦٥ع کان ٦٨ع تائين جو عرصو اسان هڪ ٻئي جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حفاظت ۾ ائين گذاريو، جئن اسرندڙ ٻار ماءُ جي ڪک ۾.

سال ١٩٦٩ع آيو.

نوان واقعا، نوان امنگ ۽ نوان ماڻهو ڪٺي ايندڙ وقت ۾ ٿيندو ته الاءِ ڇا ڇا، پر هميشه هر ڳالهه الائي ڇو ڏاڍي اميد افزا ڀانئبي آهي. پوءِ پل ته ٿيندڙ واقعا اسان جي پلاند کي پرڻ ڪري اسان کان اسان جي Identification ڦري ونن. پر آئنده جو آڌر ڀاءُ هميشه کان اسان جي عادت رهي آ. ڪيئن نه چندا گڏ ڪري نئين سال ۾ ايندڙ ماڻهن کي Reception ڏيندا آهيون.

سو نئون سال آيو، پنهنجي تمام تر نوان سان، نوان ڪلاس، نوان شاگرد، نئون ٽائيم ٽيبل، نئين يونين ۽ نئون Menifesto کٺي.

اسان پارٽ ٿرڊ بيحد شان سان ڪليئر ڪري فورٿ ۾ آياسين. ڦهريون دفعو ائين ٿيو جو شاگردن جا ايڏا جٿا ٻين ڪاليجن کان Migrate ٿي اسان جي يونيورسٽيءَ ۾ آيا.

ڦهريون دفعو... ڦهريون دفعو... ڪلاسن ۾ شاگردن جي گهٽائيءَ سبب ورهاڱو ٿيو Sex جي بنياد تي.

ظاهر آ، ان تبديليءَ کي اسان مان ڪنهن به پسند نه ڪيو. پراڻن شاگردن جي چهل پهل گويا گم ٿي وئي. ڪجهه ايندڙ شاگردن جي اجنبيت ۽ پوءِ ڪجهه پنهنجن پيارن رفيقن کان ڇڄڻ جو ڏک- ڏينهن سچ ته هيڪر وري ڏولانگهن ۾ اچي ويا.

اسان جي... ها علي، اسان جي سالن کان سانپيل هيڪڙائي به ورڇ جي ور چڙهي وئي.

آگسٽ ٦٩ع جي ١٥ تاريخ سومر جو ڏينهن- ڦهريون دفعو تو الڳ ۽ مون الڳ ڪلاس اٽينڊ ڪيا. خالي ذهن ۽ ڪوکلي اتساهه سان. ڪلاسن ۾ دل نه لڳي، ليڪچر سمجهه ۾ نه آيا، ڪيئن به چاهيو هوسين ته ڇانهن جو وقفو ملي ته گڏ ويهي فضا ۾ گاريون اڇلايون ۽ اندر ناريون. پر ٿيو ائين جو ان ڏينهن ١١ بجي چاءِ پيئڻ خاطر ڪينٽن ۾ گڏياسين ضرور، پر الاءِ ڇو پنهنجي پنهنجي جاءِ ٻنهين جٽن عجب شڪائي محسوس ڪئي، جنهنجو اظهار اسان ان ٽاپڪ تي ڪجهه به نه ڳالهائي ڪيو. تون خاموش هئين ۽ رکي رکي پيشانيءَ تي هٿ ٿي گهمائيي (پريشانيءَ جي عالم ۾ پيشانيءَ تان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هٿ گھمائڻ تنهنجي خاص عادت هئي.) ٿڪل ٿڪل لهجي ۾ اٿندي اٿندي چيو هئين ”موڪل مهل ڪلاس ڪان ٻاهر منهنجو انتظار ڪجانءِ. اڄ توسان هلندس ۽ ماني بہ تنهنجيءَ ميس جي ئي کائيندس.“

”تنهنجو دماغ اڄ پنڙيءَ تان لٿل آ علي.“

تو اپاٽڪائيءَ سان خالي خالي انداز ۾ خليل جبران جا جملا ورجايا، ”منهنجيون ديوانگيون پاڻ ڪان لڪائڻ ڏي ساٿي، جو مون کي هيڪلو لنگهڻو آ ان جهنم مان، جو آئون توکي ڏيکارڻ نہ ٿو چاهيان.“

روم ۾ وڃي اسان هتي هتي جي سطحي Talk ۾ پوري ڪوشش ڪئي تہ ان خود ساختہ احساس جي جهنم مان بچي سگهون، جو خاص الخاص اسان هڪ ٻئي جي ونڊر لاءِ هٿرادو جوڙيو هو. ماٿهو پنهنجي آرام لاءِ جنتون جوڙيندا آهن، اسان جهنم چونڊيو هو. هئي نہ چريائيءَ واري Sadistic approach.

”علي، ڪڏهن ڪڏهن الائي ڇو ذهن تي هرويرو Depression جو ايڏو دٻو محسوس ٿيندو آ. ڀانءِ من جي اندر الاءِ ڪيتري پري پري ڪي Emotional gaps رهجي ويا آهن، جن کي ڀرڻ لاءِ حيات جو هيءُ دور پورو نہ آهي. شايد وري ڪا بہ جوڻ متائي، انهن خيالن کي ڀرڻ وري هتي اچڻو پوندو.“ مون چيو.

تون شايد سمجهي وئين. اندر جي رهجي ويل گهائن کي لفظي ڇپرن سان پُر ڪرڻ جي ڪوشش ۾ چيئہ. ”تنهنجي زندگي پر پيچ،سهي تي سگهي ٿو ڪو داءُ تنهنجي فائدي ۾ وڃي ۽ تون جيئڻ جو جواز لهي وٺين. زندگي تمام وسيع آهي.“

”مون زندگيءَ ۾ لالچي ٻارن وانگيان ڪڏهن بہ اميد جي اک ناهي هنئين. جڏهن بہ Future لاءِ سوچيم، هميشہ محسوس ٿيو تہ اجهو اجهو ڪولمحاتي حادثو ٿيندو، جو مون کي پٺيءَ پر ڪيرائي وجهندو ڪا ناگهاني اتفاق جو ويرَ ايندي، جا مون کي لوڙهي ويندي.T-V ڏسندي، اخبار پڙهندي هر بريءَ خبر جي گرد گول دائرو ڇڪي ڇڏيندي آهيان. شايد ڪو وقت ايندو، جو اهي خبرون منهنجون منتظر ٿينديون. ڇوڪريون سهانن سپنن جا تاج محل اڏينديون هونديون، پر منهنجي سوچ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر وقت مڪليءَ جو مقبرن ۾ ئي پنڌ ڪندي رهي ٿي.“ تون ڦڪي مرڪ مرڪي پئين چيئه، ”نيٺ به چند سنڌي آهين. جنهن مڪلي نه ڏٺي، اتي جي مقبرن لاءِ نه سوچيو، سو سنڌي ٿي ئي نه ٿو سگهي.“

▲ ▲ ▲

يونيورسٽيءَ ۾ ايڏي بڪواس جو وقت نه ٿي مليو. پر چانهن جو وقفو بهرحال اسان جو رهيو. ان وقفي ۾ ملندا هئاسين ۽ خوب ملهائيندا هئاسين. اڻ پورا جملا نديون ڳالهيون.

”اڄ تون ڪنهنجيءَ پير ۾ وينئن؟“

”تون ڪنهنجيءَ پير ۾؟“

”يلا توکي Keats جي فلاٽي لائين سمجهه ۾ آئي؟ جي آئي ته مون کي سمجهاءِ. رات مان امان ران پچائي. توکي ياد ڪيائين، چيائين ته پنيور کي ڏيٽي آ. پر مان نه آيس، جو موڊ آف هو.“

”ڪلهه مان جيڪي ڪارا فليپر ۽ Grey شرٽ پاتي، ان جي تو واريءَ شمشاد انصاريءَ خوب تعريف ڪئي پنيور توسان ڳڏ رهي. هاڻ ان جا ذائقا به تو جهڙا ٿيندا ويچن.“

شميءَ جو رول نمبر منهنجي پير وارو هو. ويجهڙائپ هوندن به مانوسيت پيدا ڪندي آهي. هيءَ ته هئي هر رخ کان ويتر وڌيڪ زيبائتي- واقعي سيني کان گهٽ عمر ۽ گهٽيءَ ڪشش واري.

شمي چيا آئي. سندس اچڻ سان سڄيءَ ڪئمپس ۾ زندگيءَ جي مانداڻ مچي وئي، جيئن بينل پاڻيءَ ۾ ڪو پٿر لهرون پيدا ڪري ۽ لهرون پري پري تائين ڦهلجي ويچن، تئن هن ۾ به ڪو مقناطيسي بجليءَ جو پاور هائوس هو. جتان لنگهي، جو چوي، جيڏانهن ڏسي، هر شئي جي قسمت جڙي پوي. سندس هر زاوئي کي پنهنجو مطلب هو ۽ هر مطلب هوس به معنائي.“

رول نمبر ٢٢ وارو سليم اکيون مچڪائي آواره انداز ۾ چوندو هو شميءَ جي بدن ۾ آهن موڪيءَ جا مٽ. هلندي هلندي هاريندي وتندي آ.“

بهرحال هوءَ مونکي به ايترو ته ضرور پياري لڳي، جڏهن وڏي وڏي اعتماد سان پنهنجا ننڍا ننڍا راز ٻڌائيندي هئي، تڏهن ڪيس پوري ڏيان سان ٻڌندي هئس. جو خيال هوم ته پرڪشش جواني هوندين واقعن سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سلهاڙجي رازن کي جنم ڏيندي آ. حسن هميشہ کان رازن جو امين رهيو آ. بي راز زندگي بي صورت زندگيءَ جو درد انگيز الميو ئي تہ آهي علي.

شمي ڪڏهن ڪڏهن موڊ ۾ اچي مرڪي چوندي هئيءَ "تون... فقط منهنجي سڀ کان وڌيڪ همراز آهين، پنيور الائي ڇو؟"

آئون شرارت وچان کلي چوندي هئس "ڇو جو تون فقط تون بمباز آهين. الائي ڇو؟"

"تون راز گهر آهين."

"۽ تون بجلي گهر آهين." آئون کلي ڳالهہ لنوائي ويندي هئس- هوءَ شڪي ٿي، ماٺ ٿي ويندي هئي.

بهرحال هن مون تي اعتماد رکيو ۽ مون بہ نہ ٿي چاهيو تہ هوءَ گهڻ معنائي شئي ڪڏهن حيات جي ڪنهن Dead end ۾ الجهي بہ پوي.

اڪثر ١١ بجي چانهن جي وقفي ۾ تنهنجي انتظار لاءِ مون سان گڏ وينديءَ بور ٿي.

تنهنجي لاءِ مون محسوس ڪيو تہ تون هن جو وجود ذهني طرح قبول ڪرڻ نہ ٿو چاهين. ڇيئہ تہ ڪڏهن ڪجهہ ڪونہ، پر چهري جا تاثرات لڪائي بہ نہ سگهندو هئين. شميءَ کي منع ڪري ڪانہ سگهندي هئس. هن کان وڌيڪ وري بہ توتي حق هوم. ڪيس ڪجهہ چئي سگهان يا، نہ توکي ضرور سمجهائيندي هئس.

"علي، شمي ايڏي پياري آ، ايڏي پياري آ جو جا شئي مون کي وڻي اها توکي نٿي وڻي. ڪمال آ!" منهنجي چهري تي معنيٰ خيز مرڪ ڦهلجي ويندي هئي.

"جڏهن تہ تنهنجا همزاد لوسين جيان لٿونٽا هتندا آهن." ماضي مان ڪو خيال ڪهڙي آيو ذهن تي.

"مون کي ڪاشئي Convince ڪري نہ ڪري، ڪا صلاح آئڙي نہ آئڙي، پر تون چوين تہ Convince بہ ٿيان. محسوس بہ ائين ڪريان، جئن تون ڪرين. ڇو پنيور، منهنجي پنهنجي شخصيت ڪٿي آ... الائي ڪٿي؟"

ياد اٿئہ! هڪ لڳان ڪينٽن جي ڪنڊ ۾ چانهن پيئندي پيئندي اٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتاب ڦلوريا هئڻ. ڪرسين هيئان جهاتيون پائي، جتيون چنڊيون هئڻ، ارد گرد جي شور مچائيندڙ شاگردن پانيو هو، واقعي ڪا شئي ويئي اٿئي، سو ڏاڍي پيچ پيچ ڪئي هئن. آئون تنهنجيءَ ان هڙ چڙائيءَ تي ڪلي پئي هئس.

”ڏس پائيءَ! جيءَ جي ڳالهين کي جيتن جي ترن ۾ نه جانچ، اتي پلا متيءَ کان سواءِ ملنديءِ به ڇا.“

پريان ڪو شاگرد شيطانيءَ وچان ڳائڻ لڳو هو،

”اول مٽي، آخر مٽي، مٽي زنده باد!... مٽي زنده باد!... مٽي زنده باد....“ تون تڏهن جڪ ڪائي ان بيوقتي راڳ تي چڙي پيو هئين، بنا ان ويچار جي ته ڪو حيات جو سارو فلسفو ان راڳ کي وقت پئي ثابت ڪري ڏيکاريندو.

▲ ▲ ▲

سال جو آغاز اليڪشن جي دور سان شروع ٿيو. هيمشه پنهنجو پاڻ ۾ ونڊي ورڇي ڪائڻ وارا شاگرد هينئر هن دفعي Old V/S new جي بنيادي تي اليڪشن لڙڻ لاءِ اٿيا. هر پوسٽ لاءِ پراڻن کي پري ڪري نوان شاگرد اٿي ڪڙا ٿيا ۽ اهو هنگامو رهيو، جو پهريون دفعو پنهنجي بچا لاءِ اسان کي سامهون اچڻو پيو.

President جي پوسٽ سيني Senior شاگردن جو رايو هو ته توکي Contest ڪرائجي. پر تون نه مڃئين. فارم ڀرڻ جي آخري ڏينهن، آخري وقت، صرف ١٠ منٽ اڳ، مون ۽ شميءَ توکي منٿن ميڙين سان فارم ڀرڻ لاءِ زور ڀڏو. ١٢ لڳي پورو وقت ٿيڻ وارو هو ۽ تون گوتنانٽ ۾ وقت وڃائي رهيو هنين. چيئه، ”منهنجيءَ واچ ۾ ايجا ٢٠ منٽ باقي آهن. ڪجھ سوچڻ ڏي.“

اطمينان سان وراڻيئه ”ليٽ ناهي، پر انڪساريءَ سان ٿي هلي.“

”انڪساريءَ سان ان ريت جي هلي ته پنيان رهجي ويندا سين. هر معاملي ۾ ان ريت انڪساري...“

مون ڪلهن کان ڪنيو مانءِ– شميءَ چڳيءَ طرح ساٿ ڏنو. بهرحال فارم ڀرائي ئي دم ورتوسين.

ڪنوينسنگ جو قصو شروع ٿيو. ڪنوينسنگ ڇا، مڙيئي ڪلاسن ڪاٽا ڪري اپيل سيڊرا اڏائڻ جا بهانا هئا. مون کي تنهنجي ڪٽڻ جي پڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي. البت شميءَ خوب دٻائي تنهنجي ڪنوينسنگ ڪئي. هن جنهن خلوص ۽ Devotion سان تنهنجو ورڪ ڪيو، ان جو تون پاڻ بيطرح قائل ٿي وئين (يا قائل شايد اڳ ۾ ئي هئين، صرف لاشعوري Resistance جي ڪري ميڻ ڪان ڪيٻائيندو رهين.) هونئن بہ اليڪشن جو ورڪ ڪندي هوءَ مونسان ۽ مون توسان گڏ ڪم ڪري، تون هن کي ايترو ضرور قبولڻ لڳو هئين جو جڏهن اليڪشن جي آخري ٻن ڏينهن ۾ مونکي اڪيلي سر سائنس فئڪلٽيءَ (جا ڪئمپس کان ڪافي پري هئي.) تنهنجي ورڪ ڪرڻ لاءِ وڃڻو پيو، تہ تو ان ۾ ڪو حرج محسوس ڪونہ ڪيو. ۽ پاڻ شميءَ سان اليڪشن جو انتظام سنڀالڻ لاءِ ڊپارٽمينٽ ۾ ٽي رهين.

اليڪشن جا آخري ٻہ ڏينهن پاڻ ۾ ملي نہ سگهياسين. جي ملياسين تہ بہ ان شام الجزيره تي، جڏهن تو اليڪشن کٽڻ جي خوشيءَ ۾ سيني کي چانهن پياري ۽ مون هميشہ جيان اهوئي گنل ڦنل، پر سيني جي فرمائش تي ”ملڻ جي خوشي آ، نہ ملڻ جو غم“وارو راڳ ٻڌايو.

سال ٦٩ع جي پهرين الم انگيز شام، شايد اتان الجزيره تان شروع ٿي. ٻاهر لان ۾ ڪرسين جي ترتيب ڪجهہ ان ريت هئي، جو اسان ٽنهين کي هڪ ئي سڌيءَ ۾ ساڳيءَ لائين ۾، وچ ۾، ڪجهہ شاگردن جي وقفي سان جاءِ ملي. ظاهر آهي ايترو ڏار ويهي ڪرڻ ممڪن نہ هو. اهڙين محفلن ۾ گڏ ويهي جيڪو ننڍين ننڍين نقطن کي Enjoy ڪرڻ ۽ جملا ڪشي هڻڻ ۾ مزو ايندو آ، اهو هن دفعي هٿ مان ويندو رهيو.

تو ڪرسيءَ کي ڪجهہ اڳتي جهڪايو. هاڻي شمي ۽ تون ڳالهائي سگهيا ٿي. آئون اها ئي پنيان!

رسمي تقريرن کان پوءِ هلڪيءَ وندر جو پروگرام رهيو. ظاهر آهي تہ وندر جو سوال ئي پيدا نہ ٿي ٿيو. مون گوڙ ڪيو، ”اهو ڇا هي پيئي؟ لائين سان جهڙو ڪر ڪلاس ۾ ويٺا آهيون. ترتيب ڦنائي بي ترتيبي ڪريو. بي ترتيبيءَ کي هونئين پنهنجو حسن آهي.“

ڪرسين جي نڙاڪ نڙاڪ سان سڀ گروپن جي صورت ۾ دائرو ٺاهي ويٺا. لطيفا ٿيا، راڳ هليا ۽ مذاق، رمارڪ ۽ الائي ڇا ڇا.

ان شام مون پهريون ڀيرو محسوس ڪيو تہ تون خاص طور خوش

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئين. اها خوشي مون کي اليڪشن ۾ ڪاميابيءَ جي سادي خوشي نہ لڳي. تنهنجي اکين ۾ خاصي چمڪ ۽ جسم مان خوب جلد بازي ٿي جهلڪي. توکي تہ ياد هوندو تہ آئون هميشہ چوندي هئس، ”زندگيءَ ۾ سچيتيءَ جا سودا ڏيرج سان ٿيندا آهن. جلد بازيءَ جي ڪپت اسين Afford ڪري نہ ٿا سگهون. اسين انڪساريءَ سان آهستي هلي هميشہ پنيان رهجي ويندڙن مان رهيا آهيون.“

ان گهڙيءَ تنهنجي جهٽ پٽيءَ جو ڪجهہ مطلب سمجهہ ۾ آيم ضرور، پر مون هميشہ پاڻ جيان توکي ساڳيو سمجهي محسوس ڪيو هو. هيئر توکي الڳ ڄاڻي، جلد نہ ٿي محسوس ڪرڻ چاهيم. سو ڪجهہ غير واضح ۽ مبهم ستم جي ڳوري ڪندڙ احساس ۽ بيچين ڪندڙ خيالن کي چنبڙي ڇڏيم. اهي عتاب زده خيال، جن مسلسل بہ ڏينهن اڪيلي سر سائنس فئڪلٽي ۾، تنهنجي ڪنوينسنگ ڪندي، مون کي زير بار ڪيو هو. تون بهرحال خوش هئين ۽ رکي رکي موقعي جي مناسبت سان چڱيءَ طرح رمارڪس ٿي هنيئي. راڳ تنهنجي هميشہ کان ڪمزوري رهيو هو. هونئن بہ جذهن موڊ ٿيئي، مون کي ڳائڻ جو چئي پاڻ بقول تنهنجي Dead ٿي ويندوَ هئين. ان شام بہ اکيون پوري ماٺ وينو هئين، جو شميءَ توکي هٽ هٽي هوش ۾ اچڻ جي آچ ڪئي. تو اکيون کوليندي ئي جو رمارڪ ڏنو، ان سڄيءَ محفل کي رنگ ۾ آڻي ڇڏيو. جلد بازيءَ ۾ منهنجو رنگ البت ڏسي نہ سگهين. چيئي ”پنيور ڳائي پل ڪيڏو بہ سٺو، پر ڳائڻ مهل يا هيءَ پنهنجي منهن تي رلي وڃهي يا آئون پنهنجيون اکيون پوريان.“

محفل ۾ کل جو ڪوڪريو پٽجي ويو. مون توڏي هڪ پل لاءِ حيرت سان ڏٺو ۽ پوءِ شڪي ٿي سيني سان کل ۾ شامل ٿي ويس. کلندي کلندي محسوس ٿيم، الاءِ ڪٿان ڪا گرم گرم شئي منهنجي ڳلي مان نڪري اندر ۾ ڏري وئي.

اهو رت تہ نہ هو، بهرحال پهرين الم انگيز شام جو پهريون ۽ باقاعدي افتتاح.

واپسيءَ وقت توکي يونين جي گاڏي هئي. چيئي، ’گاڏيءَ ۾ ويهہ، هاسٽل ڇڏيندو ايندو سانءِ.“ مون اخلاقاً شميءَ کي سڏي ويهاريو، ان پڪ پاڻ تہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توکي اعتراض قطعا نہ ٿيندو. رستي تي هوءَ توسان سادگيءَ وچان پيارا پيارا سوال ڪندي هلي. هن توکان هڪ سوال شايد اهو بہ پڇيو هو تہ، ”اوهان پنهين جي دوستي ايڏي گهري ڪيئن ٿي؟“ مون تنهنجي پاران وچ ۾ پئي وراڻيو هو ”جئن توسان ٿي شمي.“ پڇيائين، ”يلا اهو ڪيئن ممڪن آ؟“ کيس شايد يقين نہ آيو.

اتفاقاً گاڏي ٿوري تيز ڪائي، ڊڙ ڊڙ ڪري بيهي رهي. مون کي ڪو جواب ڪونہ سمجهيو، پر تون نيائي وئين. ڊرائيور گاڏي نيڪ ڪرڻ لاءِ اڳيان مشين تي جهڪيو، ان وچ ۾ اسان ٿيئي، اونده ۾ وٺن جون ڪاريون قطارون ڏسڻ لاءِ هيٺ لهي پياسين. تو سگريٽ جو ڪش هڻي مٿي آسمان ڏي دونهون اڇلايو. شميءَ کي جواب ڏيندي چيئي، ”هي آڪاش تي تيڙو ئي ٿئندو نہ اسان ئي ڇڇنداسين، اسان جي Dentification جو بهترين سمبل!“

مون کي الائي ڇو اُهو سمبل سمجهہ ۾ نہ آيو. هلڪي احتجاج سان چيو مانءِ ”اهو تہ آسمان سان انصاف نہ پيو ڪرين. ڌرتيءَ وارن کي پنهنجون تقاضائون ۽ چاهنائون آهن. ڪٿي تارن جو تيج، ڪٿي اسان جي من جي مامر!“ پر ان جملي جي نزاڪت کي تون جهٽي نہ سگهئين، واٽ تي مون کي ڊراپ ڪندي چيئہ:

”پاڙو ڏيئي وچ پنيور، نہ تہ...“

”نہ تہ؟“

”تنهنجو مسافر منزل تي لاهڻ ڪان اڳ اسين واپس ڪٽي ويندا سين.“

▲ ▲ ▲

مسافر منهنجو، منزل تنهنجي! خوب، هئي نہ ڏک جي ڳالهہ! اسان هئي تہ زخمن جي زنجير ۾ جڪڙيل هئاسين. ان ڪري گڏ هئاسين. ونڊي ورڇڻ ۾ تہ ڪڏهن اهو بہ خيال نہ رهيو هو تہ ڪنهن جي حصي جا ڳوڙها ڪنهن جي اکين ۾ ٽا اچن! ۽ هاڻ... تنهنجي احساس جي ملڪيت ۾ منهنجي حصي جي گنجائش نہ رکي هيئي. مون کي ڌار ڪري منزلون پاڻ ڏي سيري، مسافر مون ڏي ڌڪيا هيئي.

ان رات پهريون دفعو، سچ علي پهريون دفعو، اڪيلائيءَ ۽ اباڻڪائيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو احساس چريءَ جيان ڇاتيءَ کي چير ڏيئي ويو هو. هرويرو بابي جون زيادتيون ياد آيون، امان، جنهن کي اکين سان ڪڏهن ڪونه ڏٺم... اُن جيءَ ممتا جي ڪشش ياد آئي، ۽ الاءِ ڇا ڇا ۽ ڪهڙن ڪهڙن ڏنجهه ڏيندڙ احساسن رات جي پڇاڙي حصي تائين سمهڻ نه ڏنو هو.

روح کي رهڙيندڙ اڪيلائي جو ڀرپور احساس!

مون ڇاتو ٿي علي ته ايندڙ پل اذيت جي احساس سان زندگيءَ کي 'سي، سا' جي ڪيڏ بنائي، بهرحال ايندا. جيون ۾ ڏرتيءَ جيان ڀرپور ورهاڱو ٿيندو. هڪ خط استوا جو فرضي خط اڌ ڏرتيءَ کي لهسيندڙ لڪن ۾ ويڙهي ڇڏيندو، ۽ ٻي کي ٿڏين هيرن ۾ هبڪاري اُترين قطب روشنين جي راڄ ۾ ٿيندو، اوبرين ۾ اونده جا اوڙاهه مچندا. جيون 'سي- سي' جي راند جيان پاڻ ٻنهين کي مخالف ڏسن ۾ ورهائي، هڪ پلڙي جي هيٺ ٿيڻ تي ٺي ٻيو پلڙ مٿي ايرندو. مون کي پڪ هئي ته ڪا زبردست تبديلي، جنهن ۾ زندگيءَ جي ڇيبل پروگرام جي جاءِ تي ڪو نئون پروگرام ڇيڙيندي. ضروري نه آهي ته اهو پروگرام من پسند "الميہ گيتن" جو نئي هجي، جا اسان جي اڳ ڪڏهن 'طئہ شده' پسند هئي.

▲ ▲ ▲

فائنل ايئر مشغوليت جو سبب بنجي ويو. توسان روز ڪينٽن ۾ ملڻ ٿيندو هو، پر گفتگو ڪڏهن ذاتي نوعيت جي نه رهي. گهڻي ڀاڱي ڳالهيون ڪورس، ڪتاب، اهم ۽ غير اهم امتحاني سوالن جي چند ڇاڻ ۾ ٺي نلرنديون رهيون. شخصيتون جي ڪڏهن هڪ ٻئي جي التفات جي نظرن کي دلين جو ڏي سمجهنديون، هاٺي سرد مهريءَ ٻي ڏيانيءَ جي اُن پورن ۽ مبهم سلسلن ۾ ٺي وچڙنديون رهيون.

اندر جا اڌما ڪڏهن زبان تي نه آيا. البت اندر جي ولوڙ ۽ وڳوڙ جو نتيجو اهو نڪتو، جو روز اڌ ڪلاڪ، جو هيڏانهن هوڏانهن جي ڳالهين ۾ من تي ڳرو ڳرو پيو گذرندو هو، مختلف بهانن سان ڪڏهن آءٌ ته ڪڏهن تون ڪلاس ۾ رهيل ڪم پورو ڪرڻ ۽ امتحان جي ويجهڙائيءَ کي منهن ڏيڻ لاءِ صرف ڪرڻ لڳاسين.

ذهني ڏڪار ۽ ڏوتڙ جي ان عالم ۾ ڪتابن 'فيوجي ڪئمپ' جو ڪم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏنو. اڌ ڪلاڪ جي پابندي بہ ان بهاني معاف ٿي وئي. ذاتين جي قيد ڪلاسن تائين ئي محيط ڪري ڇڏيو، ڪڏهن اگر پلجيRelax ڪرڻ لاءِ وراندي ۾ چڪر ڏيندي، هڪ ٻئي کي ڏٺوسين بہ، تہ گفتگو 'هلو- هلو' کان اڳتي نہ وڌي. ڪسمپرسيءَ جي ان مسلسل ڪيفيت ۾ تجربو، جو مون حاصل ڪيو اهوئي تہ پناه گير ٿئي پوڻ سان ماڻهو مري ڪونہ ٿو ها باقاعده علم ماڻهن جيان جئي ٿو. پنهنجي جيون کي ڪري پوڻ جي احساس کي سيني ۾ لڪائي، هو باقاعدي ڪلي بہ ٿو ۽ ڪائي بہ ٿو. اهو ڪو خاص ۽ اهم تجربو نہ هو منهنجو پر مون کي ان اديب تي پيار آيو هو، جنهن چيو هو تہ "جيون جي ٽريجڊي جونالو يارن الائي چو 'تجربو' رکي ڇڏيو آهي، جڏهن تہ ڪائنات جي اسرارن ۾ موت بہ تہ هڪ تجربو ئي آهي."

▲ ▲ ▲

"اجهو هينئر، هن پل، قوت جو آخري قطرو ڪرڻ ڪانپوءِ بہ آئون عام ماڻهن جيئن زنده آهيان." اهي لفظ اڄ شايد ڊپارٽمنٽ لئبريريءَ جي ڪتاب جي هڪ ڪنڊ تي پينسل جي ننڍڙن اکرن ۾ ڊنل ڊنل، پر شايد زنده هجن!

هڪ لڳان- آئون ۽ شمي موڪل مهل لئبريريءَ وڃڻ لاءِ بس ۾ وينا هئاسين. تنهنجو الائي ڪهڙو موڊ ٿيو، چٽ تي لکي موڪليئہ، "ٻڌو اٿم روشنيءَ کي گهورڻ سان نفسياتي قوت وڌي ٿي. اڄ پوري ۹ لڳي تيڙوءَ کي گهوريندا اسين. صبحاڻيAfter effects لکي ڪٿي اچجانءِ."مون چٽ پڙهي، ڪلي شميءَ ڏي ڪئي. شميءَ چيو، "اهو ڪتاب تہ مون ئي علي کي ڏنو هو، جنهنمان هن اهو طريقو پڙهيو آ. ۽ پروگرام صبح ئي مون سان رٿيو هئين".

الائي هيڪر وري ذهن کي ڪو بي نانءُ ايذاءُ!

پاڻ کي سمجهايم بہ سهي تہ براڊ مائنڊيڊ ٿي وڃان دنيا وسيع آهي، دوستيءَ جهڙي همہ گير جذبي کي حبيب بئنڪ بنائي، ڪنهن هڪ سان Limited نہ سمجهہ، پر الائي چو چريو ٿي پيو هو منهنجو منAfter effects الائي ڪهڙا ٿين ها! في الحال تہ Side effects اهڙو ستايو، جو ان ڏينهن بس مان لهي هاسٽل تائين پهچندي الائي ڪيترن رڪشا، ٽانگي ۽ گاڏين وارن جون ڇڙٻون سٺيم ۽ تيڙون کاڌم- بهرحال اهو معجزو نہ هو، جو آئون سلامتيءَ سان ڪاريڊور جون ڏاڪيون چڙهي ويئي هئيس. هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مصلوب بہ تہ تہ ڪاس تي چڙهي ئي ويو هو، باقي زنده و سلامت آڪاش ڏي اڏري ويڃڻ مقدس نبين جو حصو هو. آئون تہ معمولي ماڻهو هئس ۽ مون کي مرڻو هو، بقول تنهنجي انتهائي بوگس انداز ۾.

ٻئي ڏينهن.

ڪئمپس ۾ گهڙي ئي شميءَ رڙ ڪري پڇيو، "رات ڇا رهيو پنيور؟"

"تنهنجو ڇا رهيو؟"

وراڻيائين "مون کي دير ٿي ويئي، ان ڪري مون خبرون ٻڌيون."

چيم "ڪمال آ."

"خير علي اچي تہ ان کان پڇون." جواب ڏنئين.

"اهو هينئر هينئر ڪلاس ۾ ويو آ. مزي واري ڳالهہ تہ ڪيس سري کان پروگرام ئي وسري ويو."

ان وقت، ان ڏينهن جي ئي تاريخ سان، لئبريري جي ڪتاب تي ڪجهہ اکر لکيا هئم" اجهو هينئر... هن پل..."

اهڙا ڪيئي بي ڏيانين جا واقعا هئا، جن مون کي توکان شاڪي ڪيو ۽ تون چپ چاپ شڪي ٿي، پر مان لنگهي ويندو هئين. ڏک ڏوراپا، شڪوه شڪايتون ڪرڻ نہ مون کي مناسب لڳيون، ۽ نہ ئي آئون عادي هئس، هونئن بہ جتي شڪ شبهات جاءِ والارين، اتي شڪوه شڪايت يتيم ٻارڙن جيان چپ چاپ ذهن جي گوشن ۾ سمهي رهندا آهن.

▲ ▲ ▲

اسٽوڊنٽس ڪميونٽيءَ ۾ تنهنجي ۽ شميءَ جي Affair جي خوب ڌوم هلي. سڄي ڪئمپس ۾ جتي تقريبن هر منچلو شاگرد پاڻ کي پيو پتوڙيندو هو توکي The winner سمجهي، پنهنجيءَ پنهنجيءَ جاءِ سانتيڪو ٿي ويو. البتہ ڪئمپس ۾ اوهان ٻنهين جا چرچا پهرين خاص ۽ پوءِ عام ٿي اڏري ويا. ۽ ڊرتيءَ کي ڪو خاص ڊوڙو ڪونہ آيو. خود آئون بہ ڪيترا دفعا توکي ۽ شميءَ کي ايندو ڏسي پنهنجو رستو مٽي ٽئين واٽ وٺي ويئي هونديس.

انيڪ سوال هئا، جي جواب جي انتظار کان اڳ ئي ايري ٻڏتر ۾ لڙهي ٿي ويا. سوال هو- ڇا شميءَ جي جواني دوستيءَ جي وچ ۾ ديوار بڻجي وئي؟ ڇا اسان مان ڪنهن هڪ جي غلط Approach غلط فهمين کي فروغ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏنو هو؟ اسان کي هڪ ئي وقت پنهنجا پنهنجا تعلقات نڀائڻ جو طريقو نہ آيو؟ يا پنهنجي پر اسان خود ڪفيل ٿيڻ سکي ورتو هو، ۽ مزيد ڪنهن سهاري جي گنجائش باقي نہ رهي هئي؟- بظاهر اهي چار سوال الڳ الڳ نظر اچي رهيا هئا. مگر انهن مان هڪ لفظ يا جي ديوار ڊاهي وجي، تہ چارئي سوال هڪ ئي سلسلي جون ڪڙيون نظر اچي رهيا هئا ڏک هو تہ فقط اهو هو تہ 'دوستي' ڪنهن هڪ سوال جي عتاب مان نہ، پر انهن مڙني عذابن جي ڪيفيت مان لنگهي رهي هئي ۽ اسين پنهنجيءَ پنهنجي جاءِ سڪون جو ڍونگ رچائيندي، اوپرين اکين سان هڪ ٻئي ڏانهن ڏسي مٽي ٿي وياسين. اسان کي هڪ ئي پنهنجا پنهنجا تعلقات نڀائڻ لاءِ جو سليقو نہ آيو. ان جي جوابداري مون توتي وڌي. مون جو ڪجهہ چاهيو هو، اهو تو نہ چاتو ۽ جو تو پاتو، ان اسان ٻنهين کي هڪ ڪان بيگانو ڪري ڇڏيو. محبتن ۾ بيگانگي اتساه جو قسط وار موت آهي، جنهن جو توکي شايد تجربو ڪڏهن ناهي ٿيو.

▲ ▲ ▲

ميحان ٿي ڪائنات جي طلسم ۾ حسن جي رعنائي بيحد هوشربا آهي. روح جي تمام تر رازن ۾ سڀ کان اڳ انعام ايندڙ شمي تہ محض هڪ علامت هئي، جنهن تنهنجي اندر جي فطري مرڪن کي سوجهہ بوجهہ ۾ آڻي اٿاريو هو.

اهو بيحد سياويڪ آهي- حسن، جسم ۽ محبت! سوال هو تہ فقط ماحول ۽ مناسبت جو. اندر جي ٻک ڪنهن بہ نوع کان فطري آهي، سوال هو تہ فقط ناري ڪائنڻ جو.

مون چاهيو هو تہ تون انهن سياويڪ احساسن کي ضرور اپائين ۽ نڀائين. توکي منزل ضرور ملي، پر تنهنجي ڪامرانين ۾ آئون بہ ضرور شامل رهان. منهنجيءَ اجازت کان سواءِ تون ڪا سوچ بہ سرجڻ نہ ڏين ۽ آئون توکي ري گهرئي اهي اجازتون نہ ڏيان، جن کي چاهڻ لاءِ تون لفظ بہ ايجان نہ ڏين.

يلا جوانيءَ ۾ ڪو ٻارڙو سامهو چلڪنا رانديڪا ڏسي روئڻ لڳي ۽ هن جي اڳيان رانديڪن جا ڍير ڪجن، تہ هو يقينن ٻڌڙ ڪلندڙ ريشمي بدن واري پوري ئي تہ ڪنندو. پر ڪير تو ايڏي ڊگهي لانڊ ويچاري، سچي حيات پت جهڙ ۾ نبري، اڄ حتوئي اوچتو ڪو ستال سلو سرجي ٻور جهلي. هر سو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪچي خوشبوءَ شين ۾ واسو ڪري، اهڙي سمي پراڻن پيپرن کي ڪير ياد ڪندو؟ شايد ڪوئي به نه. دکدائڪ حقيقت اها ته علي به نه، بلڪ علي ئي نه.

▲ ▲ ▲

ان ۾ رئڻ جي ڪا ڳالهه ته نه هئي. پر الائي ڇو ان ڏينهن فائنل ايئر جي شاگردن جي فائنل پڪنڪ واري ڏينهن بيوقتي بيمار ٿي، دڙ جي پئي هئس. جڏهن تو ۽ شميءَ نهر تي ڪاغذي ٻيڙين جي ريس تي پڄائي، تڏهن مون سوچن جي سمنڊ ۾ پنهنجا ٻيڙا ٿي ٻوڙيا. بيمار جسم کي هنڌ، اپ ڪندئين جا چار لڳو هو. روح رتوڇاڻ، سنجهي ويل آڪاس هيٺان ويچي ليٽي هئس ته اک وچي تيڙوءَ ۾ اٽڪي هئي. هر سوچ جو سلسلو ڪٽان به ڪري، ڪيئن به ڪري، وچي ٿي تنهنجي دڳ نڪتو. تيڙو ڏسيو پڙائن جا پرتور پولار ۾ پٽڪي پٽڪي ئي ويا، ۽ الائي ڪهڙيون ڪهڙيون يادون دڳ جهلي بيهي ٿي رهيون.

آئون ته هوندن ئي هميشه جذباتي رهي آهيان، دوستيءَ جي معاملي ۾ دماغ جي بدارن هميشه دل سان سوچيو هوم. نتيجو ظاهر هو. شخصيت اندران ئي سرجي پرڻ ٿي وئي، پر بقول ڪنهن جي اندران قسي شخصيت حفاظت لاءِ ٻاهران خوديءَ جا خول وڏيڪ مضبوط بنائيندي آ، سو ان شام ان سوچ ۾ ته، جنهن لاءِ مرجي سو ڪانڌي به نه ٿئي، پيٺو ڪفن جي ڪٽ ڪيو بينو هجي، ڪجهه نون فيصلن کي پنهنجو ڪرڻ جو سوچيم. نوان فيصلا- بيحد بهادريءَ ۽ برداشت جا هي هيڏو آپي جو ايمان، هي اندر ئي اندر رت جا ڳوڙها ڳاڙڻ، پلا من اندر ڪا بلڊ بئنڪ نه هئي، جنهن ۾ سانيپي وچان ها اهي ڳوڙها.

آئون پنهنجن نون فيصلن تي ايتري ڪاربند ضروري رهي هئس، جو ٻي ڏينهن جڏهن تون ۽ شمي وات نوڪاٽيءَ خاطر روم ۾ لنگهي آئيو ته مون بلڪل نارمل Behave ڪيو. شايد تي سگهي ٿو، ان ورتاءُ ۾ ڪجهه بي ڏياني ۽ نخوت پڻ شامل هجي. مون کي خبر هئي، اها پڪنڪ پريزيڊنٽ هئڻ جي حيثيت ۾ تو خاص پنيور ۾ Arrange ڪئي هئي. شميءَ مذاقاً ياد ڏياريو، "ڪيڏو مزو اچي ها. جي تون به ساڻ هجين ها. عليءَ هيءَ پڪنڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خاص تنهنجي نالي پويان پنيور ۾ رکي هئي."

مون لنوائيندي نخوت سان چيو هو، "نيڪ آ پئي. اسين به اوهان کي اوهان جي نالي پويان حضرت عليءَ جا قدم شريف گهمائي ايندا اسين. اوهان اسان لاءِ وقتي وندر ڪئي، اسين اوهان کي دائمي سرور ڏيندا اسين. هوءَ اوهان جي خيرات هئي، هيءَ اسان جي بخشش ٿيندي. ڪيئن آهي نه ليکو چوکو برابر؟" ڳالهه ڪري هڪ نطر تو ڏي اڇلايم. ڏٺم تنهنجو منهن رنگ هاري ويو هو.

▲ ▲ ▲

ٻئي ڏينهن ميٽرن جي گهر تو فون تي ليلڙائين جي انداز ۾ چيو هو، "ڪڏهن ته چئو پنيور، پربن تنهنجي پيار ۾ ليکا ڪهڙا ڪبا!"

"ڪهڙن ليکن جي ڳالهه ٿو ڪرين؟ ليکا ڪڏهوڪو لهي ويا. انسان هئڻ جي ناتي آئون به ڪجهه حساس آهيان ۽ حساس ماڻهو دل جي دفترن ۾ ليکو چوکو پورو رکڻ جي عادي هوندا آهن." مون بنا اخلاق جي وچان تنهنجي ڳالهه ڪپي فون رکي ڇڏي. ٻه مهينا موڪلن جو طويل عرصو اسان هڪ ٻئي جي بيخبرائيءَ ۾ گذريو- ان وچ ۾ شميءَ سان ڊپارٽمينٽ ۾ سلپ ونڻ جي سانگي هڪ دفعو ملڻ ٿيو به سهي، پر ان سچائيءَ سان نه ملياسين، بيتڪلفيءَ ڪي جنم ڏيندي آهي. ڪائنس خبر پئي ته اوهين پاڻ ۾ ملندا رهندا آهيو. شميءَ ٻڌايو "توسان ملڻ لاءِ ڏادي دل هئي" پر موڪلن جي آخري ڏينهن تي، جڏهن عليءَ چيو هو "پنيور موڪلن ۾ ملندين؟" ته جوابا تو چيو هو ته "فائنل ايئر جي تياري ڪنهن وٿ ويڻ يا ڪنهنجي اچڻ جي اجازت ئي ڪٿي ٿي ڏي! ان ڪري باوجود دل جي توسان ملڻ ٿي نه سگهيو."

آخر ۾ شايد شميءَ هنج پائي هڪ سوال به ڪيو هو، "اوهين پاڻ ۾ چو رنا آهيون پنيور؟"

آئون مشڪي ڳالهه لنوائي وئي هئس"توسان ته ٻئي پرتل آهيون پئي!"

ان ڳالهه جو اعتراف اجان مون پاڻ سان به نه ڪيو هو ته آئون توکان رنـي آهيان. لڪلوتيءَ ۽ درگذر ڪرڻ جي سرد جنگ تو پاڻ جوتي هئي. نوان پيار پالي، انهن کي Privacy ۾ لڪڻ تو سکيو هو. نه ته آئون ته هر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دستڪ تي آتي وينئي هئس، تہ اجهو اجهو ڪوئي ايندو، اچي مون کي پنهنجي پيار ۾ شامل ڪندو، پر تون نہ آئين. جڏهن بہ مسافر ڪنهن پليٽ فارم تي پاڻ ۾ مليا، ملي وڇڙيا. هڪ جي ريل آئي، پنهنجي مسافر کي کڻي، منزل ڏي رواني ٿي. ويندڙ مسافر هلندڙ گاڏي مان ڪٿ تو مڙي پنيان نهاري، تہ رهجي ويل مسافر تي ڇا گذري؟

▲ ▲ ▲

موڪلون آيون ۽ ختم ٿي ويون. فائنل ايئر جي شاگردن لاءِ جڻ ٻن هفتن لاءِ زندگي اچي وئي، ان ڪانبوءِ هر شاگرد کي، يونيورسٽيءَ جي فضا کي جڻ هميشہ لاءِ خيرباد چوڻو هو.

شاگرد ساٿي لڳاتار منهن سان هڪ ٻئي لاءِ عقيدت جو اظهار ڪندا رهيا. هڪ ٻئي ڏانهن جذباتي لکيل رمارڪس، ننڍا ننڍا تحفا، پنهنجي هٿ اکر لکيل دعائيہ جملن سان پنهنجي پنهنجي وت آهر برمعنيٰ محبت جا ننڍڙا ننڍڙا اظهار!

يونيورسٽيءَ ڪلڻ جي پهرين ڏينهن ئي تو چيو هو "ينيور توسان اڄ ڪلاڪ ڳالهائڻو آ. پيپر ڏئي مون سان ضرور ڳالهائجانءِ."

پڇيم "ڪهڙو ڪم تہ؟" جو پانيو هوم، شايد دوستيءَ جو پراڻي مردي کي ماضيءَ جي ملبي مان ڪوٽي، آڪسيجن ڏيڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندين.

تون منهنجو نارمل انداز ڏسي، ڪجهہ اداس ٿي وئين. چئيہ "ايڏي نارمل آهين! تو شايد هر شي وساري ڇڏي آ، ڪينٽن جي ڪنڊ، بوگس بکو ، نيڙوءَ جو تمڪو."

"ذهني سڪون خاطر تلخيون وسارڻ ثواب آ. ثواب ڪمائڻ خاطر تہ انسان انسانن جو بليدان ڏيندا آهن. مون تہ صرف تو جهڙي بلنڊر ماڻهوءَ کي پلائي..."

پاڻ لاءِ بلنڊر جي لفظ ٻڌي، تنهنجو منهن تامٽي هٽي ويو. مان توکي تنهنجا ئي لفظ واپس ورائيندي ٻڌايو "اڄ مون کي بيزار نہ ڪر، جو هينئر مون کي ڪوئي ياد نہ پيو اچي... ڪوئي ياد نہ پيو اچي مون توکي واقعي وساري ڇڏيو آهي..."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بهرحال گذريل واقعن کي قلمبند ڪرڻ جو ڪو واحد مقصد ڪهاڻيءَ جي تخليق نہ آهي. متيءَ مان جڙيل ڪهاڻيون واريءَ جي لڏونءَ جيان پري پونديون آهن. پر ڪڏهن ماضي درد جو درياہ بنجي، ذهن جي بنجر ڌرتيءَ کي رانگي ويندو آهي . سڻون سلن جيان سرجڻ لڳنديون آهن ۽ ماڻهو پنهنجيءَ تخليق ڪيل ساوڪ جي سراب جي هيڪر وري پٽڪڻ لاءِ تازہ دم ٿي ويندو آهي.

اڄ يونيورسٽيءَ جي ماحول ڇڏي ڪي سال ٿيا. تنهنجو خيال ڪڏهن پلجي بہ ذهن ۾ ڪونہ آيو. ان وچ ۾ اسين شهر ڇڏي ڳوٺ آياسين. ڪنهن ڪم سانگي شهر اچڻ ٿيو بہ سهي، تہ بہ توسان ملڻ جو ڪڏهن اشتياق ئي نہ اڀريو. ايتريقدر جو ان آخري ڏينهن فيئرويل پارٽيءَ تان موٽندي، جڏهن توکي پويان بس ۾ جاءِ نہ ملي (يا ڄاڻي واڻي اڳيان بيٺو رهين) تو چيو "رُني آهين؟ پرتل هجون ها تہ هڪ ٻئي کي دوست سمجهي ئي ياد ڪريون ها. اڃا بہ هينئر سڀ ويڇا وساري پرچي پئہ."

"هن جڳ ۾ اهو ناهي ممڪن- جو پل لنگهي ويو، هو پنهنجي پويان عذاب جا انڊ ميا ليڪا ڇڏي ويو. عذاب جي وسري وڃن بہ سهي، تہ بہ پنهنجي اندر ۾ اڪريل اهي ليڪا رانگي نہ ٿا سگهجن. تيڙوءَ جو ٽمڪو، بوگس بڪواس ڪيڻن جو ڪنڊ. اهي عذاب سڀ درگذر. پر منهنجي من جو، هڪ حصو هميشہ لاءِ پونو ٿي ويو، ان جي تلافي؟"

لهندي لهندي چيو هيئہ "آءُ دعا ڪندس پنيور. اسان جت بہ هجون، خدا ڪري خوش رهي سگهون."

لفظ "اسان" مان منهنجو حصو ڪٽي وٺ. بي ڌيانين جي عتاب ۾ آيل ماڻهو دعائن ۽ بد دعائن جي اثر کان بي نياز ٿيندا آهن" جواب ڏيڻ کان اڳ ئي تنهنجو اسٽاپ اچي ويو هو ۽ تون ڪجهہ چوڻ جي ڪيفيت ۾ منجهي هيٺ لهي پيو هئين.

بس جو اهو آخري سفر هر شاگرد کي پنهنجي اسٽاپ تي لاهيندو اڳيان وڌي منهنجي هاسٽل تائين پهچي ختم ٿي ويو.

امتحان آيو ۽ ختم ٿي ويو. ڪاميابيءَ جي ڊگري ساڻ ڪري بابو مون کي هاسٽل مان ڪڍي گهر جي ڪنڊ ۾ ڦٽو ڪري، وري ڪنهن ٻيءَ ڏڳ ڳم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي ويو.

بهرحال ڪنهن امتحان مان ڪاميابيءَ جي ڊگري هٿ ۾ اچڪائي، ماڻهو خوش خوش نڪري ايندو آهي ۽ ڪنهن امتحان مان چپ چاپ گذري، صرف قوت برداشت جا ڪتبا ساڻ ڪري موٽي ايندو آهي. بقول موهن ڪلپنا "اهو ڪهڙو ڏينهن آهي، جڏهن اسان جي من جي ڪنهن ڪومل ۽ عزيز ڀاونا جو موت نه ٿيو ٿئي. اڄ منهنجو من زندگيءَ جي سڀ کان وڏي 'شوڪيس' آهي." سو ان جي قبرستان تي خاموشيءَ جا ڪتبا ساڻ ڪري جيسين جي سگهبو، تيسين ته بهرحال جيئبو رهبو. پوءِ نيٺ ته مٽي مٽيءَ سان ملي ويندي. انسان فنا ۽ هر شئي ويران بنجي ويندي. اهڙي سمي قبرستان جي خاموشي گذر گاهن ۾ جڏهن چنڊ جي چڪيا ويران واسيندي، تڏهن هڪ نربل روح پاڻ لڪائي ٻي جوڻ مٽيندو. هو ڀنؤر بنجي ڏنل آستان ڳوليندو. ونل بستيون هن کان پري ڀڄنديون. اها ڪهاڻي ورهين کان ورجائبي ايندي، پوءِ به تازي رهندي. ٽيڙوءَ جو ٽمڪو ڪڏهن به ختم نه ٿيو ڀنؤر جي آتما ڪڏهن به مڪتي نه ماڻيندي، جو مسلسل محبتون ٻن دوستن جي وچ ۾ وڇوڙو بنجي ويون وار جيڏيءَ وڏ تان، رنا پاڻ ۾ ٻيهر پرچڻ لاءِ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تخليق جو موت

هميشه جيان هينئر به عيد آئي ۽ گذري ويئي- دستور موجب هن عيد تي به صونن ۽ ڪشنن جا ڪور بدليا هئا- قالين ڪي چندڪو لڳو هو، بتيون چنڊيون هيون، پردا متيا هئا ۽ رڌڻي ۾ سڳداسي چانورن جي هبڪار ٻهڪي هئي.

هستيءَ جون اهي ننڍڙيون ننڍڙيون ڳالهيون ڏاڍيون ويساه جوڳيون آهن، جو هميشه ورجائبيون آيون آهن ۽ ورجائبيون رهبيون.

ننڍڙيون ننڍڙيون ڳالهيون، هلڪيون سلڪيون يادون، منڙيون موسمون، پيارا دستور ۽ سنيون رسمون- ڪيڏيون نه ويساه جوڳيون آهن اهي شيون- باقي ٻي ويساه ڪير آهي ته ساه جي تند- جا تنندي ويرم ئي نٿي لائي!

سو هن عيد تي به هر ڪم آئين ٿيو هو جيئن هميشه ٿيندو آهي. باقي ناهي ڪير ته عزيز!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عزيز منهنجو دوست هو. دوست بہ هيئر تي چوانس جو آءٌ بہ ٻين وانگيان مئلن جي پڄاري آهيان. باقي اڪين اڳيان هوندو هو تہ دشمن ڪري ليکندي هئي مانس! ان ڪان پوءِ منهنجي ۽ عزيز جي وچ ۾ ٻيو بہ رشتو هو. اُهو هي تہ عزيز منهنجي ماءُ جي ماءُ جو پٽ ۽ منهنجي ناني جو همشڪل هو. ان مان ثابت ٿيو تہ هو منهنجو مامو بہ هو، پر خير مامو منهنجو ان ڪري هو، جو هو منهنجي ناني ۽ نانيءَ جو پٽ هو باقي سچ پچ هو منهنجو دوست هو.

عزيز کي عزيز ڪري هاڻي تي سڏيان جو منهنجي اکين اڳيان ناهي. باقي سامهون هوندو هو تہ هميشہ "يزيد" ڪري ڪوٺيندي هئي مانس، جو هميشہ پيو اکين ۾ اٽڪندو هوم.

سندس عمر اڄ ڪان هڪ سال پهرين ايتري هئي جيتري هينئر منهنجي ۽ منهنجي عمر تڏهن پورا پنجهويهہ سال هئي. اسان ٻنهي جون عمريون ساڳيون ئي هيون. چڻ ٻئي هڪ جيڏا هڪ جيان ۽ هڪ جهڙا هئاسين. باقي فرق ڪو هو تہ حالتن ۾.

انگريزي محاوري مطابق عزيز بہ "وات ۾ سونو چمچو" ساڻ ڪري ڄائو هو ۽ مان بہ، پر مون کي اتفاق سان حالتن ساٿ ڏنو سو منهنجو 'چمچو' قائم رهيو، باقي عزيز جو 'چمچو' ڇڏائجي ويو. تڏهن، جڏهن عزيز اڃا پنڌ ڪندڙ مس هو. اسانجو نانو مئو تہ عزيز بہ ڏتڙجي ويو. رکو سکو ڪائي نہ نبنو. هميشہ هاسٽل ۾ رهيو ۽ ڏڪا ٿاٻا ڪائي پڙهيو. سو ننڍي وهيءَ ۾ جو چمچو جهلڻ ڏانءَ نہ آيس تہ وڏو ٿي بہ عزيز پنهنجيءَ پر ۾ اهو سونو چمچو وري ڪڏهن نہ سنيريو.

اسان ٻئي تعليمي ميدان ۾ گڏ گڏ هلياسين. مئٽرڪ ڪان وٺي ايم- اي تائين. عزيز هميشہ پرائيويٽ ٿي پڙهيو، جو اسي رپين جي ماستري ماڻڻ ۽ نڀائڻ بہ ڪو چرچو تہ ڪونہ هو نہ؟ ۽ جڏهن ايم- اي ڪئي سين تڏهن هيڪر وري اڪيلي سر سوا ٻن سو رپين جي نوڪري وٺڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو- سو جيئڻ ڪاڻ عزيز بہ وسان ڪين گهٽايو هو، ۽ تڏهن مان بہ ساڍن ڇئن سون جي ماستري وٺڻ ۾ ڪٿي وڃي هئس ڪانئس.

عزيز رهندو تہ ڳوٺ جي هاسٽل ۾ هو، پر نظر ايندو هو هميشہ حيدرآباد ۾. ڪنڌ جو جهاز جيڪر ٻڌيم ها تہ بہ ايترو رڃ ڪونہ محسوس ڪريان ها

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيترو عزيز کي ڏسي رنجبي هئس دل ۾.

جڏهن به در پٽ، سامهون عزيز تہ هوندو ئي هوندو هو- ڪڏهن پارن جا يونيفارم.

نهرائڻ جا سبب پڌائيندو هو. پر منهنجي ذاتي خيال هو تہ انهن سڀني شين کان سواءِ اهم سبب جيڪو ڪيس ھٿي تئي ڏينهن سفر جا سور سهڻ لاءِ آپاريندو هو، اُهو هو سندس پڪچر ڏسڻ جو شوق.

آءٌ ڪيس ايندو ڏسي فورن ويجي لڳندي هئس پنهنجي ڪرت ڪي. جلدي جلدي فرج کي تالو ڏيئي چاٻي ويجي رکندي هئس وهاٽي هيٺ. پوءِ باٿ روم ۾ ويجي ڪپٽ مان صابڻ تيل، ڦٽي پيسٽ، تـوال ۽ اهڙيون ٻيون شيون ڪڍي انهن جي جاءِ تي ڪو 'هالوچالو' سامان رکي ڇڏيندي هئس.

اُهو سامان بہ سندس محبت ماري ڪانہ رکندي هئس، پر ان لاءِ جو سري کان ماڳهين ڪاشيءِ نہ ڏسندو تہ پڪ چاٺندو هو تہ اهي شيون مون ئي ڪٺي ڪٽي گول ڪيون آهن پوءِ ڪنهن نہ ڪنهن طرح اک بچائي منهنجي روم مان اهي شيون ٽپاڙي وٺندو هو.

منهنجي ڪا هرويرو ساڻس دشمني صرف دشمنيءَ ڪاڻ ڪانہ هئي، پر سندس افعال ئي اهڙا چبا- چٽا هوندا هئا. اهڙو سڌاترو، جو صابڻ ڪنئين تہ سڄي چڪي پيرن تي ئي لائيندو هو. ڇئن ماٺهن جي پيسٽ هڪ ئي وقت پوري ڪندو هو. تيل جي تيسين جند نہ ڇڏيندو جيسين ويجي باقاعدي ان ۾ تـبي نہ ڏي.

منهنجو خيال هو تہ، عزيز اڳوپوءِ حيدرآباد ۾ ئي اچي پاڻ کي ناهيندو جوڙيندو آهي باقي جيترا ڏينهن ڳوٺ هجي اوترا ڏينهن اتي اها خجل ڪري ئي ڪانہ. سومون کي ايندي هئي سندس انهن ڳالهين تي منيان هڪڙ بہ تہ اهڙو ئي هو جو پري کان ئي ايندو تہ واڪڙ واڪڙ ڪيون ايندو. هلڻ مهل بوٽ جون ڪڙيون ايڏو تہ زور سان وڄائيندو هو جو اڌ ميل تان سندس اچڻ جو اعلان ٿيڻ لڳندو هو.

مانيءَ جي ميز تي مجال آهي جو ڪير ماني ڪائي ساڻس ڀيٽ پري! چڱي خاصي ميز جي روماني ماحول تي، چڪڙ چڪڙ جي آواز سان، پاٺي ڦيري ڇڏيندو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس انهنءَ بي تالي روش ڪري گهرجي باقي ماڻهن جي عام طور ۽ منهنجي ساڻس خاص طور ڪانہ ٺهندي هئي. سانت سان تہ ڪڏهن وينوئي نہ. اپهرو ٿي ڪڏهن هن شيءِ ۾ هٿ وجهندو هو تہ ڪڏهن هن شيءِ ۾.

هيڏانهن هوڏانهن ڏسي گهڙندو هو ڊرائينگ روم ۾. صوفہ تان ڪشن کڻي رکندو هو سيرانديءَ هيٺ. ڳوڻان آنڌل بوٽ ۾ گپ جا گارا اچي رڱائيندو هو قالين تي. پوءِ سرو رکندو هو پٽ تي ۽ پگهرهاتا پير وري صوفہ تي. ماني کائي هٿ تہ ڪڏهن ٽوال سان اگهيئين ڪانہ- پائيندو هو تہ پتيون ۽ پردا آخر ڇا جي ڪاڻ آهن. آءٌ سندس انهن بي ڍنگين تي ويهہ دفعا ٽوڪي بہ چڪي هونديس، پر ڪيس ڪو اثر ئي نہ ٿيندو هو. هميشہ الي ويندو هو. چئي، ”ثبوت ڪهڙو آهي تہ اهي پٽ تي لڳل لينگها، گادين تي تيل جا ڏبا ۽ ڪورن تي پيرن جا نشان منهنجا ئي آهن؟“

پوءِ تہ مان هوندي هئس موقعي جي تلاش ۾ تہ ڪيئن ڪيس سگهو سوڌو پڪڙي لڄي ڪريان، جو آئيندي گهٽ ۾ گهٽ ان ريت لڪ ڪرڻ تہ ڇڏي ڏي.

سو هڪ دفعو ڪيس موقعي تي جهليو بہ هئم. سندس پان هاڻن- هٿن ۽ پٽ تي لڳل تازن لينگهن جا فنگر پرنٽس ملائي بطور عيني شاهد، اميءَ کي وٺي آئي هئس جاءِ واردات تي. ثبوت ثابت ٿي وڃڻ کان پوءِ سڌيءَ طرح اَمان کي ۽ اڻ سڌيءَ طرح ڪيس نوٽيس ڏيندي چيو هئم، ”امي، جي آئيندي ان ريت، ڪريت ڪئي وئي تہ مان ڪيس سڌو ريفر ڪنديس سپريم ڪورٽ ۾ بابي جي اڳيون...“ اَمان کي خبر هئي: اول تہ بابو منهنجو ڪيڏو مان رکندو آهي پيو تہ بابي وانگيان منهنجي وات تي بہ گهڙو مٽ ناهي- سوجي اهي خبرون ويون بابي جي ڪن، تہ اوڏي جو اوڏي مهل ٿڏي تي ئي ڪيس ’جائو‘ ڪرائيندو. سو ان ڊپ کان اَمان، ايڏا سخت ڳالهو ڏنا عزيز کي جو غريب سمجهي نہ سگهيو هو تہ پيٽس ۾ اها ناگوار تبديلي ڪا گرفتاريءَ کان پهرين جي احتياط ۾ [Beil before arrest] ’ضمانت‘ طور آيل آهي.

ڪتابن ۾ منهنجي ۽ عزيز جي ٽيسٽ خاصي ملندڙ هئي. هميشہ ڳوٺ وڃڻ کان اڳ ڪلاڪ پهرين منهنجي اڳيان اڳيان ڦرندو هو. چئي، ”فلاڻو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتاب ڏي، ريل ۾ پڙهندو ويندس. وري ياد ڪري ڪٽي ايندس.“

آءٌ ظاهر آهي تہ ٺپ جواب ڏيندي هئي سانس. پوءِعزيز هڪڙيءَ تي آءٌ بيءَ تي. جيسين وچي ڳالهہ پهچندي هئي اَمان جي ڪن. ڪڏهن عزيز کي ڳالهائڻ پوندا هئا ڪڏهن مونکي.

پر گهڻو ڪري اَمان پاڻ وچمہ پئي ڪتاب ونرائي ڏيندي هئس، ان وعدي تي تہ ڪتاب هيترن ڏينهن ۾ ڪيتري حفاظت سان واپس ڪيو ويندو پر جيڪڏهن منهنجو ڪو ڪتاب گم ٿيو تہ مونکي پڪ هوندي هئي، ”ميجين نہ ميجين ڪتاب ضرور عزيز جو ڪنيل آهي.“ پوءِ آءٌ سندرو ٻڌي سانٽس وڙهڻ جا سانيا ها ڪندي هئس. هتان ايحان منهن ڪڍندو ئي مس هو تہ آءٌ بہ وٺي ويندي هئي سانس هڪ ئي ساه ۾.

”يزيد ڪتاب آندءِ“ پڇندو هو، ”ڪهڙو ڪتاب؟“ ”اهو جيڪو ان ڏينهن ڪٽي وئين.“ بغير ڏٺي منهنجي لهجي ۾ هرويرو جو اعتماد هوندو هو.

ان ڳالهہ تي عزيز ڪٽندو هو قسم. چئي، ”امڙ سنڌو جو سنهن؛“ پر آءٌ ڳالهہ ڪاٽيندي هئي سانس وچ مان، ”ميجين نہ ميجين ڪتاب تنهنجو ئي ڪنيل آهي.“ چوندو هو، ”موليٰ علي جو...“ پر منهنجو آرڊر صفائي ڪان پهرين ئي اشو ٽي ويندو هو، ”وري اچين تہ ڪتاب ڪنيو اچجانءِ- نہ تہ منهنجي طرفان پنهنجي عزت هيٺ مٽي ياڻئج... ٻڌئي... عزت اڳمہ ئي پوري سوري اٿئي... جي اها بہ هلي ويئي تہ...“

ڌمڪيون ٻڌي پيهر قسمن جو سلسلو چالو ڪندو هو. چئي، ”حضرت عباس جو سنهن مون کي ناهي خبر.“ پر سندس انهن قسمن تي تيسين اعتبار ڪانہ ڪندي هئس جيسين ويچين ساڳيو ڪتاب پنهنجي ڪنهن وهائي يا صوفہ هيٺان نہ ڪيان، پوءِ ان لڌل ڪتاب کي ان ريت لڪائي ڇڏيندي هئس جو عزيز جي اک نہ چڙهي، ان احتياط ڪان تہ جي آئينده سچي پچي ڪو ڪتاب ڪٽي بہ ويو تہ ڪيس وري ان رعب سان دبائي نہ سگهبو.

تن ڏينهن اسين رهندا هئاسين پنهنجي پراڻي جاءِ ۾، جنهنجا چار روم چڪي تاڻي اسان کي ئي پورا مس ٿيندا هئا. بابو ۽ الطاف (منهنجو ياءُ) آهن هميشہ جا خلوتي، سو نہ هي ڪنهن جي حد دخلي ڪن ۽ تہ ڪو بيوئي هنن جي ڪمرن ۾ وڃڻ جي همت يا حجت ساري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باقي ٽيس آءٌ ۽ اَمان، سو عزيز ايندو هو تہ گهڻو ڪري اَمان جي ئي روم ۾ گذاريندو هو. ڏينهن جو سوڙهو سنگهڙو ٽي ويهاٽو ڇپو ڪري ليٽيو پيو هوندو هو پينگهي ۾، ۽ رات جو سمهندو هو سندس جي کٽ تي. جيتريون راتيون عزيز اسان وٽ هوندو هو اُهي مڙيئي راتيون امي پٽ تي سمهندي هئي. ۽ مون کي ڏسي ان ڳالهہ تي وندي هئي باه، هوءَ تہ مون کي ڏسي ڪنهن نہ ڪنهن بهاني ڏينهن ۾ هڪ دفعو ضرور چوندي هئي، ”پٽ تي ڪڏهن ڪڏهن سمهڻ بہ ڏاڍو مزي وارو ٿيندو آهي.“ پر مونکي خبر هئي تہ پٽ تي سمهڻ ڪيتري قدر مزي وارو ٿيندو آهي خاص ڪري پيريءَ واري هڏ سان.

”آخر اَمان، تون منهن ڪوڙو ڪري چوينس ڇو نٿي تہ تون پٽ تي سمهين ۽ لاٽ صاحب سمهين کٽ تي.“

هوءَ چوندي هئي، ”مونکان ائين نہ ٿيندو. مون کي پٽ تي سمهڻ خراب ڪونہ ٿو لڳي، پوءِ هرويرو...؟“

اَمان کي عزيز جون وري پيون ڳالهيون ڏکيون لڳنديون هيون. هوندو هو هميشہ جو دهريو. ڪندو هو سدائين ابتيون سبتيون ڳالهيون. پاسي کان ويهي فضيلت سان ڪا ڳالهہ ڪرڻ تہ ڇڻ سکيو ئي نہ هو. پاسي کان وينل ماڻهوءَ کي ڏک هٽي هٽي اصل ايڏو تہ کٽ ڪندو هو جو آءٌ ڪائنس سنجيدگيءَ سان پڇندي هئس، ”عزير تون ڪٿي اڳئين جنم ۾ بينڊ ماستري تہ نہ ڪئي آ؟“

هڪ هنڌ ويني بہ ايڏي چرپر ڪندو هو جو ڪل ڪل ۾ صلاحون بہ ڏيڻ لڳندي هئي مانس، ”بس ٻائي، جي انهن Random Activities کي ٿورو بہ Arrange ڪرين تہ بينڊ ماستر سان گڏ ڊانس ماستر بہ ٿي سگهين ٿو. پنهنجي خاندان جو منهن مٿي ڪندين پيو ٻلا ٻارن کي پڙهائڻ واري ماستري ۾ رکيو بہ ڇا هي؟“

سو اَمان چڙندي هئي سندس ’دهرئي پڻي‘ ۽ ابتي سبتي ڳاهين تي. الله رسول بہ تہ هرو يرو اکين ۾ اٽڪندا هئس نہ....

هڪ لڳان گهڙيو هو باٿ روم ۾. ڪجهہ دير ٿي تہ اتان رڙين جي وارو وار لڳائي ڏنئين.... ايڏو تہ حشر مچايو هئين جو امي اٿو ڳونل وچ ۾ ڇڏي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اچي در تي بيٺي هئس. ايڏو بي چين ٿي پڇيئيس، "ڇا ٿيو عزيز، ڇا؟ ٿيو" اندران جواب ڏنائين، "ڪجھ ڪونہ، بس گرمي ٿي لڳيم." اميءَ چيس، نالائق، ان تي هيڏيون رڙيون. مون ڀانيو تہ ڪو...!!"

چئي رڙيون ان ڪري ڪيم جو هتي خيال آيم تہ جڏهن نئين جاءِ جوڙايو تڏهن ٻاٿ روم ۾ پکا هڻائڻ نہ وسارجو، جو گرمي ٿي ٿئي. هتي بہ جيڪر ٻاهر نڪران ها تہ تيتر وجيم ها وسري..."

ٻاهر نڪتو تہ چيومانس، "عزيز، تنهنجي فڪر ۽ تدبر جو پرواز ٻاٿ روم کان شروع ٿي وري اتي ئي دم ٽوڙي ڇڏي- واه واه ڇا خيالن جي اُڏام آهي؟"

ان تي عزيز ڏنو هو هڪ وڏو ليڪچر اَمان جي ئي آڏو. جنهنجو تت ڪجھ ان ريت هو تہ Sex کان وٺي Soul تائين سوچ جو پهريون سيمينار ٻاٿ روم ئي آهي. ۽ وضاحت ڪندي ڪي اهڙيون ڳالهيون بہ چئي ويو هو جو اَمان ٻہ ٻہ هڻ ڪري ورتا هئس.

چيو هئينس، "مٺا الله رسول جا تڙيل ڇورا، ڏسين ٿو ڪفر بڪي بڪي منهن جي مٺيائي مري ويئي اٿيئي- تنهنجي گهر ۾ پير رکڻ سان لڇمي ئي نہ ايندي ماريا بي لڇڻا."

ان تي عزيز ويندي ويندي چوندو هو، "خدا رسول جو ناهيان ورتل اديِ، منهن جي مٺيا تہ فيراڊال جي نذر ٿي وئي اٿم- پگهار پورو ئي نہ ٿيو سو..."

۽ جڏهن عزيز اَمان جو ٽڪ بجو ڪاٺي پٺ ڏيندو هو تہ هميشہ هوءَ اکين ۾ پاڻي آڻي چوندي هئي، "جڻ ٿي ڪريانس تہ هانو ٿو سڙيم. پر افعال ئي اهڙا اٿس- ڏسان پئي تہ لهي بہ ڪيڏو ويو آهي. جڏهن ڄائو هو تہ بابو سندس پير اکين تي رکي چوندو هو، هي منهنجو ڪمبو آهي ڪمبو."

قرض کڻڻ لاءِ مون کي ڪيئن ڪيئن قائل ڪندو هو. "سوا ٻہ سؤ پگهار- تنهن مان هاسٽل جو بل ڀريان، ڏوبيءَ جي ڌلائي ڏيان، ٢ ويلا مانيءَ جا ڪيان، شيو جو سامان وٺان، ٻہ- ٽي فلمون ڏسان..."

آءٌ اهو سڄو پروگرام ٻڌي پئسن ڏيڻ کان لنوائڻ ڪاڻ چوندي هئس، "ڀلا فلم ڏسڻ ڪو هرويرو فرض آهي؟"

چئين، "پنهنجي من جا پاڻ تي بہ ڪي حق ٿيندا آهن آخر؟"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وراڻيئين، ”توکي ڪهڙي خبر؟ فلم ڏسڻ فرسٽريشن کان فرار جو سڀ کان سستو نسخو آهي ماٺهو نه پاڻ کي پريشان لاءِ الائي ڪهڙا ڪهڙا جتن ڪندا آهن.“

”اها نه ڪا ڳالهه ڪا ناهي، جڏهن موچڙو گهٽ ماني ڏؤ تي هجي نه پوءِ فرسٽريشن فرار بنجي ويندي آهي.“

ڪيس چوڻ ڪاڻ نه ائين چيم پر دل ۾ پاڻ ئي پاڻ تي ڪلڻ لڳي هئس.

مون کي سوچيندو ڏسي چيائين، پروگرام سچو تنهنجي آڏو آهي تون ئي ٻڌاءِ ڪهڙو Item واڌو يا فضول آهي جو ڪڍي ڇڏيان؟“

۽ مان ڪيس صلاح ڏيڻ لاءِ واقعي سوچڻ لڳي هئس نه ڪيئن هو واڌو Item کي ڪٽ ڪري، ڪيس پگهار جي پورت جو ڏسيان جو آئيندي هو قرض ڪٽڻ کان بچيو رهي.

”...ڇا فلم جو پروگرام ڪٽي من جي موجهار کي رهڻ ڏي ها. مانيءَ جي ٿن ويلن مان ڪٽي ٻه ڪري ها- يا ڌوبيءَ کان ڪپڙا ڌوئارڻ ڇڏي مجنون ٿي رستن تي هليو اچي ها- انهن Items مان ڪهڙو Item واڌو هوس آخر؟ تڏهن مان سمجهي نه سگهي هئس سواءِ ان جي نه، عزيز جي جان تي سفيد پوشي جو ڀرم ٻه ڪيڏو نه وبال بڻيو هو!

بيشڪ وعدي جو هميشه سچو رهيو- هتان ايان پگهار ملندي ئي مس هئس نه فورن اچي در تي ٽيڪسي بيهاري پهرين قرض چڪائي پوءِ ڳوٺ ويندو هو. سندس در تي بيٺل ٽيڪسي ڏسي جاٽي واٽي چوندي هئس،

”ٽيڪسي بيٺي اٿئي عزيز نه نه يت ڪارايان نا هو ڪو.“

ڪاڏي جو هو ڏاڍو شوقين. ايان هتان گهر گهڙندو هو نه هڪ نظر رڌڻي ڏانهن وجهي اَمان کان پڇندو هو، ”ادي آهي ڪا شيءِ ڪاڏي لاءِ ڪن سٽائي ئي سٽائي؟“

آءٌ وچ ۾ ئي وراٺيندي هئي سانس، ”بلڪل سٽائي ئي سٽائي...“

سو يت جو ٻڌي سندس منهن تي سچ پچ سوچ جا ليڪا وکرڻ لڳندا هئا... پڇندو هو، ”نه پوءِ ٽيڪسيءَ کي ڪجهه وڌيڪ ڏيئي بيهاريان؟“

”ها... جي مهانگو نه ڇنيئي نه...“

پوءِ تڪڙ تڪڙ ۾ ڪوسا ڪوسا گرهه وات ۾ وجهندي ويندو هو ۽ واه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واه ڪندو ويندو هو. ويندي ويندي چوندو ويندو هو، "واقعي گهر جي روٽي پاڻيءَ ۾ به ڪو 'معراج' جو مزو آهي. پر اسان پارن اياڳن کي معراج ملي ئي ڪونه!

هڪ لڳان پريان ڪان ئي پاڻ سان هيڏي ساري پيتي لوڏيندو آيو. چيئين، "B-T ڪئي اٿن لازمي ٽيچنگ ۾، سو آيو آهيان B-T ڪرڻ... پر رهندس اوهان وٽ ئي- جو نڪو هاسٽل ۾ داخلا ئي ملندم ۽ نڪو ئي پاڻ ۾ حال ئي ساريان."

اها ڳالهه ٻڌي، منهنجي جو منهن جو پنو لٿو تي پاڻ به اهو تاڙي ويو. سو چيئين، "شڪر ڪر جو تون ان آزارڪان بچي ويئين، نه ته ١٢ مهينا مون وانگيان گيسيءَ جر نڪاءُ پيو لڳئي ها." ڪامي چيومانس خير ١٢ مهينا نڪاءُ ته هاٽي پيو لڳندم. تون ته پچاڙيءَ ۾ سرٽيفڪيٽ به ونيو ويندين ۽ منهنجي نڪاءُ جو ته ڪوڪڙ تيل ئي نه نڪرندو."

سمجهي ويو سو چيئين، "نه مان هرويرو اوهان کي تڪليف نه ڏيندس. چڱي عرصي لاءِ رهڻو اٿم نه."

چيم، "تون پاڻ جا تڪليف نه ڪرين اها اسان کي ڪرٽي پوندي آهي. نل کولين ته بند نه ڪرين. رات جو ٻيڙين جا ٽوٽا ڳولهڻ لاءِ سڄي گهر جون بتيون ٻاري ننڊ ڦٽائين. ڪڙيون وجائي وجائي دلين جا ڌڪا ڏين...".

چيئين، "نه، نه، آئينده ضرور احتياط ڪندس، بس پائي وعدو..."

"هي ڏس پٽين تي لڳل لينگها... تيل هاٿيون گاديون... ۽ چپا تيل وهاٽا- چڪ جي قالين تي رانگان هي سڀ تنهنجي اڏنگائيءَ جا ثبوت آهن..."

مون لڪ چپ ۾ ڪيس سندس بي تاتي هلت چلت جو احتياطن نوٽيس ڏيئي ڇڏيو جو آئينده گهٽ ۾ گهٽ يا 'خيال' ڪري نه ته 'جائو' ئي ڪري.

بس پوءِ عزيز رهڻ لڳو هو اسان وٽ. ڪجهه پاڻ 'سمجهه' ڪيائين. ڪجهه اسان سمجهوتو ڪيو ۽ اهڙيءَ طرح وڙهندي ڪلندي، ٻڌندي ٻڌائيندي وقت جو وهڪرو وهڻ لڳو هو. ڳتا اڪر اجان به هڪ ٻئي کي چوندا هئاسين. لفظن جي ڏي وٺ ۾ اڪثر تلخي به ٿي ويندي هئي، پر تن ڏينهن منهنجا نظريا به نرالا هوندا هئا ۽ عزيز کي به بهرحال اسان وٽ رهڻو هوندو هو سو ننڍي ننڍي لفظي چڪرين کي هڪ ٻئي جي 'انا' جو سوال

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بتائي وهندا هئاسين جو تڏهن منهنجو خيال هوندو هو تہ اسين سڀئي لفظن جا ئي نہيل آهيون اندر ۾ جي رڳو اِگهڙيون اٿئون تہ ڇا ٿي پيو! سو ڪوشش بهرحال اها هوندي هئي تہ هڪ ٻئي کان مات نہ کائجي. عزيز مونکي سلي سير، ۽ مان جي سوا سير نہ ٻچيانس تہ مان بہ ڪهڙي؟

اصل ۾ مونکي هوندو هو پنهنجي Ego جو ڏاڍو خيال، سو ان Ego جي حفاظت ۾ اگر ڪڏهن ڪڏهن لفظي گرمي وڌي بہ ويندي هئي تہ پوءِ Sorry ڪرڻ بہ تہ آخر جهڙن تهڙن جو تہ ڪم نہ هيو نہ؟

ڪڏهن ڪڏهن اَمان وٽ ويچي وهندي هئس چوندي هئي، ”تنهنجي عزيز سان اها روز روز جي ڪل ڪل مون کي ڪان ٿي پرچي. گهڙن جا پاٽي سڪيو وڃن ان طرح تہ. خبر ٿئي جڏهن تون ننڍڙي هئين تہ تنهنجي لاءِ اسان ڪڏهن نہ ڪيڏٽا ورتا ۽ نہ گرم ڪپڙا. بابو جڏهن بہ حيدرآباد ايندو هو تہ عزيز لاءِ ورتل سامان مان ايترو تہ تنهنجي لاءِ ڏيئي ويندو هو جو اڄ تائين تنهنجا اهي ڪيڏيل ڪيڏٽا ۽ ڀهريل سوئيٽر سنڀالي رکيا اٿم.“

آءُ اَمان جو اهو بليڪ ميل وارو موڊ تاڙي ويندي هئس: سو ان موضوع کان هٽي ’عزيز‘ کي موضوع بڻائي چوندي هئس، ”پر اَمان، اهو تہ تون بہ سمجهدين تہ اهي ڏاڍو بي ڍنگو. هن تہ ڪڙم جو اثر ٿيو نہ ڪيڙ جو. آخر ويو الائي ڪنهن تي؟“

اَمان رنج مان ورائيندي هئي، ”ڪڙم ۾ رهيو ئي نہ، اثر يلا ڪٿان ٿيندس؟ ننڍي لاڪون ئي ترجي ويو.... ننڍڙو هو تہ بابو سندس پير اکين ئي...؟“

آءُ چوندي هئس، ”پر اَمان اٿئي هڙچڙو، تون اجايو ٿي ڏڄ ڪرين؟“

چيئين، ”تون چڙبيندي آهينس تہ هانو سڙندو اٿم“

”... ۽ منهنجي جا بي عزتي ڪري منهنجو هانءُ ”ساڙيندو آهي سو؟“

چيئين، ”تنهنجي ڪندو عزيز بي عزتي؟ توکان هو ڪيپائيندو آهي سو؟“

”خبر اٿئي اَمان، اڃا ڪلهہ تازو مون سان اٽڪيو آهي. ڪلهہ شام منهنجيون ساهڙيو آيون هيون تہ ويهہ چڪر ڏيئي مون کان پڇيو اٿس تہ، اهي ڪٿان آيون آهن. پائر ۽ بير ڇا ڪندا اٿن ۽ پرفيوم ڪهڙو يوز ڪنديون آهن؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيئين، برابر آهي چيڳرو، پر تون منع ڪرينس ها نہ...“

”منع ڪئي مانس، پر خبر تئي مون کي ڇا چيئين؟“

اَمان وچان ڳالهہ ڪٽ ڪري چيو، ”پهرين تون ٻڌاءِ تو منع ڪيئن ڪيس؟“

چيو مانس، ’ڪتل ڪاتا، تنهنجي ڏانءَ جون ناهن اهي پرفيومز، ڇتل ڪارتوس!“

تنهن تي مون کي تو چوي تہ، ”ڏانءَ جون تنهنجي بہ نہ هيون- پر دعا ڪر جو ڇائين حيدرآباد جي هن گهر ۾. جي ڇمين ها ڳوٺ جي ڪنهن غريب جي گهر ۾ تہ هينئر تون بہ ڇيٿان پٺي ٿڦين ها يا اڳٺ ويني اٺين ها.“

فجر ٿيندو هو تہ عزيز کي لڳندي هئي چانهہ جي ٻاڙ. هو سدا جو چلولو، سو ياد نہ هوندو هئس تہ سمهڻ مهل رات جو جتيون ڪٿ لاهي ستو. سو فجر جو اٿي اسان جي ڊپ کان سرٻاڻن ۾ اَمان کان پڇندو هو، ”ادي منهنجي جتي ڪا ڏٺئي؟ الاءِ ڪٿي لاٿم؟“

ڪيترا دفعہ اهي پادر منهنجي سيرانديءَ سٽي ويو هوندو ۽ مون ڪيس ٿوڪيو بہ هوندو، ”جتي سمهين ات سٽيندو ڪر اهي گهيتلا. ان ريت منهنجي سيرانديءَ جو سٽيو وجين سو سڄي رات خراب خواب ڏٺا اٿم...“

چيئين، ”خراب ذهن کي هميشہ خراب خواب ئي ايندا آهن. فرائڊ ائين تو چوي...“

ساڙ ڪائيندي وراٺيومانس، ”مون کي ڇڏي فرائڊ ڏاڙهيل توسان اهي ڳالهيون ڪڏهن ڪيون؟“

چيئين، ”اهو جيڪو گلاس جي زور تي Spirit کونہ گهرائيندا آهن، سو تڏهن مون بہ ڪيس ڳالهہ ٻولهہ ڪئي هئي؟“

پڇيومانس، ”پهرين آيو بہ هيئي؟“

چئي، ”واہ ڪاٿي دجال وانگيان اوڏي مهل اچي حاضر ٿيو.“

”پوءِ ڀلا قوم جي نالي ڪهڙو پيغام ڇڏيئين؟“ پڇيومانس.

چيئين، ”قوم لاءِ تہ بس رڳو خوابن جي تشريح ڪري ويو باقي سو تنهنجي خاصي مٽي پليد ڪيائين.“

”ڪجهہ پنهنجي لاءِ بہ تہ ڏارو هٿائينس ها؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وراڻيئين، ”ها پڇيو هومانس- پر چيئين تو جهڙن الله وارن جون ’جنتريون‘ آهن فرشتن جي هٿ! باقي مان رڳو ماڻهن جا ڪچا چٽا ٻڌائيندو آهيان- سو ويندي ويندي تنهنجي نالي چٽي ويو تہ- آءُ سندس چڙو پوتو ٿيان. باقي پاڻ تہ منهنجي بہ ڏاڍي لڳي!“

سو ڳالهہ تي ڪيم تہ فجر ويل عزيز کي لڳندي هئي چانهہ جي ٻاڙ. ۽ سرهاڻن ۾ اَمان کان پڇندو هو جتيءَ جو- سو هڪ دفعو سندس اهو پڙلاءُ منهنجي ڪن بہ پيو هو. سو پنهنجي روم جي دري کولي چاٽي ٻجهي پڇيومانس، ڇا ويو ٿئي عزيز؟“

وراڻيائين، ”منهنجا ٻادر الائي ڪيڏانهن ويا؟ ايڏاهن تہ ناهن؟“ مان اتان رڙ ڪري چيومانس، ”ها ها پسائي رکياٿمانءِ منهنجي روم ۾ اچ؛ اچي کٽي وڃ...“

اهو چئي منهنجي تہ اک اک سان لڳي وئي هئي پر صبح جو ڏٺم تہ موڊ نيڪ نہ هو اَمان جو. رڌڻي ۾ گهڙيس تہ عزيز ات چانهہ جا وڏا وڏا سرڙاڪ پئي هنيا. مون بہ اَمان کان چانهہ گهري تہ ڏيڻ جي بدران منهنجي اڳيون ٿني ڪري پاڻ وڃي لڳي ٻي ڪرت کي. مون کي جلدي پنهنجي اسر وارو جواب ککڻ لڳو. سو مان بہ ڌت هنيون چپ چاپ ويٺي رهيس، پر هن کان گهڻو برداشت تي نہ سگهيو. سو چيئين، ”دنيا جهان جون ڌيون پڙهنديون آهن تہ ان سان گڏ پروڙينديون بہ آهن ۽ تون...؟“

”چو مون ڇا ڪيو اَمان؟“

چوهہ مان چيئين، ”اهو ڪو جواب ڏيڻ جو ڍنگ هو. اسر مهل ماڻهو اٿي الله رسول جو نالو وٺن ۽ تون...“

”پر اها ڳالهہ تہ عزيز ۽ منهنجي وچ جي هئي... ۽ اسين پاڻ ۾...“

عزيز کي چپ ڏسي مون پنهنجي پاليسي ٿورو بدلائي پر اَمان بہ ڇڏڻ وارن مان نہ هئي سو چئين ’کٽي ڪنهن جي بہ وچ جي هجي، پر ’لڇڻ‘ بہ آخر ڪا شيءِ ٿيندي آ. ٻڌءِ؟“

عزيز ورتو جهٽ موقعي جو فائدو. سو چيئين ”ادي هڪ انگريزي قول آهي...“

مون کي پڪ هئي تہ اهو قول منهنجي فائدي ۾ ڪونہ ويندو ويتر ٿيندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنيءَ تي تيل، سو ڳالهه اڌ ۾ ڪٽي چيو مانس، ”چڱو چڱو هاڻ ڏس چانهه ۾ ٿي مک پوئي.“

پر عزيز کي پڪ هئي ته صبح ساڻ رنڌڻي ۾ مک جو گذر ناهي ٿيڻو، سو ڏاڍي اطمينان سان پنهنجي قول پورو ڪيئين. چئي، ”انگريزي قول آهي ته جنهنجي دولت وئي- تنهنجو ڪجهه نه ويو- جنهنجي صحت وئي سمجهو ته ڪجهه وئي- ۽ جنهنجا ’لڇڻ‘ ويا پانيو ته هڙئي وئي!“

اهو ٻڌي مون کي ورتي ٻچان، سو چمچو سڄيي چڙ مان چيو مانس، ”ڏس دام ۾ رک پاڻ کي عزيز نه ته.“

پر اَمان جي ڪن تي منهنجي هڙ ويڻ جو اطلاع پهچي چڪو هو سو هڙ ويڻ تي ايڏو ته ماتم مچايائين جو منهنجو اتان چپ چاپ کسڪڻ کان سواءِ ڪو چاروئي نه رهيو هو. چئي، ”ها ها هڙئي ويس مون کي ڪهڙي خبر ته چمڻ سان ئي ڪي هن جا چنيءَ جا ڇهه پئسا به ڇڙي پوندا... دنيا جون ڏيون ڏسندي آهيان ته پيٽ نرندو اٿم.... ۽ هيءَ...“

اهو ٻڌي مون کي عزيز تي ويتر ورتي باهه، سو ساڙ مان پاسي کان لنگهندي چوندي وئي مانس، ”پوڙهي ٿو هر جا سڪل چوڏا، جي وير نه ونانءِ ته مان به ’مان‘ ناهيان“

ان صبح جو ڏا ڪنيون لهندي سوچيندي وئي هئس، ”مئو وٺ جهڙو اَمان کي ڪيئن برغلائي ويو اڄ منجهند موٽندي جي اَمان جو موڊ نيڪ رهيو، ۽ پاڻ به وجهه چڙهيو ته ڪنهن ڪنڊ پاسي ڪري ڊيڙاٽ ته زوردار پٽينديسانس رڳو وجهه چڙهي.“

هڪ لڳان بابو ويو هو ڳوٺ. اَمان تي پڙهي مٽي سنجهان جي نماز، سو وجهه وٺي عزيز کي چيم، ”عزيز، ساٽ ڏين ته تون آءَ ۽ الطاف جيڪر شام ملهايون ناهو ڪي.“

پڇيئين، ”ڪيئن؟“ چيم، T-V ڏسنداسين. چانهه پئنداسين ۽ تنهنجون بيڙيون ڇڪينداسين.“

تنهين جي منظوري سان وڃي ويٺاسين ڊرائينگ روم جي پٽ تي. مون احتياطن روم جا پردا چڱيءَ طرح ڪيرائي ڇڏيا جو متان بيڙيءَ جو دونهون يا ڏپ ٻاهر نڪري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عزيز پهرين ٻيڙي دکائي ٻه سوٽا هٽي مون کي ڏني مون پڇڙي چئني ٻه ڦوڪون پري الطاف ڏي ڪئي- ۽ الطاف عزيز ڏي ورائي. اهڙي طرح ٻه رائونڊ پورا ڪري وري نئين ٻيڙي دکائيسين، پر وچ ۾ عزيز هٿين رڙ ڇئي، "ان ريت پڇڙيون پيچي پيچي جي ٻيڙيون پيتو ته مون تي ٽيندو بوجهو جي چڪٽي هجيو ته سڄي ٻيڙي ڇڪيو، نه ته توهانجي مرضي."

ڇيم، ياٺي ڏس، ڇڪينداسين ائين جيئن هينئر ڇڪي آيا آهيون. باقي سو توتي بوجهه وجهڻ اصل ڪونه ڏبو. جيتريون ٻيڙيون پيون اوترا پيسا ڳٽي وٺي ڇڏجانءِ. بيشڪ ٽڪو في ٻيڙي متي جي حساب سان."

ڇيئين، "پئسن جي ڳالهه ناهي، پر جي رات جو ڪٽي پيون ته مون کان هڪ پل به هنن کان سواءِ نه سرندي، پوءِ ٽوٽو ڇونڊڻ ته..."

جڏهن ٻيڙيءَ جو ٽيون رائونڊ ٿيو پورو تڏهن خبر پئي مذاق ئي مذاق ۾ اسان جي بي خياليءَ ڪري ڪا ڇڻنگ وڃي پئي قالين جي نرم نرم ريشمي پشم تي اندر ئي اندر دکي دکي هڪ گلابي گلابي گل ڪلين سوڌو سڙي پسم ٿي ويو. لئه جو موڊ ويو پاڻي ٿي. جهٽ جهٽ ڪري ٻريءَ تي ڇنبو وڌوسين، پر وسائڻ لڪائڻ جي وٺ پڪڙ ۾ اَمان کي خبر پئجي وئي. ٻيڙي پيڻ جي خطا ته خير شايد معاف ڪري به ڇڏي ها، پر قالين جو ٻرڻ معاف نه ڪري سگهي.

ويتر جو خبر پيس ته مون ۽ الطاف به ويهي ٻيڙيون پيتيون آهن- سو اسان ٻنهي کي گڏي ڪتن سان ڪارايو هيئن. اسين ته ماٺ ماٺ ڪري وڃي پياسين پنهنجن هنڌن تي باقي رات جي ڪيتري پهر تائين عزيز جا جي ڇوڏا لاٿا هنئين سي ايجا به ياد اٿم. ڇئي، "هاسٽلن جا هريل ڪافر، تون گهر جي رهڻ جو لائق ناهين. سڄو پيتو پيو آهين پر تڏهن به اها ڪتن جهڙي ڪرت ڇڏين ڪو نه ٿو. توبهه رب جي، ويهي قالين ساڙايو اٿس ۽ ٻيڙيون پياريون اٿس."

"وسن جهڙو قالين سڙيو آهي سو اهو داغ ڪڏهن نه وسرندم." اها رات ڪافي دير اَمان ايندي ويندي قالين جو ٻريل داغ ڏٺو هو ۽ اسان تي لعنتون وڌيون هيون.

ڏينهن ڏاڍا هلڪا سلڪا ٿي گذرندا ويا ۽ عزيز B-T ڏاڍي موهه سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪندو رهيو يا ائين چوان تہ عزيز ڪيB.T ڏاڍي موهہ سان ڪندي رهي، جو پانيو هو تہ مٿس يونيورسٽيءَ جي نازڪ فضا جو ڏاڍو سلوٽو اثر ٿيڻ لڳو هو. اڪين جي جوت بہ تن ڏينهن ڏاڍو جهل مل ڪرڻ لڳي هئس ۽ منهن ۾ لالاڻ بہ ليئا ٿي پاتس.

عزيز جا ان ريت هوريان هوريان رومانٽڪ گيت جهونگارڻ دڙڪا سڙڪا ڪائي منهنجي پرفيوم لڳائڻ مون ڪي بي سبب ڪين لڳا هئا. ڏاڍو پينٽ ڪي پنج پيرا استري ڪري ڪلهن تي اجرڪ ويڙهي پڇندو هو، "يلا ڪيئن ٿو لڳان؟" آءٌ پينٽ ۽ اجرڪ جي تضاد ڪي تنقيد سان ڏسي چوندي هئس، "ڏڙ ريڊيو سسي پا ڪري ۽ وري پڇين ٿو ان تي تہ ڪيئن ٿو لڳان؟"

پر ڪيس هاڻي اهي ننڍيون ڳالهيون لڪائينديون ڪين هيون. هوريان هوريان جهونگاريندو هو. "هينئڙو منهنجو جهوريءَ منجهہ- جهڄي ٿو."

آءٌ ڪيس موقعي تي وننديءِ هئس، "عزيز ٦ ڦٽن جو پائي، ۽ جهونگارين ٿو اهي زنانا پار. پون ٺي ڪين ٿا منهن تي. تنهن ڪان تہ ويهي قومي نغمو ڳاءِ يا منهنجي آيل ماءُ هيڏي راڄ مان، وارو آلاپ ڪج."

چيئين، "تو ڪان مشورو ڪنهن ورتو هو تہ ڇا پويم ٿو منهن تي يا ڇا نٿو پويم؟"

چيومانس، "جا ڳالهہ مناسب سمجهيم، سا چڱائي سمجهي آڏو رکي مانءِ... نہ ميڃين تہ..."

طنز سان وراڻيئين، "تون ۽ چڱائي! ان ڪتي جيڏي قد سان جڏهن چڱائي ڪندين تون تہ اهو هي جنم نہ هوندو..."

چيم، "نہ خير- مان بنفس نفيس چڱائي آهيان..."

چئين، "تون جي فقير جي پڙ ۾ مائي خيريءَ جي مسيت ڪان متاثر ٿي ڪا مسيت جوڙائين نہ... تہ بہ مان پائينديس پڪ اها مسيت جتين چورائڻ لاءِ..."

تڏهن مون سندس ايندڙ نسل تي زور سان لعنت وجهي آئنده ڪيس ڪو بہ مشورو نہ ڏيڻ جو پڪو پهہ ڪيو هو. يلاءِ چڱائي بہ ڪجي ۽ چور بہ ٿجي سو اهو ڪهڙو دستور؟

هڪ ڏينهن آيو تہ دستور خلاف ڪجهہ چپ چپ هو. ڪجهہ منجهيل ٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳو. اچي بوٽ لاهي پاسيرو ڪري پاڻ رنڌڻي جي ٻنڌ تي ويهي رهيو. مان ات اميءَ لاءِ مگن جي دال تي اٻاري جو چاق نہ هئي. صبح کان آڳرِ چادر تاڻي پئي هئي. دال ڏيڻ وٺي سانس تہ چيئين، "عزيز ڇو اڄ مانيٽو ٿو لڳي. پڇينس تہ سهي؟ پر مون کي اميءَ جو اهو مانيٽو لفظ ڪين آئڙيو. سو اَمان تي رکي پنهنجي طرفان چيومانس، "عزيز اَمان تي پڇي ڇو اڄ ميسٽون ٿو لڳين؟"

پر مودِ ۾ نہ هو سو نڪو ورچيو ۽ نہ ئي ڪجهہ وراٽيائين.

چانهہ جا ٻہ ڪوپ ناهي هڪ پاڻ کڻي ٻيو ڏيندي پڇيم، "تنهنجا ڪلاسن ڪيئن پيا ٿين؟"

ٿورو چرڪيو پڇيئين، "ڇو" مون چيو، "اونهينئن."

ٿورو مرڪيو، پر منهن پڪو ڪري وري پڇيئين، "خير تہ آهي؟" پراڻي خط جو رواجي جملو دهرائي چيومانس، "هت سڀ خير آهي- باقي اوهان ڏي سو خير ڪونہ ٿو لڳي."

چيئين، "جي ڦيڪالاجيءَ جي رعب ۾ آڻڻ ٿي چاهين تہ اهڙي ڪائي ڳالهہ ڪانهي..."

"خير سلين يا نہ سلين باقي..."

پر ڏٺم هيڪر وري عزيز خيالن ۾ گم ٿي ويو. چانهہ جي ٻاڦ ۾ پانيم تہ سندس خيال رجهندا ٿا پيا وڃن. سو هيڪر وري پڇيومانس، "عزيز انسان هئڻ جي ناتي سڌو هلي هلي ماٺهوڪڏهن پنڙيءَ تان لهي بہ ويندو آهي ۽ اها ڪا وڏي ڳالهہ ناهي."

چيئين، "ڏس وري اها ڪتابي لئنگوج؟"

"ڪتابي ڳالهيون ڪتابن ۾ ئي ٺيون سهن. اهي صرف پڙهڻ ڪاڻ ئي هونديون آهن. هت صرف تون ۽ آئون وينا آهيون بڌاءِ ڪا خاص ڳالهہ ضرور آهي؟."

چيئين، "ڪجهہ بہ ناهي." پر مون کي ويساهہ ڪين آيو سو مان اڙي رهيس، "تون هلندي هلندي ضرور پنڙيءَ تان لٿو آهين. مون کي پڪ آهي."

چيئين، "پنڙي ڇڏاءِ وڃڻ جي ڊپ کان مان ڪڏهن پنڙيءَ تي هليم ئي نہ..."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”پر ماڻهوءَ جي نجات تہ صرف پنڙيءَ تي هلڻ ۾ لکيل آهي، جو هو سڌو سنئون هلي سگهي.“

”تہ پوءِ مان ڪڏهن پنهنجي مرضيءَ سان هليو ئي ناهيان. مون کي زندگيءَ ۾ زبردستي اڳيان ڌڪي ڌڪي آندو ويو آهي. مون زندگي گذراي ناهي. مون کي گذارڻي پئي آهي...“

چيومانس، ”اهي ڳالهيون تہ ڏک ڪائي دل وندرائڻ جا پار ٿيون لڳن.... ڇا مون کي واقعي ڪجهہ نہ ٻڌائيندين....؟“

”چوان ٿو تہ- اهڙي ڪائي ڳالهہ ناهي...“

”ڏس عزيز اسان سڀ ڌرتي جا رهواسي هڪ ئي خمير جا جوڙ آهيون. زمين تي رهي آسمان جون ڳالهيون ڪرڻ ”زيب داستان“ کان سواءِ ڪجهہ بہ ناهن. مج تہ جي تنهنجون پستيون اج توکي هيٺ ڌڪڻ لاءِ آتيون آهن پڪ ڄاڻ تہ آسماني رفعتون بہ توکي مٿي ڪرڻ لاءِ ضرور ڪوشان ٿينديون.“

چيئين ”ڏس وري اها قيسڪالا جي.... ٻاجهر جو اٽو ڏيئي ڏگري وٺڻ وارن جو حال ڀيو ڪهڙو ٿيندو؟“

”قيسڪالا جيءَ مون کي ڪجهہ ڀيو ڏنو يا نہ... البتہ ايتري تہ ضرور آهيان جو تنهنجي ڪنهن ڪڏائيءَ کي نڪو Broad– minded ’نئون‘ يانيان ۽ نہ ئي ’حيران‘ ٿيان...“

”ماڻهوءَ ۾ ڪڏهن تولو- ڪڏهن ماسو ٿيندو ئي رهندو آهي ۽ اها ڪا وڏي ڳالهہ ناهي. قير تہ رڳو ڪڏهن ڪثافت جو- انسان هئڻ جي ناتي سين سان ائين ٿيندو آهي.“

چيئين، بي ڪار ليڪچر ڏيئي مٿو نہ کاءُ- مون ۾ ڪا بہ ڪڏائي ناهي...“

”تہ پوءِ لڪائين ڇو ٿو؟ ٻڌائين ڇو نہ ٿو؟“

چيئين، ”بابا نو يڳل دهل جو مون کي اعتبار ناهي.“

”چڱو پلا وعدو وٺ...“

وعدو وٺي عزيز مون کي هڪ پتڪڙي پر ’نازڪڙي‘ ڳالهہ ٻڌائي هئي... ڳالهہ ڪا خاص نہ هئي. بس تنهنجي- منهنجي هڪ عام ڳالهہ هئي. پر عزيز جو مان رکڻ لاءِ ڳالهہ جو ڪٿي پرمہ رکيم. نہ سندس زندگيءَ ۾ ڪنهن سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيم ۽ نہ پنهنجي زندگي ۾ ئي ڪنهن سان ڪنديس. باقي اهو ٻڌايان تہ ان ننڍڙي ڳالهہ ۾ چنڊ جو چمڪو بہ هو،گلن جي ورڪا بہ هئي،رچنا جو رچڻ ۽ اميدن جي آس بہ هئي- تارن جي چمڪ ۽ هيرن جي هٻڪار بہ هئي ان ڳالهہ ۾. هڪ عام ماڻهوءَ پٽاندر- پر عزيز الائي ڇو منجهيو منجهيو ٿي لڳو؟

۽ تڏهن هڪ لڳاں عام راتن جهڙي هڪ رات هئي. نڪا تارن جي ٽم ٽم هئي نہ ئي چنڊ ۾ ڪو خاص چمڪو، پرڀاتَ اونده بہ نہ هئي- نڪو ڪنوڻ جو ڪو ڪيٽو هو. بس عام راتن جهڙي حيدرآباد جي هڪ عام رات هئي.

ان شام جو سڄو وقت ويهي گهر جي سيٽنگ بدلائي هئم- قالين ڪي چنڊڪر لڳرائي صوفہ ۽ ڪشن جا ڪور بہ بدلايا هئم، بتيون چنڊرائي پردا مٽيا هئم- چانور سوئي پچائڻ لاءِ ٻاهر رکيا هائم- جو ايندڙ جمع جا چانورن جي هٻڪار ڦهلٽي هئي رنڌڻي ۾. جو منهنجي پٽاندڙ ايندڙ صبح عيد جو صبح هو. ۽ هيڏي ڪم ڪان پوءِ آءٌ جا الوٽ ننڊ ۾ گهڙي ،ڏس تہ گهنٽيءَ جي گجگوڙ هٽي چرڪائي وڌو هوم. پر مون پنهنجيءَ پر سوچيو هو تہ، "آيو هوندو ڪو ٻاڙي جو اڙٻنگ ماچيس جي تيلي ونڻ- يا هوندي ڪا ننڍڙي نينگر آئي هوندي عيد جي ميندي لهرائڻ!"

سو خود غرض ٿي سوچيو هئم، ٻابي جي وسن جهڙي ننڊ ٿي خراب ٿئي. ٻارن کي ڇا آهي تہ وقت بي وقت بيٺا هوندا." ان وقت 'وقت' جو احساس ئي نہ ٿيو هوم جو ان ڏس ۾ هميشہ ڪان جاهل هئس ۽ آهيان.

سو اٿي مين سوئچ بند ڪري ڇڏيم. "نہ هوندي لائيٽ نہ وڄندي گهنٽي."

مان پنهنجو پاڻ کي داد ڏئي وري لت ڪوڙي سمهي رهيس. پر پانيم اچان بہ ڪير آهي جو در وڄائي رهيو آهي. بچان وچان اٿي سوئچ آن ڪري رستي جي بتي ٻاري در پٽيم- سامهون منهنجو ماسات بيٺو هو سو ٽڪل منهن ۽ وڪريل وارن سان. چيئين، "عزيز جو رات ٨ لڳي ٽرڪ سان ايڪسيڊنٽ ٿيو آهي، تمام سيريس آهي. سول ۾ ڪٽائي ويا آهيونس. جو عزيز ويو هو عيد جو موڪل گهارڻ ڳوٺ پنهنجي ۽ منهنجي ڏاڏيءَ ڏانهن."

ڏڪندي ڏڪندي اَمان کي اٿاريم- ٻڌايو مانس تہ "ڳوٺان اشفاق آيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. عزيز ڏک کاڌو آهي سو هت آندو اٿنس.“

اَمان جيئن تيئن اٿندي چيو، ”ڏک عزيز کاڌو آهي، پر دل منهنجي چوٿي ويهندي وڃي؟“

دلبو ڏيڻ کاڻ چيومانس، مڙئي الله خير ڪندو. تون اٿ ته سهي- اسپتال ته هلون...“

۽ جڏهن اسان گهران نڪتاسين تڏهن مؤذن به ’الله اڪبر‘ ڪئي هئي. سڳڻ سنو ٿيو. اَمان چيو دل کي ڏڍ مليوتم، سو اسر ويل اذان جي سائي ۾ اسين عزيز کاڻ اسپتال وياسين.

واٽ تي اشفاق ٻڌايم ته جڏهن عزيز کي رات ڏک لڳو ته بظاهر ڏسڻ ۾ ڪيس ڪجهه به نه هو. جڏهن اسپتال کڻي وياسينس ته ڊاڪٽر کي ڏسي عزيز مرڪڻ لڳو هو، ۽ ڊاڪٽر به چيو ڪا خاص ڳالهه ناهي. چئن ڪلاڪن کان پوءِ عزيز جي طبيعت بگڙڻ لڳي هئي. هتي کڻي آياسين ته ڊاڪٽر جواب ڏنو. چيئون، ”جي ۴ ڪلاڪ پهرين کڻي اچو ها ته اميد به هئي...“

رستي تي سڄي واٽ اَمان دعائون گهرندي هلي. چئي، ”ٻانگ جا ڏڻي منهنجي بابي جي گهر جو ڏيو ٻرندو رهڻ ڏجانءِ- ياعلي، منهنجي ٻچڙن جي صدقي منهنجن ٻچڙن جهڙي کي ڪلندو ڪڏندو اتارجانءِ. الله سائين، عزيز ايجا دنيا ۾ ڪجهه نه ماٽيو آهي....“

۽ جڏهن اسين اسپتال پهتاسين ته اَمان بي چين ٿي وڃي وارڊ ۾ گهڙي هئي. باقي مان ڌر تي ويٺي رهيس. جو اند وڃڻ جي همت ئي نه پئي ٿي. ڪجهه گهڙيون ٻاهر بيهي دولابن سان پاڻ کي اندر وڌي ويس پر ڏٺم ان وچ ۾ اَمان عزيز جي منهن تان اڇي چادر تاٽي چڪي هئي.

مون کي ڏسي چادر هٽائيندي ٻاڪاريائين، ”هي ڏس امي، منهنجي بابي جو ڪمبو ڪيئن نه ڊهيو پيو آ...“ پر مون کي نه ڏيکار اهو ڪمبو جنهن کي مان ڪرندي محسوس ڪيو آ... امي مون کي نه ڏيکار.“

ڪيئن ڏسان ان تنتل تاري کي.... جو اڻ پوري رچنا ۽ جهريل جذبو هو.... وکريل آس ۽ چڇل سپنو هو.... پلا جيوت جون اهي جهوريون به ڪي ڏسڻ جون هيون؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿـٽـل سـوچـون

آسن، ياسن، جذبن ۽ احساسن جا رشي ۽ پيغمبر ڪا واٽ ھلائي ڪا واٽ منجھائي ماڻھوءَ کي وچ سير ۾ ڦٿو ڪري مٽان ئي اُڏري ويا.

اندر جي بيڪار قيدخاني ۾ جذبن ۽ اُڌمن جي ڪا قيمتي يادگار، جا وقت گذرڻ سان گڏ گذري نہ ٿي، بلڪ محفوظ کان محفوظ ترٿيندي ٿي وڃي. ماڻھوءَ ليکي مان آزاد ذھن سان آزاد زندگي گذاري سگھان ٿو. پر سڄي زندگي ڪا شھزادي سليم ۽ نورجھان جي اُڏريل ڪبوترن جھڙي رومانٽڪ تہ ناھي جو ھڪ ڪبوتر اتفاقاً اُڏيو- ٻيو ارڏائي وچان اڏايو ويو ۽ نتيجي ۾ عشق جي انڌ تي ٻئي ڄڻان زندگيءَ جي سفر ھڪ ٻئي جي آڌار تي گذاري ويا.... ھت تہ ٻنھين ھٿن جا ڪبوتر اتفاقاً اُڏاڻا. ٻئي ھٿ خالي ڪنيو، فيصلو اِھو ڪرڻ وينو آھيان تہ انھن خالي ھٿن سان دل کي جھليان يا دماغ کي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

▲ ▲

وک وک هر ڪائي تي، سوچڻ نئين چاهيان پر الاءِ ڇو هڪ قدم اڳيان کڻڻ جي بجاءِ ٻہ قدم پويان ٿي ويجان. جت ماضيءَ جي بيشمار يادگارن مان انيڪ يادون جذباتي رنگ سان دگ جهليو بيهن.

پريشان ٿي پاسي کان پيل ريڊئي جو بٽڻ آن ڪيم تہ اتفاقاً، جو آواز بہ ڪنن ۾ پيو تہ اهو هي: "يہ تو وهي جگہ هي- گذري تهي هم جهان سي-

▲ ▲

جيڪڏهن ڏکن تان ڪوئي لنگهيو تہ ڇا ٿي پيو. ڏگ تہ هوندا ئي لنگهڻ لاءِ آهن...... پر ڪي ڏگ احساس جي رنگ سان هميشہ الاءِ ڇو رنگين ئي رهندا آهن. وقت جي دز ۽ ايندڙ ويندڙ ماڻهن جي پيرن جا پيچرا، اهي رنگ ڦٽائي نہ سگهندا آهن. ذهن جي ڪهڙن گوشن ۾ اهي رنگ محفوظ آهن خبر ناهي. ڪڙو ڪڙي سان ملائي رنگن جي هڪ ڏکهي ڏارا محفوظ آهي، ذهن جي نهال خاني ۾.... هڪ ڪڙي کي ڪڙڪائي سڄي ڏارا کي جنجهوڙي سگهجي ٿو....

▲ ▲

سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي تہ مان ڇو ايڏي Third rate ڊگري واري ماڻهو بنجي وئي آهيان.... ڇا هر انسان جيئڻ مهل محض هڪ بيقيمت Worthless Commodity آهي. بس هو صرف مرڻ مهل ئي Social animal آهي (جو انيڪ سماجي رهنمائن جي ڪلهن تي بوجهو بڻجي قبر ۾ لاٿو وڃي ٿو.) باقي انسان! انسان، هو صرف تڏهن آهي، جڏهن اندر جي تنهائين ۾ ڀٽڪڻ مهل هو پاڻ کي جيئرن گڏ پاڻئي ٿو نہ مئلن گڏ.

▲ ▲

اڪثر چاهيو اٿم تہ زندگيءَ جي نقشي کي اکين اڳيان ڦهلائي ان تي گذريل موسمن جا اثر جانچي غور سان ڏسان. ڏسان تہ زندگي جي ڪهڙي رُت ۾ ساوڻ ونو، ٿڌيون هوائون هليون. ڪٿ جهولا پيا ۽ لڪون لڳيون، ڪٿ زندگيءَجو پاور بيحد جذباتي حرارت باعث فئيرن هائيٽ(F.H) تان چڙهي ويو، ۽ ڪٿ بيحد احساسِ سردي باعث نقطہ انجماد تان ڪري پيو! ڪاش مرڻ کان چند گهڙيون پوءِ ۽ قبر ۾ پوڻ کان چند گهڙيون اڳ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان مڙي هڪ سرسري نظر پنهنجي گذريل جيون تي وجهي سگهان!

▲ ▲

زندگيءَ جي هر عڪس ٽيپ ڪري ڪنهن پروجيڪٽر تي چاڙهي ڏسڻ چاهيان ٿي پر الاءِ ڇو پاڻ تي شرم ٿو اچيم. تت..... تت.... تت..... فرحت سلطانه! ايڏي پڙهيل ڳڙهيل Intellectual ۽ Idealist ٿيندي به زندگي گذارڻ جي فلسفي ۾ عملي طرح انتهائي جاهل! انڌي ۽ غير منطقي نڪتنءَ! بلڪل ڪنهن مذهبي ڪٺ پتليءَ جيئن......!!

▲ ▲

"Let us enjoy Some Change" زندگيءَ جي روزمره Routine کان بيزار ٿي هڪ فيصلو ڪندي پنهنجي Friends کي چيو هوم.

ٽي سال اڳ جڏهن ڪاليج ۾ ڪلاسن جو ورڪ Discuss ڪندي اسان ڇئني Friends مالٽن ۾ لوڻ مرچ ڀرڪيندي ڪلون هڙ چڙائي سان وچ رستي تي اچليندي فيصلو ڪيو هو.

B.Sc.,Home Economics جون شاگرديائيون.... ساڳئي گوشت مان نيو ٽريشن به محفوظ رهي سگهي ۽ ڊشز به مختلف ذائقيدار تيار ڪري سگهجن، جي سکيا وٺي وٺي، ڪپڙن جي ڳاڙهن ۽ سائي ليڙن مان گل دستہ جوڙيندي (جنهن ۾ خوشبو نہ پيري سگهاسين). عجب پر جوڳائيندڙ فيصلو ڪيو هو زندگي گذارڻ جو-

▲ ▲

"مرد جي دل جي دهليز تي پير ڪپائڻ لاءِ پهريون ڏاڪو سندس پيٽ آهي." رضوانہ امير مون کي چيو هو. "تون تہ ڊشز جي تياريءَ ۾ بيحد مشاق آهين، تنهنجي هٿ ۾ جو ڇش آهي، اهو ڇش تنهنجي 'هبي' جي پيٽ تان ٿيندي تنهنجي زندگيءَ کي بہ منو ڊش بڻائي ڇڏيندو ۽ مان اوهان ٻنهين جي وچ ۾ اچي، اوهان ٻنهين جو مڪسڊ سوئيٽ ڊش وڏا وڏا چمچا ڀري پنهنجي پيٽ ۾ لاهي ڇڏيندس." هن ڪلي ٽهڪ ڏنو هو.

مان ڪلي ڪپڙن جي رنگن جي Adjustment ڪرڻ لڳي ويندي هئس تہ کهڙي ريت سائي ليڙن مان ٽاريون ٺاهجن، وڏن وڏن چئوڪور ٽڪرن مان گلابي گل ٺاهي گلدستي ۾ ايئن فٽ ڪجي جو پريان ايندي سامهون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏسندڙ ماڻهو ان جي حسن ۾ ڪوئجي 'خوشبو' جي تلاش ئي نہ ڪري سگهي.....

▲ ▲

رضوانہ امير....اسان ڇئني Friends ۾ انتهائي سادي سودي مزاج جي، سادي ماحول کان آيل سادن ڪپڙن ۾ ويڙهيل ڇوڪري هئي. ڪاليج جي ماحول ۾ اچي ڪوڙا گل نـاهيندي نـاهيندي سامهون پيل تازن گلن مان ڪجھ 'خوشبو' پنهنجي اندر ۾ سمائي وٺي هئي.... چوندي هئي، ڪاليجي زندگي ختم ٿيندي تہ گهر جي گهٽيل ماحول ۾ مري ويندس..... منهنجي گهر ۾ هي ڪوڙا گل تہ ڇا ساديون ڪوندبيون بہ ناهن جنهن سان پنهنجو مٿو ئي ٽڪرائي سگهان! دراصل هن ۾ عجب نموني جي Inferiority پـريل هئي. پر ڪاليج جي ماحول ان Inferiority کي Complex ۾ وڌڻ نہ ڏنو....

▲ ▲

ثمينہ احمد اڪثر پڇندي هئي، "تنهنجي زندگيءَ جو ڪارج؟"

جواب تنهين دوستن جو ملندو هو، "Happiness".

مون اڪثر پاڻ کان پڇيو، "تنهنجي زندگيءَ جو ڪارج؟"

ايمانداريءَ سان دل ورائيندي هئي. "دل جي اها پگهرندڙ Position، جڏهن هلڪڙي ٿڏي هوا ۾ جسم ذهن کان آزاد ٿي بستر تي ڍلو ڍلو پيو رهي..... دل وگهرندي رهي.... چاءِ جو ڪوپ پي سيرانديءَ ڦٽو ڪريان ۽ عابده پروين جا سُر وڪريل هجن..... چپل پيرن ۾ گسرائيندي گهر جي اڱڻ ۾ گهمندي رهان.... تنهائي هجي.... چاءِ جو ڪوپ هجي..... سگريٽ جو ڪش هجي..... باقي ڪجھ بہ نہ..... باقي ڪجھ بہ نہ.... صبح جو وقت هجي..... نہ ٻپهر هجن ۽ نہ ٽپهر هجن- صرف صبح جو وقت هجي......"

هڪ اهڙي ئي پراڻي صبح جو ذڪر آهي.... جڏهن سگريٽ جو ڪش هٿي، چاءِ جو ڪوپ سيرانديءَ ڦٽو ڪري چپل گسرائيندي، تعليم جي ڊگري وٺي گهر جي اڱڻ بہ.ران وچي رستي تي ڪنهن ڪاليج جي Principal جو دگ جهليو هوم.

Let us enjoy Some Change!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

▲ ▲

Secretary منظور احمد. نوڪريءَ جي چڪر ۾ نوڪري تہ نہ ملي، البت نانءَ جي تبديلي ملي جا بہ پوءِ جٽادار ثابت نہ ٿي سگهي. منظور جي هٿن جون لائينون منهنجي هٿن جي لائينن سان ٽڪرائجي ويون. لائينون لائينن سان ائين بہ Adjust نہ ٿيون جيئن ڪوري ڪپڙي جون ليڙون هڪ ٻئي سان Adjust ٿينديون آهن...

بہ ماڻهو مليا... ائين جئن بہ شيشي جا گلاس پاڻ ۾ ٽڪرائجي پيا...

شاديءَ کي بہ مهينا مس گذريا... جو ٻن شخصن جون Urges پاڻ ۾ شيشي جي گلاسن جيان ٽڪرائبيون رهيون. اجان تہ بہ مهينا مس ٿيا آهن- ان کان اڳ جو شيشي جي گلاسن جيان زندگيون پڇي پور ٿين- هڪ ماڻهوءَ ٻي جي عزت ڪرڻ جي صلاحيت بہ ڪوئي رهي- بهتر ائين آهي تہ هڪ ٻئي کان Separation ونجي.

Separation شاديءَ جي مونجهاري جو آخري حل-

▲ ▲

بہ وڳا بئنگ ۾ پري مون مود کي بدلائڻ لاءِ رضوانہ امير جو رخ رکيو، جا گهر جي فضا ۾ هري مري وئي هئي- خطن مان خبر پوندي هئي تہ هن شادي ڪري ڪلاسن ۾ ڪوڙن گلن جي بدران، پنهنجي دل ٻن سچن گلن جهڙن ٻارڙن ۾ وندرائي رهي آهي... هوئن بہ رضوانہ هر خط ۾ مونکي پاڻ ڏانهن اچڻ لاءِ لکندي رهندي هئي.

سالن پڇاڻان بہ اسان چئن ئي ساهيڙين جو واسطو هڪٻئي سان ڪڏهن فونن آڏار، ڪٿي خطن آڌار قائم ئي رهيو.

ثمينہ... جا سخت Idealist هئي، جنهن جي زندگيءَ جو ڪارج هو تہ زندگي اهڙي همسفر جي تلاش ۾ گذارجي جو هر ويل هر دم گڏو گڏ رهي. ڪنهن ڪاهيءَ ۾ ڪرجي تہ مهربان ساٿيءَ جو مضبوط هٿ ان ڪاهيءَ مان ڪڍي وٺي- اگر آسمان تي اُڏرجي تہ اهو ساٿيو مهربان هٿ، Security جو سايو بڻجي دست شفقت جيان مٿي تي ڇانوَ ڪندو رهي... ثمينہ اهڙي ساٿيءَ جي تلاش ۾ انتظار ڪندي ڪندي پاڪستان ڇڏي انگلنڊ ۾ وڃي آباد ٿي، جت هن خط ۾ لکيو تہ ڪنهن Private فرم ۾ سيڪريٽري آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوءَ يقيناً هر ايندڙ ويندڙ ماڻهوءَ ۾ اِن Ideal کي تلاش ڪندي رهندي هوندي.

▲ ▲

رضوانہ امير ڏانهن. ريل جو سفر... گاڏيءَ جي ڪوڪ ۽ هلڻ جي آواز ۾ عجيب بي ترتيبي، اهڙي جهڙي منهنجي موڊ ۾ بي ترتيبي سمايل آهي. ننڍي هوندي ريل جو سفر ڪندي... ڦيٿن جي ڇڪ ڇڪ کي ڪئين معنيٰ ۽ مفهوم ڏيندي هئس! ذهن جو ڪو فرضي لفظ ڄڻ ڦيٿن جي آواز سان هم آواز ٿي ويندو هو... ريل جي ڇڪ... ڇڪ... ڇڪ... جو آواز... ڄڻ چئي رهي هجي —— اوم!! اوم!! ڄڻ چئي رهي هجي شانتي! ... شانتي!! شانتي!!! شانتي ڪٿي آهي؟

شانتي هئي ئي ڪٿي؟

ڇا منظور احمد وٽ؟؟؟ نہ نہ- پر هن جي نظرياتي عينڪ تہ منهنجي اکين جي نمبر سان ملي ئي نہ ٿي سگهي...

هرويرو بہ تہ ويني ويني منهنجي آڏو شاہ لطيف مان ڪيئان ڪيندو رهندو هو...

شاه! جنهن تي ٻاهرين دنيا بہ Research ڪندي ڪندي نہ ٿڪي. ان تي ئي الزام هيئين تہ شاہ محضٌ هڪ سياسي ڏڪوسلو ۽ سياسي پناه آهي... شاه سخت مزاج شاعر ۽ هڪ جنوني شخص هو، جنهن هڪ طرف، ”ڪوماڻو ڪپور مون وجهائيندي پرين جو...“ جهڙو درس ڏنو تہ ساڳئي وقت ”هڻ ڀالا وڙه ڀاڪرين“ جو غير فطري سبق سيکاريو. ”ڪپور ڪوماڻيل هجن تہ وڙهي ڪير بزدل سگهندو؟“ منظور کلي مون ڏي ڏٺو هو... پر مون کي ڪيئن نہ سندس ڳل تي جک آئي هئي!

عجيب Sexy انسان... بيڪار، مثل جانور جي...

▲ ▲

رضوانہ امير سان ڀاڪر پائيندي عجيب محرومي ۽ جلاپي جو احساس... ڪهڙي ٿلهي بي ڊولي.

Intellectual تہ اڳ ۾ ئي ڪونہ هئي. ويتر Aesthetic Sense جو تورو گهٽو هوس، سو بہ وڃائي ويني هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻن ڪلاڪن جي مختصر عرصي دوران هن ١٢ دفعه مڙس جون ۽ الائي گهڻا دفعه ٻارن جون بار بار ورجايل ڳالهيون ٽي دهرايون. نه ڪا نواڻ نه ڪوئي Idealism-!

توبه! هيءَ ته منظور سان به خوش رهڻ وارن مان هئي! بوريت جي احساس سان ريل ۾ موٽندي عجيب Negative خيال...

ريل جي بي معنيٰ ڇڪ ڇڪ وري ڪنهن بامعنيٰ لفظ سان هم آهنگ ٿيڻ لڳي هئي...

مون پنهنجي طرفان ڪو به لفظ گهڙي ريل جي ڇڪ ڇڪ کي ڪا معنيٰ ۽ مفهوم پارائڻ نه ٿي چاهيو...

ريل ته محض ڇو... ڇو... ڇڪ ڇڪ ڪري رهي... پر وري هتان هُتان ڏيان تيز ڪائي ڇڪ ڇڪ سان هم آهنگ ٿيڻ لڳو... ڇڪ... ڇڪ... ڇڪ... جڻ ڇئي رهي هجي آوم! اوم!! اوم!!! ڇو... ڇو... ڇو... شانتي! شانتي!! شانتي!!!

"شانتي آهي ڪٿي سنسار ۾؟"

شانتي هئي ئي ڪٿي...؟

حقيقت ۾ شاهه ئي نه بلڪ هي سنسار ئي سڄو sexy ڍڪوسلو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميونسپالٽيءَ ڪتا

ڪجھ عرصو اڳ اسان جي شهر ۾ ڪتن جو هاهاڪارمتل هو. جنهن گهٽيءَ پاسي وڃ. ۴-۴ ڪتا گهس جهليو بيٺا هوندا هئا، سندن طريقہ ڪار گهٽون ڪري هڪ ئي آهي. يعني ’وڏن‘ ڪي ڏاڙهيندا آهن. ٻارن کي چڪيندا آهن ۽ برقعي وارين جي پويان نُوس نُوس ڪندا آهن. سردين جي موسم ۾ سندن طبيعت ۾ عفوياتي ۽ نفسياتي ٻنهين لحاظن کان ڦيرو اچي ويندو آهي. هو هڪ ئي لٺ سان هر ڪنهن کي هڪليندا آهن. پنهنجي پنهنجي پيار جا نشان سيني تي ساڳيا هڻندا آهن. جڏهن شهر جا گهٽي ڀاڳي ماڻهون سندن الفت ڪِن ڪلفت جي وگهي سول اسپتال مان پيٽ ۾ سُيون هڻائي اڙجي پوندا آهن. جڏهن سول اسپتال وارا بہ هاڻ اصلي سيون هڻي مال ختم جي آڌار هاڻ نقلي هڻڻ جو سوچيندا آهن، تڏهن ميونسپالٽي وارا جوش ۾ ايندا آهن. ۽ وتندا آهن گوشت جي ذرن ۾ زهر ملائيندا.

جڏهن جي آءُ ڳالھ تي ڪريان تڏهن ڪتن جي موسم هئي. (هي ڳالھ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۱۹۷۴ جي آهي- هينئر سچ پچ 'ڪتن' جي موسم آهي. ۱۹۹۱ع تائين ۽ شايد پوءِ بہ) ۽ ميونسپالٽي جوش ۾ هئي. سو روزانو آءٌ يونيورسٽي ويندي ڏسندي هئس ۽ ميونسپالٽي جو ٽرو ڪٽرو عملو گوشت جي ذرن ۾ زهر جو ذرو ملائي ڪتن کي ڏيندا ويندا هئا. ۽ ڪتا اِن گوشت تي مارو ڪندا ويندا هئا. مون پنهنجي اکين سان انهن ڪتن کي 'مارو' ڪندي بہ ڏٺو هو. پوءِ سڪرات ۾ ڦيراٽيون کائيندي بہ ڏٺو هو. ۽ آخر ۾ کين مرندي بہ ڏٺو هو.

جنهن گهٽيءَ ۾ اسين رهندا هئاسين اُت اتفاق سان ڪتن جو گهٽون مارو ڪون هو، بس هڪ ڪُتي پنهنجن اَنن گُلرن سان هڪ ڊاڪٽر جي دُڪان هيٺ ويٺي هوندي هئي. گهڻو ڪيس مون ڪڏهن پڻڪندي شڻڪندي بہ نہ ڏٺو، جو هوءَ گهڻو ڪري پنهنجن ٻارن ۾ ئي پوري هوندي هئي. آءٌ روزانہ اتان لنگهندي اُت ٿوري دير بيهي ماءُ ۽ ٻارن کي هڪ ٻئي سان راند ڪندي هڪ ٻئي مٿان چڙهندي چٽيندي ڏسندي هئس. هميشہ 'گلرن' جو انگ ۸ ئي هوندو هو، ڪڏهن بہ ۷ يا ٦ نہ ٿيو.... نہ تہ ٻاڙي جي شرير ٻارن کان عدد جي اِن ريت سلامتي ممڪن نہ هئي.

ماءُ کي ڏائيندي وقت هو پنهنجا ننڍا ننڍا پچڙا ڏاڍي پيار سان لوڏيندا ويندا هئا، ۽ غون غون ڪندا ويندا هئا، سندن ماءُ کين پيار سان چٽيندي ويندي هئي. ۽ ڪڏهن هو بہ سندس پچ سان ڪيڏڻ لڳندا هئا.

آءٌ ۽ بابو منجهند مهل ڪڏهن گڏ موٽندا هئاسين تہ هو سندس ٻارن جو ان ريت چٽڻ چننڻ ڏسي مون کي چوندو هو، "جانورن ۾ بہ مادي شفقت ۽ بچاءَ جو ڪيڏو نہ شديد احساس آهي، ۽ ان بنياد تي ئي سندن ٻچن ۽ — نسل جي بقا آهي.... هينئر بہ تون ڪنهن هڪ گلر کي هٿ ۾ ڏس تہ سندس ماءُ ڪيئن تي تنهنجي پنيان پوي."

پر ان "مئٽرنل ڊرائيو" جي ميونسپالٽيءَ وارن اڳيان هڪ بہ نہ هلي. ٻچن کي تہ خير بخش ڪيائون، باقي ماءُ کي ٿورو 'ذرو' ڏئي ويا.

جمع ڏينهن صبح جو ان ذري تي 'ماءُ' لچندي ڏسي منهنجي دل لڏي ويئي. ور ور ڪيو سندس خيال ٿي آيو. ٻن پهرن جو موٽندي پانيم تہ ڪا چڱي حالت نہ هوندي، پر ڏٺم تہ، "زچہ- بچہ" سڀ خيريت سان هئا!

اتفاق سان ان ئي شام جو وري گهٽيءَ مان لنگهڻ ٿيو. ڏٺم تہ ٻار ڏاڍي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موهه وچان ماءُ سان ڪيڏي رهيا هئا. البت ماءُ ٿورو ڪنجهي رهي هئي. سمجهيم ته زهر جي ذري هاڻي شايد اثر ڪرڻ شروع ڪيو، ڏکي لڳي ٻارن جو سوچي....... ڏک لڳم.

ڇنڇر جي صبح جو ماءُ لاءِ ڪنهن ”خراب خبر“ جو سوچي ٻارن ڏي ڏٺم، پر ڏٺم ته ماءُ ته خيريت سان هئي باقي اڻ ٿي ٻار ٽڙيا پکڙيا مئا پيا هئا- ۽ سندن ماءُ جو زهريلو کير نينڍيون ڏيئي وهي رهيو هو- سندس اکين مان ممتا جي پيار سان گڏ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيروزگاري ۽ بندوق

مون کي مليريا جي موسمي تپ وانگر هڪ دورو پوندو آهي، جو جسم کي ٻارڻ بدران ذهن تپائيندو آهي. (ڀانيان ٿي اهو پراڻو فقرو آهي، پر هت لکڻ ضروري ٿو آهي) ۽ آءٌ ان تپ جي توَ کان وقلڻ لڳندي آهيان. يعني اجايون ۽ ابتيون سبتيون ڳالهيون! اجائي خيالي ٽنب ۽ ڳالهه ڳالهه ۾ ڳتن لفظن جو استعمال.

منهنجو مامو، جو عمر ۾ مون کان اٺ نو سال وڏو، پر علم، تجربي، ذهانت، سمجھ مطلب ته هر ڏس ۾ مون کان گهڻو وڏو آهي، سو مون کي چوندو آهي ته، "شعوري طور مون رڳو ٻن ماڻهن کي ڳالهه مان ڳالهه پيدا ڪرڻ جي صلاحيت ڏٺي- هڪ جسٽس ڪياني، جنهن کي قدرت اهو 'فن' عطا ڪيو، جو هن نه رڳو ڏاڍي سليقي سان پورو ڪيو، پر چڱو نالو به ڪڍيو ۽ ٻيو تون جڪ! جنهن کي قدرت ته ڪجهه نه ڏنو پر 'بدهضميءَ' ڪري اهو مرض پيدا ٿيئي. جنهن کي تو ادنگائيءَ سان برباد ڪيو، جنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري تون ڪجھ ’بدنام‘ آهين ۽ ڪجھ ٿيندينءَ.“ (جو نياڻين نماڻين کي اهي ڳالهيون سُهن ڪين ٿيون.)

آءٌ چوندي آهيانس تہ، ”گهڻي بي وقوف آءٌ بہ نہ آهيان. پنهنجي مرض ڪري بڪ صرف انهن آڏو ڪندي آهيان، جيڪي منهنجي بي وقوفين جا بار سهي سگهن.“

— پوءِ اها ڳالھ بہ آهي تہ ڪڏهن ’ڪير سهڻ جو اهل آهي ۽ ڪير نہ؟‘ ان من- گهڙتي کي جاچڻ لاءِ تجربي جي ضرورت پوندي آهي، جنهن ۾ ’سهڻ واريون‘ ۽ ’نہ سهڻ واريون بئي درجي بنديون اچي ونديون آهن.“ ’نہ سهڻ وارا‘ مون کي بي وقوف سمجهي در گذر ڪندا آهن. (پنهنجي ڪشادي نگاھ باعث) ۽ ’سهڻ واري‘Category مون کي پنهنجين بي وقوفين جي هوندي بہ ڪجھ ڪجھ پائيندي آهي ۽ آءٌ بہ ڪين بيار ڪندي آهيان!

سو ڳالھ پنهنجي ٿي ڪيم، پر وچان وري پنهنجي مامي جي ڳالھ اچي نڪتي، پهرين مامي جي ڳالھ پوري ڪري پوءِ پنهنجي ڳالھ ڪنديس. (شرط آهي تہ وچان ڪا ٻين ڳالھ نہ نڪري.)

منهنجو مامو جو انتهائي هوشيار، عقل ۽ علم وارو آهي، پر نوڪري نہ ملڻ ڪري سخت Frustrated آهي- ويني ويني ڪائڻ سان تہ ڪوھ بہ ڪٽيو پون، سو بہ وري شاهاڻي انداز سان- ڪيس ڏسڻ وارو اهو ڪاٿو بہ نہ لڳائي سگهندو تہ مٿا ڪان چڪيل مڪيل هيءُ ماڻهو، جنهن کي ٻانهن ۾ ساڍن ڇهن سون جي ’بليڪي‘ ۽ هٿ ۾ ولايتي ۽ اٿليي سگريٽ جو دٻو، سو ڪو اندران بقول تاج بلوچ جي، ”انب جي ڪڪڙي وانگر صفا ڪو ائين ڪوڪلو هوندو!“

پنهنجون مسواڙ تي ڏنل جايون، دڪان ۽ ٻنيءَ جا واڌو بارا (پهرين واڌو ۽ هاڻي ضروري) وڪڻي وڪڻي (جي ٻاڻ هي پڙهي تہ دل ۾ نہ ڪري) سنڌي ادبي سنگتون ملهائيندو آهي. ڳرا ڳرا ڪتاب، جيڪي مون پاريءَ کان بار وگهي ڪنيا بہ نہ ٿين، خريد ڪندو آهي- ۽ فرسٽريشن کان بچڻ لاءِ شام جو سئٽزرلينڊ جي جاني واڪر جو اڌ شيشو ڏوگهيندو آهي.

شام جون گهڙيون تہ خير مڌ ۽ مدهوشيءَ سان رهاتيون ڪندي گذرنديون اٿس، پر صبح ساڻ سج جي تپش، هيڪر وري سندس جميل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمجھ کي ونڙائي ڇڏيندي آھي ۽ وري ھو ڪنھن نہ ڪنھن اخبار ۾ نوڪريءَ جا اشتھار ڳولھيندو آھي. درخواستون ٽائيپ ڪرائي آفيسن طرفان جوابن جو انتظار ڪندو آھي. (شاعرن تہ پنھنجي ’چاھ‘ ۾ سچيون سچيون عمريون انتظار ۾ وھائي ڇڏيون. منھنجي مامي تہ فقط ٻہ حصا عمر گھاري آھي، اميد تہ باقي حصو بہ خير سان ان انتظار ۾ گھاري ويندو.)

جڏھن ڪتابن ۽ وسڪيءَ جا نشا ٽٽندا اٿس تہ ڪڏھن ڪڏھن سر سان جھونگاريندو آھي، ”ھاءِ اس ڪارزار ھستي مين تو جوگر ايک بار مل جائي.“ تڏھن آءٌ کيس چوندي آھيان، ”ماما وقت اھا بہ ناھي ويو، ڪا ھلڪي سلڪي نوڪري ڇوين تہ ڪٿي آءٌ ئي ڪٽي ھٽ ٻير ھٽي.....“

چوندو آھي تہ، ”اھا ٻچاپڙائي ۽ وچ ٽري واري پاليسي پاڻ کان نہ پڄندي. وني ڏينم تہ يا ليڪچراري، نہ تہ پٽيوالي. تخت يا تختو- پر پٽيوالي وني ڏينم تہ چڱو، جو منھنجي فرسٽ ڪلاس ايم- اي جي ڊگري پيو نہ تہ سماج جي ٻوٽ تي چماٽ تہ ٻڻبي!“

ڪڏھن نراسائيءَ وچان چوندو آھي، ”عمر ڪافي لنگھي وئي گورنمينٽ جي نوڪري تہ ملڻ کان وئي! پويان پساھ آھن. تڪجي پيا آھيون ھن بار کان!“

آءٌ چوندي آھيانس تہ، ”پوءِ پنھنجي آخري خواھش تہ بيان ڪري ڇڏيو.“ چوندو آھي، ”ھڪ بندوق آڻي ڏي. ان سان انھن سيني جوانن جو خون ڪريان جيڪي ھزار رپيو مھينو ڪمائين ٿا ۽ سندن وات مان اڃان کير جي ڏپ نہ وئي آھي. (سندس اشارو سيني سان گڏ مونڏانھن بہ ھوندو آھي.)

”پر ھيڏن ماڻھن کي مارڻ لاءِ گردو پڪي؟“

”آءٌ ائين ٽورروئي ڪندس.“

”باقي“

باقي- بندوق جي نالي تہ رکندس سيني تي....“

”پر ان لاءِ بہ تہ جگر کپي؟“

”ھمت اچي ويندم. جڏھن ٽرئگر دٻائڻ کان پھرين چوندس، ’قوم جي سيني بي روزگارن جي نالي-‘ ڏسجئين ويني، ڪڏھن نہ ڪڏھن ضرور ائين ٿيندو.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهاڳ

رعنا شفيق جي ڪتاب 'پولار' تي لکيل مهاڳ

ادب ۽ ادب پيدا ڪندڙ ڌرتيءَ ۾ بہ ڪوئي ”زچہ- بچہ“ وارو رشتو رهيو آ..... جو ڌرتيءَ تي جڏهن بہ ويڳ ولوڙ تي آ رت ست نچڙيو آ تڏهن آهن ۽ ايذائن جو پيٽ چيرجي منجهاس نرم گرم ڳاڙهہ ڳتولي ٻار جيان ”ادب“ جنم وٺندو آ....... جو ٻار وانگر پنهنجو ٻلهہ ڪير جي بوتل ۽ راند جي ڪيڏڻ بدران گس تي ڪتل صليبن ۽ وس تي ورسايل ڪوڙن ڪان وٺندو آ. اهي صليب جيڪي انسان ڳلي ۾ پائي گهمڻ بدران ساهن ۾ سانڍي گهلجندو آ. اهي ڪوڙا جيڪي جندڙي انسان تي وار وار ورسائيندي آ.......

ادب تي بهار ايندي ئي ڌرتيءَ جي خزان جي رنگ سان آ......

”پولار“ پڙهڻ سان لڳو ادب تي هڪوار روري بهار جهولي آئي آ. ڌرتيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي داغن سان هيڪيار وري ادب جي ڳلن تي لالاڻ لمي آئي آ.

ادب لاءِ اهو سڳڻ سنوئي سهي پر هي منهنجي ڪابي اک الائي ڇو ڦڙڪي رهي آهي.

”يا الله بهار جا هي رنگ ڀڏائين ٿا ته اڄ وري ڏرتي ۾ متس پلجنڊڙ ڪائي دل ناصر جهان جي مرثئي مان لنگهي رهي آ.......

”اڄ وري ڏرتيءَ جي ڪائي ڪنڌ شام غريبان جي ٻاٽ اونده ۾ اٿلي آئي آ.......

هن ڪتاب ۾ منجهس ڪهاڻين جا ڪردار! ڄڻ هڪ جزدان جي ڪفن ۾ ويڙهيل ڍير سارا جنازا!! جن کي هن ڪتاب جا کلها ڪانڌي ٿي ڪڻڻ جو ساهس نه سارين‍دا هجن ڪنهن مون پاري جوprefaceبه پاڻ هرتو اهو فرض نڀائڻ جو اهل نه ٻڌجي سگهي، ڪاغذ جي قبر ۾ دفن ٿيڻ بدران- پڙهندڙ جي دل ۾دفن ٿيڻ جوڳا آهن. ”پولار“ پڙهڻ کان پوءِ دليون خود بخود ايڏيون ڪشاديون ٿي وينديون جئن چڱي ماڻهوءَ جي مرثئي تي سندس قبر ڪشاده ٿي پوندي آ...... جو صرف دليون ئي اهڙن ڪردارن جي مدفن لاءِ صحيح مقام آهن.

”پولار“ ۾ پلجنڊڙ ڪردار جيڪي جيئڻ مهل عقل وارا سقراط آهن. مرڻ پڄاڻان ”سڪندر“ آهن. سڪندر کي ماڻهو ”فتح“ جو سمبل ڪري سمجهندا هوندا پر هت اشارو سندس ڪفن مان نڪتل انهن خالي هٿن سان آهي، جيڪي دنيا جي ڪائي چيز ته ڇا خود پنهنجي پاڇولي کي به ڪڏهن پائي نه سگهيا.

دنيادرگذر!

پولار شايد انهن سيني کي وٽي جي مٿاهين اُڏام جي آس ۾ راڪيٽ ۾ رهڻ بدران پل کان راڪيٽ جي ٻاهر ئي پولار ۾ ڪاٺا ٿيل لغڙ جيان لڙهندا رهيا. راڪيٽ زوڪاٽ ڪندو اڳيان نڪري ويجي ۽ هو پولار ۾ ئي ترندا رهيا. نه پويان ڪوئي ماضي نه اڳيان ڪوئي مستقبل.

جن جو ماضي ۽ مستقبل سان ڪو رابطو ئي نه رهي. جيوت جا سمورا سلسلا ئي ڇڄي پون. اهڙا انسان راڪيٽ جي ڪُکُ ۾ رهڻ بدران ڪڏهن ڪڏهن خود راڪيٽن کي پنهنجي مُک ۾ ٻيري پنهنجي اندر هڪ ٻيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرائيوٽ پولار ٺاهيندا آهن. ۽ پوءِ ٻاهر جي پولار ۾ اندر جو پولار گڏجي جيان گردش ۾ اچي Crush ٿيو وڃي.

پولار جا ڪجهه جملا مثلا "هو هڪ ٻئي تي ائين جملا اُڇلي رهيا هئا جئن ٻار هنس پکي ڏانهن ڦلا اڇلائيندا آهن يا جئن پينر هڪ ٻئي ڏانهن اڏ ڪاڏل صوف اڇلائينديون آهن. هڪ وڏي Crush کان پوءِ به بطور يادگار باقي رهندا. جئن سنڌي پنهنجي اجڙيل حال کي آٽت "موهن جي دڙي" جو مثال ڏيئي پوري ڪندا آهن تئن اهي حملا به اثار قديمه جئان پولار جي ڪردارن جي مضبوطي, Intellect ۽ Maturity جي ترقيءَ جو ڏس پتو ڏيندي ظاهر ٿيندا.

ڪن ڪن ڪهاڻين جا سرا پَن ڇڻ کان پوءِ اميدن جي ڳئونچن جيان ڦندي من تي مور جي پکن جيان واڻڪ ڪندي به نظر ايندا. Identity جي ڪردار ٿمينه وانگر جا پنهنجي دل کان ڏک کائي به دماغ جي اٽل فيصلي تي Relax ٿي پنهنجي جيون ڪٿا کي ڪيسٽ ۾ بند ڪري زندگي جي بليڪ ميل کان يعني ڪيسٽ کي Air mail ڪرڻ لاءِ هلي ٿي وڃي....... ۽ جي ڪردار جيوت جي بليڪ ميلنگ کان بچي نه سگهيا، تن جي جيوت جي سموري سچي ڪهاڻي انهن ٻن ڪلاڪن جي ڪيسٽ ۾ ئي قيد رهي. جيڪا سماج جي V.C.R تي هلائڻ لاءِ نه پر بچاءَ لاءِ پاسي کان ئي پئي رهي....... ڪيسٽ!

سماجي V.C.R تي هلائڻ لاءِ اندران هندستاني!
۽ بچاءَ ۾ ڏيکارڻ لاءِ پاسي کان پيل پاڪستاني!!

حيدرآباد
۱۲- ۱۲- ۸۲

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

الطاف شيخ جي ڪتاب "ڇا جو ديس ڇا جو ويس" جو لکيل مهاڳ

سنڌي ادب جي اُفق تي جلڪندڙ قطب تارو

لڳي ائين ٿو تہ الطاف پيدا ٿيندي ئي پريان ڪان پنهنجي بند مٺ ۾ ڪو دنيا جو گولو ڪٽي آيو هو. مٺ پيڙي تہ پاڻ سڄي دنيا گولو بنجي ڪنهن تر جيان سنڌس هٿ ترئيءَ ۾ سمائجي آئي آ. هٿ کولي تہ پاڻ اهو گولو سنڌس ريکائن مان جاگرافي جو نقشو بنجي سنڌس سامهون ڦلهجي ويو آ.

ڪنهن سفر جي آغاز لاءِ "امام ضامن" ٻانهن تي ٻڌڻ مذهبي لوازمات مان هڪ ريت آهي. پر ٻانهن تي "امام ضامن" سان گڏ هٿ ۾ جيڪڏهن الطاف جو سفرنامو ساڻ هجي تہ سفر ۾ Suffer گهٽجو صفر رهجيو وڃي.

زمين جو سئر ڪريو، خدا قرآن ۾ فرمايو، پائنجي ٿو خدا جو خاص

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اشارو ڪو الطاف لاءِ ٿي هو. نہ تہ اسان پارا سوين سنڌي جي اڃان جهڙا ڪر ماءُ جي Placenta ۾ پيا پلجن. ڇڙو حج جي هُج ڪي ٿي دل ۾ سانڍيو وڃيو قبر پيڙا ٿين، تن ڪي الطاف جڻ ڪنهن ”مواصلاتي سياري“ ذريعي ”اميدن جو ٻارڙو“ هنج ۾ ڏيئي ڇڏيو آهي. گهر ويٺي ئي دنيا ڏسڻ جي سڌ سندس قلم جي ڪرامت تي پوري ڪريو وينا آهن. نہ تہ اسان پنهنجي ٻوليءَ جي ٻهاڪن ۾ ئي ٺنڊي الهيار ”ڪاڏي منهن مريم“ ڪاڏي الهيار ڪان اڳ نہ وڌياسين هانو لولو ۽ ٻيا ڪيترا شهر اُچارڻ وقت هانو تي هٿ هٿي پيا هاءِ ڪندا هئاسين، سي اڄ گهر ويٺي ئي هالن ۾ ’هوائيءَ‘ جا گل ۽ ’ٺنڊي‘ ۾ ٺمڪنو جون يادون چونڊي رهيا آهيون.

جهاز تي الطاف جو پهريون قدم ڪنهن خوبصورت سفر نامي جو حسين آغاز آهي، سندس جهاز جيئن ئي ڪنهن گولي جيان سمونڊ جو سينو چيريندو پاڻي جي ڇپن ڪي ڪنهن چنڊ گرهڻ جيان ٻن ڇيرن ۾ ورهائيندو اڳيان اڳيان وڌندو وڃي، تيئن تيئن ڪيس مشاهدي لاءِ منظرُ موضوع ۽ تحرير لاءِ هڪ گهري تاريخ مليو وڃي، جن ڪي هو فنڪارانہ فوٽو گرافي سان ائين جهپيو وٺي، جيئن چقمق جهلي لوهہ کي.

غالباً سندس سفرنامن جو آغاز ”منهنجو ساگر منهنجو ساحل“ کان آهي. في الحال انجام ڇا جو ڊيس ڇا جو وبس. هن ڪتاب ۾ هُن پنهنجي باقي اڳين ڪتابن، جن ۾ هن مختلف ملڪن ۾ شهرن جي تاريخ ۽ جاگرافي اتي جو علم شعور ۽ آگهي ڏسي آهي. بجاءِ خود جهاز جي بدن جي جاگرافي ۽ تاريخ بيان ڪئي آهي. جهاز جي آفيسرن، انجنيئرن ۽ ٻين ڪارڪنن جا چهرا چٽيا اٿس. جهاز جي Physiology ايتري تہ باريڪ بيني سان چٽي اٿس، جو لڳي ائين ٿو تہ سڀ پڙهندڙ محض شوق جي خاطر سندس ڪتاب جو مطالعو نہ پيا ڪن بلڪ انهن سيني ڪي نيٽ تہ هڪ ڏينهن جهاز ران ڪمپنين ۾ ئي ڀرتي ٿيڻون آهي.

ها البت سندس هن سفر نامي ۽ سندس باقي ٻين سفرنامن ۾ هڪ ڳالهہ هڪ جهڙي يا Common-- Factor آهي. اها هيءَ تہ الطاف پنهنجي ٻين سفرن جيان هن دفعي بہ جيئن ئي وضو ڪري ٽوپي پائي جهاز ۾ گهڙيو هوڏانهن جهاز جو دروازو بند ٿئي. هيڏانهن الطاف جي شرافت جا دروازا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪليو پون. شرافت بہ ڪا اهڙي تهڙي!

رکي پيئر نيپئر روڊ تي- پر اهو رستو ختم ٿئي ويجيو ڪنهن مسجد جي در تي- جنهن مائيءَ ڏانهن منهن ڪري نهاري سا مائي ٿي مريم جو ماسڪ پائي ڪيس عيسيٰ جي نظر سان نهاري.

هت شڪ آهي تہ ڪٿ الطاف بہ ائين تہ ناهي تہ پنهنجا تجربا پرائي حوالن سان ظاهر ڪريو ڳالهہ ٺاريو ۽ ٺاريو ڇڏي. جي ائين آهي تہ پوءِ هن شيدي ڊرائيور جو مشورو بہ قابل غور هئڻ گهرجي، جنهن جو ذڪر ڪتاب ۾ الطاف ڪنهن سخت مزاج چيف آفيسر جي حوالي سان ڪيو آهي. جنهن متعلق الطاف لکي ٿو تہ ڪيئن نہ هڪ ٽانءِ واري چيف آفيسر جي هڪ شيدي بادشاہ چيڪ ڇڏائي.

واقعي ايڏي شرافت يا بيماري آهي يا پيغمبري! مون کي تہ هن ڪتاب ۾ الطاف جو لڪيل گيسي ڪرڻ وارو مذاق بہ بيحد وڻيو. هنداٿو ۽ موزون بہ لڳو، لکيو ٿئين هڪ لڳان جهاز جي چمڪندڙ گهٽي ۾ ڪو بوٽ جو ڊگهو لينگهو پائي ويو. لينگهي کي ڏسي سندس ڪيبن بواءِ چيو تہ (فلاڻو هڪ عبادت گذار شخص جنهن سان ان ڪيبن بواءِ جي ڪانہ پوندي هئي) گيسي ڪري ويو آهي.

ضرور ان گيسي ٿي ڪئي هوندي، جو ٻڌو اٿم تہ پاڻيءَ جي جهاز تي بہ ڪڏهن ڪڏهن "پاڻي مٿان جهوپڙا" واري چواڻي پاڻيءَ جي سخت ڪوٽ ٿي پوندي آهي ۽ جڏهن گهٽي ڦٿندي آهي تڏهن ڪاڪوسن ۾ Toilet papers جي بہ کوٽ ٿي پوندي آهي. پوءِ فضا جڏهن اهڙي هجي تہ پوءِ جهاز جا آفيسر پنهنجي ذاتي رنجش جي بنا تي صفائي نصف ايمان آهي جي مقولي تي عمل ڪندي هڪ ٻئي جي ڪيبن جي سامهون پيا گيسيون گتيندا آهن.

اهو مذاق ۽ کوڙ اهڙن ننڍن ننڍن دلچسپ واقعن سان هي ڪتاب ڀريل آهي. مون کي تہ الطاف جي هڪ دوست آفيسر جي ڏيڏرن کائڻ واري ڳالهہ بيحد مزو ڏنو. حظ ائين ورتم جهڙو ڪر سڀ ڏيڏر مون کاڌا. دراصل ڊگهن سفرن ۾ نئين ۽ اڻ ڄاتل ماحول ۾ ناروا ڳالهيون بہ روا ٿي پونديون آهن. جيڪي انسان هجڻ ناتي فطري طور انسان کان سرزد ٿيو وڃن. پوءِ اهي ئي واقعا انسان پنهنجي تنهائي ۾ ورجهائي ڪڏهن انهن کان پيو سرشار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿيندو آهي تہ ڪڏهن وري شرمسار.

حالانڪہ الطاف ڪڏهن بہ اهڙو ذڪر پنهنجي حوالي سان ناهي ڪيو. خدا ڄاڻي هو ڪهڙي ڪمپيوٽر مان پنهنجي مستقبل جو زائچو اڳواٽ ئي ڪڍرايو سفر ٺاٺو ڪريو ڇڏي، جو ڪڏهن بہ ڪاڻ متس ڪانہ آئي آهي. غذا جي باري ۾ تہ محتاط ٿي پل ڪٿي ڪارڪون ۽ آب زم زم ڪٺندو هجي. پر باقي زندگي جي حساب ڪتاب ۾ سندس بخشش ڪيئن ٿي ٿئي. آئون نہ ٿي ڄاڻان بقول ڪنهن جي مذاق ۾ چيل ڳالهہ جي تہ الطاف گهڻي پاڳي ذاتي حوالن کان لهرائي ٿو اهي ڏيڏر سندس دوست تہ ڇا پڪ پاڻ ڪاڏا هوندائين صرف ڏيڏرن جي ڪهڙي ڳالهہ! اڙي ياڻي هن کي تہ نانگن کان وٺي ماٺهو جي گوشت تائين جي ذائقي جي پڪ ڄاڻ هوندي. پر ڪجي ڪيئن، جو ڪجي تہ ٿئي ڪافر....... خير آدم خوريءَ جو الزام آئون هرويرو متس ڪونہ ٿي هڻان. پل هو پنهنجي ذاتي حوالن کي دام ۾ ئي رهڻ ڏي. ڪجهہ بہ سهي. ان ڳالهہ کان انڪار تہ ڪنهن کي بہ ڪونهي تہ الطاف سنڌي ادب جي اروڙ زمين کي پنهنجي اڻ ٿڪ ڪوشش ۽ لاڦاني محنت سان اهڙو جنبي جوتي، هموار ۽ زرخير ڪيو جو اڄ هن زمين تي جي گل ٽڙيا آهن. انهن گلن جي ٻور ۾ سندس پورهئي جو پگهر ۽ انهن جي ٿارين ۾ سنڌي ادب جو لازوال ثمر شامل آهي. انهي حوالي سان هو بيشڪ سنڌي ادب جي افق تي جرڪندڙ قطب تارو آهي. جنهن جي لاٽ تي سنڌس پونير پيرا ڪٿي پنهنجي واٽ لهندا.

هو عام سنڌين ۾ هڪ خوشنصيب شخص آهي، جنهن نہ صرف غم روزگار کي ان خوبصورتيءَ سان نڀايو آهي. اهو غم روزگار بہ اهڙو جهڙو عام طور شيعہ الله کان گهري وٺندا آهن. "ليڪن غم حسين رضہ ميري دل سي ڪم نہ هو" وانگر ان جي پلهہ تي، اجتماعي طور پنهنجي قلم جي ڪاوش سان سموري سنڌي قوم جي شعور ۽ ذهن کي پختگي، علم ۽ آگهي ڏني آهي، پنهنجي بيحد سادي ۽ سيباڻي ٻولي ۾ بيحد رس ۽ چش سان.

چش ۽ چشڪا بہ اهڙا ڏنا اٿئين جو ٻاهرين دنيا جون دلچسپيون ۽ رنگينيون پڙهي اڄ اسان سيني جي پرڏيهہ ڏسڻ جي اهڙي تہ گهگهہ ڳڙهي آهي، جو هاڻ "ڳاڙهي نار" جي بدران گهگهہ جو هڪ "اڇو نار" تيار آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪٿ الطاف بہ اهو ٻڏي پنهنجو جهاز ان ۾ نہ چڙهڻ جي ڪوشش ڪري ۽ پوءِ سندس جهاز ان ۾ بہ پيو ائين ترڳي جيئن چاڏيءَ ۾ چاٺون ترڳي.

سندس سفرنامن ۾ علم ۽ Information ملڻ متعلق هڪ قصو محفل ۾ مشهور آهي. چون ٿا تہ هڪ دفعو نيشنل شپنگ ڪارپوريشن ۾ نوڪري لاءِ ڪي اميد وار انٽرويوءَ ۾ شامل ٿيا. اميدوار ڪوڙ هئا ۽ ڏاڍي تياري سان آيل هئا. پر ڪنهن جو بہ ڪڙ تيل ڪونہ نڪتو. البت هڪڙي اميدوار اهڙو تہ زبردست انٽرويو ڏنو، جو خود امتحان وٺڻ وارن جو ساٺڻ وانگيان تيل نڪري ويو. ان اميدوار ڪان پڇيئون تہ ڇا تو اڳ بہ ڪو اهڙو انٽرويو ڏنو آهي. همراه وراڻيو ”نہ“ پڇيونس ”ڇا تو اڳ ڪڏهن هت نوڪري ڪئي آهي“ جواب ڏنئين ”نہ“ تہ پوءِ تو اهڙي زبردست انٽرويو جي تياري ڪيئن ڪئي؟ جواب مليو ”مون رڳو الطاف شيخ جا سفرناما پڙهيا آهن.“ سنڌي شعبي جي شاگردن تي خاص طور سندس ڪايا ڪرم آهي، جو هو هر سال امتحان ۾ ”الطاف ۽ سندس سفرناما“ وارو سوال بر زباني حل ڪريو ٣٥مارڪن جا ٻڌي اگهہ واپاري ٻٽيو وينا آهن، ٻيا سوال تہ امتحان ۾ هجن نہ هجن، پر الطاف جي سفرنامن بابت تہ پڪ سوال هجي ئي هجي.

انفرادي لحاظ ڪان توڻي جو اجتماعي طور بهرحال سموري سنڌ کي مٿس فخر آهي. ۽ سجاڳ ذهن سان پنهنجي ڌرتيءَ ان جي شهرن ڳوٺن واهڻ ۽ وستين کي پرڏيهہ جي شهرن اتي جي وسندين ۽ وستين سان مشابهت ڏني آهي. ان ليکي ڳويا هن سموري سنڌ کي ڪل ڪائنات مٿان ڪنهن نرم ڳرهہ سوڙ جيان پٿيري ڇڏيو آهي، لڳي ٿو اسين هڪ ئي سوڙ جي نرمي ڳرمي هيٺان ڄڻ هڪ ئي ماءُ جي هنج ۾ پلجندڙ اجيتڙا انسان آهيون. خدا ڪيس پيدا ڪري ڳويا سموري سنڌي قوم ۾ ڪنهن رهجي ويل خال کي پري ڇڏيو آهي. يقيناً الطاف جي پيدائش جو مقصد مڪمل آهي.

خدا سندس وجود تي پڪ سرهو ٿيندو هوندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طارق عالم ابڙو جي ڪتاب رات سانت ۾ سوچون جو مهاڳ

من المهد ڪان الي اللحد تائين

طارق! جنهنجي آئون "ماءُ" نہ آهيان.

طارق جي آءٌ (پيئڙ) بہ ناهيان.

ها مان سندس دوست بہ ناهيان ايڏي جو سندس شخصيت تي ڪا تيڪاتيپڻي ڪري سگهان، سندس ڪهاڻين تي ڪو قلم ڪٽي سگهان، آئون ايڏي پارکو بہ ناهيان.

طارق ننڍڙي ڄُج هلائي مون کي پاڻ ۽ پنهنجي پڙهندڙن وچ ۾ ڪباب جي هڏي بنايو آهي.

هڪ ننڍڙي ڳالهہ: (شيعہ هئڻ ناتي) محرم ۾ حشر واري ڏينهن ٻڏو اتم مولائي مسواڙ تي پٽڻ وارا گهرائي (حسين عہ) کي روئندا آهن (هت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طارق مونکي ڪائي مسواڙ ناهي ڏني هڪ ڪنگلو ٻي ڪنگلي کي ڇا ڏيئي سگهندو؟ بحرحال جسٽس ڪياني؟ واري ڳالهه "حسين جي غم ۾ روئڻ وارن کي ثواب، روئائيندڙن کي ثواب ۽ جيڪي روئڻ واريون شڪليون ناهن انهن کي بہ ثواب!

رنو طارق آهي "قرت العين الحيدر" چواڻيءَ تہ: امام زين العابدين سڄي ڄمار روئيندو رهيو:

ان ڪري هن ڪتاب جا سمورا (قل) آئون طارق کي ٿي بخشيان.

روئاريندڙ آئون آهيان، سو ڪجهہ (قلن) تي آئون پنهنجو بہ ٿي حق سمجهان. (جو شيعا حسين کي ايترو ناهن روئيندا جيترو زينب رضہ کي.)

۽ ها، هن مجلس ۾ پڙهندڙ بہ ثواب جا حقدار رهيا، جو هن روئڻ هاريون شڪليون ناهيون.

طارق بولڊ ڪهاڻيڪار آهي. مجيو اٿم.

هو مون کان ڏهہ دفعا دٺوس ڪهاڻيڪار آهي.

پر سندس دل اندر جو هو دالو ٻارڙو (دٺوس) نہ آهي. هو يتيمي انداز ۾ اڃان ڪنهن Labour room ۾ پلجي رهيو آهي. (هن Preface جا مڙيئي قل انهن ٻارڙن لاءِ جيڪي Labour rooms مان نڪري نہ سگهيا.)

قرت العين چيو آهي: "زندگيءَ کان گهڻا سوال نہ ڪريو." علامہ آءِ- آءِ قاضي چيو آهي: "پنهنجي ياڳ کي بند مٺ ۾ ٿي محفوظ سمجهيو جيئن ٿيڻو آهي تيئن ٿيندو نہ تہ، ٻي حالت ۾ ٿي نہ سگهندو."

علامہ صاحب نهايت ئي شريف طبع شخص هو. هو قدرت جي قصن کي قضين ۾ بدلجندو ڏسي درياهہ ڏانهن ويو ۽ وري نہ موٽيو. طارق جوان همت اديب آهي. هن ۾ درياهہ ۾ گهڙڻ بدران درياهہ کي للڪارڻ جي سگهہ آهي!

۽ ها طارق ڏاڙيل بہ ناهي، ڏاڙيل ٿيڻ جي ڳالهہ اساڃي وڏڙين جي هن پروليءَ مان پرائي وٺڻ گهرجي.

نر جي مٿان نَر نَر تي ٿي ناري.
جي مڙي نهارين، تہ نر ناريءَ جي وات ۾!

بس ۾ ڇوڪرن جي ڪچهري. ڪچهري جو Climax اهي Lens يا عينڪون آهن جيڪي ٽن هزار ربين ۾ وڪامجن ٿيون. جن جي پائڻ سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماٺون ماٺونءَ کي الف اگهاڙو ڏسي سگهي ٿو.

توبهہ! توبهہ!! ڪهڙو خراب زمانو آهي. ماٺو ماٺوءَ کي اگهاڙو ڏسي........؟!!

”پر يار- ملنديون ڪٿان اهي عينڪون؟“

”ٽي هزار ڪٿان ايندا..........؟؟“

..........”ڏاڙو؟!!

طارق ڏاڙيل نہ ٿي سگهيو. هو اديب ٿي رهجي ويو. ادب ۾ بہ هاءِ گهوڙا ڪندو رهجي ويو.

درياہ توتي دانهن ڏيندس ڏينهن قيامہ جي!

قيامہ جو ڏينهن ڪين بخار جي شدت!! منٽوءَ چوائي: ”ادب وقت جو ٽمپريچر آهي.“ طارق ان ٽمپريچر کي شدت جو رنگ ڏيئي جڻ لال بتي جي Casuality کي للڪار ڏيئي رهيو آهي. Casuality جو غمہ آهي يا طارق جو الم آهي.

طارق پنهنجين ڪهاڻين جي آڌار تي ڪيترن جاين تي ڊائزاپامہ ۽ مينڊريڪس جي نشاندهي ڪندي نند جا نياپا ڏيئي هڪ جهٽڪي سان فورن حالي موالين جي هٿان سگريٽن تائين ڦريو وٺي.

اهو سندس جيون جي بہ نڪاتي پروگرام ۾ طبيعت جو توازن آهي تہ جيڪي Patent دوائون هو Afford نہ ڪري سگهندو. اهي بيماريون بہ هو هرگز نہ پاليندو......

عمر جي جنهن حصي ۾ سندس پير آهي ان پٽاندر هو نظرياتي لحاظ کان بيحد جذباتي آهي. ايتريقدر جو مان پانيان ٿي تہ ڪا چوڪري جيڪڏهن سندس درد کي سمجهي پنهنجي نند بچائڻ لاءِ بہ گوريون (ڊائزاپامہ) وٺي تہ طارق هن جا Thanks سڄي شيشي پنهنجي ڳلي کان لاهي بجا آڻيندو، بنا ان ويچار جي تہ سڄي شيشي ڳلي هيٺان لاهڻ کان پوءِ Thanks ڪرڻ جو منجهس ساهس ئي ڪٿي هوندو.

نظرياتي لحاظ کان جذباتي هجڻ پنهنجي جاءِ عملن هو نفسياتي طرح هڪ تندرست چوڪرو آهي. ذهني دٻاءُ ۾ پيڙهيل مريض سئيٽرن جا بند ڳلا پائڻ کان لهرائيندا آهن. طارق کي مون ڪڏهن بہ Open سئيٽر پائيندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ناهي ڏٺو.

طارق ڇا آهي؟

طارق ڇو آهي؟

طارق ائين ڪيئن ٿيو؟ ! ٽي سوال What- How- and why جا.

مون ڪيس آرٽس فيڪلٽيءَ جي ڏاڪڻين تي پنهنجن ساهڙين ۽ ساهڙن سميت اڪثر وينل ڏٺو آهي. سندس چيرولي اکين ۾ چمڪندڙ خاموشي، ۽ حجابي انداز ۾ ڳالهائيندي. ۽ جيڪڏهن هو نه به ڳالهائيندو آهي تڏهن به سندس چپ چرندا رهندا آهن، ها مون ڪيس هميشه چيونگم ڪائيندي ڏٺو آهي (شايد هو پنهنجي محروميءَ جا چڪ چيونگم مان چڪائيندو رهندو آهي) چيونگم ٻار ڪائيندا آهن ٻار ته نچندا به آهن. پر طارق پچندو آهي.

(پچڻ گهڻا پچايا تون پچڻ کي پچاءِ)

طارق جي (حلالي) وجود ۾ مون هڪ حرامي ٻار ڏٺو آهي.

(چيونگمن تي حلالي توڙي حرامي پنهين ٻارڙن جون هڪ جيترو حق آهي) ٻانءِ هو پنهنجي اندر جي ٻارڙي کي چيونگمن جا چشڪا ڏيئي ڪائنس ڪو ڏڪ ڇرائڻ ٿو چاهي. (جن ٻارن جون مائر مري وينديون آهن اهي ٻار ڪچا ڏاڳا اگرين ۾ اٽڪائي انهن ۾ پناهون تلاش ڪندا آهن.)

۽ هاڻ سندس ڪهاڻين جون ڪجهه ڪڙيون پڪڙي آئون طارق کي (قلم هن وقت منهنجي هٿ ۾ آهي جو ڏاڍو سو ڳابو) ڇهڻ چاهيان ٿي. ڀل ان چهاءَ جي آڏار ان ۾ سڄو سارو نه، ته سندس اڌ بدن جون ڪجهه جهلڪيون ئي پڙهندڙن تائين پهچي سگهن.

طارق جي ڪهاڻين جو سفر من الحمد کان اللحد تائين سندس تقريبن هر ڪهاڻي جا سلسلا پينگهي جي لوڏ کان شروع ٿي مڪليءَ جي قبرستان ۾ گم ٿيندا نظر اچن ٿا.

رات، سانت ۽ سوچون

هڪ بولڊ ڪهاڻي آهي طارق ان ڪهاڻيءَ کي اهو نالو ڏيئي پنهنجا هٿ خوبصورتي سان بچائي ويو آهي. آئون اگر اها ڪهاڻي لکان ها ته سنئون سڌو نالو رکانس Kiss the kisses

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس تخليق ڪيل ڪردار جي Kiss تي سڄي ڪهاڻيءَ جو Climax آهي. هت آئون هڪ ننڍڙي ڳالهه چوندي هلان ته "Kiss" ٻن وجودن ۾ پيدا ٿيندڙ هڪ حقيقت جو نالو آهي. Kiss اڻ سمورو سچ نه آهي. ڪنهن سچ تائين پهچڻ جو ذريعو پل ٿي سگهي ٿي. Kiss via sex پر خود sex به سمورو سچ ناهي. sex به ڪنهن سچ تائين رسڻ جو هڪ ذريعو آهي. طارق کي جا sex "لولي پاپ" ڳلن ۾ نظر آئي. مون کي سا sex خود طارق جي چيونگمن ۾.

پيلي ڏند

هڪ بيحد سهڻي اسٽائيل ۾ بيرائٽي ڪهاڻي آهي، "اسان سڀ بيمار آهيون پر ظاهر نٿا ڪريون پنهنجن غمن کي ائين ٻين کان لڪايون ٿا جيئن بوٽ اندران ڦاٽل ڇڄي ويل جوراب" ۽ انهيءَ قسم جا گهڻائي من ۾ پيهي ويندڙ پيلي ڏند ڪهاڻيءَ جا ڊائلاگ.

سندس اها ڪهاڻي پڙهندي مونکي (غازي) ياد آيو. جڏهن طارق ۽ سندس (هيروئن) هڪ ئي رستي تان گهمندي به ٻن الڳ الڳ گهرن جي تلاش ۾ هجن.

"هي رستو ڪهڙي دنگ وڃي ختم ٿيندو؟ هيءَ رستو اگر ڪنهن ٻنگلي تي وڃي ختم ٿئي ته سمجهه تنهنجو آهي- اگر ڪنهن صحرا ۾ وڃي گم ٿئي ته پانئج منهنجو آهي."

۽ ها، هن ڪتاب جي Preface کي اختتام تي آڻڻ چاهيان ٿي. ڪيئن؟ مونکي خبر ناهي.

ڇو جو طارق جي عزم جي مونکي خبر آهي. سندس عزم جي اندازو سندس هن جملي مان جهلڪندو ڏٺو اٿم: "منهنجي قميص جي ڳلي جو آخري بٽڻ به ڳالهائيندو آهي."

پر طارق جي عزم کي Motivate آئون ڪيئن ڪريان؟ مونکي خبر نه آهي. سندس ڪهاڻين جا سرا ڪنهن اونداهي ڪن ۾ گم ٿيندي نظر اچن ٿا ! (سندس ڪهاڻي ۾ اهي بيحد هنڌاتا ٿا لڳن) پر خود طارق ۾ انهن هنڌائتن سرن کي آئون متائڻ چاهيان ٿي. (پل مان سندس (ماءُ) نه سهي/

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پل مان سندس پيڻ نہ سهي.) سندس قلم جي Treatment مان سندس بيحد Submisive طبيعت جي جو اندازو ٿيو اٿم سو ڪيس آئون T.V جي ڪنهن هيروئن جيان نہ چوندس: "نڪري اچ طارق، ان Frustration مان نڪري اچ" بلڪ ڪيس للڪار ڏيندس: ڀچو ان Frustration مان نڪر چو جو گلشن اقبال ڏانهن ويندڙ سڀ رستا تنهنجي انتظار ۾ آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نذير ناز جي ڪتاب ’هيلو ڪو وري آ‘ جو مهاڳ

نذير ناز- سنڌي ادب ۾ نڪرندڙ پٽ

رڏتي ۾ روشني، ان جي چمنيءَ مان نڪرندڙ دونهن! اَلاءِ ڪيڏو تڇي لڳندا آهن دل کي.....

۽ جڏهن رڪشا تلڪ چاڙهيءَ تان ترڪي صدر جي هوائن ۾ هلڪورا کائيندي آهي..... جڏهن سنجها ٿاڻي بندوق والا بيڪريءَ جي شيشائن درن مان سونهري سامان، تيز روشنيون، دخل تي وينل سانورڙيون ڇوڪريون روح کي ڳرو ۽ کيسن کي خالي ڪنديون آهن..... تڏهن آءٌ بيڪريءَ جي پر واري سنهڙيءَ، سوڙهيءَ ۽ اونداهيءَ گهٽيءَ جي آخري سِري ڏانهن نهاريندي آهيان.

اونداهيءَ گهٽيءَ جي آخري سِري تي نذير جو اڪيلو گهر! گهر جي گيلريءَ مان رڏتي جي وڏيءَ شيشائين دريءَ ۾ روشني!

روشني ڏسيندي اِتم تہ نذير هِن وقت گهر ۾ آهي.... گهر جي ڏاڪڻين تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيرَ رکندي، رڌڻي مان ايندڙ ڪاڏي جي خوشبو پڪ ڏياريندي اَٿم ته هينئر هوءَ رڌڻي ۾ آهي.

۽ الاءِ ڇو اُهي گهر، جن جي رڌڻن ۾ روشني ۽ ڏاڪڻين تي ڪاڏي جي سڳنڌ جو ساءُ هجي، مون کي ڏاڍا سياڳا لڳندا آهن.

اُن وقت نذير، سُهائي ۽ سڳنڌ، تيئي هڪ لڙيءَ ۾ Conditioned ياسندا آهن، مون کي ۽ پنهنجو وجود لڳندو اَٿم، ڇڻ ڪوئي اِنهن ٽن خوبين ياٺ ٽن ڏيئرن مٿان جهڙو ڪوئي ٽڪڙ پُٽ جو وجود، جيئن ٽڪڙ پٽ کي سوڻ سانٽ ڪري سياڳو بنايو ويندو آهي، تيئن نذير به مون کي ڏسي جهٽ رڌڻي ۾ Oven جو ٻيو چلهو ٻاري، چانهه جو گرم گهاٽو ڪوپ ناهي ايندي آ- ۽ پوءِ وات ۾ اُهو ائين وجهندي اَٿم، جيئن ماءُ ٻار کي ڏُڪو وجهندي آ.

مَهينن مُنهن سائس ڏهن- پندرهن منٽن جو ملڻ. چانهن جي گرم ڪوپ جي حدت تي سرجي، ٿڌي پاڻيءَ جي گلاس تي دم جهلي، ذهن تي جهڙو ڪوئي ڪرم جو ڪڪر بنجي ڇانئبو آهي- ۽ پوءِ مهينن پٺي سائس ملان يا نه.

جڏهن به اندر اُٿلو ڪاڏو، بادل برسي ۽ سندس ياد سان جل ٿل بڻجيو ويجي روح ۾.

نذير هن ڌرتيءَ تي ڦهليل انيڪ انسانن مان.... جو انيڪ ماڻهن مان صرف ڪي ماڻهو هڪبئي جي سائيڪيءَ کي ساڳي Dimension، ساڳيو Tempo، ساڳئي، Flow جي آڌار تي هڪبئي کي ڪشش ثقل جيان ائين اُياري بيهندا، جهڙا هڪبئي لاءِ ڇپر ڇانورا. نذير به اهڙن شخصن مان هڪ ڇپر ڇانوَ آهي، جا پنهنجي گهر، گهروارن، دوستن، رشتيدارن، عزيزن، شاگردن لاءِ ڇپر ڇانوَ سهي، پر ڪيس ته مون ڪڏهن ڇپر هيٺ ڇانوَ ۾ ويهندو ڪونه ڏٺو. هٿ جي ترِيءَ تي پاري سمان، هر وقت تحرڪ ۾ هوندي. ڪجھ نه ڪجھ ڪرڻ جي تمنا، ننڍڙا ننڍڙا پروجيڪٽس، ننڍڙا Missions هر وقت هٿ ۾، ۽ هوءَ انهن کي تڪميل تائين آڻڻ جي ڪوشش ۾ هميشه سرگردان ٿي رهندي ڏسبي.

ادب جي فنڪشن کي Attend ڪرڻ جو شوق. ادبي شخصيتن سان ملڻ جو شوق ۽ ان کان پوءِ گهر کي گهر ڪرڻ، ڪُٽيءَ کي پورو ڪرڻ، روشنيءَ ۾ وَهڻ، ڪنهن فنڪشن ۾ وڃڻ، ڪو فنڪشن ڪرائڻ، سيبو- ٽانڪو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻ، رڌي- پڪي، ۽ سروس- باقي جو وقت بچي، پير پساري ٽيپ آن ڪري ٽڪ لاهڻ جو.....

اُن وقت ۾ وري تخليقي حِس کي ترتيب ڏيئي، ڪانـہ ڪا ادبي ڪرت تيار. ڪڏهن ڪهاڻي لکي ورتي، ڪڏهن شعر جڙيو، ڪو ڪالم لکيو، ڪو ادبي مقالو تيار. ذهن تي جڏهن تنقيدي عنصر حاوي ٿيو، تڏهن ڌِن اردگرد جي ماحول کي مطابقت ۾ نـہ ڏسي 'عبرت' ۾ ڏڙاڌڙ ڪالم لکڻ شروع ڪيا. ذهن تي جڏهن نرم گرم، گداز ۽ ردمڪ پهلو حاوي رهيو، تڏهن 'شاعريءَ' اندر ۾ اُٿلايئين.

۽ وري جڏهن ذهن تي تنقيدي ۽ تخليقي نقطو ايريو، ھُن ڪهاڻين جي صورت ۾ ڪردارن جي حوالي انسان جي اندر کي قلم جي ڇريءَ سان چيڙ ڪري نفس جي پري کان 'گهراين' کي ويجهو آندو.

۽ وري جڏهن ويجهڙائيءَ ۾ پري تائين.... تخليقي قوتن جي اظهار جي ذريعن جي ڪمي ڏٺئين، تڏهن هن 'ناري' جي نالي سان تخليقي ادب جي سهيڙ شروع ڪئي- اهڙو ڪم، جيڪو مردن کي مهانگو پئي. هن اڪيلي سر، لاڳيتو 'ناري' جا ست- اٺ پرچا ڪڍي، سنڌي ادب ۾ پنهنجي خدمتن کي اَمر ڪري ڇڏيو. سڄيءَ سنڌ کان هِند تائين 'ناري' جي ناماچاريءَ نذير کي بي نظير ۾ بدلائي ڇڏيو.

جيوت ۾ ايڏيءَ هن هٽان کان پوءِ، نذير سان ملي هڪ ئي جست ۾ ماٿهو سندس سمورو تاجي- پيتو ذهن ۾ اُياري نـہ سگهندو. ساڻس ملي پهرينءَ ملاقات ۾ لڳندو، نذير سان مِليس ڪٿ جهڙو سندس چڙو ڪنهن اسٽوڊيو ۾ نڪتل فوٽو ڏٺـم. اِنهيءَ ڳالھ جي هوريان هوريان ڪجھ ملاقاتن کان پوءِ پروڙ پوندي. جنهن کي هڪ نظر ۾ 'فوٽو' ڏٺـم، سا پنهنجيءَ پر ۾ جيوت جي مڙئي ڪارگذارين تي پرپور 'ڊاڪيومينٽري فلم' آهي-.

جيوت جي فريم ۾ رڳو ضروري پهلوئن تي مشتمل اهم موضوعن کي گرفت ۾ آڻيندڙ هڪ اهم تصوير.

حقيقت ۾ نذير خود بـہ 'عورت' جي وڏيءَ تصوير کي ڪٽي، ننڍو ڪري، ايترو ڪندي، جيترو فوٽو جيوت جي 'فريم' ۾ فٽ ٿي سگهي. وڏيون ڳالهيون، غير ضروري جذباتي ڳالهيون، زندگيءَ جا ڏکيا فلسفا،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آسماني نظريا، عجب Ideology تصوير مان ڪٽي، باقي ضروري بچي اهوئي فوٽو فريم ۾ فٽ ٿيڻ جي ڏانوَ جو آهي!

سندس ڪهاڻيون بہ گهڻي ڀاڱي عورت جي مختلف رخن جي تصويرن جيون ڪهاڻيون آهن، جيڪي فريم ۾ فٽ ٿي سگهيون، سي گهر جي ديوارن تي سجيون رهيون، جي نہ ٿي سگهيون، سماجي ڪٽنچيءَ سان ڪٽجندي پنهنجا صحيح خدوخال وڃائي وينيون.

عورت! پل هن سنڌي سماج جي ئي سهي، ڇا رڳو ديوار جي ٽياس تي ٽنگيل هجڻ کي ئي ڪافي سمجهي ٿي؟

نذير جي ڪهاڻين جو ماحول ۽ سندس ڪردارن جي ذهني حاصلات (جا اڻ سڌيءَ طرح ليکڪ جي هٿن جي حاصلات ئي آهي) ڪهاڻين جي پڄاڻيءَ ۾ پڌرا ٿيل آهن. ڪهاڻي 'انتقام' جو انجام پڙهي، بظاهر عورت جي اندر تي چرڪ، حيرت ۽ پشيماني بہ ٿئي، پر ساڳي وقت ليکڪا جي قلم جي Treatment (ساڳي جهڙي هن سماج جي انسان سان Treatment) ڪهاڻي پڙهندي انسان سادگيءَ ۽ سچ سان انهن ڪهاڻين جا انجام انسان جي تقدير جي انجام جيان قبول ڪري ٿو. سماج جا اِهي ئي عنصر اهڙي ئي نموني مون تي اثرانداز ٿين تہ منهنجو انجام بہ اِهوئي هجي، جيڪو هن ڪهاڻيءَ جي ڪردار جو. هي ڪهاڻي پڙهي، گهٽ ۾ گهٽ مون کي تہ اهوئي احساس ٿيو.

نذير جي مختلف ڪهاڻين ۾ 'سنگم' جو انجام البتہ سُرهو ڏٺم. 'سنگم' پنهنجي پر ۾ هڪ ڀرپور روان ۽ ميچوئر ڪهاڻي آهي. ڪهاڻي جي هيروئن ڪهاڻي ۾ تہ هڪ دفعو، پر سچ پچ هن سماج ۾ هر گهر، هر در تي هر هر ملندي، جو بظاهر هر عورت مجموعي طرح سراسري لحاظ کان بظاهر ٽي- وي تي ڏيکاريل نئين سال جي بجيٽ جيان پنهنجيءَ جيوت جو بجيٽ نارمل نارمل رکندي. (ٽي- وي جي پاليسيءَ جيان جيون جي پاليسيءَ جون بہ گهڻي ڀاڱي ڳالهيون نہ رڳو ماڻهو عام ماڻهن کان بلڪ ڪڏهن ڪڏهن پنهنجو پاڻ کان لڪائي آف دي رڪارڊ رکندو آهي.)

سنگم جي هني (هيروئن)/هن سماج جي عورت/ ليکڪ/ پڙهندڙ/آف دي رڪارڊ رکيل جيوت جي ڪيترن شعبن ۾ ٽئڪس ڏيندي، ساهہ جو سمورا ليکا ٽئڪس جي ادائگيءَ ۾ چڪائيندي، خدا جو شڪر بجا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آئيندي ٿي رهي. شڪر الحمد لله، جنهن اِنسان کي اِها توفيق بخشي تہ هو ساھ جا سمورا حساب ٽئڪس جي صورت ۾ ڏيندو، ساھ تان بوجھ لاهيندو ويجي، ڪهاڻي جو انجام، 'سنگم' جي صورت ۾، ڪهاڻي کي ڪهاڻيپڻي ۾ بدلايو ڇڏي، جيڪو عام جيوت ۾ اڪثر ناگزير ۽ ناممڪن آهي. هزارن ۾ ڪو هڪ ساھ هوندو اهڙو. جنهن کي زندگيءَ جي آخري پساهن ۾ شام ويل ٽئڪس جي ڇوٽ ملي ويجي.

'هيلو ڪو وري آ' البتہ اهڙي ڪهاڻي آهي، جيڪا هر ليکڪ جي هٿن مان نڪري نہ سگهندي. ٻولي سادي سلوڻي،Tempo روان، قلم ميچوئر. اِها ڪهاڻي هند ۾ بہ ڇپي هئي. هت بہ انعام ماڻي چڪي آهي. بيحد برجستگيءَ سان لکيل اِها ڪهاڻي نذير کي ڪهاڻيڪارن جي ڪيُو ۾ بيهاري نہ بلڪ مانَ سان ويهاري سگهي ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شعبان وسطڙي جي ڪتاب تي مهاڳ

”رستن جو رولاڪ“ هئڻ تہ نہ ڪپي عمر جي هن پوئين حصي ۾ ڪنهن مون پاري ڪي...... ۽ نہ ئي وري ”رستن جو رولاڪ“ هئڻ ڪپي عمر جي هن پهرئين حصي ۾ ڪنهن شعبان پاري ڪي...... پر جيوت جي فوٽو ڪي فريم ۾ فٽ ڪرڻ لاءِ پنهنجي تصوير ڪي جيئن ننڍو وڏو ڪرڻو پوي ٿو تيئن ضرورتن گهر ڪان رستي تي، رستي ڪان گهر تي ايندي، ڪنهن گهٽي پنڌ لنگهندي شعبان نظر اچي ويندو آهي. ڪارين ٿيلهين ۾ سامان هٿن ۾ لٽڪائيندي ڪڏهن گهٽي پنڌ لنگهندي بجلي ۽ ٽيليفون جا بل هٿ ۾ اٽڪائيندي ٻنپهرن جو ٽنهڻ اس ۾ رڪشا جي انتظار ۾ پنڌ پئي گيسرندي آهيان جو اڪثر شعبان تي نظر پئجي ويندي اٿم.

آئون ضرورتن ٻاهر نڪرندي آهيان، پر شعبان بقول ڪنهن جي ”آفريڪا جي جهنگلن ۾ هڪ شخص زندگيءَ جي معنيٰ ڳولي رهيو هو.“

شايد زندگي جي معنيٰ ڳولهڻ لاءِ گهران نڪرندو آهي. سندس هٿ تہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي برعڪس خالي هوندا آهن. بقول مختيار مسعود جي تہ ”ڪي ماڻهو گهر جي غسلخاني مان سڌو بازار جو رخ ڪندا آهن. پاڻ پل بي لباس سهي پر سندن خيالن ڪي حسين پوشاڪ ملي ويندي آهي......“ سو شعبان جا بہ هٿ پلي خالي سهي پر سندن خيالي ڪردارن کي ڪهاڻين جي پوشاڪ ضرور ملي پوندي آهي، جو بقول سندس ”ٻن ڏينهن کان هنن حالات تي هڪ ڪهاڻي ذهن ۾ سرجي رهي هئي...... سو ڪالهہ مون کان بس ۾ ويٺي ويٺي ذهن ۾ ڪردار جڙيا، ۽ گهر اچي هڪ ڪهاڻي قلم جي نوڪ ۾ اچي ويئي.“

اڄڪلهہ هتي جا حالات ئي ڪجهہ ائين آهن جو اخبارون خبرن سان، رستا فوجين سان، تارچر سيل قيدين سان ۽ دليون جذباتي دٻاءُ سان ڀريل آهن.

اسان پارا ذهني Tension جي ان حالت ۾ لکڻ چاهيندي بہ ڪجهہ نٿا لکي سگهون. جو ٻڌايو اٿم نہ، تہ پيرن هيٺان پنڌ جڻ رٻڙ جو رستو بڻجي ويو آهي. جيترو ان تي هل تيترو وڃي ٿو اڳيان ڇڪبو. هٿ پلي ڪنهن شيءِ يا وٿ سان ڀريل ئي صحيح!.... پر لڳندو آهي ڪا چيز جا...... ڪٿل آهي....... ڪجهہ رهيل آهي....... جنهن جي پورائي بہ ضروري آهي، اها ڪهڙي وٿ آهي؟ ملندي الائي ڪٿان آهي.....!! پاڻئين اصل شاپنگ واري چيز اڃا بہ ڪا بي آهي جا رهجي وئي آهي.

اهو ڪهڙو دوڪان آهي جتان مطلوبہ چيز ملڻ جو امڪان آهي واري ڪسمپرسي واري حالت پاڻئين...... رٻڙ جو رستو اڃا بہ وڃي ٿو ڇڪبو......! ڪو انت ناهي ان جي ڪٽڻ جو..... پنڌ مسلسل پنڌ!

شعبان ان ڏس ۾ تندرست آهي! ڪجهہ عمر جي تقاضا، ڪجهہ شخصي تور ذهن جو مثبت لاڙو....... هو تقدير جي بند ۽ پيرن هيٺيان پنڌ کي پنهنجي ارادي ۽ عزم سان موڙي جوڙي ۽ ٽوڙي سگهي ٿو.

سندس ڪهاڻيون پڙهندي محسوس ٿيندو آهي تہ هو ذهني طور ڪنهن تذبذب جو شڪار ناهي...... رستي هلندي تنهنجا منهنجا، هن جا هن جا مسئلا هن کي رستي تي اڪريل سنگ ميلن تي مئيلن جي صورت ۾ اڪريل نظر ايندا آهن.

جن کي هو ڪهاڻين جي خبرن ۾ آڻي ڇڪائيندو ۽ ڇڪائيندو آهي. سندس ڪهاڻيون پڙهندي محسوس ٿيندو آهي تہ سندس خيال بي لباس ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چڙواڳ هئڻ جي بدران مقصد ۽ معنيٰ جي جامي ۾ ڍڪيل ۽ سلجهيل هوندا آهن.....

لڳندو آهي، تہ ڪيس سماج جي هر اوڻائي جي خبر آهي..... ۽ هر اٺائي ۽ اوڻائي جي سدباب جي بہ خبر آهي......

پر انهن اوڻائين ۽ اٺائين کي ڪيئن عمل ۾ آڻي ختم ڪجي، سندس وس ۾ ناهي جو دنيا جون انيڪ ڳالهيون اسان جي علم ۾ هونديون بہ اسان جي وس ۾ ناهن.... "وس وارا عملدار" تہ ٻيا آهن..... اديب رڳو آئينو آهي اهو وس وارو عملدار ناهي.

ها.....هڪ ڳالهہ. شعبان وسطڙي جو ذڪر مون رڳو رستن جي حوالي سان ڪيو آهي. شعبان رڳو رستي تي نہ ڪڏهن ڪڏهن منهنجي گهر جي در تي بہ نظر ايندو آهي. پنهنجي ڪهاڻين جي سلسلي ۾ "گهر سلامت در سلامت" واري چواڻي الائي سنڌي ٻهاڪن ۾ آهي يا نہ آهي، جي هجي تہ هاڻ هئڻ کپي، جو هاڻي سيني سنڌين پنهنجي گهرن جي درن تي لوهي دروازا هڻائڻ شروع ڪيا آهن........ پناهہ گيرن جي ڏپ کان.

..... پانيان ٿي تہ شعبان جي گهر جي در تي هجي تہ پوءِ لوهي دروازي جي ضرورت هرويرو ناهي...... جنهن گهر ۾ شعبان جهڙا جوان هجن، اهي گهر سلامت..... جنهن قوم ۾ شعبان جهڙا سنڌي هجن سچي سنڌ سلامت،!

شعبان کي در تي ڏسي مون واري ننڍڙي چوندي آهي "امان، امان، ماما شوباز اچي ويو...." سائمہ مون واري ڇوڪري کي شعبان ۽ شوباز جي وچ جي شايد خبر ناهي..... هوءَ تي سگهي ٿو تہ ڪيس شڪل شبيهہ جو نسبتن ڇڳيرڙو ڏسي اها ڳالهہ ڪندي هجي يا سندس اُچارئي بنيادي طرح غلط هجن.

هونئن پروف ريڊنگ جون غلطيون تہ اڪثر ڪندي آهي، "مارشل لا جي پاڇي کي مارشل لا جو پڇو ڪري پڙهندي آهي"...... اخبار ۾ اڄڪلهہ ڌاڪوئن جي خبرن کي ڌاڪن جون خبرون ڪري پڙهندي آهي. هونئن بہ ڌاڪوئن ۽ ڌاڪن پاڻ ۾ ورهايو ڪونهي.

حيدرآباد جون ڌاڪون هون بہ مٺيون آهن هاڻي تہ ڌاڪو بہ قوم لاءِ مٺا ٿي پيا آهن.

ڏاکون ڪن ڏاڪو....... سڄو ملڪ ئي مناڻي لڳو پيو آهي........ جو ڏاڪوئن ڪي قومي غيرت بهرحال اچي وئي (پناهگيرن کان پادرن ڪاڻڻ کان پوءِ)-

ها، سو ڳالهه تي ڪيم تہ گهرجي در تي شعبان ڪي سائم ڏسي ٻڌائيندي آهي مما ماما شوباز اچي ويو. حالانڪ اها مونکي خبر آهي شعبان شعبان آهي.....

پيو ڪجهہ هجي تہ هجي...... پر شوباز هر گز ڪونهي......... هو تہ وڏي کان وڏي ڳالهہ ڪري بہ ائين خاموش ۽ سنجيده نظر ايندو جهڙوڪ، ڪجهہ يا تہ ٿيو ئي ڪونہ......... يا تہ ائين ئي ٿيڻ کپندو هو....... ذهني طرح پاڻ کي ميچائي ڇڏيندو آهي.........!

ذهني طرح انتهائي ميچوئر لڳندو آهي......... سندس پيشاني تي پريشاني جو گهنج نہ هوندو آهي. ڳالهہ ٻڌي تنهنجو منهنجو سيسراٽ نڪري ويندو، پر هي شخص جهڙوڪ پاڻي جي گلاس ۾ ڊسپرين جي گوري جيئان هر ڳالهہ ڳاري پي ڇڪو هجي........ مثلن ٻڌائيندو تہ ميڊم ڪالهہ اخبار ۾ پڙهيو هوم ”....... ڪي ٽارچر سيل ۾ رکيو اٿن سندس نهن کي چيري ان ۾ لوڻ ڀري وري سبيو اٿن........“

ڳالهہ ٻڌي اسان پارو جڻ ڇچرجي ويندو، پر هي شخص ڳالهہ ڪري هڪ نظر پنهنجي نهن تي وجهندو، هڪ نظر خير ڪاتي منهنجي نهن تي وجهندو ۽ پوءِ ائين خاموش وينوهوندو جڻ ننهن سيني جا ڇچريل آهن....... ۽ ڪا خاص ڳالهہ ناهي! ها البتہ ٽارچر سيل ۾ رهي ننهن سلامت هجن تہ پوءِ خاص خبر آهي.

سو ڳالهہ تي ڪيم تہ شعبان لاءِ ڪا خبر 'خاص خبر' ناهي، هرڳالهہ هن لاءِ عام آهي. جا عام ماڻهو سان ٿئي ٿي، جو هو پاڻ بہ خاص ناهي عام ماڻ آهي.......

سائنس آئون ان موقعي تي ملي هيس، جڏهن پورو ملي نہ سگهي هيس.....

منهنجي ماءُ جي مرتيئي تي عذر خواهي لاءِ آيو هو...... مون کي صرف ايترو ياد آهي تہ بہ سهٽا موچارا ڇوڪرا مون وٽ ٽيڻ لاءِ آيا هئا (شعبان پنهنجي ڀاءُ سان گڏ هو.)

ٻنهين ڇوڪرن هڪ خاص ڳالهہ ٻڌائي هئي ٻنهہ عام انداز ۾ ميڊم ١٩٨٦ع اسان جي فيملي جا ڪيترا ماڻهو ڳڙڪايا...... ماءُ، پيءُ، جوان ڀيڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن کي پرٽيي صرف هڪ مهينو ٿيو هو.......!!

موت جو ڏک ماڻهو کي ننڍي عمر ۾ ڪيڏو نہ ميچوئر ڪندو آهي. اهو شعبان سان ملي ٿي احساس ٿي ويندو، ۽ پوءِ موت کان ٿورو اورتي...... زندگي جي تلخين سان لهہ وچڙ..... ۾ اچي حساب ڪجهہ ويچي اهو رهي تہ، موت X تلخيون= هڪ شعبان. يا برابر هڪ آئون، تون يا ٻيو ڪوئي اسان جهڙو.

خاص ڳالهہ اها ناهي تہ عام ماڻهن سان خاص واقعن يا ڳالهين جو ٿيڻ...... خاص ڳالهہ اها آهي تہ عام ماڻهن سان خاص ڳالهہ يا واقعا ٿيڻ پر پوءِ بہ عام ٿي رهڻ ۽ لڳي ائين تہ هي اهو آهي جنهن سان ڪا خاص ڳالهہ ناهي ٿي......!!

شعبان بہ خاص Incubator جو پليل ڇوڪرو آهي پر لڳندو آهي جهڙو ڪر هن سان زندگي ڪا خاص ڪيڏ ناهي ڪيڏي آئون پانيان ٿي تہ انسان (تہ هو نارمل ۽ ننڍو ننڍو ٿي ٿي رهي.) جي وڏائي اهائي آهي تہ هو نارمل رهي ۽ ننڍو ننڍو ٿئي.ان لحاظ کان شعبان هن ننڍي عمر ۾ وڏو آهي.

سندس ڪهاڻيون پڙهي سندس ڪهاڻيون پڏي سندس عمر جو اندازو ڪجهہ ائين ٿي ٿيندو.......... ۽ پوءِ مون کي هو ڪهاڻي لکڻ ويل لڳندو آهي تہ سندس اندر جي هڪ هڪ حصي ۾ حساسيت ڦهليل آهي. هوءَ ڪيڏي بہ دکي ڪندڙ ڳالهہ کي ماڻهن جي سامهون پنهنجي مک تي ڏک جا تاثرات نہ آڻيندو، هن کي اها لکائي نہ ڏيڻ ڏيندو، تہ مون وٽ بہ ڪي دک آهن هر وقت سندس مک تي مرڪ نظر ايندي آهي.

آئون سندس جيڪڏهن ڪهاڻين کي ڪمرشل ڪرڻ جي لاءِ اشتهار ڏيان تہ جيڪر ائين ٿي ڏيان..... جيئن هو، ٽي وي تي ڏيکاريندا آهن نہ، ممتاز ڳالهہ پڌ چانهہ تہ ڪٿي اچ..... ها...... چانهہ...... دوست ٿا اچن....... ها...... هوءَ مون کي چڱي طرح سڃاڻي ٿي........

شعبان تنهنجي ڪهاڻين جو ڪتاب "جيون جا نہ وسرندڙ لمحا" تہ ڪٿي اچ "......؟" ها..... اديب ٿا اچن..... هي عبدالقادر جوڻيجو آهي. هن کان ڪهاڻي لکڻ وسري وئي آهي....... هيءَ خيرالنساءِ جعفري آهي....... هي بہ ماضي ۾ لکيل ڪهاڻين جو رکيل چڻ فڪس ڊيپازٽ وارو منافعو کائي رهي آهي...... هي آغا سليم آهي....... جيڪو پاڪستان براڊ ڪاسٽنگ ريڊيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي سروس ڪندي ڳسي ويو آهي...... هي شوڪت شورو آهي........ جيڪو نوڪري جي ور چڙهي ويو آهي هي تنوير جوڻيجو آهي.... جيڪا ريڊيو تي پيٽ ساڻ ڪچهري ڪندي ڪهاڻيون لکڻ وساري ويٺي آهي......؟"

هي سڀ بينل پاڻي آهن..... آئون ڪين سچاتان ٿي، ۽ انهن سيني کان مٿيرو شعبان وسطڙو آهي جيڪو ڪهاڻي ڪيتر ۾ هلي رهيو آهي..... هلي رهيو آهي..... بينل پاڻي کان وري به وهندڙ پاڻي پاڪ آهي..... پوءِ جهڙو سندس حال آهي، هو هلي رهيو آهي....... ۽ سيني کان وڌيڪ چاق آهي.

دل چوي ٿي ته پڇاڙيءَ ۾ به اڪر شعبان جي ڪهاڻين تي به ٽيڪا ٽپڻي طور ٿي وڃن. مون کي ڪهاڻين جي ماپ طور Terms نٿا اچن. پڙهيو اٿم ته مختلف دؤرن مان لنگهندي ڪهاڻين تي به مختلف دؤرا پوندا آهن. الائي ڪهڙن ڪهڙن Terms ساڻ تعلق رکنديون آهن .ڪهاڻيون! (Surism) (Existantialism) شايد (Lebenism) ۽ ازم ئي ازم!

شعبان جون ڪهاڻيون ڪهڙي ازم ساڻ ٿيون تعلق رکن مونکي خبر ناهي....... شايد شعبان کي به خبر ناهي! شاهه لطيف شاعري ڪندي وقت نٿي چاتو ته ڪانئس پوءِ سندس شاعري تي ڪهڙا Theses ۽ مقالا ٿيندا! ماٺهو ڪيئن ٿا Interpret ڪن..... سو يانيان ٿي شعبان به ڳهاڙيتو ڪو تور تورارو سامهون رکي ڪهاڻي ناهي لکي...... جيئن خدا پهرئين بندو ناهيو ۽ پوءِ بندن آغا خان اسپتال ناهي، جيئن بندن کي بچائي ۽ برقرار رکي سگهجي. پوءِ اها ڳالهه ئي ٻي جوڪي بندا ٻل ڏسي مري ويا ڪي ان امتحان مان ڪاميابي ساڻ موٽي آيا، اها ڳالهه ئي انسان جي پنهنجي! هر بندي جي تقدير ۽ Approach پنهنجي آهي.

سو شعبان کي پڙهندڙن جو علم ۽ نيت پنهنجي آهي. شعبان کي ڪهاڻيون لکڻيون هيون سو لکيائين........ هاڻي پل فيصلو پڙهندڙ ڪن، ڪهاڻي جي Operation ڪري، ته ڪهاڻي جي وٽ ۽ ڪٽ ڪيتري آهي.

آئون ته بس ڪنهن به چيز کي پهرئين ڏڪ ۾ بنان سبب جي دل ۾ ويهاريندي آهيان يا نه ويهاريندي آهيان سو مون به شعبان جون ڪهاڻيون هڪ ئي سٽنگ ۾ پڙهيون ۽ وتيون. سو سندس ڪهاڻين جي باري ۾ پنهنجي راءِ کي اتم يانيان ٿي...... ڪالهه تنوير جوڻيجو ساڻ ائين ئي هڪ ڳالهه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيم تہ اڄڪلهہ ڇوڪرين ڪي سنن رشتن نہ ملڻ جي هڪ شڪايت ان ڪري بہ آهي جو هر ڇوڪري (يا شايد هر ڇوڪرو يا هر انسان لاشعوري طور) پنهنجو پاڻ لاءِ ذهن ۾ تورو High image رکندي آهي. اصل ڪٽ هوندس سير جي تہ پنهنجو پاڻ کي سوا سير سمجهندي ۽ گهر وري ڪندي ڏيڍ سير جي...... سو رشتن نہ ملڻ جو سچو چڪر ان ڪري آهي جو ميچ Match ڪٿي بہ نٿو ملي هر شخص پنهنجي لاءِ ڪجهہ وڌيڪ ئي اميج کي High ٿو رکي!

سو آئون بہ پنهنجي راءِ کي High ٿي سمجهان، جو آهيان تہ وري بہ انهيءَ لڏي مان جو موالين پٺاندر آئون بہ هن چوٽي جي قائل آهيان تہ ”جيڪو پيئي سو پلي پيئي جيڪو نہ پيئي سو پري ٿي بيهي“ جيڪي هي ڪهاڻيون پڙهن تن کي پل هي ڪهاڻيون وٺن پر جن کي نہ وڻن اهي پل نہ پڙهن!

اسان تہ پڙهيون اسان کي وڻيون اسان جي راءِ High آهي.... اوهين پل پنهنجي راءِ ڏيو.... راءِ...... راءِ......!! ۽

باءِ.... باءِ....

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهاڳ اياز لطيف جي ڪتاب تي!

آگري ۾ تاج محل نـهن ڪان پهرين........

اسلام آباد ۾ فيصل مسجد نـهن ڪان پهرين.........

هر وڏي هند تي ڪا وڏي عمارت نـهن ڪان پهرين.........

نـنڍڙو هڪ 'ماڊل' تيار ڪرائبو آهي.............

ائين جيئن وڏو انسان نـهن ڪان پهرين، ننڍڙي ٻالڪ جي ڇـني ٿيندي آهي. نالو رکبو آهي........!

سڀجي 'خرابي' اِن نالي ۾ هوندي آهي........

يا وري سڀجي خرابي اِن خاندان ۾ هوندي آهي...........

(دوستو مون کي معاف ڪجو. آءٌ اڄڪلهه 'خوبي' کي خرابي چئي ويندي آهيان.Heart attack کان پوءِ بيڙي پيئڻ بند ڪئي اٿم. 'دلڙي ننڍڙي جنهن سگريٽ جي دونهين سان لڏي ٿي مون تہ اِن ننڍڙي قبر کي اگربتيءَ جو وس ٿي ڪيو.)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سو ڳالهه تي ڪيم تہ سڄي خرابي اِن نالي ۾ آهي. منهنجي نالي جي معنيٰ مون کي ننڍي هوندي بابا ٻڌائيندو هو تہ آهي مائي خير واري.

نالي جي خرابيءَ جو نتيجو اِهو ٿيو جو اڄ پاڻ کي اڪثر مارڪيٽ جي چوڪ تي فقيرن ۾ گهيريل ڏسندي آهيان. منهنجي حالت اڪثر اهڙي هوندي آهي جو فقيرن کي رپيو آڌيو ڏيندي ڏيندي بعضي بعضي تہ خود فقير بہ پلجي منهنجي هٿ تي رپيو آڌيو رکي ويندا آهن...... سو ڳالهه تي ڪيم تہ سڄو ممڻ اِن نالي جو مچايل آهي.

شيخ اياز جي نالي جو پويون حصو.

شاهہ لطيف جي نالي جو پويون حصو.

رسول بخش پليجي جي نالي جو پويون حصو.

انهن مڙني وڏن نالن جا پويان حصا اڳين حصن کان ڪٽي ايلفيءَ سان جوڙي هڪ ماڊل ٺهيو "اياز لطيف پليجو"

ماڊل کان عمارت جو سفر! شاهہ جي ڀِٽ کان پناڻ ڪالونيءَ جو سفر!! اياز لطيف پليجي پيرين پنڌ طئي ڪيو آهي..... اڪيلي سر نہ...... پنهنجي گهر جي ڀاتين سان گڏ...... ننڍڙي قافلي جو ننڍڙو مسافر بنجي. تڏهن تہ چيم تي نہ تہ سڄي خرابي ئي اِن خاندان ۾ آهي.

مون کي ياد آهي ننڍي هوندي امان مون کي امام بارگاه مجلس ۾ وٺي ويندي هئي. پِت جي شوق ۾ آءٌ بہ ويندي، تہ هيس پر مون کي (شايد هر ٻار کي) امان جو روئڻ بنهہ ڪونہ وڻندو هو. مجلس پڙهڻ واري ممبر تي چڙهي ايئن امام حسين ؑ ان جي گهراڻي جا فضائل ٻڌائڻ شروع ڪندي ئي مس تہ.......... "مومنو تئسين جاندي هو...... حسين اوندا گهرانا..... وڏا شانان ولا........

امان جو روئڻ 'شانان والا' کان ئي شروع ٿي ويندو هو. مائي چوندي هئي، "عزت بهي بڙي تهي........ تو مصيبت بهي بڙي تهي" اهو جملو امان لاءِ دل ڏاريندڙ هو. هائي..... ڄي جئي گوڏن تي هٿ هڻندي، منهنجا هٿ تڏهن گوڏن تائين پڄندا ڪونہ هئا.

اڄ بہ منهنجا هٿ پنهنجن گوڏن تائين ڪونہ پهچي سگهندا آهن آءٌ هٿ دل تي رکي ڇڏيندي آهيان...... حسين جي شهادت، امام زين العابدين جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيماري...... بيبين جو قيد وبند، هٿن ۾ رسيون، ڳلي ۾ طوق....... ۽ پوءِ ڪوفي جي بازار ۾ ساداتن جو ننگي پير نڪرڻ، بيبي زينب جو ڪوفين کي خطاب...... اهو سڀ ٻڌي لڳندو هو دل هٿن مان به نڪري ويندي. ايڏي آزاريءَ کان پوءِ ساداتن جي آزادي...... اڄ به سڄي دنيا جا شيعا ڪارا ڪپڙا لاهي رنگين ڪپڙا مٽيندا آهن. باقي سو اياز جي خاندان وارا، پاڻ، سندس پيءُ، ماءُ، ڀاءُ، ڀيڻ سوچيان ٿي، قيد مان نڪري الاهِ ڪهڙي رنگ جا ڪپڙا مٽيندا هيا......! يا شايد رنگين ڪپڙا پائڻ جي اجهان موسم نه آئي آهي!!

ڏاڏا هوشو تنهنجا ڏهٽا اڄ به آهن چوٽ چرياڻ نعرو جن جو سنڌ نه ڏيسون پٽو جن جو پنڌ ٿي پنڌ. اياز صفحي ٣۴ تي اهو شعر مجيدي جو ڪوٽ ڪيو آهي. هوشو جو ذڪر پڙهندي ڪلهه واري ڳالهه ياد آيم. حميد چيو 'هوشو پڪي قلعي ۾ دفن آهي، سندس قبر تي پناهگير چيٽا ٽٽي رهيا آهن'........ سوچ جو سلسلو ٽٽيو پوي........ هو سامهون T.V تي اجهو الطاف ڀهارو کنيو بيٺو آهي. ڏسندي ئي ڏسندي سڄو اسڪرين ڀهارا ئي ڀهارا ٿي ويو آهي.Close up ۾ هڪ ڀهارو....... پريان جي سين ۾....... ڀهارا ننڍڙا ٿيندا وڃن...... ڀهارا سنهڙا ٿيندا وڃن... صائمه لڪڻ ۾ ڊسٽرب ٿي ڪري،

'ممي هي ڀهارا ڪٿي آهن؟ هي ته ڏاڙهيون آهن.'

'نه پٽ، هفته صفائي جي بهاني سيني جي هٿن ۾ ڀهارا آهن.....'

لکڻ جو سلسلو وري جڙي ٿو.... ذهن ۾ هڪ سوال اياز ڇا تون اِنهن ڏاڙهين سان ڪنهن ڏينهن هوشوءَ جي قبر تان اِهي چيٽا لاهي سگهين ٿو؟......... اياز جو جواب گهڻو ڪري هر صفحي تي موجود آهي. رڳو سمجهه ۽ وقت جي ضرورت آهي.... الائي وقت ماڻهو جي هٿ ۾ آهي.... الائي ماڻهو وقت جي هٿ ۾ آهي....... منهنجي ته واچ به الائي ڇو سلو هلڻ لڳي آهي. وقت هميشه گهٽ ٻڌائيندي آهي. آءٌ ڦڪائي وندرائڻ لاءِ چوندي آهيان هيءَ سلو ڪونه ٿي هلي، بلڪ انڪساريءَ سان ٿي هلي. حالانڪه ڪلهه تارڙ T.V تي 'ننڍڙي ڳالهه' ۾ ٻڌايو هوته نه ڪاميءَ جي ريل هميشه سُستيءَ جي پٽڙي تي هلندي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صفحه ۴۲ تي اياز لکي ٿو........ پاڻي ڊڪ ڏيڻ بدران انسپيڪٽر ڏڪا ڏيندي چيو 'سالا همارا ڀي روزا خراب ڪرتا هي'....... ۽ پريان بينل پنگيءَ مون کي پنهنجي ئي گلاس ۾ آڌي پاڻي پيارايو.

اهاڳالهه پڙهندي مون کي تيون ڏينهن پنهنجي پاڙي ۾ ٿيندڙ هڪ ننڍڙو واقعو ياد آيو.

ٽنڊي ولي محمد ۾ اڪثريت سنڌين جي آهي. وچ ۾ ۴-۵ گهر پناهگيرن جا آهن ۽ پوءِ سڄي اڪثريت پنگين جي آهي...... گهڻو ڪري روزانو پنگين ۽ پناهگيرن جا جوان جوان ڇوڪرا ٽولا ٽولا ٿي بيٺا هوندا، اتي ڏڪر ۽ اهڙيو پيون رانديون کيڏندا آهن...... الائي ڪيئن هڪ ڀن سنڌي گهرن جون شيشي جون دريون ڀڃي پيون...... حالات اڄ ڪلهه هوئڻ نسلي جهيڙن جي ڪري چڱا نه- درين جي ڀڃڻ ڪري سنڌي، مهاجر ۽ پنگين ۾ هڪ ذاتي جهيڙي جي بدران ننڍڙو سياسي issue ٿي پيو- پنگي ۽ مهاجر هڪ ٻئي تي هٽڻ لڳا ته اِهي شيشا اُنهن نه پر ٻي ڌر ڀڳا آهن- سو پنگين ڏٺو ته متان اِن ڳالهه مان ڪو وڏو سياسي ڳالهوڙو ٿي سو رات جو سمورن پنگين جي پنچات ويٺي، ڪجهه فيصلا........ ڪجهه ڪجهه انومان.... صبح جو پنجاه سٺ پنگين جا ڇوڪرا هڪ جلوس ٺاهي ٻاهر نڪتا. نعرا هنيائون. بينر ٽنگيائون،

"سنڌي- پنگي ڀائي ڀائي!"

"سنڌي- پنگي ڀائي ڀائي...."

الائي ڇو نعره ٻڌي مزو آيو. واقعي پيل هجن ڪي پنگي....... اسان جا ڀائر آهن.

اجهو! وري سامهون T.V تي الطاف ڀهارو ڪنيو بيٺو آهي. هوئڻ پنگين جي ڀائيچاري جو ذڪر اياز ڪجهه وڌيڪ مزيدار لفظن ۾ صفحه ۴۴ تي ڪيو آهي. مهمان، جيڪڏهن ليڊيز آهن...... ۽ مهمانن جو اگر ڪموٽ خراب ٿي پوي ته..... بقول اياز جي بنا بخشش ونندڙ پنگي سندس مڙئي دوست سرفروش لشڪر جيان ڀهارا ۽ ڪانيون کڻي ڪموٽ تي ڪاهي پيا ۽ منٿن ۾ نه رڳو صفائي ڪيئون بلڪ Thanks به پاڻ ئي ڪيئون!

باقي صفحه ۴۹ تي اياز جي When ۽ Where واري ڪٿ. ڪڏهن واري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Philosophyلاءِ چيو تَچي لڳي.

I dont knowوارا لفظ بہ هرويرو پنهنجا لڳا.

I only know that I dont know!

ڪڏهن؟....... ڪٿ......

ملڻ ۽ وڇڙڻ جو سلسلو.

ڪنهن سان ملجي؟..... ڪڏهن ملجي؟؟

ڇا ڇا ڄاڻجي؟؟ ڇا ڇا نہ ڄاڻجي؟؟؟؟

زندگيءَ ۾ انيڪ سوالن جو سلسلو آهي. جو وقت بہ وقت ماڻهو کي آزمائيندو آهي! يا خود 'وقت' پاڻ ئي ماڻهو کي آزمائيندو آهي. ماڻهو جي ڇا مجال بقول قرة العين حيدر جي 'وقت جو حساب ڪڏهن نہ رکجو...... ڏينهن ۽ راتين جي گذرڻ جو حساب رکڻ جي غلطي ڪڏهن نہ ڪجو.........'

آءٌ ڪڏهن Bio Data جا فارم ڀريندي الائي ڇو..... عمر جو خانو ڀرڻ اڪثر مِس ڪري ويندي آهيان...... ڀلا سچي عمر جا ليکا چوکا محض هڪ خاني ۾؟ بدنصيبيءَ سان اهو خانو بہ اگر ڀرڻ کان رهجي وڃي تہ ڇا سچي زندگيءَ جا ليکا ئي لهي ويا؟

نہ.

اياز وٽ ائين ناهي..... اياز پنهنجي سڄي ڪتاب ۾ زندگي جا ليکا چوکا تاريخن سميت سنڀالي رکيا آهن..... ١٩٧۴ع ۾ مون پنهنجي ئي ڪنهن ڪهاڻيءَ ۾ لکيو هو، 'آءٌ نالو ڪمائڻ لاءِ جيڪڏهن خودڪشيءَ بہ ڪريان تہ منهنجو نالو ايندو سهي اخبار ۾....... پر ڪجهہ ائين تہ لاوارث جو لاش لڌو....... ڇهري جي سڃاڻپ ٿي نہ سگهي.'

اِهو تہ خير ڪهاڻيءَ جو هڪ جملو هو...... هاڻ تہ روز اخبار ۾ اهڙيون جيئريون خبرون ايندي يون آهن. اڄ هيترا مئا..... هيترن جا لاش لاوارث سرد خاني ۾ پيل آهن. ڪيترا لاشا اباڻن ڳوٺن ۾ اُماڻيا ويا.........

ڏک! جو اسان وٽ پنهنجي عمر جي تجربن جي لاشن کي سنڀالڻ لاءِ سرد خانو بہ ڪونهي..... پر الائي ڇو ڪي ڪي لاشا سرد خاني نہ هئڻ جي باوجود بہ دل جي ڏرتيءَ ۾ قدرت 'امانت' طور رکندي آهي...... وقت انهن کي ڪاري، ماري يا ڳاري نہ سگهندو آهي....... هي ڪتاب بہ پاڻ ۽ تہ ڪو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سردخانو آهي. انيڪ يادگيرين جو........ اياز لطيف پليجي جون يادگيريون! حالانڪ جيترو نالو، شڪل شبيهه يا شڪتي ڳري اٿس، اوترو ئي ڏسڻ ۾ هلڪو ڦلڪو آهي...... ڦوڪ سان اُڏامي وڃي ڪبوتر وانگر لطيف جي ڦبي مٿان وهي...... پل وڃي اُت لطيف جي بيتن ۽ بيانن کي داتي وانگر چڳي...... ڪبوتر رڳو چڳندا آهن...... اياز لطيف پليجو چِڳندڙ بہ آهن...... انتهائي حساس.

صفحي ٧١ تي...... اياز جي مارچ جي ١٠ روپيہ خرچيءَ بہ........ الائي چو ڏک ڏنو...... سندس موتيءَ جو مرتيو بہ ڏکوئيندڙ هو...... اهي جملا...... "بابا وقتَ ڏس پاڻ ۾ ڪيڏيون نہ وچوتيون پيدا ڪري ڇڏيون آهن. پاڻ شاه لطيف جي سٽ وانگر ڏار ڏار ٿي ويا آهيون....." ڏار ڏار ٿيڻ........ وچوڙا........ الوداعيون...... خدا حافظ ڪرڻ.... هرلفظ کي پنهنجي پت چڻ آهي.

آءٌ هاڻي ڪتاب نبيڻ جي موڊ ۾ آهيان...... تورو تڪجي بہ پئي آهيان. شايد منهنجا هٿ بہ هاڻ گوڏن پر ٽيندا وڃن........ سامهون T.V تان ٻهارا بہ صاف ٿي ويا آهن...... شايد شيخ اياز جي وائي اچي رهي آهي،

'ٽڙي پوندا ٽارئين..... جڏهن ڳاڙها گل تڏهن ملنداسين!'

پر ڪٿ؟ ڪڏهن؟؟ ڪيئن؟؟ ڪيئن؟؟؟ ڪنهن سان؟؟؟؟

اِن ڪان پهرين جو سوالن جو سلسلو ڪو نئون اُبري ذهن ۾ آخر ۾ هڪ ننڍڙي ڳالهہ اياز لطيف پليجي بابت ضرور ڪندي هلان تہ جي هو جيئن آهي تيئن ئي هلندو رهي تہ يقيناً ڪو وقت ايندو (ان ۾ ڪو شڪ ناهي) جڏهن سياڻي ڪنهن رستي پنڌ هلندڙ ذهين انقلابي سياستدان ۽ عظيم قومي فنڪاره کي ڏسي ماڻهو چوندا، 'هو ڏسو اياز لطيف پليجي جا ماءُ پيءُ آهن!'

ڪڏهن هو پئي هن جي سڃاڻ ۽ ڪڏهن هو هن پنهي جي سڃاڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ تاثر

ذرتي تنهنجا ڏک

انيس جو اسرار آهي تہ ڪيس ڪهاڻي لکي ڏيان، ۽ منهنجو انڪار آهي تہ آءٌ بہ ڪا ليکڪ آهيان. پر بہ طعنو اهڙو ڏنو اٿس جو وڏيڪ نهڪر ڪري ڪانہ سگهيس ۽ ڪلي "مونکي تنهنجو قسم، تنهنجي سر جو قسم" ڳائي، واعدو ڪري وينس تہ "بابا اڄ ئي گهر وڃي احساس جي دونهين دوڪائي قرطاس جي دانگي دهيندس.... قلم جي ويلڻ سان لفظن جو ڊوڙو آئون ڏريندس پوءِ هضم پل پاڻ ڪري....."

سندس سر جو قسم ڪٽڻ سولو نہ هو، ۽ نہ ئي ڪو لکڻ وري سولو هو..... دراصل قلم ۽ ڪاغذ سان "ڪوڏي ڪوڏي" کيڏڻ تہ آسان آهي، پر حق ادا ڪرڻ انتهائي ڏکيو. مون ان ڏکئي ڪم جو قسم کاڌو هو، بنا ان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويچار جي تہ منهنجي اندر جو اديب ڪو ڪورو ڪنگلو آهي...

منهنجي آڏو موضوع، پلاٽ، لفظ ۽ احساس پل پل وکريا آهن ۽ ڪن ڪن مان ڪوشش ڪئي تہ آئون بہ ڪو ڪوڙو ڪليم هٿ ڪيان، پرايو پلاٽ ڦبائي ان تي فرضي لفظن جي عمارت اڏيان، ان کي رنگين احساسن جا رنگ ڏيئي وضعدار ڪري پاڻ لاءِ ؟ قلم هٿ ۾ اٿم ۽ ڪاغذجو ڪوگھرڙو آڏيان ۽ پڙهندڙن لاءِ بہ ڪو محل اڏيان. اڳيان پٽريو پيو آهي. اڪيون ٻوتي ذهن تي زور ڀريان ٿي خيالي پکيئڙو هيڏانهن هوڏانهن پرواز لاءِ پر بہ هڻي ٿو..... پر هر ويل پاسجيم ٿو تہ ارد گرد مان ڪا گولي اچيو پر ڀڃينس ۽ هو ڀڳل ڪنيڙاتيون ڪنيو واريو اچيو منهنجي هنج ۾ ڪري....

اندر جو اضطراب پڪ ٿو ڏياريم تہ اج سندم واعدي جو ڀرم پورو نہ ٿيندو ۽ لکڻ جي ذات جا اَياز کي بيوفا سريت لڳندي آ، مون کي هينئر رنل رانجهن جيان وجهہ نہ ڏيندي....

جذهن اندر اڌ ڪٺل جذبن جو ڪوس گهر بٺيل هجي ۽ Sublimate ـــــــ ڪرڻ جو ڪو خاطرخواه ڏانءُ نہ اچي، تڏهن رحم ايندو آ پاڻ تي.... ائين ڄڻ پنهنجو وجود ڪو لاوارث لاش هجي، جنهنکي ڏک ۽ پيڙائون ڳجهن جيان ڪنيندديون ۽ ڪوئيندديون رهن ۽ جنهن کي ڍوئڻ لاءِ ڪو رحمدل رواداار نہ ملي......

ڀلا ڪجهہ پائڻ چاهجي ۽ پائي نہ سگهجي..... ڪجهہ چوڻ چاهجي ۽ چئي نہ سگهجي....ڪجهہ لکڻ چاهجي ۽ لکي نہ سگهجي تہ پوءِ اندر جي ڏکي ڪسمپرسيءَ واري ڪيفيت ڪٿ وري ڪنهن سڪرات کان گهٽ ڀانئبي...... هينئر بہ ذهن جي ذري گهٽ اهڙي ڪيفيت آهي ۽ پڪ اٿم تہ هن اٿانگي من کي ماکي جهڙن سادن سوٽن سان آٿت نہ ملندي..... ها البت سنگيت سنگيت جي لئہ اندر جي سوجهہ ٻوجهہ ۾ ڪجهہ چورا ڪورا آڻيندي ۽ شايد ڪو سوچ جو نرٻل پکي هيڪر وري ڪنهن ٻَلهہ تي پر سوري اُڏرڻ لڳي......

ٽيپ رڪارڊ آن ڪيم. سرن ۾ هوريان هوريان سرسراهٽ ٿي ۽ اياز جي گيت ڄڻ سورن جو ساغر اوتي ڇڏيو اندر ۾...... وڇوڙي جا ڏينهڙا......
ڀورائيءَ جا ڀل جذهن ورنديون ڪو نجڙيون...... هر هر ڪري هل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تڙي پوندا تارئين...... جڏهن ڳاڙها گل..... تڏهن ملنداسين.... تڏهن ملنداسين......

ان گيت سان ڪنهن ياس ڀري آس جو تاثر ترڀو آ ذهن تي...... ته ويراڳي اکين کي جا نااميديءَ سان ڏسڻ جي عادي آهي..... مُسرت ڀري ننڍا ڪڙي اک! جا طويل سپنو لهي تي تکي مٺي جيون جو....... جيون! بقول ڪنهنجي، آسن اميدن جو مقبرو..... جتي هرروز امن آزادي ۽ الفت کي اهتمام سان دفنايو ويندو آ........ محرومين جي عالم ۾ ويتر جڏهن ڳُٽين جا ڳاٽ سرڪ ساهي وانگر اچيو سرتي پر گهٽ ٿيڻ تڏهن "امداد" جيان جيون لڳندو آهي....... ڊگهي پوسل دار سرنگ ۽ ماٺو ڀائيندو آهي پاڻ کي بي وس، زنجيرن سان جڪڙيل....... جڻ ڪو بيمار قيدي، گهلجندو رهندو آهي اڳيان اڳيان...... عيسيٰ ۽ ڊڪر وانگيان مصلوب ٿي، ٽڙندو ٽا ڀڙندو ڪير ڄاڻي ايمان جيان عميق هن اونداه ۾ زنجير جو آخري ڇيڙو، ڪهڙي صحرا ۾ وڃي گم ٿيندو؟..... ڪير ڄاڻي........

زندگي جو طويل سفر، اُوچائيءَ کان وٺي نيچائيءَ تائين. جڻ وار کان وچڙيل ڪو پکيئڙو، تقدير هٿان باز پيڃائي، ڪاپار کان ڪري، پاتار ۾ پيهندو اچي....... سفر جاري آ...... ڪاپار کان ڪرڻ جو.......

سفر! پاتار ۾ بيهي وڃڻ جو سفر!! (دک) پيڙا ۽ درد جو سفر!!!

آسماني بلندين ۾ رهندي، جڏهن پکيئڙو پنهنجي ولر سان واڳيل هو تڏهن هن اتي من موهڻا محب مرڪندي ڏٺا....... هئا. محسوس ڪيون هئين بسنت رت جون هٻڪارون، منڙيون منڙيون هيرون..... هر طرف سونن سنگن جيان لهلهائيندڙ سايون سايون اميدون....

پر نادان پکيئڙي، اهو نه ڄاتو ته اهو ته ننڍڙو ٽريلر هو ڪاپاري سفر جو...... اصل سفر ته ڌرتيءَ جو هاڻ شروع ٿيو آ.....

ڪو سمجهائي هن ارڏي پکيئڙي کي ته هينئر تون ولر سان واڳيل آسماني سفر تي ناهين.... مورک تنهنجو واهيرو ته ڌرتيءَ جي دکن ۾ آ......

ڌرتي...... جتي من موهڻان ماٺو کن پل ۾ کٻي ويندا آهن.....جت هيرن جون هٻڪارون گرم لڪن ۾ لڙاتجي ويندون آهن...... جت سايون اميدون سرءُ جو پن بنجي وکري ونديون آهن.......

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انت روح جا اي پيارا پکيئڙا! تو کي ڏرتيءَ جا اِهي ڏک سهڻا پوندا..... توکي انهن پيڙائن سان پرچاءُ ڪرڻو پوندو..... اِن الميہ کي کليءَ دل سان قبول ڪندين تہ بسنت ڪڏهن موٽي نہ ايندو، ۽ مرڪون ڪڏهن موٽي نہ ملنديون. لهسيندڙ لڪون ڪڏهن بہ هيرون ڪونہ ٿبيون..... چپن تان چڳل مرڪ ڪڏهن بہ موٽي نہ ملندي ۽ ويل منڙا ماٿهو وري ڪين ايندا...... توکي تنهائيءَ جو سفر هيڪلو طئي ڪرڻو آ...... ”خاموش ۽ ويران گذرگاهن ۾....... هڪ اجنبي بڻجي ۽ مسافر بڻجي.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪجھ ته پڇو؟

جواب: خيرالنساءِ جعفري

ـ ياسمين ميمڻ. حيدرآباد

سوال: مڙس ڪڏهن قابل رحم ٿيندو آهي؟

جواب: جڏهن هو ايڏان ماءُ جي رحم ۾ ئي هوندو آهي.

ـ ڪلثوم راحت. نوان هالا

سوال: دنيا ۾ اگر ناريءَ جو وجود نه هجي ها؟

جواب: بدڪاري شايد پوءِ به هُجي ها- 'ڪارو ڪاري' واري رسم هو پاڻ ۾ ئي ملهائين ها.

ـ گل بانو رضيه. سجاول

سوال: عورت جي محبت جو انجام...؟

جواب: آغاز اداڪاري- وچ رياڪاري ۽ انجام ڪارو ڪاري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ مهرالنساءِ. نوابشاهه

سوال: اڄ جو مڙد ڇا تو گهري؟ سگهڙ زال يا دولت؟

جواب: اڄ جو مڙد صرف اوهانجي جملي مان ”يا“ جو لفظ مٽائڻ تـو گهري.....

عشرت ملڪ. حيدرآباد

سوال: توهان جي نظر ۾ ادا وفا جي قيمت؟

جواب: ادا جي اصلي وفا فارن جي قيمت ٿا پڇو تـہ ظاهر آهي تـہ ڳري هوندي باقي ديسي وفا ظاهر آهي تـہ ڪجھ سستي. جو پنهنجي ملڪ جي پيدائش آهي- پوءِ اها ڳالھ ٻي جو ڪي ملڪ پنهنجي پيدائش ٻارهين يا ڏارين ملڪن ۾ ايڏي برآمد ڪن جو پاڻ ويچو اوڌر سوڌر تي هلن. هونئن جيئن تـہ پاڻ غريب ملڪ جا باشندا آهيون ۽ هاڻ تـہ ملڪ جي ناٽي جو اڳھ بـہ ويران وير ڪرندو وڃي، ان ڪري ڪوئي ڪنهن کي اگر ڳار بـہ پٽي ڪڍڻ چاهي تـہ بـہ چوي هَلُ تـڪي جهڙا!

(سو ماٺهو ئي جڏهن تـڪي جهڙو تـہ وفا جي قيمت تـہ پانيان ٿي تـہ ڪَسيري ڪانَ ڪريل هوندي.)

ـ رحمان پرديسي. لاڙڪاڻو

سوال: ادا حليم اوهان ناريءَ جو ساٿ ڪڏهن ٿا ڇڏيو؟

جواب: بس ادا پرديسي جيڪا قسمت.

سڄو ساٿ ڇڏي لڏون لاهي هو هليا ويا!

(هتي لڏون جي مٿان زَبر آهي. اِنڪري زير ڪري نـہ پڙهندا.)

ـ مس نيلم مورائي. مورو

سوال: ادا حليم مون ٻڌو آهي، اوهان کي عورت ذات کان نفرت آهي.....؟

جواب: مان تـہ پانيان ٿي تـہ اها ڳالھ حقيقت ناهي- ٻئي حليم هڪ تـہ حليم آهي، ٻيو تـہ اديب آهي. هو اهڙو حليم بلڪ مرغ حليم ذائقہ دار ٿيو ئي انڪري آهي جو عورت جي وات کان سفر شروع ڪري معدي تي اچي لئنڊ ڪري ۽ پوءِ آلسر جو روپ وٺي هميشہ ان کي لڳو اچي.

(ادو حليم جي هيءَ ڳالھ پڙهي تـہ دل ۾ نـہ ڪري.)

ـ غلام حسين آزاد. ميهڙ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوال: ڇا عورت مرد جو ساٿ ازلي آهي....؟
جواب: ها نقلي آهي، بهشت ۾ جهيڙو ڪيائون، دنيا ۾ ڏڦيرو وڌائون. هاڻ پڌو اٿم ته ان جهيڙي کي ختم ڪرڻ لاءِ قيامت ۾ خدا مردن کان سندن شناختي ڪارڊ کسي وٺندو. ۽ اولاد ڇڙو ماءُ جي ڪاتي سيڄاتو ويندو.

ـ پرويز مخمور. دادو

سوال: مان پيار جو مخمور پيالو آهيان. هاڻ ڇلڪڻ چاهيان ٿو؟
جواب: ادا پيالا! ڪنارن کان ڇلڪڻ ته خواري آهي- البت پيالي کي هيٺان ڇيد ڪري ڇڏيو- لوڪ نه پسي پوءِ....

ـ ناهيد ناز. مورو

سوال: سنڌي ڪتاب گهٽ ڇو ٿا نڪرن....؟
جواب: ڪتابن جي ڪهڙي ڳالهه پيڻ! خود سنڌي گهٽا ڏنا ٿو ميدان تي....

ـ نسرين قريشي. حيدرآباد

سوال: ڇا وفا جهڙي شيءِ هن دنيا ۾ ملي ٿي؟
جواب: ادي اُميد ڪنهن لاٿي آهي! هونءَ ڳالهه نه ٻڌي ٿو 'هڪ پناڻ جي'- جنهن غريب جو ڳڏهه گم ٿي ويو هو. همراهه کيس ڳوليندو ڳوليندو وڃي ڪنهن جهنگ ۾ نڪتو، اُتي ڳڏهه ته خير ڪونه ڏٺائين البت هڪ وڻ جي ڇانوَ ۾ هڪ جوڙي جي سرهاڻ کي ٻڌي بيهي رهيو، ڇوڪرو ڇوڪريءَ کي چئي رهيو هو: "محسوس ٿئي ٿو ته تنهنجي هن حسين اکين ۾ سڄي دنيا سموهجي آئي آ...." اُن تي پناڻ پُراميد ٿي رڙ ڪئي، "پوءِ ته خوچي منهنجي ڳڏهه کي اتي ڏسين ته هڪلي مون ڏي ڪرينس."

ـ اشوڪ ڪمار، ڏوڪري

سوال: نذير جي ناري تي سهڻيءَ جو روپ ڇو آهي؟
جواب: ادا توهان ڪٿي حليم جي لکڻين ۾ پڙهيو هوندو... ته طارق اشرف جڏهن جيل کان ٻاهر هوندو آ تڏهن هميشه پيٽ سان هوندو آ. سو ٿي سگهي ٿو ته سهڻي ۽ ناريءَ جي پيدا ٿيڻ ۾ ڪو سندس هٿ هجي.

ـ عرفان علي. ڪراچي

سوال: محبت جا لڙڪ؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جواب: جي ڏيلي ۾ سانڍجن تہ هوند سچا هيرا ٿي جهرڪن.

ـ اياز پروانو. نوان هالا

سوال: مان پروانو آهيان، شمع ڪٿي ٿي......

جواب: ڪنهن فلم جي شوٽنگ لاءِ اهڙو اشتهار ادا اخبار ۾ ڏيڻ ڪٿي.... جيتري قدر مونکي ياد پوي ٿو.... اهڙي نالي جي ڪا فلم شمع پروانہ، تہ هلي چُڪي آهي، جنهن ۾ هڪ 'پروانو' انسان مان ڦري حيوان يعني پتنگ ٿيو پوي، پوءِ شمع يعني ميڻ بتيءَ کي ڏسيو پيو، لُوسين جيان لوٽان هڻي، آخر اِن ساڳئي حيوان نما اِنسان هڪ لڳان پنهنجي ١٦ سالگرهہ جي موقعي تي ان شمع کي ڪيڪ تي ٻرندو ڏٺو. ڪيڪ کي ڏسندي ئي اُن جو ڳلو ڳِگَ سان روندڙ جي ويو. (يا اهڙي ڪي ٻي جملي سان) ۽ همراهہ ڦوڪ جي بهاني گهہ گهہ هڻي اُن شمع کي هميشہ لاءِ ٿڌو ڪري ڇڏيو.....

ـ مشتاق احمد. ماتلي

سوال: پرواني کي شمع سان پيار آهي يا شمع کي پرواني سان؟

جواب: ادا ٻنهين ڏرين مان پيار ڪنهن کي بہ ڪونهي، اِها اوهان جي ذهن جي اختراع آهي. هو تہ ٻئي پنهنجي پنهنجي فطرت کي پنهنجو فرض سمجهي سرانجام ڏيئي رهيا آهن.....

ـ غلام مرتضيٰ. ڪڏڻ

سوال: جيئرو رهڻ لاءِ ڇا ڪرڻ ضروري آهي؟

جواب: ادا! جيئرو تہ جڻ جيت، پکي پکڻ بہ رهن ٿا- سا ڪا وڏي ڳالهہ نہ ليکبي- البتہ جي پڇو ها تہ وڏو ماڻهو، ٿيڻ لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي تہ اوهان کي ٻڌايان ٿي، وڏو ماڻهو ٿيڻ لاءِ پهرين پنهنجي پير ۾ بينل ياءُ جي پير تي پير رکو. پوءِ آهستي ڪري اُن جي گوڏي تي زور ڏيئي پير کپايو پوءِ مضبوطيءَ سان هن جي پيٽ تي لت ڏيئي پير هڻو- پيٽ تي پير ايندي ئي اوهين ڏسندؤ تہ اوهان جو بينل ياءُ هاڻي بينل نہ پر ڪري پيو آهي- جيئن ئي هو ڪِري، فوراً اُن جي هانءُ تي پير رکي سڌا ٿي بيهي رهو- ائين ڪرڻ سان هُن جي دل جي ڌڪ ڌڪ اوهين پنهنجي ڪنن سان نہ پر پير جي ڪڙين سان.... ٻڌي سگهندا- ڇوجو اوهين هاڻ هن ڪان ڪافي مٿيرا، اونچا ۽ وڏا ماڻهو آهيو.....

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- زيب النساءِ. ميرپورخاص

سوال: محبت ۾ خوشيءَ جي بدران غم ڇو ٿو ملي....؟

جواب: تلهو غم ڪٿي ادي! 'ٽڪ بجو، مار موچڙو جدا.' ڪهڙيون ٿي ڳالهيون پڇين پيئي!

- شانتي ديوي. ڏوڪري

سوال: اَدي ناز 'ناري پبليڪيشنس' جي ڪتابن ۾ ايڏي دير ڇو؟ انتظار ڪري ڪري آءٌ ته آخري پساهن ۾ آهيان-

جواب: آخري پساهن ۾ ٿين تنهنجا دشمن، پيئي شانتي، تون ٿي شانتي نه ڪندينءَ ته ٻين کي ڪهڙي ميار.... بس تو وانگر ٻيون به پينر اهڙو تعاون ڪن ته.....

بس پيئي وعدو... آئينده ڪوشش ڪري ڪتاب وقت تي نڪرندو.... شل تنهنجو ساٿ سلامت هجي.... ان ڪري پساهن جي پارت هُجيئي پيئي، ان ۾ اسانجو ٿورو حصو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وهہُ - ماڪي

ڪجھ ئي عرصو اڳ ٻڌو هئم تہ بي نظير وٽ نندڙي اَچي رهي آهي. ترت ئي بينظير بختاور کي جنم ڏنو. ٿورا ئي ڏينهن پوءِ وري هاڻ ٻڌو هئم تہ سحر امداد وٽان بختاور اَچي رهيو آهي. اِجهو اِجهو 'بختاور' اوهان جي هٿن ۾ آهي....

اِهو نالو ماضيءَ کان حال، حال کان هينئر تائين.... 'مائي بختاور کان 'بينظير، بينظير کان سحر امداد تائين انسانيت، سياست ۽ ادب ۾ هڪ سٺو سڳڻ بڻجي ويو آهي....

مستقبل جي ڳالھ ڪانہ ٿي ڪريان.... جو يانيان ٿي تہ بخت تہ اسان سيني جو بلند آهي ئي آهي.... البت نالي جو پويون حصو 'آور' جو شايد فارسي لفظ 'آور' مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ اچڻ آمد يا آيل جي آهي.... تہ بخت اسان جو ريلا ڏيئي بهارين جي صورت ۾ اَچي رهيو آهي....

هيءُ مهينو مارچ جو آهي. ڳالھ تہ بهارين جي بدران بهارن جي ڪرڻ ڪبندي هئي.....

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر هي جا سامهون ’عوامي آواز‘ اخبار پئي آهي.....

هو جو سامهون حيدرآباد تان ريڊيو وڃي رهيو آهي..... منهنجي دل ٽي سڙي بهارن ۾..... آهيان گلشن ۾ يا شرارن ۾.....

ڳاني ۾ گلشن سان ڳڏ هم قافيا لفظ شرارن جي بدران تہ غرارن اَچڻ کپندو هو.

پر اِهو غرارو خانم گوهر اوڍي پنهنجي سترپوشي ڪئي آهي..... ۽ لئي ۾ اچي سيد سڳوري سائين جي ايم سيد جي ماني جهلي آهي.... دعوت تہ سائينءَ ڪاڍي آهي، پر ٻڌو اٿم تہ سائينءَ جو گلو خراب ٿي پيو آهي..... هاڻ ريشمي غرارو تہ آيو، خانم گوهر جي گوڏن تي، البت اسان جي هٽ ۾ يا حصي ۾ آيون آهن، ڊسپرين جون گوريون..... لڳي ڪجھ ائين ٿو تہ ڊسپرين وارن غرارن ۽ ريشمي غرارن جي وچ ۾ مُنجھ آهي- ڏسون تہ ڪڏهن ٿا ريشمي غرارا ڊسپرين وارن غرارن سان پُسي شرارا ٿين....

يا شايد شرارا تہ ٿي چڪا آهن..... بهارن کي باھ لڳي چڪي آهي.

عوامي آواز اخبار جي ڳالھ پئي ڪيم. جنهن ۾ (ڳالھ ۾ ڳالھ) تي ڊاڪٽر شمس سومري جي نالن بابت ٽيڪا ٽپڻي آهي.....

ڊاڪٽر شمس سومرو تہ تڪلفن لکيو اٿم، نہ تہ آئون کيس شمس چوندي آهيان....

بظاهر اِهو تہ حرفي نالو شين ميم سين قرآن جي الف لام ميم جيان پنهنجي پر سورج بادشاھ جون سموريون عقلي، علمي ۽ ذهني توانايون رکندي بہ بيروزگاريءَ جي بنواس ۾ ڀٽڪي رهيو آهي.

چنڊ تي ماڻهن پلاٽ خريد ڪيا آهن....

سچ تي اگر ڪڏهن ڪا اهڙي گنجائش نڪتي تہ شمس جي دماغ واري حصي جي پهرين خريدار آئون ٿينديس..... جو دلين وارا حصا تہ اسين ٩٠ سالن جي ليز تي وقف رکندا آهيون..... شمس اخبار ۾ لکيو آهي، آهي تہ هڪ ننڍڙي پر اکيون کوليندڙ خبر آهي..... ’الطاف نالو ترڪ ڪرڻ جو اعلان‘ لياري پيپلز سوشل موومينٽ هڪ اجلاس ڪوٺائي نهراءُ پاس ڪيو آهي، تہ پنهنجي علائقي جي سيني جوانن، ٻارن ۽ پوڙهن اِهو نالو بدلائڻ جو فيصلو ڪيو آهي، جو اِهو نالو ظلم، بربريت ۽ ڪوڙ جي علامت آهي. ڊاڪٽر شمس لکيو آهي، تہ ڪنهن زماني ۾ ماتا جا واسيل ماڻهو هراس ڪان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماتا کي وڏي 'مائي' ڪري سڏيندا هئا.... آئون سوچيان پئي تـ مٿئين نالي جا ورتل ماڻهو جيسين هو پنهنجو نالو بدلائين ئي بدلائين.... تيسين ڪين ڪِڪو پاپو يا وري وڏي مائي جي حساب سان نندو پائي ڪري ڪونجي جو نالن جي معنيٰ ۽ انهن جي حصار مان نڪرڻ ۽ اَچڻ ڪي پنهنجي ليکي هڪ وڏي سائنسي حقيقت آهي.

خدا ڪري تـ اِهي سيني نالا زير جي اثـر هجن، جي زَبر جي وَر چڙهيا، تـ پوءِ حشر تائين زير زَبر هوندا. بابا ڪي لفظن جي زير زَبر 'زيرو بم' سان ڪجھ وڌيڪ دلچسپي آهي، مثلاً پڇندو آهي، ڪُتو نجس آهي يا نِجس آهي؟ آءٌ چوندي آهيان تـ ساڳي ڳالھ آهي. ڪُتو ويچارو ڪُتو آهي. بابا چوندو آهي تـ نـ- ڪتو نجس آهي، يعني نجس چيز اُها آهي، جيڪا هڪ دفعو ناپاڪ ٿي تـ اُها سڄي عمر ناپاڪ ئي رهندي.... يعني اها چيز ڪڏهن بـ پاڪ ٿيڻ جوڳي ناهي. البت ڪُتو جيڪڏهن نِجس هجي ها تـ پوءِ ڌوئڻ پوئڻ سان پاڪ ٿي وڃي ها.... سو دعا آهي تـ نالو بدلائڻ وارا دوست بـ هڪ دفعو نالو بدلائي هميشہ لاءِ پاڪ و پاڪيزه ٿي وڃن. اسين ڪيڏا بـ چڱا ۽ پاڪ سهي پر ٻين قومن جي نظرن ۾ تـ وري بـ پاڪي ئي آهيون.... جو لَندن ۽ آمريڪا ۾ ٻڌو اٿم تـ هر پاڪستاني کي پاڪي سڏين..... الائي پاڪستاني ڪين ايڏو پاڪ ٿا لڳن، يا وري پاڪي مان سندن مطلب مٽي تي گھمائڻ واري پاڪي آهي. اسين پاڪي ناهيون.....

اَڪ پاڪ اِها غلطي ڪري ويٺا آهيون..... اَسين سنڌي آهيون.....

خدا ڪري بينظير جي بختاور ڪان وٺي هن پرچي 'بختاور' تائين اسان جي دلين ذهنن ۽ دماغن تي روشن روشن خوشبودار نالي جي بهار ۽ برڪت هجي.... ڪو هڪ قدم ڪو هڪ لفظ سچ پچ اسان لاءِ بختاور بڻجي.....

هيءَ زمين پنهنجي هجي ۽ آسمان پنهنجو هجي!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنيهو بختاور لاءِ

حوصلو ۽ همت

جيوت راند ۾ هار ڪيڏي نہ ڏکوئيندڙ آهي! مئچ جيڪڏهن ڊرا ٿي ويجي تہ بہ مزو ناهي.....

جيون ڦلوارڙيءَ ۾ جيڪڏهن رڳو حوصلو آهي.... تہ گل تہ نڪرن ٿا، پر اَن ۾ ڪڙي ضمير جا ڪنڊا بہ اُپي ڪنديئن جي چار وانگر ڦهلجو ويجن....

ڇو نہ جيون کي گذارڻ لاءِ 'سي- سا' واري راند بڻائجي.... اهڙي فنڪارانہ راند جنهن ۾ 'سِي- سا' جا ٻئي پاسا مٿي هجن.... هڪ طرف حوصلو، تہ ٻئي طرف اخلاق.....

حوصلو+ اخلاقيات، ڪاميابي آهي= خوشي ڏيندڙ آهي.

حوصلو- اخلاقيات، ڪاميابي آهي= ڪائي خوشي ناهي.

چڙو اخلاق- حوصلو، ڪو ڪم ناهي= رڳو ڳِٽي آهي.....

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اچو تہ ڪو ڪم ناهي يا جيون ۾ هارائڻ يا ’ڊرا‘ وارن نتيجن کان بچڻ لاءِ اڄ ٿي.... حوصلي کان ڪم وٺي هڪ ’سِي- سا‘ واري راند مرتب ڪريون.... جنهن ۾ ضمير يا اخلاق جو ميدان هجي....

حوصلي ۽ همت جو سامان هجي....

پوءِ تہ ڪيڏي نہ بهاري آهي!

ظالم ڪَٽندا حوصلي جي زور تي آهن.

مظلوم هارائيندا اخلاق جي ڪمزوري تي آهن.

اچو تہ پنهنجا سڀ حق ۽ واسطا حوصلي جي بُلندي ۽ اخلاق جي مضبوطيءَ سان حاصل ڪريون!

ڪاميابيءَ جي نتيجن کي وقت جي بريڪيٽن سان بند ڪريون.... جيون راند جي انگي حساب ۾ وقت جي بريڪيٽن کي وڏي اهميت حاصل آهي! پر اِهو سڀ ڪيئن ڪريون؟ ڇو نہ هڪ ٻئي سان وڙهڻ بدران پنهنجو پاڻ سان وڙهون.... همت جو هر ڪٽي پنهنجي سُتل ضمير جي زمين کي کيڙيون..... اخلاق جو ٻج وجهي حوصلي جون هوائون هلايون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عبدالحق عالمائي تي لکيل مضمون

هاڃو ڪري هو، آديءَ جو اُتي ويا!

ارادو اٿم ته اڄ ادي عبدالحق عالمائيءَ کي لکت ۾ قيد ڪري، هيڪر وري ڪيس جيون جي جلترنگ ۾ آڻيان. سندس يارن دوستن مٿس تورو گهڻو لکيو آهي. دل چوي ٿي ته آءٌ به مٿس لکان. مون تي سندس حق به لڳي؛ جو منهنجو سڀ ڪان ويجهو پاڙيسري هو، منهنجي پياري دوست حسن جو جيون ساٿي هو، منهنجي منڙي جيجيءَ جي پيريءَ جو واحد سهارو هو ۽ ان ڪان سواءِ منهنجو پنهنجو به ادڙو هو.

ڪيس حيات جا پنجوڙ پائي نيستيءَ ڪان ورائي 'هستيءَ' ۾ آڻڻ چاهيان ٿي. هو، جو 'ثبات' ڪان 'بي ثباتيءَ' جو سفر طئي ڪندي، ڪن پل ۾ 'زمان حال' ڪان، 'زمان ماضيءَ' جي وراڪن ۾ ورائجي ويو، بنا ان ويچار جي ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪانئس پوءِ سندس پويان سانئس لاءِ 'آهي' جي بدران 'هو' جو لفظ لائيندي ڪيڏو نہ ڏکيو محسوس ڪندا هوندا! پاڻ جي ان پيڙا کي پروڙي سگهي ها تہ هوند پيرا پيچي لاڳاپا ڪونہ لاهي ها ۽ نڪوئي پنهنجي پوينرن کي رندن ۾ رلائي، پاڻ وڃي پنهنجي ٿاڪ تي ٿانيڪو ٿئي ها!

ڇڏي حيلا هليا مومل ماڻيائون،
پيرو پڳائون آسڻ آرامي ٿيا.

اي رڻ جا راهي مسافر! ڪاش تون پنهنجن گهٽگهرن کي اڄ بيحاليءَ وچان اندر جي پٽن ۾ پٽڪندو ڏسي سگهين..... ڪاش تون سندن آهون دانهون وينڻ وڇوڙا پنهنجن حواسن سان پاڻ ڇهي سگهين!

توکي ساري ساه اڪنديون آهون ڪري،

دل چوي ٿي تہ اڄ ٿوريءَ دير لاءِ سندس انتهائي ذاتي زندگيءَ کي قلم جي ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاسايان. پل ماضي هيڪر هڪ لحظ لاءِ حيات جي رنگ ۾ رچي ڪجهہ ٽڙڪي، ڪجهہ ڦٽڪي! پوءِ اهوئي سانت جو لمبو گهيرٽ! ڪمهلاتي موت جو خاموشيءَ سان ڳٽ ڳچيءَ ۾ پائيندڙ انسان! تون اهڙي قسم جي هٿ چراند کي بخش ڪري ڇڏجانءِ، (جيڪڏهن موت کان پوءِ ڪنهن زندگيءَ جو تصور ممڪن آهي تہ.)جو مٿلن سان قلمي نباه جي ناممڪن نہ، تہ بہ مشڪل ضرور آهي. سو بہ تڏهن، جڏهن اندر جي اسات ڪجهہ اڪلڻ نہ ڏي ۽ لفظي هيٺائي مطلب جي عظمت سهاري نہ سگهي.

اڇهو ڪالهوڪي ڪالهہ جي ڳالهہ آ- اوير سوير صبح شام جڏهن لنگهہ رستي تان تہ ادو عالماڻي يا اڇي رهيو آ يا وڃي رهيو آ. سهڻو سايپا وارو، ڪارا گاگلز اکين تي، هٿ ۾ اخبار، ڪارن سئنڊلن ۾ سندس گلابي گلابي پير پيري کان پڌارا. ڪپڙن جو شوقين، هر وقت اپٽوڊيٽ ڪڏهن بہ لڱون يا لائون نہ، هميشہ فيئر فيئر، ويري فيئر!

طبيعت جو بيحد حساس ۽ نازڪ، ٿورڙي ڇڪ آئي يا مٿي ۾ سور پيو تہ دوائن جا درجن پٽيري ڇڏيندو ميز تي. ڪجهہ ٿو پئوٽو پوي تہ ماٺس جي هينئين ۾ هڙڪ پئجيو وڃي. چئي "الله نہ ڪري، ڇوري کي ڪوسو واءُ جو لڳي." آءٌ کلندي هئي سانس، "جيجي جي ٿڌو واءُ وريو تہ بہ تون رڙيون ڪندينءَ" وراڻيندي هئي، "امان پاڻين، پنهنجن کان پري، دشمن حي وڃ ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وچڙي وڏو ٿيو آ. مس مس ڪا پنهنجي منڊلڙي متي اٿئون. عمر تہ سچي ڏکن ۾ وئي. اجهو اجهو پيريءَ ۾ سڪيو ساهہ پٽيو اٿم. سو الله نہ ڪري جي ڇوري ڪي....."

سالن جي ستايل مسڪين ماءُ ڪي ڪهڙي ڪل تہ جنهن لاءِ ڪوسو واءُ بہ نہ ٿي سنائين، سو ڪو ائين لُڪن ۾ لڙاٽجي ويندس. جنهن ڪي مري چڏڻ لاءِ ماندي هئي، سو ڪو اڳ ئي اڏري ويندس اڪيري مان.

جي هٿان هوت مرن هوت تنهين جي هنج ۾!

ڪيڏو نہ ابوجهہ آهي، اجيتڙو انسان! تمام مخلوق ۾ اتم هجڻ ڪان پوءِ بہ هميشہ جو هيسيل ۽ هيڻو. جيڪي شيون منڙيون لڳنديون اٿس، تن ڪي "الله نہ ڪري" جي سوڻ سان ساتي، پائيندو آ تہ جڻ ڪيس صدين تائين سانيي ڇڏيو اٿئين. جڻ سندس آئيندي ڪي لوح قلم ۾ محفوظ ڪري، بچائي ڇڏيئين ازل لاءِ.

پر جڏهن قدرت ڪلور ڪرڻ چاهيندي آ، هرويرو 'الميہ، آڻ لاءِ آتي ٿيندي آ، تڏهن دلين ڪي ڏڏڪا ۽ ڏرتيءَ ۾ دراڙون پوڻ لڳنديون آهن. دل جن جي وفا چاهيندي آ، سي بي وفا پنوُر بنجي ويندا آهن، ڏکونديءَ ڌرتيءَ ڪي چڏي آڪاش ڏي اُڏري ويندا آهن. بيوسيءَ ڪان محتاط ٿي بڻايل بچاءُ بند پري پوندا آهن ۽ اي بيڪس انسان! انسان مستقبل جي هلڪن ممڪن انديشن ڪان آجو ٿيڻ لاءِ جنهن "الله ڪري" ۽ "نہ ڪري" جي بہ واٽي تي هلڻ لڳندو آهي، تنهن ۾ پاڻ ئي وچڙي منهن پر ڪري پوندو آهي. پر پوءِ بہ هو گهلجندو رهندو آهي، گهلجندو رهندو آهي، محض ڪاروان هستيءَ ڪي قائم رکڻ خاطر.

شايد قلم اصل ڳالهہ تان کڄي ويو آ. آءٌ ڪوشش ڪريان ٿي، وڪريل هنڌن تان يادن جا ڦٿا ٿيل ڦول ڪناڪري مالها ۾ پروئڻ جي. جو ادو عالماڻي ان مالها ڪان مانوس بہ هو. اڄ ڪان ٣-۴ سال اڳ.... سندس شاديءَ جي موقعي تي ۴٠٣ سال پوءِ، پنهنجي موت جي موقعي تي بہ فرق اهو آ، جو اڳ جي مالها پاڻ مرڪي ملهائي هئائين، پوءِ جي مالها سندس پوينر روئي ملهائين پيا. رئندا رهندا. ملهائيندا رهندا.

سار جون هي ساروٽيون سندس ئي گهر جي چوٻاريءَ سان چونڊيل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن.

جا اڄ اسان جي گهر جي سامهون اصل ٻن وڪن تي گلابي ۽ ماڙ عمارت آڪڙي بيٺي آ. اڄ ان عمارت جي آخري فليٽ جون ٻه وڏيون ويڪريون پروقار دريون اوله ڏانهن مهڙ ڪيو، دعا جي درن جيان بنديون پيون آهن. ڪو وقت هو جڏهن صبح ساجهر ادي عالمائيءَ جي ماءُ، جنهن کي پيار مان آئون جيجي چوندي هئس (۽ آهيان)، کين چنبڪو جو ڏيندي هئي ۽ سنئون سڌو آواز اسان کي اڳڻ ۾ گهمندي ڦرندي ٻڌڻ ۾ ايندو هو. چنبڻ جو آواز ٻڌندي ئي پڪ هوندي هئم ته هوءَ هميشه جيان دريءَ کي ٻيڪڙي، جهروکي مان اسان جي اڳڻ ڏي به نهاريندي هوندي ۽ هوريان هوريان ڪجھ جهونگاريندي به هوندي. پڪ الله نبيءَ جو ڪو قصيدو يا وري پنهس جو ڪو سهرو.

ڪئين دفعا سنجهي ويلا مون کيس اورئين روم جي دريءَ آڏو وينو جهونگاريندي ٻڌو هو. هوءَ دريءَ آڏو کٽ تي ويهي پريان کان ئي پنهس جو پنڌ نهاريندي هئي ۽ نويڪلائيءَ کي ٽارڻ لاءِ سندس ڳيچ ڳائيندي هئي. اڪثر آئون کيس اڪيلو وينل ڏسي هڪ ئي ست ۾ سڀ سيڙهيون چڙهي، وچي پنيان بيهندي هئي سانس. هوريان کان بيهي جهونگار ٻڌي چرڪائڻ خاطر رئي جي پلاند کي جهٽي چڪ ڏيندي هئي سانس. پر جيجي چرڪڻ بدران سانتيڪي سانءِ سان چوندي هئي.

”ائي منهنجي امان!“ پڇندي هئي سانس، ”پلا ڪيئن ڄاتئه ته آئون آهيان؟“ جواب ڏيندي هئي ”منهنجي امڙ حق جي پينري پري کان پڌري. رستي تان ايندو ڏٺم امان کي....“ چوندي هئي سانس، ”ڇا پي ڳايئه جيجي؟“ وراڻيندي هئي، ”اهي ئي چوري جا سهرا.“ گهٽون ڪري ڳائيندي هئي، ”حق وري وري آ..... تنهنجي دل ڀا گل ڪڙندا.... پٽ پينگهن ۾ لڏندا.... گل باغن ۾ ڪڙندا....“

اڳيان جا آر ياد ڪين اٿم. پر جن جو مول مقصد هوندو هو ته سڄيءَ دنيا تي، سڄيءَ دنيا تي حق جي راڄ شاهي قائم ٿئي، فيملي پلاننگ وارن جا پروگرام پسي پٽ ٿين ۽ ان جا انبار پنهس جي ڪورن ۾ گڏ ٿيندا وڃن. راڳ ٻڌي مون کي کل اچي ويندي هئي. چوندي هئي سانس، ”جيجي عوامي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راج آ- ذخيره اندوزي منع ٿيل آ- ۽ ٻڌندي ناهين ريڊئي تي تہ ٿوا ٻار پيار ٿي پيار،“ ڳالھ نہ سمجهي پڇندي هئي، ”اڄ ياٿين ڏاڏي اوير ڪٿي آ امان. پيو تہ نهيو پر چانور پريو پريو پيا وڃن....“

عادت هئس، سنجهي جي نماز کان واندي ٿي چانور پڇائي ڇڏڻ جي. حق کي مهڙ کان ٿي ايندو ڏسي وڃي ڪني چاڙهيندي. پٽس ڏاڪڻ جيسين چڙهي چڙهي، تيسين داغ پيچي ڳاڙهو ٿيندو هو، جيسين هٿ منهن ڌوئي واندو ٿيندو تيسين ديڳڙو دمجي تيار!

مجال آ جو ڪاڏي ۾ اوير يا سوير ٿئي. داغ گهٽ يا گهڻو لڳي. مرچ ٿورا يا گهڻا پون. عبدالحق عالماڻي سنڌ جو با ادب اديب ۽ مسلم ڪاليج جي هزار شاگردن جو دلپسند استاد چاھ ۽ چڱائيءَ جو چوغو لاهي ڦٽو ڪندو. بقول ماڻهنس جي: پير تي ڏونڪو هٽي الف ٿي بيهندو.

”اي ڪيا پڪا اي. اهي خيراتي لنگر مين تون نهين کاوٽا- پري ڪر اينهن ڪون. مين ڪوئي گهوڙا هان ڪہ اي داڻان کاوسان.“

غرض تہ ٿانون کي ٿونا هڻندو. رڌل ڪني وڏڻ نہ ڏيندو. تو تو مين مين ڪري، هوڏ هٽي، جهڙو هوندو تهڙوئي رات جو سويل ٿي بتي بند ڪري سمهي رهندو.

صبح جو لڄي ٿي ڦلڙو بوٽ ڪري دوا جي شيشي ڪٽي اچي ماءُ جي آڏو بيهندو چوندو:

”اي دوا اکيان وچ گهتان. بيمار پئي اين تہ مين نا ڪرسان، تہ ڪير ڪرسين؟“ جيجي رنل هوندي، سو ڌڪا ڏيئي هٿن کي ڌار ڪنديس ۽ هميشہ هڪڙو دڙڪو ڏيندس”تيڪون چوڙ مين چل ويسان ڳوٺ.“ مرڪي ورائيندو، ”ها مين هان موا. ڪي تون ويسين ڳوٺ.“ نہ پڇندي لوڪ لڄا خاطر آخر اسان جو دڙڪو ڏينديس.

”اهي جيڪي ڳتي ڳنتي، الائيند پيا، اُهي سب تيڏي سامهين پيڻ ڪون آکيسان.“ نہ پھ چوندو، ”پلي وچ سٺا پيڻ ڪون. ميڏا ڪهڙا آڱونا پٽ چوڙيسين.“ اهي سب ڳالهيون جيجي سادگيءَ وچان ٻاڻ ٿي ٻڌائيندي هئي- پر مون کي مور سٺو نہ لڳندو هو، هجي ها عام ماڻهو تہ ڪٽي محسوس بہ ڪريان ها. هي هو هڪ اديب ۽ پيو استاد. پئي ڏندا اڌ جڏا- اهڙا جو ڪھ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿئي گوڏي ۾ تہ ڪنهيو مٿو، ماٺون مات ڪيو وهو رهي- سو منهنجون مٿس سچ تہ ميارون هيون ئي ڪين..... هاڻ تہ هونئين ميارن جا ڪنڊ پڄي چڪا آهن.

هفتہ ۾ ست ڏينهن ٿيندا آهن. روز روز جي ڪٽ ڪٽ ڪري ها تہ بہ هفتي ۾ صرف ست دفعا ڪرڻي پوي ها. پر عالماڻي هو ٻروچ- ستن کي ستن سان ضرب ڏيڻ وارو. ڪل ڪل ڪري جئين ئي پنيرو ٿيندو، جيجي فوراً هانو هلڪو ڪرڻ لاءِ اسان وٽ ايندي (يا اسين وٽس ويندا سين.) گلا جو گلم وچندو. پاڻ ۽ امان ٻئي ويهي پنهنجن پنهنجن 'چورن' جون گلائون ڪنديون. هڪ چوندي 'منهنجو چورو وڏيڪ چٽو.' ٻي چوندي، 'منهنجو وڏيڪ.' ٻئي هڪ ٻئي کان گوءِ کٽڻ لاءِ وڏيڪ کان وڏيڪ پٽن جي عيبن جي اپٽار ڪنديون. سندن ڪچا چٺا پڌرا ڪنديون. خوب دليلن سان هڪ ٻئي کي قائل ڪنديون. پر آخر ۾ ٻئي هڪ راءِ تي اڪتفا ڪنديون تہ جهڙا تهڙا، پر رب ڪين ڏينهن ڏيءِ جي ٿي سگهي تہ سندن حياتيءَ جا باقي ڏينهن بہ سندن پٽڙن جي ئي ليکي ۾ 'مرچ' ٿي وڃن.

* * *

ادي عالماڻيءَ جي اها خاص عادت هئي. گهر جي ويجهن ڀاتين جو انتهائي خيال ڪندو، پر خشڪ نوع ۾. دل ميٺ هونديس پر مٿو نہ ڳالهائيندو. من ۾ سٺو سنيرندو پر ٻوليندو هميشہ ڀاڙو. هڙان گهٽو ڏيندو، پر وس پڄندي وڙان بہ ضرور وڃائيندو.

اهو ميڻ مراد هئي تہ اهي سڀ تلخيون اوتيندو هو، پنهنجي گهر جي چئوديواري ۾. سهندڙن کي سهائيندو. جي هاڪار ڪندا تن تي حجتون هلائيندو. پر جيئن ئي گهر جون ڀتيون لتاڙي ٻاهر آيو، عبدالحق عالماڻي باادب اديب، باشعور استاد خرامان خرامان، مرڪندڙ ۽ موهيندڙ، زنده باد جي ڌن تي ان شان دلربائيءَ سان ويندو، جو مجال آ ڪو سمجهي تہ هن ڌوتل پوتل شيءِ تي ڪڏهن ڪو غلط انگ اپريو بہ هوندو.

* * *

حسنہ ١٢ مهينن ۾ بہ بمشڪل ٻہ ٽي چڪر ئي ڏيئي سگهندي هئي حيدرآباد جا. جيڪب آباد جي ليڪچراري 'خط استوا' بڻجي، 'هڪ' ڪي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻن ۾ ورهائي ڇڏيو هو. جيسين حسن ڊار هونديس، تيسين ساڻس لاءِ آتو ۽ آسائتو هوندو. خط لکندس. تنوار ڪندس. موڊ ۾ هوندو ته ماڻس سان ويهي سندس ڳالهيون ٻڌ ڪندو. جوڻس اچڻ جو اطلاع ڏيندس ته مرڪي اچي ماٺهنڪي ٻڌائيندو. سندس آنر ۾ ڪڪڙ ڪهندو. وڏي ڳالهه ته پُڄندو ٻه پاڻ. سندس اتساهه ۽ اڪير مان ڀائنبو ته چڻ موڪلن جو طويل عرصو ٻن وڇڙيل ساٿين ۾ ڪن پل ۾ ڪٻي ويندو. هو هڪ ٻئي کي ساهن ۾ سانڍيندا. هڪ طرف حيدرآباد جون هيرون ٻي طرف جيڪب آباد جا جهولا پاڻ ۾ ڳراٽڙي پائي 'اعتدال' کي جنم ڏيندا. منائيءَ جون مندون ايندي‍ون. شربت جا مينهن وسندا. ۽ هر طرف مٺ ميلاپ جو ڇڻ جل ٿل ٻنجي ويندو..... پر ٿيندو ائين ڪون.

عالماني صرف پٺ، ٻيءَ مڙس هجي ها ته بطور محاوري ۽ بحيثيت گاڏيءَ جي ڦيٿي جي، زندگي کي ڪٽي گهلي ٻه وڃي ها. پر هي هو منجهيل، گورک ڌنڌي ۾ ڌاتيل اديب! جنهنجي عشق ۽ عقل جي حصار ۾ قيد حيات جي تاڃي پيٽي کي جيون جا جهول ۽ وڏون تن جيان تني رهيون هيون. جنهن مان ڏات، رت ۽ پونءِ جيان سمڻ لڳي هئي ۽ انهن سميل ڦٽن کيس اديب بنائي وڌو هو. جولان جهڪو رهيو، ڦٽن ڪڙيون ٻڌيون ته اديب ٻه عام ماڻهپي ۾ رهندو. ليکي چوکي ۾ پورو. حساب ڪتاب ۾ برابر. هڪ واڌو هڪ برابر ٽيا ٻه. سو حُسن ٻه ايندي ته ڏاڍي خوش...... نٽ شٽ، تازي تڪڙي، اصل رشٽ پشٽ! جهيڙو جهڳڙو nil.

پر جيئن ئي ڏيٺ ويٺ ۾ ڪا رهند آئي، ڪا ڪڙي لٿي، ڪو چاڪ چريو، ته پوءِ حسن روز مون کان تاريخون پڇندي. موڊ آف هوندس. وار پريشان. ڪڏهن گهر جي فضا تي جيڪب آباد جون تيز لڪون حاوي رهنديون ته ڪڏهن وري حيدرآباد جون ٿڌڙيون منڙيون هوائون!

آهن جيڪڏهن ٻئي 'الجبرا' جي موڊ ۾ ته 'ڪاٿوءَ' سان 'ڪاٿو' کي گڏي پيا 'جوڙ' بنائيندا. ٻنهين جا پنؤن ٻارنهن هوندا. مزي جي ميز وڇندي. موج جي ماني هلندي. ٻئي ڄڻ موچارا مهمان. هو ڇٽي تون ڪاءِ- هوءِ ڇٽي تون!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

* * *

سندس ننڍڙو روم بہ ڇڻ ڪنهن اداس ماڻهوءَ لاءِ پڪنڪ پوائنٽ هو. عجيب رومانٽڪ رومانٽڪ ماحول... سادگيءَ ۽ سانت جي سڳنڌ سان واسيل... در جي آڏو پيل ڳاڙهي کٽ (اڪثر گلابي چادر سان) ادي عالماڻيءَ جي هئي. ٻي کٽ فراسي پيل هميشہ بڪئي پيٽ جيان خالي رهندي. حسن ايندي تہ اچي منهن تي پاڻيءَ ڊڪ وجهنديس، نہ تہ ويڳاڻي جي ويڳاڻي. ٻنهين کٽن وچ ۾ ترائيءَ جيان ميز پيل، جنهن تي ڪتاب سريڪا رکيل. ٽيپ رڪارڊ، ريڊيو، انڊين ڪيسٽز، هيٺ شربت جا انيڪ نمونا، موتيو گلاب، ٽاڊل. روم جي سڀ کان اهم خصوصيت هئي چؤطرف ادي عالماڻيءَ جا وڏا وڏا رنگين فوٽو.... ماڻهو جيئن ئي روم جي چائنٽ ٽپي اندر ايندو تہ هر طرف کان سندس مرڪندڙ منهن مارو ڪري ڏيندا. آئون حسن سان کلندي هئيس، "حسن، پائو هتي کٽ تي ويٺي ويٺي، چئني پاسي پاڻ کي ٽنگيل ڏسي ڇا محسوس ڪندو هوندو؟"

چوندي هئي، "ڇا وري ڇا محسوس ڪندو. ڪندو ڪو ڪتاب، رڪارڊ يا شربت جي ڪا شيشي محسوس."

غرض تہ زندگي لڪ لڪوٽيءَ راند جيان ٻن معصوم ٻارن کي وندرائيندي رهي. پر واري ڪچي گهر ۾ تمام مٽي نم جي وڻ تي جنهن تازو ٻور جهليو هو، ٻہ پکيڙا ڪک ڪک ڪري آکيرو اڏي رهيا هئا. هيٺ ڌرتيءَ واسي جيجي هميشہ جيان دعائن ۽ نمازن جي آسري هوريان هوريان سرڳ جون سرهايون سهيڙڻ ۾ پوري هئي.

شايد مارچ ١٩٧٦ع هو.... ننڍڙو خيام طبيعت ۾ ٿورو ڪشيل هجي، رکي رکي پيءُ کي ٿي پڇاريائين. ٻروچ جو ٻروچ کي سڏ هو. حسن کي ڪهڙي مجال جو پيءُ پٽ جي وچ ۾ آڏو اچي. ٻليءَ جيان وجهي ٻچڙي کي وات ۾ اچي عالماڻيءَ جي پير ۾ نڪاءُ ڪيائين.

ٻالڪ تہ پيءُ جي ٻل تي نئون بنو ٿي ويو. پر حسن جي "ايمرجنسي ليو" لانڍ ڪري وئي.

چوي "ياڻين کي پيٽ ۾ سور ٿي پيو آ، اُت اوني ۾ آرام ئي ڪون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايندم- دوا ڪا پرجيس ئي ڪانہ ٿي. الائي ڇو؟"

پيٽ جو سور! هرويرو ڪا فڪر جوڳي ڳالھ تہ نہ هئي!! هفتو ٽيو- ٻہ ٿيا. سور الائي ڪهڙو سرجيو، ڇڏڻ جي ڪري ئي نہ.

ڏسندي ئي ڏسندي وسن جهڙي وينجهار جا ڏرگهت نڪري ويا.

حسنہ ڳنتيءَ ۾ ڳاهٽ- جيجيءَ کي هانءَ ۾ هورو- خيام کي ننڍڙا هٿ جوڙي الله کان ٻيءُ جي دعا پنڻ سيکاريائين. جا گهڙي ڏس ننڍڙو نينگر ٻيءُجي فوٽن آڏو هٿ ٻڌي ٻاراٽي ٻوليءَ ۾ الائي ڇا ڇا گهري رهيو آهي.

سيون ڊيز هاسپيٽل نئون شوشو ڇوڙيو.

"ڪينسر!"

بيمار جو سفر، سيون ڊيز اسپتال کان، سول اسپتال حيدرآباد تائين- !

اَٺ. ڏھ ڏينهن نبريا.... حسنہ جيڪا ٻہ وکون هلڻ کان لهرائيندي هئي، سا صبح شام سول جا چڪر ڪٽي ڪٽي ڪانہ ٿڪبي هئي..... محض هڪ اميد ۾ هڪ آس تي- شال سفر صاب ٺئي! امان الله مسڪينن تي مهر ڪري. ڪانئس "حالت" پڇندي هئس تہ ٻڌتر جهڙا جواب ڏيئي، چوندي هئي تون پاڻ هلي ڏسينس.

مون پاڻ وڃي ڏٺو- پر مون کي اهو عالماٽي ڏسڻ ۾ ڪونہ آيو جو مون ڏٺو هو.... روپ مٽيا. جاءِ جواني هنڌ جي اڇي چادر جيان ڪڏهوڪو ڏوپجي پٽيو ٿي ويا هئا. "بي ٿدت شين سان نينهن نہ لائيو." اکين جا ٻہ ڏيئا هئا، جي الائجي ڪهڙيءَ آس تي ٽم ٽم ڪري رهيا هئا. جنهن مان پاڻي ٽيبو ٽيبو ٿي سمي رهيو هو- جنهن کي حسنہ آب زم زم جيان عقيدت وچان رئي جي پلاند ۾ پائيندي رهي.

اهائي رات اجهاميل اپ سان. نڪو ٽيڙو نہ ئي ڪَتي. تازي ڪنهن بيوه جيان اڇي ڪفني اوڍيل، جنهن کي نڪو چوڙين جو چمڪو نہ ئي قلڙيءَ جي جهرمر.

وقت جڻ يتيمي انداز ۾ هوريان هوريان نيري رهيو هو. مٽي ۾ محروميت جي مٽي. بدن بي آسرائيءَ جي ڏوڙ کان پيوت. پانا پيل ذهن کي نندِ جهڙي هئي تهڙي نہ. بين ادائي جو وڳڙو. اوچتو جڻ ڪا هيسيل رڙ آئي ڪنهن پار کان. امان رڙ تي جهٽ اٿي ڇيو، "شايد عالماٽي...." مون ڇيو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"پڪ عالماڻي...."

هڪ ئي ست ۾ سڀ سيڙهيون لتاڙي مٿي وياسين. حسن در آڏو غش. خيام کي هينئين فليٽ جي رحمدل مائي ڪنيو پٽس جي تصويرن آڏو ويٺي هجي-

خيام خالي هٿڙا ڪنيون اجان بہ دعا پيو گهري.

جيجيءَ کي ڏٺم، خالي نپ اکيون، بي تاثر چهرو.

مون تي نظر پيس تہ ڪجھ چري- پڇيائين "امان ياٽين اج بہ ڏاڍي اوير ڪئي."

پوءِ اهائي گهڙي، اهائي ويل- جنهن نقطي تي انسان مري ماٺ ٿيو. اتان ريتن رسمن ڪر ڪٺي جاڳ ڪئي. طرح طرح جا وسوسا- نموني نموني جا انومان- "متان بيوگيءَ کي سج نہ ڏسي، متان مسڪينيءَ تي نامحرم جي نظر نہ پوي!"

فيصلو ٿيو تہ مڙهہ سان گڏ لٽيل مال ۾ مڏيون بہ اوڏيءَ مهل پنيرڪي ڪان اڳ ئي ڳوٺ روانا ٿيا. اجها خالي ڪيا وڃن.

ٽڙ تڪڙ ۾ سامان هيٺ لٿو- سندس مرڪندڙ تصويرون، ڪتابن جا ٿهپ، شاديءَ جي ڪٽ، ڪٽون، هينگر ۾ ٽنگيل سندس ڪپڙا، بٺگون، ٽي وي، ريڊيو.... جيپ آئي. پنل پنل پريات جو جڏهن پکي لاتيون لنوڻ لڳا هئا، ٽن لٽيل مسافرن جو نندڙو قافلو روانو ٿيو. وري ڪڏهن نہ ورڻ لاءِ.

مان پنهنجن هٿن سان رومن کي ڪلف سڙا ڏنا ۽ اهي دريون مضبوطيءَ سان بند ڪيون، جن آڏو جيجي جهونگاريندي هئي "حق وري حق وري آ....."

جڏهن پيچ پني، تڏهن اونين اُٺ پلاڻيا،
هاڃو ڪري هو، آڏيءَ جو اٿي ويا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ثميره زرين

ثميرا زنده هئي! ثميرا مري وئي!! آهي تہ بظاهر مختصر ٿي ڳالهڙي. پر ان هئي ۽ آهي جي مختصر وچوٽيءَ ۾ وقت جو هڪ طويل وقفو آ- هڪ دور آ- عهد آ... تکي مٺي جيون جو رس ڪس آ...

سڀ ساري ثميرا چند ڪاغذن ۾ قيد ٿيٽي تہ ناهي پر جڏهن بہ ڏينهن اڳ مون کي سندس جندڙيءَ تي لکڻ لاءِ چيو ويو، تڏهن هيڪر هائو ڪر جي ڪر تہ ڪنيم پر ڪؤ بہ ڪاڏم. پيلا سالن جون محبتون ڪٽ ٿيون لحظن ۾ لاهي سگهجن....

چند جملا جوڙي هن جي سڄي جيوت جو قرض چڪائڻ آهي تہ قرض تي چڙ قرض چاڙهڻ! پر محبتن ۾ اهي قرض هرويرو بوجھ نہ ٿيائبا آهن- ۽ مقروض ٿي مري وڃڻ ۾ سڪرات بہ هرويرو ايڏو نہ ستائيندي آهي.

بيشڪ ثميرا منهنجي دوست هئي. اول ادب جي اڻ تٽ ناتي. ائين جئن بالڪ جي مک ۽ ماءُ جي اره ۾ ٿيج ناتي امر ۽ لافاني رشتو جڙي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو رشتو ساڻس اڄ بہ قائم آ صبحان بہ قائم رهندو. پل هوءَ جيوت جا سڀ وسيلا ٽوڙي پريءَ کي پور ڪري قبر جي تنهاين ۾ وڃي پنهنجو آڳر اڏي....

پوءِ ثميرا سان دوستي ٿي سندس شخصيت ناتي. هوءَ هوءَ هئي، آئون آئون هئس. بس ان ڪري هڪ ٻئي کي سلهاڙيو آياسين ساڻ ساڻ. ڪيس جيسين نہ ڏٺو هئم، تيسين ساڻس لاءِ دل ۾ احترام ۽ عزت رکندي آئي هئس- جڏهن ساڻس مليم تڏهن احترام ۽ عزت ٻين لاءِ ڇڏي ساڻس محبت جوڙي وينس.

هوءَ ڪيتريءَ قدر قابل محبت هئي لفظن ۾ نہ ٿي آئيان. ان ڪري نہ جو محبتن ۾ جيڪي ڳالهيون لکيون وڃن پنهنجي اهميت وڃائي وهن ٿيون، بلڪ انهن محبتن جي سهاري ئي تہ غار حرا جي عبادتن آڪاش عظيم جو سفر طئي ڪيو هو. دلين جون محبتون ساعتن ۾ معراج جو مزو بخشيو وڃن، پر سچ تہ آئون سندس وقفي وقفي ۽ ڌيرج ڌيرج پر ديرپا هلندڙ مزاج ۽ محبتن کي قلم جي ڪوڙڪيءَ ۾ آڻي ئي نٿي سگهان. مون کي پنهنجي قلم جي ڪمزوريءَ جو پورو اعتراف آ. هوءَ تہ تازي ناريل جو اڇو کير جهڙو اڻ ڇهيو پوتر پاڻي هئي.

جنهن مان چڪي چکي ئي هن جي ون ۽ واس جي مٺاس جو مزو ماڻي سگهبو هو. پاڻ تہ ڪو باغ ارم جي ميون جي مٺاس ۾ ڪا ڪمي هئي- جن جي پورائيءَ لاءِ خالق قدرت ڪيس اوچتو ئي اوچتو فرش تان ڪٽي عرش جي وسعتن ۾ اُڪلائي ڇڏيو.

بس هن سان ملياسين ۽ وڇڙي وياسين! آهي تہ وري بہ مختصر ئي ڳالهڙي!

پر ان ميلاپ ۾ چاهتن جا لنمبا سلسلا هئا. ادبي بحثن جو بي پايان ذڪر هو- ننڍڙين ڳالهين تي وڏڙا رسامان ۽ پرچاءُ- ڪتابن جي ڏي وٺ خيالن جي ڏي وٺ- گهرن ۾ ننڍڙيون دعوتون- فونن تي وڏيون ڪچهريون..... ذات نيات جا ڏک ڏولانجهہ- ياد ٿم هڪ لڱان هن ڪنهن وڏي ماٺهو کان ذکوئجي نااميدي وچان فون تي چيو هو- "يار ڪجه نہ ٿو وٺي- ڪجه نہ ٿو وٺي- هڪ دم شر چيز بور." ان تي چيو ٿو مانس-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ثميرا نندي لاءِ ساندن جو تماشو ڪڏهن ڏٺو هئا! وڏين وڏين گهٽين ۾ بارڙا انبوهه ڪيوگول دائري جي صورت ۾ ساندن کي ورايو بيٺا هوندا هئا. وچ ۾ هزارين منهن سائيرڻن سائيرڻن پنين سان پيلا پيلا ساندا هڪ ٻئي مٿان سٽ ڪيو سرندا پيا هئا.

ياد ٿم ڪٿي ڪو ساندو احتجاج وچان تڙ ڪان تيڙ ڪائي پري سرڻ لڳندو هو. ته تماشي ڏيکارڻ وارو پيل ان کي چمٽي سان جهلي واري هندو هو وچ ۾- پاسي کان هڪ وڏي لوهه جي ڪڙهائي تاندن تي دهڪندي رهندي هئي- تماشي ڏيکارڻ وارو جيترا جيترا سرندڙ ساندا ڪڙهائيءَ ۾ وجهي ان جو تيل چڪائيندو ويندو هو ۽ شيشون پري جواني ڀيهر ماڻڻ لاءِ خريدارن کي وڪڻندو ويندو هو. پر تڏهن اسين ان کي تماشو سمجهندا هئاسين.

هاڻ خبر پئي ته اسين پاڻ تماشو آهيون، اسين پاڻ ئي تماشائي. آهي ته وري به مختصر ئي ڳالهڙي، پر ان ۾ پيڙين کان پيڙن تائين جون پيڙائون پوريل آهن- ڪائي سماج جي سيٽن جو ستاءُ شامل آهي ڏک ڏولاءَ مسلسل ڳوڙها ۽ انهن جون ڳالهيون.... سماجي ستاءَ ۾ اسين ساندن سمان آهيون- اسان جي تيل تي اسان جا وڏڪڙا بوٽ پهريل وڏا اسان جي ئي تيل تي هر دم جواني ماڻين ٿا- انهن جي ڏنؤرن جي طاقت اسان جي ئي تيل تي آهي- سچ ته هوءَ پنهنجي ڳوڙهن کي منهنجي ڳالهين ۾ ڳهي وئي.

پر حالتن سان هلي ڪانه سگهي- سهي ڪانه سگهي..... تماشو بنجڻ هن جي ساهس ۾ ڪونه هو. تماشائي ٿيڻ هن جي سياءَ وٽان ڪونه هو-

بس ستي جتي پنيرڪي جو پاڳ هئي. رات جي ڪارڻ ۽ سچ جي تيز اکين کان حراسجي هڪ ئي هلي وئي!

جڏهن مون ثميرا جي شخصيت تي ڪو خاص ناهي لکيو، تيئن مون هن جي ادب تي به ڪجهه خاص ناهي لکيو.

چو جو وري به وقت ٿورو ۽ قلم ڪچو اٿم- ائين ته ڪونه هو ته ڪو ثميرا ادب کي پانيڙا پائيندڙ بار جيان اڳر کان ونی اڳتي هلايو. ادب ساس ٻنهه تي اڳيان هلندو رهيو ۽ هوءَ هڪ موڙ تي ٿڪجي پري بيهي رهي- پر نه هوءَ پنهنجي مت ۽ وت آهر ان وقت جي گهرج ۽ ضرورت آهر جڏهن عام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عورتن ۾ لکڻ تہ ڇا پڙهڻ جي سمڪ بہ پوري ساري هئي، مردن مٿ مس نائيٿ اينگل جيان ادبي مشعل هٿ ۾ ڪري اونداهي واٽن تي لاٽ وکيرندي 'خاتون اول' جو لاب پائي وئي، پوءِ پل تہ روشنيون درجي بدر جي ترقيءَ جون منزلون طئي ڪندي، وهندڙ وقت سان گڏ پنهنجا ماپ ماٿا- ڏيئي جي ننڍڙي لاٽ کان سؤ واٽن جي بلبن تائين رسي ويون- ثميرا انهن بلبن جي چڪا چوند روشني پل پنهنجي اکين تي سهي نہ سگهي هجي- پر بہ ٻاٽ اونداهين ۾ سندس هٿن جا ڪڙڪيتا ڪوڙ نور سان چيم جيان چمڪندا رهيا. اڄ سندس ڪهاڻي پڙهندي پل وڌندڙ وقت جو پتو پئي نہ پئي، پر پوئين وقت جي پوري سچائيءَ جو ساءُ ضرور اچي ٿو. هن جيڪو لکيو جيترو لکيو سچ لکيو. بقول آغا سليم سقراط تہ فقط هڪ زهر جو پيالو پيتو- ثميرا سڄي ڌرتيءَ جو زهر اندر ۾ اوتي موٽ ۾ امله اکر ڏنا-

سچ تہ 'مهراڻ جون ڇوليون' ثميرا جي پورهئي جو اهو پگهر آ- جنهن مان پانت پانت اديب جي سهيڙ ۽ سيڙپ مان ڇڪايل عطر جي خوشبو واسي سگهجي ٿي- مهراڻ جون ڇوليون هميشہ چر ۾ هونديون آهن- وقت جي دز انهن کي مانو ڪري ميحائي نہ سگهندي آهي. ثميرا جي اها ڪوشش هميشہ عطر ۽ عمبر رهندي- وقت هن جي سڳند کي هميشہ سانپي رکندو.

آخر ۾ آئون ايترو چوان تہ سڄي ساري ثميرا جيئڻ جيئڻ هوءَ هئي تيئن ئي مون هن کي هنن چند ڪاغذن تي پيهر جنم ناهي ڏنو- ڇو جو اڄ ثميرا جو جنم ڏينهن نہ، ڏک تہ هن کي هنن چند ڪاغذن تي پيهر جنم ناهي ڏنو- ڇو جو اڄ ثميرا جو جنم ڏينهن نہ، ڏک تہ هن جي مرتئي جو ڏينهن آهي.

ثميرا تون پنهنجي شخصيت جي باقي وصفن کي منهنجي اڻ ڇهي ڇڏي ويڻ کي بخش ڪري ڇڏ جانءِ. جيڪڏهن محبتن ۾ ڪو روحاني رشتو آ- پل تہ موت جي وڇوڙي توکي اسان کان ڇني پري ڇڏيو آ..... پر بہ ايترو سو ايمان ٿم تنهنجي جنڌڙي ڪٿي اسان جي آس پاس پرڙا هڻندي هوندي- اڄ جون هي چار گهڙيون اسين سڀ تنهنجي ئي نانءَ گڏ ٿيا آهيون- هت ڪو ڪير آ ڪو ڪير؟ جو سوال ڳالهہ ناهي- بلڪ هت توکي ڪنهن ڪيئن محسوس ڪيو ڪنهن ڪيئن جي ڳالهہ سو اڄ جي هيءَ شام تنهنجي ئي نانءَ رهي-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزالہ رفيق تي لکيل هڪ تاثر ۱۹۷۷ع ۾.

"تنهنجي لاءِ....."

بقول اياز "ڪِن انسانن کي واقعي مرڻ نہ گهرجي....."

پر الائي ڇو..... جن کي حيات جي جُردان ۾ لپيٽي، روح جي رَحِل ۾ لپيٽي ڇڏڻ لاءِ دل چاهيندي آهي، اهي ئي ضدي انسان "سرحيات" جو ڪفن اوڍي اسان کان روح جا ناتا ٽوڙي بيوقتا مرڻ متي سان وڃي نينهن لائيندا آهن..... الائي ڇو اسان جي روحاني لڳائن کي بي مانو ڪري هو متيءَ کي وڃي ماناٽو ڪندا آهن....!

پر اسين تہ ضدي آهيون..... آئينہ جي، پڇي پون تہ صرف عڪس ئي اندر ۾ سانيي ڇڏيندا آهيون..... جيسين جيئندا آهيون تيسين خالي خالي اکين سان انهن واٽن کي ويهي تڪيندا آهيون جن تان اسان جي پرينءَ پير گهمايا بہ هئا ڪڏهن!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو تہ الائي چوٿا ضد ڪن، پر اسان جو تہ ضد بجا آهي نہ؟ يلا ڇاتيءَ ۾ ڇير نہ پوندا تڏهن..... جڏهن ڪلهہ جن کي ڪلي ڪيڪاريو هوسين، اڄ ساڻن مرحيات جو لفظ لايون، صرف سندن يادن جي پڙلائن سان ئي پاڻ کي پرڇاٽيون ڏيندا گهمون!

ڪوئي ڇاتي تہ سهي تہ "مر حيات" جو لفظ سندس نالن پويان لائي سندن محبت جون ميخون ويتر ڪيڏو اُپاٽڪو ڪيو وجهن......

مَن کي پريائڻ لاءِ اهو دلبو تہ نہ رو! ڙي چريا؟ سندن وڇوڙي جا ڏک جهلي 'غازي' هت اسين بہ آهيون...... هو جي هُت مٺا آهن تہ اڌ مٺا هت اسين بہ آهيون.... هو تہ وڃي هڪ هنڌ هنڌائتا ٿيا پر اسان کي تہ الائي ڪيستائين بن بن پٽڪڻون آهي.....

پر اهو من ئي ڪهڙو جو سمجهائڻ سان سمجهي وڃي!

الائي ڪيترن ڄڻن پڇيو اٿم "خيرو" توکي تہ وڏيڪ ڏک ٿيو هوندو: اجهان ڏهہ ڏينهن اڳ تہ ملي آئي آهينس!

ها.١٠-١٢ ڏينهن ئي تہ اڳ ملي آئي هئي سانس تي ويءَ طرفان ٽيبگرام مليو هوم.... "سياٽي ١٠وڳي پارس لاءِ پڇي وڃ" تي وي اسٽيشن پڳيس تہ سهڻي صورت واري ادي سلطانہ چيو "هلو، اوهان کي اوهان جي ميزبان غزالہ سان ملايان...."

پنهنجي منڙي ميزبان سان مليس، يادٿم هوءَ بہ مرڪي هئي. آئون بہ مرڪي هئس.....

پتو پيم اُن ڏينهن جو موضوع "خواب" هو.... پوءِ اسان هڪ ٻئي سان ملياسين. بقول موهن جي "هن مون کي-" مون هن کي ڏٺو. اسان ٻنهين هڪ ٻئي کي ڏٺو پر هن جي چهري کي پنهنجو تصوف هو. جي سامهون ٽي نهاريائين تہ لڳو تي پنهنجي آهي..... جي نظر ڦيرائي تي ڏٺئين تہ پاڻ ءَ ڪا اجنبي آهي" پر مون کي هوءَ اجنبي مور نہ لڳي هئي. بيشڪ هن مون ڏي ڏٺو..... بيشڪ هن مون ڏي نہ ڏٺو..... پر ٻنهين حالتن ۾ هوءَ مون کي منهنجي لڳي هئي......

چون ٿا علامہ آءِ آءِ قاضيءَ جي سٽ ۾ سڀ ساٿي پنهنجي پنهنجي جاءِ ائين پائيندا هئا. "علامہ جيترو مونکي ٿو چاهي اوترو ٻيو ڪنهن کي بہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ....“ سو مون کي بہ سائنس ملي ائين محسوس ٿيو..... غزالہ جيتري منهنجي آهي، اوتري ٻي ڪنهن جي بہ نہ!

ڪيس ڏسي لڳو هو.... اجهو اجهو ڪنهن ڏتڏي ڇانوَ واري وڻ هيٺان ويهي آئي هجان.... الائي ڇو ڪيس ياد ڪري هرويرو نيري آسمان ۾ ڏتڏين هوائن جو خيال آيو......

اتان موٽي دل ۾ صرف هڪ خيال ڪٿي آيس "پروگرام چڱو ٿيو يا نہ. پرللي ۾ غزالہ سان ملي تہ مزو اچي ويو. (الله پاڪ لليءَ کي ڏينهن ڏي..... هان تہ هر منڙي ماٺهو لاءِ دل اهائي ٿي دعا ڪري).

الائي ڪيتريون ڳالهيون ٿيون هيون غزالہ سان، ياد نہ اٿم ور ور ڏيئي ڪي جملا آهن ذهن ۾ جي جهٽڪو ڏيئي مٿي ايرن ٿا.

لليءَ شايد پڇيو هوس "غزالا تو رنگين ٿي وي ورتو آهي؟" پاڻ مرڪي ورائيو هئين "نہ پر منهنجو پاءُ دبئي مان اسان لاءِ ضرور موڪليندو." هن ڏاڍي ناز سان چيو هو........

پلا ڪيس ڪهڙي خبر تہ هوءَ پنهنجي پرديس مان پاءُ جي موڪليل ٽي ويءَ کي ڏسڻ کان اڳ ئي اکيون پوري ڇڏيندي!

پڇيو هئين "پلا تون خيرالنساءِ خواب ڏسندي آهين؟ تون پڪ خوابن جا حل ڏسندي هوندينءَ- اسان پائي..... اسان تہ خوش ڪن خواب ڏسندا آهيون،"

اهي ۽ اهڙيون الائي ڪيئي ڳالهيون جاڳ اجاڳ جون ٿيون هيون. پر تڏهن خبر نہ هئم تہ صرف ڏهہ ڏينهن پوءِ...... هي چهرو جو هين مرڪي مرڪي نہ ٿو ماٺ ٿئي سو ڪو ائين مرجهائجي بہ ويندو.......

پلا مون کي ڪهڙي خبر..... ۽ ڪنهن کي بہ ڪهڙي خبر...... تہ هيءَ ماڪيءَ کان مٺي هَستي پنهنجن لاءِ ڪيترن عقيدتمندن کي...... پنهنجي پرديس ۾ رهندڙ پاءُ کي..... پنهنجي سڪين سهيلين کي...... وڏي ڳالهہ تہ سندس حصي جي ان فن، کي تياڳي ان مٺيءَ کي وچي مان ڏيندي..... جنهن مٺي الائي ڪيترن جوانيءَ جي مونن کي ڪانڌ مڪي..... جيون جي ڪيترن رنگينين ۾ جيڪر ڪيس پري پري اکين ۾ ويهاريان ها. سندس لفظ لفظ کي هنئين سان هنڍايان ها. ڪيس ايڏو ڏسان ها، ايڏو ڏسان ها، جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجون اکيون آئنده ڏسڻ جي عادت ئي ڇڏي ڏين ها.

سچ تہ اها سوچ..... جنهن کي ڪلهہ ڏٺو هوم.... ان کي اڄ ڏسي نہ سگهندس ڪيڏي مارينڌڙ سوچ آهي.

ڪيس ٽي وي جي اسڪرين تي هلندو گهمندو ڏسي سندس عقيدتمندن جو ڪهڙو حال ٿيو هوندو. سندس سڄڻ ڪيس ڪيئن ساريندا هوندا!!

سندس سکيون سهيليون ڪيئن ڏسنديون هونديون!!

سندس معصوم ٻارڙا، عزيز، دوست ڪهڙا ويڻ ورائيندا هوندا.....

جڏهن تہ هوءَ هينئر هن لمحي رب جي رضا تي راضي رهي زمان ومڪان جي حضور مان پلاند ڇنائي، خاموش قبرستان جي مٽي کي مان ڏيو سکون سان ستي پئي آهي!

آئون حواسن سان ان ڳالهہ کي سوچي تہ ٿي سگهان. نہ سوچڻ چاهيان ٿي.

پر پڪ اٿم..... سندس گهر ۾ - ۽ هر گهر ۾ ڪهڙو رد عمل هوندو.......

سندس پنهنجن جي دل ۾.هر دل ۾ جوتهرام هوندو هڪ سچي فنڪار جي موت تي وڏي ڳالهہ تہ ٿي معصوم ٻارڙن جي امڙ جي موت تي ڇا سڄي ڌرتيءَ تي زلزلو نہ آيو هوندو؟

پر هيءَ ڌرتي ”ٻاهر ٻاڦ نہ نڪري“ جي مصداق، هر سور کي هميشہ جيان پي ويندي رهي آهي.

ڪاش اسان کي هن ڌرتيءَ جيان صبر اچي اسان انهن سورن کي چپ چاپ پي ويڃڻ سکي سگهون. پر اسين تہ روئون ٿا..... سچ ادي غزالہ تنهنجي لاءِ! هي سڀ روئن ٿا..... سچ تہ ادي غزالہ تنهنجي لاءِ!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنجاهه هزارن جو حزب الله

شهيد حزب الله تي ﭘويون مضمون اسان جي شعبہ نفسيات جي لئب اسٽنٽ صفدر علي جو لکيل آهي... صفدر ۽ حزب الله دوست هئا... صفدر هن مضمون کي نامڪمل سمجهي مٿس ڪتاب لکي رهيو آهي... بهرحال هي مضمون لکيل سندس آهي.... ترجمو البتہ مون ڪيو آهي.... آئون مضمون ۾ ڪٿي ڪٿي ٻيائي سا ڪري وئي آهيان، ڪو ڪو جملو جت صفدر جو ڪاڏو اٿم ات پنهنجو جملو بہ هٽي وئي آهيان.... ائين ئي جملن جي ڏي وٽ آئون ۽ حزب الله بہ پاڻ ۾ ڪندا هئاسين..... صفدر هميشہ جيان ضرور خاموش ئي هوندو هو..... آئون پانيان تي هن ڀهريون دفعو پنهنجي خاموشي کي احتجاج جي صورت ۾ ٻاهر ڪڍيو ۽ اپاريو آهي.....

هي مضمون مڪمل ڪونهي.... جو حزب الله پاڻ بہ مڪمل ڪونہ هو... خدا يقيناً ڪيس ڪنهن مقصد جي مڪمل ڪرڻ لاءِ پيدا ڪيو هوندو.... سو خدا جو مقصد بہ مڪمل ڪون ٿيو.... ۽ هو وچ ۾ ئي اسان کان هليو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويو..... اڄ اسان جو ڊپارٽمينٽ بہ مڪمل ڪونهي.... اسان جو هڪ سائي هڪ دوست.... هڪ ڪليگ.... هڪ انتهائي ڪم وارو ماڻهو اسان ۾ ڪٽيل آهي.

حزب الله پنهنجي آفيس ۾ پنهنجي ميز آڏو ڪرسي تي ويٺل ڪونهي البتہ ڪانئس پوءِ سائس لاءِ آيل پوسٽ ميز تي ڪني تي وئي آهي. اهي ڪانفرنسون، عقيقہ ۽ شاديون.... جن لاءِ ڪارڊ ۽ دعوت نامہ آيل آهن.

اُهي بہ مڪمل ڪينهن- جو حزب الله جي شرڪت انهن ۾ نہ آهي ڪائنات خود بہ اهڙن ماڻهن جي هلي وڃڻ سان مڪمل نہ آهي.

منهنجو پنڌ بہ مڪمل نہ آهي، جو آئون روز صبح جو بس مان لهڻ شرط ڪامن روم مان ٿي هلي وڃي سندس آفيس جي ٻاهران دري آڏو بيهندي هئس.... اني.... حزب الله آيو آهين.....؟ روم ۾ اندر جهاتي پائيندس... هو ڪنڌ مان ٿورو اڳتي اچي مرڪي وراڻيندو.

"ها.... ها..... اچو..... اچو...... اچان ڪون ٿي.... بس توکي ڏنم ٿي تہ تون وينو تہ آهين. نہ.....

پوءِ واندي ٿي وڃي حزب الله وٽ ويهندس.... چانهہ هلندي سگريٽ هلندي.... ڪتابن جي ڏي وٺ.... ادبي جملن جي ڏي وٺ.... علمي ڪانفرنس جو ذڪر..... دوستن جون تعريفون.... ڪن ڪن جون گلائون..... ڪچهري... سندس ڳالهائڻ مان بردباري بہ نظر ايندي تہ بهادري بہ..... گهٽ ڳالهائيندو.... پر هر جملو توري تڪي با معنيٰ.... بي خبر ٿي حزب الله ڪڏهين ڪين ڳالهايو.

چانهہ جو شوقينMild Sevenسگريٽ جو شوقين ڏکيي وقفي سان سگريٽون پيندو تہ يڪيون بہ.... گهٽون ڪري چپ هوندو..... ٻئي کي پڙندو..... گهٽون ڪريSet, Setلڳندو. پر هو Set هوندي بہUpset هو.... جوان هوندي بہ پوڙهو هو..... استاد هوندي بہ شاگرد هو.... پاڻ کي مڪمل ڪرڻ جي ڪوشش هئس..... هڪ پتوڙ..... هڪ پنڌ..... جو لڳو ٿي تہ ڪٽڻ جو نہ هوس. ڪيس ڏسي لڳندو هو تہ هي شخص الاءِ ڪيترو اڳيان ويندو، ڪو معمو آهي.... جنهن کي هي حل ڪندو. ڪو پرائيز بانڊ آهي، جيڪو هن کي ملندو. تمام وڏن عزائم جو مالڪ هو،اسان جو حزب الله.....

لک ٻن جو ذڪر ائين ڪندو..... جيئن ڪي جيڏيون پاڻ ۾ رنگين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوڙيون پائڻ لاهڻ جو ذڪر ڪنديون آهن..... ها البت رنگين چوڙين جي نزاڪت ۽ رنگن کي سمجهندو هو..... محسوس ڪندو هو، مرڪندو ۽ ماٺ رهندو.... سَوَ شاگرد ۽ شاگردياڻيون سندس هٿن مان آيا ويا..... چوڪريون توڙي چوڪرا... وٽس پنهنجا پنهنجا Problems کڻي بيٺا هوندا.... هو پيو ٻڌندو ۽ نبيريندو جيڪڏهن حزب الله ڪرسي تي ويٺل ڪونهي ته پوءِ پڪ هوندي ته هو ڪنهن نه ڪنهن پرائي يا پنهنجي ڪم سان ڊپارٽمينٽ کان ٻاهر ويل آهي..... اسان جو پٽيوالو يعقوب بيمار آهي.... هو هاڻ ته اسان جي ڊپارٽمينٽ ۾ نوڪري ڪونه ٿو ڪري.... پر حزب الله سندس گهر جي در تي بيٺل نظر ايندو.... يعقوب بيمار آهي..... ان لاءِ دوائون پيو وٺي..... يعقوب(Serious)آهي ته حزب الله به تمام سنجيده آهي.....

ڊپارٽمينٽ کان ٻاهر رستي تي هڪ پڳل سوزوڪي کي حزب الله پريشان ٿي ڊوڙائيندو پيو ويجي.

حزب الله ڪيڏانهن؟

"يعقوب گذاري ويو.... ان جو بندوبست ڪرڻ.... بس اچان ٿو ڊپارٽمينٽ....."

ڊپارٽمينٽ نه آيو.... ٻي ڏينهن پٽيوالن کان خبر پئي ته حزب الله، يعقوب جي ڪفن دفن جو انتظام ڪري سندس جنازو ڳوٺ کڻائي دفنائي آيو..... پر ڳالهه پاڻ نه ڪندو.... پر اها ڳالهه ٻيا ڪندا.... پٽيوالا ڪندا.... ڪنهن پٽيوالي جي شادي آهي..... يا ڪو ٻار ڄائو آهي ته حزب الله لفافن ۾ ويڙهي نوٽ پيو ڏيندو..... خوش پيو ٿيندو.... ڪاڇن ۾ پيو ايندو ويندو.....

اسان جو پٽيوالو سومار..... تمام سنجيده، سينئر ۽ Sincere ماڻهون.... سندس پٽ به اسان وٽ پٽيوالو سياري ۾ عاليشان ٻنهين پيءُ پٽن کي ڪوٽ پيل.... آئون پڇان ٿي سومار هھڙا عاليشان ڪوٽ ٻنهين پيءُ پٽن ڪٿان ماريا آهن......

ادي سائين حزب الله اسان لاءِ اسلام آباد مان وٺي آيو آهي.....

منهنجي گهر ۾ هڪ نئين قسمن جو هٽ سان اٽيل ڪيس آهي.... ڪوئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پچندو آهي تہ هي ڪٿان آيو آهي. آئون چوندي آهيان...... تہ هي اسان جي ساٿي حزب الله جو آندل آهي، مون ڪي شادي تي Present ڪيو هيئن.

پاندٽا اهڙيون ڪوڙ، اجرڪون. ڪٿا ۽ ڪيس، سوسيون ۽ حزب الله جي تخليق آهن... جو سندس پيءُ انهن شين جو بڻ بٺيادي ٺاهيندڙ بہ آهي تہ واپاري بہ.... حزب الله جا ليک بہ انهن شين تي لکيل آهن..... پر چوندا آهن تہ لکٽي جا ليکڪ بہ ڪي عجيب آهن...... ڳالھ اجرڪن جي...... هن دفعي کان اڳئين دفعي..... اڳئين دفعي بہ دهشتگردن...... سندن پاڙي وارن سندن گودام ۽ دڪان تي حملو ڪيو هو.... سندس چوڻ مطابق تہ گودام ۽ دڪانن جي ڪا چيز نہ ڇڏي هئائون..... حزب الله سخت آپي وندو انسان هو...... آپي جو ايمان سهي نہ سگهيو...... چئي، اسين هتي جا...... اسان جا ابا ڏاڏا هتي ها....... هتي اسان جا پڻ بنيادي گهر گهاٽ...... وٽج واپار..... هي ڪَلهوڪا آيل ٺا، اسان جا گهر ٽپن...... اسان جا مال ۽ مڏيون ڊاهين...... پيٽان هنن ڪي ڪو مڙس هيل تائين پتو ڪونهي...... نہ تہ...... اسان جي دڪانن کي لٽيو ٺن، ائين جو هڪ اجرڪ نہ ڇڏي اٿن......

ڪجھ ڏينهن کان پوءِ.....حزب الله ڏکيو مرڪندو مرڪندو مليو چئي...... سڀ سامان هٿ ڪيو مان..... هڪ هڪ اجرڪ ڳٽي ورتي مان......

حزب الله سامان جي ملڻ کان وڌيڪ پنهنجي انا جي بحالي تي مطمئن هو....

۽ هاڻ جڏهن هن دفعي سندن سامان لٽيو هو.....گهر سڙيو هو....۽ جڏهن حزب الله ئي نہ رهيو هو.... سامان ورائڻ واري کي ئي ماري ڇڏيائون..... تڏهن سندس پيٽون رنيون هيون. چون..... آپا سامان تہ ساڙيئون.... گهر ساڙيئون بابوءَ (حزب الله) کي مارئيون...... اسان وٽ هڪ اجرڪ اهڙي نہ ڇڏئيون... جو اسان پچاڙي ۾ بابوءَ جي مٿان وجهون.... اسان کي بابوءَ مٿان وجهڻ لاءِ هڪ اجرڪ نہ ملي.....

بابوءَ جي پچاڙي سرهي ڪرڻ لاءِ.....

حزب الله، اجرڪن جي تخليق ڪار جي پچاڙي سرهي ڪرڻ لاءِ..... هڪ اجرڪ جو سوال.....؟

اسين هڙئي سنڌي سوالي آهيون...... سموري سنڌ سمورا اسان جا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌي جوان..... پنهنجي ورثي کي واپس ورائڻ لاءِ..... هڪ ٻئي ڏانهن ڏسي رهيا آهيون..... ڪڏهن هڪ ٻئي کان ڀڄي ۽ اتحاد جي ٿا خيرات گهرون. ته ڪڏهن انساني حقن جي ڪميٽي آڏو ٿا پنهنجا لاشا ڳڻايون.... لاشا ڳڻيو!..... تازيون قبرون ڳڻيو!!..... ڪيترا سنڌي مئا..... حالتن ۽ حڪومتن اسان جي قومي ڪردار ۽ قومي غيرت کي ماري ڇڏيو آهي..... اسين بيغيرت بڻجي ويا آهيون..... ڪڏهن لطيف کي ٿا دانهون ڏيون.

..... ڪڏهن خدا کي پيا ڏوراپا ڏيون..... اسان مان ڪجھ قومي ڪردار جا ماڻهو جيلن ۾ آهن..... ڪجھ ريلن ۾ آهن ۽ اسان جا ليڊر هوائي جهازن ۾ هتان کان هت بيان ڏيڻ لاءِ گهمي رهيا آهن..... اسان جا پڙهيل ڪڙهيل نوڪرين وارا ماڻهو گهڻي ڀاڱي..... رشوتي هڏ حرام ۽ ڪائو آهن..... انهن کان وڌو بيغيرت انسان ڪنهن ماءُ نه ڄڻيو هوندو. سنڌين جو سڀ کان وڏيڪ بيغيرت طبقو تعليم..... جي انتظاميه ۾ آهي. ان کان وڏيڪ بيغيرت طبقو سڌو سنئون حڪومت ۾ آهي. ڪي منسٽر آهن ته ڪي ايم پي ايز ۽ ايم اين ايز آهن.... جن ڪڏهن گڏھ گاڏي ڪون ڏٺي هئي، پڄارو ۾ ٿا سنڌين جي حقن لاءِ پڄارون ڪن.....

ڪالهوڪو آيل الطاف (جنهن سنڌين جا انب ڪائي پلھ ورتو) ۽ اُن جي چند چاڙتن سنڌين کي جيئري ئي آسمان جا تارا ڏيکاري ڇڏيا آهن....! هوڪا قوم نه هوندي به پنهنجو ڪردار، نڀاهي ويا آهن. پنهنجي دهشتگردي جي تنظيم سان ڏرتي کي لوڏي ڇڏيو اٿن. هنن کي پنهنجي ڌرتي نه هوندي به هو پنهنجا پير ڄمائي ويا آهن..... ڇو.......؟ ان ڪري جو هنن ۾ ڪجھ به نه آهي.... سواءِ تنظيم ۽ ڀڄي جي..... هو پنهنجي ڪني ۽ ڪوڙي ڪردار سان سچا آهن ۽ اسين پنهنجي سچ ۽ سرزمين سان به ڪوڙا آهيون.... جيڪڏهن اسان جي پڙهيل ڪڙهيل ۽ ڇڙهيل ماڻهن ۾ ٿورو ٿورو به...... حزب الله هجي ها..... ٿوري ٿوري به حزب الله جهڙي خودي هجي ها.... ته ائين مور نه ٿئي ها......

قلم منهنجو تيز ڪائي ويو..... مون ڳالھ ته حزب الله جي پئي ڪئي.... ته حزب الله آپي وندو انسان هو..... هن جي غيرت کي للڪارڻ ڏکيو هو..... اُهو ئي سبب آهي، جو هو دشمن جي دل ۾ ڪنڊو ٿي ٿي لڳو..... اهڙا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انسان قومي اثاثو هوندا آهن.... ڪنهن قوم ڪي پورو ڪرٽون هجي ته پهرين اهڙن انسانن کي پورو ڪجي سو حزب الله به پنهنجو رت پنهنجي ڌرتي پنهنجي قوم کي ڏنو.... سندس گوشت البته ايم ڪيو ايم جي ڳجهن ڪاڏو جو بقول ڪنهن سياست دان جي ته هي اها دهشت گرد تنظيم آهي، جنهن پهرين پناڻن جي گوشت سان ناشتو ڪيو.... پوءِ ٻن پهرن جي لنچ پنجابين جي گوشت سان ڪئي ۽ هاڻ ته شام رات جي ڊنر سنڌين جي گوشت سان ڪري رهي آهي...... هي رات ڪيڏي ڊگهي آهي..... ڪنهن کي خبر ڪونهي، هي ڊگهي رات..... جنهن ۾ گوشت جي ٻن ڏينهن جو ڪٽ ناغون به نظر ڪونه ٿو اچي.

سنڌين جو گوشت..... حزب الله جو گوشت.... حزب الله جهڙن انيڪ انسانن جو گوشت!!!

ڪو وقت هو جڏهن چماٽ هڻڻ وڏو جرم سمجهيو ويندو هو. عيسيٰ چيو ڪوئي هڪ ڳالهه تي چماٽ هڻي ته دشمن کي اخلاق زير ڪرڻ لاءِ ٻي ڳِلهه به پيش ڪريو.

اهو اسلام جو يسو مسيح دور هو.

پوءِ سنڌ تي اسلام جو تارا مسيح دور به آيو..... جڏهن ڀٽي کي تارا مسيح ڦاسي ڏني هئي...... ۽ هاڻ سنڌين تي اسلام جو الطاف مسيح دور آهي......

اسلامي طريقي تي سنڌين جي گوشت کي جهاتڪو ڪري سندن گوشت کي حلال ڪيو ٿو وڃي...... ڳلن تي چماٽ هڻڻ ته ڪا ڳالهه ئي ڪونهي. حزب الله جو وزن ته الائي ڪيترو هو..... پر حڪومت سندس بدن جي قيمت في ڪلو ٥٠ رپيئي جي حساب سان ٥٠٠٠٠ هيئن ڇا حزب الله صرف ٥٠,٠٠٠ جو هو.....؟

تاريخ کي هڪ سوال آهي..... هو ڀل ڪٽي ٥٠٠٠٠ جو هجي. پر سندس شڪتي روح سندس رت جي قيمت.... پاڪستان کي ڏاڍي مهانگي پوندي ڪي ته سنڌ جا پٽ هوندا، هن ڌرتي تي..... يقيناً هن ڌرتي تي..... جي ايمان ۽ انصاف سان...... هن ڌرتي ۽ ان جي شهيدن جي قيمت اسان کي وٺي ڏيندا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تحرير: صفدر علي

ترجمو: خيرالنساءِ جعفري

پروفيسر حزب الله ميمڻ

شهزادو همايون بيمار هو. بچڻ جي اميد ڪونہ هئي. طبيبن نا اميدي ظاهر ڪئي تہ بابر بادشاھ پنهنجي زندگي جي بدران شهزادي همايون جي صحتياب ٿيڻ جي دعا گهري، اُن جي کٽ جي گرد چڪر ڏنا ۽ ائين پنهنجي جان ڏيئي شهنشاھ بابر الله تعاليٰ کان همايون جي زندگي ونـي ڇڏي!

٢٨ مئي ١٩٩٠- حيدرآباد جي هڪ پاڙي فقير جي پڙ ۾ حزب الله جي گهر تي.... دهشتگردن جو سخت حملو ٿئي ٿو..... سامان لٽجي ٿو..... مڪان کي باھ لڳي ٿي، مڪين جيئن تيئن ڪري پنهنجي جان بچائي پيرين اگهاڙا صدر جي گهر ۾ اچن ٿا...... پر هي ڇا! الاءِ ڪيئن حزب الله جا ٽي ڀائر ۽ هڪ پٽ دهشتگردن جي گهيري ۾ اچي ويا....... ڇئن جوان ڇوڪرن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زندگي جي سخت نا اميدي!!.... شهنشاه بابر وانگر شهنشاه حزب الله پنهنجن ڀائرن ۽ پٽ جي ڪٽن جي چؤگرد ڦيرا برابر ڪين ڏنا البت هو سخت چڪرن ۾ اچي ويو.... ڪمشنر ڪي.... ڊپٽي ڪمشنر ڪي...... فوج ڪي...... رينجرز ڪي پوليس ڪي...... فونون...... پريشاني..... نااميدي ڪوشش..... ۽ پوءِ بادشاه بابر جيئان حزب الله جي الله جي در دعا.....!!

دعا جو الله جي در تي شرف قبوليت رات جو ٩ بجي فوجي حفاظت ۾ چوڪرن جو واپس اچڻ.... البت هڪ ڀاءُ ڪي گلي تي ڇري جو زخم..... ٻئي ڏينهن.... حزب الله جنهن گهر ۾..... جنهن گهر ۾..... پلجي وڏو ٿيو..... وڏو ماڻهون ٿيو جسماني طرح ذهني طرح.... جذباتي طرح..... دل جي دنيا..... گهر جي دنيا ڪتابن جي دنيا..... سندس گهر جي نياڻين سندس ڀينرن جي دنيا سندس مثل ماءُ جي دنيا جنهن ڪي مٽي ايحان ٻارنهن مهينا مس ٿيا هئا..... ۽ حزب الله سندس ڀائيهون ۽ گهر ۾ سندس نشانيون پير ڏسندو ۽ ڳائيندو هو.

ان گهر کي باهه! منهنجي گهر ۾ هيترا ڪمرا آهن، ههڙا اڱڻ آهن.... ڪيترا باٿ روم آهن. ڪهڙا سهانجڙا ڏينهن آهن.... پنهنجي گهر جون سهائيتون راتيون آهن......

(حزب الله چوائي) گهر کي باهه گهرجي، هر شيءِ رسالن ۾..... ڪتابن جو سڙڻ.... قرآنن جو سڙڻ.... ۽ هر شيءِ سان گڏ حزب الله جي روح جو سڙڻ!!! سندس ڀينرن جو چوڻ اسان ڀاءُ کي چيو ته ادا سامان سڙيو ته خير ٿيو.... پاڻ سيئي ته سلامت آهيون. ڀاءُ جو چوڻ... خير ڪتي ٿيو.... منهنجا صدين پراڻا قلمي نسخا.... لئبريري هڪ ڪروڙ ڪتابن جي مون ڏاڍو ڏکي طرح ناهي.... سڀ راک تي ويو!!! حزب الله جي متاع حيات ڪتابن سان گڏ گويا حزب جي انا به سڙي رک تي وئي....

۽ پوءِ سچي ماڻهون جي..... سچي دعا جو الله جي در قبولڻ جو وقت!!

ست جون ١٩٩٠ صبح جو ٨ لڳي.... سڄي عمر پڙهڻ ۽ پڙهائڻ وارو ماڻهو.....

وقت جو پابند.... دشمن وقت جو ڪاٽو ڪري لاٿو ته حزب الله ڪيڏي مهل ٿو گهران نڪري..... ڪيڏي مهل ٿو پنهنجي ڪينٽ واري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بنگلي تي پهچي. (جو ڪينٽ واري بنگلي تي حزب الله رپئير جو ڪم شروع ڪرايو هو، جو بنگلو سڀ کان Safe ايريا ۾ هو. (سندس پٽاندر تہ جواني ۽ پيري جا ايندڙ ڏينهن هو اتي Safe تي، پنهنجن ڪتابن ۽ باقي سڙيل سامان جو ماتم ملهائيندو) پهرين جون جمع جي ڏينهن..... آئون حزب الله جي صدر واري گهر ۾ ويس... هو تمام دل برداشت هو.... سامان سڙڻ جو ڏک نہ هوس.... پر اهو خيال تہ صدين کان هو جنهن گهر ۾ رهيو.... جتي علم حلم نرمي شرافت جذبات جو ديرو هو.... اتي باهيون لڳيون ڌمڪيون مليون.... ۽ ڪلاشنڪوف جا برست هليا.

حزب الله چيو هو خدا جي زنده رکين تہ تمام وقار ۽ عزت سان زنده رک نہ تہ اهڙي حياتي ڪهڙي ڪم جي جنهن ۾ ذلتون شامل هجن.....

ٽيپو سلطان جهڙا ماڻهو رڳو ميسور جي ڌرتي پيدا ڪري ڪيا....

سندن جي زرخيز ڌرتي حزب الله جهڙا جوان بہ پيدا ڪيا.

۽ پوءِ..... ٧ جون تي ٨ بجي.... ڪينٽ جي بنگلي جي در تي دشمن حزب الله تي پنيرو وار ڪيو....

حزب الله دل جو وڏو هو. شهنشاهہ هو دل جو، جيڏي حزب الله جي دل گهري هئي، ايڏي شايد ڪنهن جوان جي دل گهري هجي.

گولي سندس دل ۾ لڳي.... پر گولي هو پي ويو....

ڊاڪٽر عنايت سندس پاءُ گڏ هوس. سندس چوڻ موجب تہ مون کي خبر ئي نہ پئي تہ ڪو گولي بابوڪي دل ۾ لڳي آهي.... ڪلاشنڪوف جا برسٽ تہ ڪيس ٽنگن پانهن ۾ لڳا هئا... مون سمجهو هو تہ اهي گوليون سول اسپتال مان ڪڍرائي آئون جهٽ با بو کي ونءِ گهر ٿو اچان.....

هو دل جو گهرو هو.... گولي دل ۾ لڳي.

حزب الله شهيد ٿي ويو.....

انا لله و انا اليه راجعون!

مٺس نالو حزب الله سيد احمد شهيد رکيو هو....

سيد احمد بہ شهيد ٿيو....

حزب الله بہ شهيد ٿيو.....

حزب الله سان گڏ ڪائنات جو هڪ اهم حصو بہ شهيد ٿيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پروفيسر مهڪري آخري دفعو حزب الله کي چيو هو، تون حيدرآباد ويحين پيو.... هي منهنجا ذاتي ڪتاب بہ پاڻ سان کنيون وڃ.... حزب الله ڪائنس ڪتاب ورتا.... سر مهڪري چيو، توسان ملندو آهيان تہ پوءِ مزيد ڪتاب پڙهڻ جي گنجائش ئي نہ رهند آهي. حزب الله هڪ ڪتاب هو... هو ڪليل ڪتاب هرگز نہ هو.... بس حزب الله کي رڳو اهي ماڻهون پڙهي سگهندا هئا، جيڪي پاڻ بہ اهڙي بصيرت ۽ بينائي رکندا هجن. پاڻ جوان هو پر سندس دوستي هئي، مهڪري جهڙي ماڻهون سان.... نبي بخش بلوچ جهڙي ماڻهو سان.... مظهر صديقي جهڙي پياري ماڻهون سان.... سندس وقت گهڻو ڪري اهڙن شخصن جي صحبت ۾ ئي گذرندو هو... پير حسام الدين ۽ ڊاڪٽر احمداڻي جهڙن ماڻهن سندس مذهبي لڳاتن جي آبياري بہ ڪئي.... فرائڊ ۽ انيڪ ماهرين نفسيات جي ڪتابن کي نفسياتي پلہ بہ ڏنو.... شايد اهو ئي سبب آهي جو دنيا جي عالمي تنظيم(Univercial Organisation) ۽آئي ايس پي ايءَ جهڙن تنظيمن جو ميمبر هو.... آئي ايس پي ايءَ جو حزب الله پهريون ۽ واحد پاڪتاني تہ ڇا، سنڌي ميمبر هو! هتن ڏسڻ جو شوق هئس....

حج ڪرڻ جو شوق هئس....

دلي گهمڻ جو بہ شوق هئس تہ دلين کي گهمڻ جو بہ شوق هئس.

هتّ ڏنيئن. حج ڪيئن. دليون ڏنيئن البتہ دلي ڏسڻ کان رهجي ويو. نفسيات جي ڪري پاڪستان جي ڪل نفسياتي ڪانفرنسون ملڪ جي هر وسندي ۽ وستي بہ ڏسي آيو.

همدرد... غم گسار...

دلين جون ڳالهيون ڏيان سان ٻڌڻ وارو حزب الله..... پتلون جو پائنچو گهڻو ڪري پويان بوٽ ۾ پيل..... منين شين کائڻ جو شوقين.... هميشہ منو ماڻهون......

ڳالهين ۾ شيريني..... شاعري..... بہ لطيف جا شعر کيس فرياد...... فارسي شعر ازبر.... ڳالهين ڳالهين ۾ انگريزي مهاوره. سنڌي پهاڪا. لطيف جا بيت! ڳالهين ۾ خوشبو. جسم ۾ خوشبو.... ڪپڙن ۾ رنگ....

حزب الله ڏاڍو شوقين هو....

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ليڪن واچ.... سونا ڪينلنڪس...... هيرن جون منديون.... مهانگا فريم....

گرمي هجي ڪن سردي، حزب الله هڪ هلڪي جيڪٽ ضرور متان پائي.... گلي ۾ اسڪارف رنگين شرٽ.... فرسٽ ڪلاس عينڪ.

ڪڏهن ڪڏهن هتي مان همراه نڪري به ويندو هو.... اهڙي وقت ڊپارٽمينٽ ۾ ڪير هجي جو حزب الله جي سامهون اچي.... اهڙي وقت حزب الله کي ڪير سامهون ڪون ايندو هو. هرڪو پيو لنوائيندو.... البت ڳالهه خيرالنساءِ جعفري جي.... اهڙي سمي ڪيس سنياڻي جو ڪم مائي خيروءَ جو... چڙ ايندس، گهڻو ڪري شاگردن تي.... خيرو هوندي ات مهل تہ... ڳاهه نهي ويندي... ڪيس حزب الله هاڻ ڪنٽرول ڪر.... پليز!

ايڏي چڙ نهي ڪون تي.

هن کي ڪڏهن به سامهون نہ ٿيندو... پائيندو.... پيار به ڪندو.... عزت به ڪندو.... ۽ چپ ٿي ويندو....

ٿورڙي دير کان پوءِ چوندو آئون توهان جي ڪري ڪجيس ڪونہ.... نہ تہ.......

نہ تہ مون کي خبر آهي.... تہ حزب الله ڪنهن کي ڪجھ بہ نہ ڪندو.... هو بيحد شفيق همدرد ۽ هڏ ڏوکي انسان هو.... انسان جو بيحد پيارو ساٿي. ڏکئي وقت جو سهارو......

گڏ ڪرڻ جو شوقين... انتهائي پراڻيون ۽ قيمتي شيون گڏ ڪندو هو.... سندس ميز تي يا ڪڏهن هتي ۾ ڪانہ ڪا پراڻي نوادرات مان ڪا شيءِ تہ هجيس ئي هجيس... اهڙي سمي پاڻ بہ انتهائي پراڻو روح لڳندو حزب الله هي ڪفلنڪز ڪڏهن ۽ ڪٿي جا آهن، حزب الله هسٽري ٻڌائيندو. ۽ ان وقت پاڻ بہ هزار سالن جو باشندو لڳندو. البتہ ٻڌندڙ پاڻ کي اوپرو اوپرو پيو پائيندو.

پراڻيون قيمتي ڪارون... پراڻا قيمتي ڪتاب..... پراڻا قيمتي قلمي نسخہ.... گڏ ڪرڻ....

حزب الله شهزادو هو...

خدا ڪيس دل ۽ دولت ٻنهين شين سان نوازيو دل هميشہ پاڻ لاءِ باقي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دولت رڳو ٻين تي خرچ ڪسن.... ڇئي اهڙي طرح خرچ ڪري آءٌ خدا جو شڪر ئو ادا ڪريان.....

حزب الله پنهنجي دل هميشہ پاڻ وٽ رکي.... دل اندر جون ڳالهيون هميشہ پاڻ وٽ رکيون اهڙي طرح اهو هڪ رازدار ۽ امانت جو محافظ ۽ امين هو.... پنهنجي پيشاني تي نماز جي داغ ڪان ٿورو ڦڪو ٿيندو متان هي داغ ٻين کي ڏيکائي ڏي تہ آءٌ بہ ڪو نماز پڙهندڙ آهيان.....

بہ سال پهرين جڏهن هڪ ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ اسلام آباد ويو تہ منهنجي ڀاڻيجي جاويد وٽ لٿو... جاويد وٽ بہ ٽي ڏينهن رهيو.... جاويد حيران رڳو ان ڳالهہ تي هو تہ ڏينهن جو انگريزي سوٽ بوٽ ڪيل هي نوجوان رات جو اڌ ويل عبادت ۾ سر بسجود آهي..... بہ حج ڪيائين ٿئين حج جي لاءِ ٢٥ تاريخ فلائيٽ هيس....

هو هتي اسان ۾ ڪونهي.... شايد هينئر هو ات هجي....!

هيڏين خوبين جو مالڪ حزب الله..... هيڏو وڏو حزب الله.... الله جي مارڻ سان نہ، پر دهشتگردي جي مرضي سان رڳو ان ڪري مري ويو.... جو هن جو هڪ ننڍڙو ڏوهہ هو.

هن جي ابن ڏاڏن جو هڪ ننڍو ڏوهہ هو.

تہ.... حزب الله سنڌي هو.....

حزب الله يعني 'الله جو لشڪر' سنڌي هو.

ناهي خبر تہ دنيا جو ڪو قانون انهن قاتلن کي ڪا سزا ڏيئي سگهندو يا نہ.... ليڪن مون کي يقين آهي تہ سون يتيمن بيمارن ۽ نادارن جون آهون ۽ دانهون انهن قاتلن کي ضرور سزا ڏيارينديون..... دشمن ضرور ڪيفر ڪردار تائين رسندو..... البتہ حزب الله اسان وٽ هاڻ نہ ايندو.....

حزب الله جي پيءُ چيو بابا موت جي جڳهہ ۽ وقت مقرر آهي..... جنهن کي ڪير بہ ٽاري نہ سگهيو آهي.... حزب الله بہ ان کي ٽاري نہ سگهيو..... ۽ هو هليو ويو.... آئون سوچيان ٿو.... تہ ڇا ڪنهن بہ انسان کي اهو حق آهي..... تہ هو ٻي انسان کي ماري ۽ چوي تہ آئون توکي ماريان ٿو جو تنهنجي موت جو وقت ۽ جاءِ مقرر آهي.....

هڪ دوست چيو تہ حزب الله ۽ گناهہ ماريو ويو.... سون ٽي سفرا ط ياد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اچي ويو، جنهن کي سندس دوست چيو تہ تون بي گناهہ ٿو ماريو وڃين، تنهن تي سقراط وراڻيو تہ بيوقوف ڇا تون پائين ٿو تہ آءٌ ڀلا پهريون گناهہ ڪريان ۽ پوءِ ماريو وڃان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(سفر نامو)

مارُوڙيءَ ملير

پورا پوڻا نوَ. واچ جو ڪانٽو ڪانٽي مٿان. جڻ پويان پورا ٻَل ۽ ساعتون ڪانٽن جي پاڪر ۾ پڪوڙجي يڪجا ٿي پيار واري پڇاڙڪي ڳراٽڙيءَ ۾ ڳنڍجي پيا هئا. وقت هڪ نقطي تي سُسي سوڙهو ٿيو. 'سڀئي اندر ساجن مليا.' مون سامهون سنڌريءَ ۾ اُتم ڏي الوداعي نظر سان نهاريو: هنن جون نظرون، جلاوطنيءَ جو سفر طئہ ڪندي جڻ سنڌڙيءَ جو آخري سِرو بہ هٿان هيئر وڃائي ويٺيون هيون.

هوائي اڏي تي ڊپارچر واريءَ لابيءَ ۾ شيشي جي ديوار جي هُن پار هِند ڇڏي سنڌ اچڻ لاءِ اجهو وڃڻو هئم. خدا حافظ ڪرڻ لاءِ ٻئي سڄڻ بہ سانڍ هئا...

مون لائونج ڏي قدم وڌايو ۽ ڪانٽو ڪانٽي تان ٽڙيو. پورا سوا نوَ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪائنٽو ڪائنٽي جي آمهون سامهون. وقت جي اِڪائي ونڊجي ٻن حصن ۾ ورهائي. جيتوڻيڪ پنهي ڪائنٽن جو انسان جيان محور ۽ ماپو ساڳيو هو. معرفت ۽ حقيقت بہ هم آهنگ هيون. شناخت، اوريجن ۽ هستي بہ هڪڙي ٿي هئي.

ويرم ٿي ڪيتري! ڪلاڪ اڌ جو هوائي سفر. ائين جو بمبئيءَ جو سانچي پان وجهي وات ۾- ٽُڪ پل اچي پاڪستان جي ڊسٽ بن ۾ اڇلايو. پر اِن پان جي وات ڪان ڊسٽ بن جي سفر ۾ suffer ڪيڏو ٿي ڪرڻو پيو. صعوبت ڪيڏي ٿي سهڻي پئي. سنڌ کان هند جو سفر! جهڙو پاٻري ڪنڊن تي پيرن جي بدران پيٽ تي گذر. ڳالهہ درگذر خير ٿي بہ وڃي پر بہ هت تہ روح کي رشتي نياڻن لاءِ رت کي ناتو نياڻن لاءِ سخت قسم جو N.O.C. درڪار آهي! ڪاغذ جي اها پل صراط جنهن کي پار ڪرڻ لاءِ انسان کي آفيس جا چڪر ڏيڻي هڏ ماس ڳاري پرڻ جيان لغڙ تي لنگهڻو پوي ٿو. لغڙ جو لغام يا ڏيل جي ڏور جي مضبوط آهي تہ شاهہ واري چواڻي 'مليا تہ ملنديا س' پٽاندر ماٺهو وڃيو هند کان سنڌ يا سنڌ کان هند پيڙو ٿئي 'نہ تہ گهوري جان جتن لئہ' چئي مانڙي ڪري وڃي قبر پيڙو ٿئي. ڪوڙ اهڙا محبتي ۽ حجتي مون سنڌ جا هند ۾ ۽ هند جا سنڌ ۾ ڏٺا. پر پوءِ بہ الائجي ڪيئن ريل جو رستو ۽ هوائي جهاز جو پنڌ هميشہ امرتسري، جيسلميري ۽ ڪاشميري مسافرن سان سٿيو پيو آهي. مسافرن جي جا پيهہ پيهان ۽ ڳپا گيهہ آهي تہ خبر نہ ٿي پوي تہ آخر هي مسافر آهن ڪهڙي ماڪڙ قوم مان جو لغڙ جيان پنهنجي نالي پويان ڏور پنهنجي شهر جي بڌي ملڪ جي هر وسندي ۽ وستيءَ تي ڪاهي پيا آهن- ۽ پوءِ بہ هو مسافر آهن!

چون ٿا خواهشون جيڪڏهن جائز هجن تہ هو پنهنجو مقام ضرور ماڻيو وٺن. قسمت جيڪڏهن سٺي آهي تہ بقول مختار مسعود جي انسان جون ڪيتريون ئي ڪاميابيون اهڙيون اتفاقي آهن جو ناڪاميءَ جا وسوسا دل ۾ اُٿن- پر جي زبان تي تالا چاڙهن جيئن پٽ تي پر اُنهن کي ڪوڙي ٿي ڪوڙي، تيسين ڪاميابي اڃيو نہ ٿي. مستقبل ڏي. ڪاميابيءَ جي ڪنجي بندش جي تالي کي کولي تہ جيئن ملڪ اڳتي وڌي...

ڳالهہ مون پنهنجي ٿي ڪئي پر ڳالهہ وڃان ٿي مختار مسعود جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نڪتي. مختار صاحب تہ ڪاميابيءَ جي ڪنجين جو ڇڳو ڪٺي ٿو ساڻ هلي. روئون اسين هٿ پاڻ کي جن جي حصي ۾ اهڙي ڪا چيز ئي ڪٿي آئي، جو ڪٿي تالو هٿجي- سو ڪنجين جي تہ پاڻ وٽ هميشہ هڙتال ئي رهي.

هڙتال تي پل ڪنجيون ئي صحيح پر هڪ دور دل تي اهڙو بہ آيو جو بنا هڙتال ئي دل گهر جي اندر نظر بند ٿي وئي- هندستان ويڻ تہ ڇا هندستان جو ڪاغذ تي نقشو ڏسڻ ۾ ئي دل هراسجي ۽ سراپجي ويندي هئي. روُم جي هڪ ڪنڊ ڪان ٻي ڪنڊ ويڻ ڪونہ پچندو هو، سو لکڻ ڪٿان ٿو پڄي. لکڻ تہ سالن جا سال وسري ويو هو. پر اهڙي سمي منهنجي دوست نذير ناز اچي اهڙي نظربندي جي ناڪي بندي ڪئي ڇٽي: ’ناريءَ‘ لاءِ انٽرويو لکي ڏي. بنديخانو ڪجهہ تہ ٽٽو- ڪجهہ سير پئي. اُمالڪ اُن سير مان احمد آباد- انڊيا مان سائين گنگارام سمراٽ جي اُچليل هڪ ڪنجي اَچي منهنجي ڪڇ ۾ ڪري... ان انٽرويو جو نالو ادي طارق اشرف الائي ڪهڙي ڪارڻ لکيو هو ’هيل نہ ڪو سنگ ڪاڏم.‘ اهو ’سنگ‘ سنڌ ۾ اديبن دوران تہ جنگ جو سائرن وڄي اٿيو هو. پر هند ۾ پنهنجي اَڻ ڏٺين پياري هستين آڏو ’سنگم‘ جو ساز. احمد آباد مان سائين گنگا رام سمراٽ جو هڪ وجائتو پروقار تحسين گاڏڙ خط آيو نذير ناز کي ناريءَ لاءِ. نذير ناز ۽ منهنجي رفاقت ان زماني ۾ ڪجهہ ان طرح هئي جو ڄڻ جيوت راند ۾ لوڊي جي چوپڻ کيڏندي پنهي جون ساريون اُتاهيون ٿي ڏاڪڻ جي پير تان ٽٽندي وڃي ٿي نانگن جي وَر چڙهيون. مون وانگيان نذير کي بہ هرويرو جي ذات پل نہ سهي پر ڏانءُ سو ڪمال جو هو، جو نانگ جي پڇ تي پير ڏيئي نہ فقط پنهنجي ساري پر سَپَ جي مڻ تائين جهپي ورتائين- جو اڄ سندس ساري مَٿيو تي چمڪي رهي آهي. خدا ڪري ويران وير وڏ هجي. البت پنهنجي ساري هيٺ پر گسڪي گسڪي ايڏي تہ ميرانجهڙي ٿي وئي جو پاڻ راند جي پڇر ڦٽي ڪري ان ساريءَ کي سيرانديءَ رکي پاڻ کي sorry چئي بنديخانو بندي چڏيو... نذير پياريءَ ان ڪوٺ مان هڪ سِر ڪڍي. سائين گنگا رام بروقت ئي هڪ خط موڪلي ڇٽڪ ان سير مان هڪ آڪسيجن جو سلنڊر بطور بخشش اُماٽي ڏنو.

گنگا رام سمراٽ سائين کي تعريف وتنقيد ڪرڻ جو عجب ڏانءُ آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس تعريف سرير کي ’حلال‘ ڪريو وجهي- تنقيد سان سڪون حرام ٿيو وڃي... مون کي سندس پنهي خوبين جو ذاتي تجربو آهي جو هن منهنجي تحرير جي هميشہ تعريف ڪئي ۽ تحريڪ کي قابل criticism قرار ڏنو جو تحريڪون چاهي سياسي رنگ ۾ هجن، چاهي نجي زندگيءَ ۾ اڪثر باعث ’ٽُڪ پونڊو‘ ئي رهيون آهن... هت منهنجي سياست سان نہ ڪا ڪِٽي نہ ڪا پڏي. پر منهنجو مطلب منهنجي هڪ نجي زندگيءَ جي غلطيءَ سان آهي جنهن باعث مون انگريزي پهاڪي پٽاندر ’دولت‘ وڃائي، ڪجھ نہ وڃايو. پر ان وقتي نقصان سهڻ تي ڪاڪا گنگا رام جا چند ڪيڏي مون کي تہ ان جي چنڪار اڃا بہ ذهن ۾ وڄندي پڌندي آهيان.

سو ڳالھ پئي هلي ڪاڪا گنگا رام سمراٽ جي خط جي. مون ڪيس شڪراني جا لفظ لکندي مستقبل جي الائي ڪهڙي اهڃاڻ باعث ائين ئي لکي چڏيو تہ مان بہ انڊيا اينديس، گهمنديس، اوهان سان ملنديس، هلان ڪري اينديس ۽ اوهان مان چڪي تي ڪوپ چانھ جا بہ ڪيديس...

جواب بروقت پهتو. ڪاڪا لکيو هو: چانھ اسان وٽ ڪونہ ملندءِ... اڇچانءِ رهجان روائجانءِ منهنجي گهر ۾. جيترا ڏينهن هت هوندينءِ اوترا ڏينهن اهو گهر تنهنجو ئي هوندو...

پنهنجي قسمت جي خوبي نہ سهي، ڪاڪا گنگا رام سمراٽ جي اُن ڪنجي جي ڪرامت ئي سهي، جو الائي ڪيئن پاسپورٽ ٺهيو- ڪيئن ويزا ملي. اڪيون ڪليون تہ پاڻ کي جهاز ۾ ڏٺم. ويتر جو اڪيون ڪليل ئي رهجي ويون جڏهن پاڻ کي بمبئيءَ جي هوائي اڏي تي بنا ڪنهن اطلاع بي يارو مددگار نہ سڃاڻپ نہ ساٿيھ ڏٺم.

سنڌ مان اسهندي وقت ڪوڙ دوستن صلاح ڏني تہ بمبئيءَ ۾ سائنٽ سندري ۽ سائين اُتم کي اطلاع ڪري وڃان اڇڻ جو. هو نہ رڳو مون کي بمبئيءَ جي هوائي اڏي تي اچي لاهيندا بلڪ پاڻ وٽ ئي لاهيندا. پر جيڪي ان وقت منهنجي خيال موجب نہ مون کي سڃاڻن نہ ڄاڻن تن کي ڪيئن ڪريان ها اطلاع اڇڻ جو. اها خبر پوءِ پئي تہ هو اُت مون کي تہ ڇا، اسان جي سڄي ادبي لڏي کي ايترو سڃاڻن جيترو اسان هڪ ٻئي کي ڪونہ سڃاڻون. چون ٿا، خدا شهہ- رڳ جي قريب آهي. ضرور هوندو! پر اُتم ايترو پري هوندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بہ سنڌ جي رڳ رڳ کان واقف آهي. هن جو جسم اُت پر ساهہ هِت سنڌ ۾ آهي. بقول گذدر صاحب جي: 'سنڌي اجرڪ اُتم جو اوڇڻ ۽ سنڌي ڪتاب هن جو بوڇڻ آهن.' سنڌي اجرڪ جي لاک رتائين رنگ سان ئي اُتم جي رت ۾ حدت آهي. مارئي جي لوئي سان لڳت ئي اُتم جي وفاداري ۽ ورثو آهي... اُتم پل سنڌ ۾ نہ سهي- سموري سنڌ اُتم جي ساهہ ۾ آهي.

پر مون کي بدن ۾ ساهہ تڏهن پيو جڏهن هوائي اڏي تان شهر وڃڻ لاءِ ٽئڪسي جهليسين. هِند جو ٽرئفڪ قانون باضابطہ هو جو لائين ۾ لڳل هر ٽئڪسي مسافر کڻڻ کان پوءِ هلڻ وقت پنهنجي حد ۾ بيٺل ٽرئفڪ آفيسر کي پنهنجو نالو، ٽئڪسي نمبر ۽ لائسنس نمبر لکائي پوءِ ئي اڳيان وڌي.

بمبئي هڪ نظر ڏسڻ سان پاڻ واري ڪراچيءَ جي وڏي جوان جماڻ ڀيڻ ئي لڳي... ڪراچي ۽ بمبئيءَ ۾ مشابهت ضرور هئي پر مناسبت ڪانہ ٿي لڳي. بمبئي ڪراچيءَ آڏو جهڙي سورنهن سالن جي الهڙ ڇوڪري، جنهن کي هڪ نظر سان نہ پر ڀرپور نظر سان ڏسي ئي سندس حسن ٿي سمجهہ ۾ آيو... ان وقت مون وٽ ڀرپور نظر ڪانہ هئي سو بمبئيءَ جي جواني بہ ڄڻ رُني رُني رهي. آئون ٿڪل بہ هئس ۽ ذهن تي عجب بوج بہ هو اجنبي شهر ۾ اڻ ڄاڻائي ۽ نا واقفيت جو. دل ۾ سوچيم: ان کان تہ پاڻ واري ٻچڙي ڪراچي ئي چڱي جنهن کي هنج ۾ ڪٿي ماٺهو پلي پيو سڄو وقت رهي وندرندو... پڳ پڳ تي هوٽلون. ڪن ڪن تي خوانچہ دان. بمبئيءَ جا وڏا ويڪرا رستا. ٻنيهہ ٻنيهہ ماڙ بلڊنگون! هئبت ۾ هيسجي پاڻ تہ ڪروندڙي تي ڪري پيس ٽئڪسي جي پويان سيٽ تي- البت ٽئڪسيءَ واري تي ڪم رکيم تہ اسان کي ڪنهن شهر جي وچ ۾ وچولي درجي جي هوٽل ۾ هلي ڇڏ جت جو ماحول اسان پارين ماين سان ملي اچي.

محمد علي روڊ تي 'ايشين راج' هوٽل... وچولي درجي جي. 40 رپيا روز جي حساب سان رهائش... پر اسان کي هڪ ڏينهن کان وڌيڪ ترسڻو ڪونہ هو جو بمبئيءَ ۾ ويزا ئي ملي هئي ڪل 24 ڪلاڪن جي. انهن 24 ڪلاڪن کي ڪيئن استعمال ۾ آڻجي سو هوٽل جي روم ۾ پلنگ تي ويهي سوچيم... هوٽل ۾ گهڙڻ کان پهرين دروازي سان لڳ هڪ ماندليءَ تان صائما کي جو پان وٺي ڏنم تہ ان پان جي قد بت هٽي هيسائي ڇڏيو. مانيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڏو پان، نہ ڪو چن جو ليپ نہ ڪاٿي جو گارو... سائو ڊائو ٻج نيار، ٻاجهر جي مانيءَ جيڏو پان جنهن تي رنگ برنگي ٻاڃي جيترو مصالحو. پان جي ڪنڊ ۾ پيچي وڌم صائما جي وات ۾ ۽ باقي سڄو پان پنهنجي وات ۾. وات بند- گلو گهٽيل- ٻج نيار پان جو اصلي ذائقو ذهن کي ڪجهه ڳوڙهو لڳو جو پاڻ ٻج نيار اصلي شين جا عادي نہ رهيا آهيون.

هوٽل ۾ جو گهڙياسين تہ ذهن ويتر ايجا بہ منجهيل ۽ موڳو ٿي پيو. هوٽل جي ماحول جي مهڪ ئي ڪجهه عجيب نستو ڪندڙ هئي. شايد هوٽل ۾ ڪجهه اگربتي يا لوبان وانگر ڪا شيءِ ڪيوايل هئي جنهن ڪان اڳ ڪڏهن سنگهڻ جي حواسن کي واسطو نہ پيو هو. هئي تہ يقيناً ڪا خوشبو پر الائي ڇو من هرويرو زيربار ٿي پيو هو. ڪجهه اڪيلائي ۽ اُپاٽڪائي جو احساس ۽ ڪجهه وري هند جي ڌرتيءَ جي مخصوص مهڪ. بقول ابراهيم خشڪ: 'اوهين اڪيون ٻڌي ڌرتيءَ جي ڪنهن بہ ڪنڊ تي نڪري وڃو، ان ڌرتيءَ جي مخصوص خوشبو، جو هر ڌرتيءَ کي پنهنجي سڃاڻپ لاءِ الڳ خوشبو ٿيندي آهي، پنهنجي ڌرتيءَ جو تعارف پنهنجو پاڻ اوهان سان ڪرائيندي ۽ ٻڌائيندي تہ اوهين ڪٿ پهچي ويا آهيو.'

سو هند جي ڌرتيءَ کي بہ هڪ مخصوص خاص الخاص خوشبو آهي جا پئرس جي فئڪٽرين ۾ ٺهيل پرفيومن جي بجاءِ ڄڻ آسمان ڪان لهي ٿي ۽ نڪ ڪان لنگهي دماغ ۾ وهي ٿي، ائين جو بندو پهرين ان آسماني خوشبوءِ ڪان هيسجي وڃي ۽ پوءِ ائين هري وڃي جو پاڻ سان آندل پرفيوم هڻڻ بدران هارڻ ڪان سواءِ ڪو چارو ئي نہ رهي. پر هارڻ ڪان اڳ جيسين هير پوي تيسين في الحال تہ حواس هراسجي، سراپجي سوڙها سوڙها ٿيندا ويا. ويتر هوٽل ۾ گهڙڻ ڪانپوءِ جو هوٽل جا بئرا ۽ مالڪ ڏٺاسين تہ تن جا حُليا ڪليا بہ قطعي مختلف. ڪن کي پجاما ۽ پهراڻ، ڪن کي ڪڙتا ۽ واس ڪوٽ سينگارن جهڙا سل ڪارڙا ڪمارڙا. چست ڦرت. دخل تي ڪمپيوٽر يا ڪيلڪيوليٽر بدران پنهنجي آڱرين ۽ دماغ تي زور ڏيو لمحن ۾ حساب ڪتاب ليکا چوکا لاهيو وري ڪنهن نئين ليکي چوکي لاءِ چاڪبند. پيشانيءَ تي ڳاڙهو سندور ان سندور مٿان اڇسري ڪنهن شيءِ جو چندو لڳل- يا ڄڻ ڪنهن پکي جي وِٺ ڪيرايل. پاڻ ۾ هندي ۽ اسان سان اڙدوءَ ۾ ٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳالهايائون مون کي 'ديدي جي' ۽ امان کي 'ماتا جي' ڪري.

روم ۾ گهڙياسين ته پلنگن جي ويڪر ڏسي دل سوڙهي ٿي ويئي- ڪٿي اسان جي هوٽلن جا موڪرا وسيع نرم گرم پلنگ- ڪٿي هي پلنگ! اسان پاري ٽلهي متاري ماڻهو لاءِ سڌو ٿي سمهڻ بدران پاسيرو ٿي اَهلڻ ئي ممڪن هو. لڳو ٿي، هت هند ۾ سمهڻ ۾ سوڙ آهر پير ڊگهيرڻ وارو مقولو ئي استعمال هيٺ هو. هر شيءِ صرف ضرورت آهر ايجاد ٿيل هئي. هر شيءِ جو استعمال جائز ۽ اصراف ناجائز هو. روم شايد ڪوڙ ڏينهن کان بند هو. صاف هوندي به منجهس گهٽ پُوسٽ واري بوءِ پريل هئي. ماني گهرائي ڪاڏيسين پر موڊ مزي ۾ نه هو سو ماني به مزي جي نه لڳي. ڪلاڪ به آرام سان اهلي، ٽين بجي ڏاري تيار ٿي هوٽل کان ٻاهر نڪتاسين. مون وٽ موهن ڪلپنا، پورنمي ۽ سندريءَ جون پراڻيون ائڊريسون هٿ ۾ هيون. پوءِ خبر پئي ته اهي سڀ غلط ۽ پراڻيون هيون. انهن ائڊريسن کي ساڻ ڪري نڪتاسين پاڙا پڇائڻ.

محمد علي روڊ کان 5-7 منٽن جي پنڌ تي اسٽيشن هئي جتان کان لوڪل ٽرينون بجلي تي هلندڙ بمبئيءَ جو بمبئيءَ ۾ ئي هلن ٿيون. سوچيوسين سندري ۽ اُتم سان ملجي. سندن پراڻي ائڊريس 'متونگا' جي هٿ ۾ هئي، سو ريل پڪڙي سين متونگا جي. ريل تي لهڻ ۽ چڙهڻ جو ڏيک ٻاڻ وٽ .T.V تي تيز موشن ۾ هلندڙ ڪارٽونن وارو هو. ريل جي دٻي ۾ گهڙڻ وقت ماڻهو 'مسٽر' تي گهڙي ۽ 'مهتر' تي نڪري. اک ڇنڀ ۾ لهڻو چڙهڻو هو. ريل ڪنهن به پليٽ فارم تي منٽ کان وڌيڪ نه ٿي ترسي. اندر دٻي ۾ جهڙوڪر چؤپاسي هنگ جي هڳ پکڙيل- شايد ڪنهن وٽ ٻاپڙ هئا هنگ وارا يا شايد بمبئيءَ ۾ هنگ جو واهپو ئي ڪجهه گهڻو هجي. لوڪل ٽرينن ۾ يا عام ريلن ۾ به مرد زالون گڏيل ڪمپارٽمينٽ ۾... اندر گهڙندي ئي ڏٺم جهڙوڪر ڪوڙ سارا ڪوٽ هينگرن ۾ ٽنگيا پيا هجن. ڇوڪريون، مايون، ننڍيون، وڏيون ڦڙتائيءَ سان ڇت تي لڳل راڊ کي ٻنهي ٻانهن سان ائين جهلي بيٺيون هيون جيئن عيسيٰ صليب تي ٽنگيل هجي. ويهڻ لاءِ دٻي ۾ رڳو پاسن کان سيٽون هيون جن تي وڏي عمر جون مايون ويٺيون هيون- اَما اُنهن سان ويٺي. مون کي راڊ تي هٿ رکڻ جي جاءِ به نه ملي سو رش ۾ آئون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وري شاهہ رادِ بدران ڪنهن مائيءَ جي تنگ جهلي بيٺي هيس.

'متونگا' آئي. لتاسين ڪونہ پر لاٿا ۽ وياسين جو اسان پنهنجي هم-سفريائين کي سچي واٽ اهڙيون هدايتون ڏنيون تہ شرافت سان لٿو اسان ڪان ڪونہ ٿيندو، متونگا اچي تہ اسان کي ڌڪو ڏيئي ڪيرائجو. آخر اسين هت پاڪستان جهڙي ملڪ ڪان آيا آهيون... اسان کي اهڙو تڪڙو لهڻ جي پريڪٽس ڪانهي. سفر جي 'مار' ڪان 'شل' ٿيل آهيون. اسان وٽ جلد لهڻ جو اهڙو 'لاءِ' ئي ڪونهي...

'متونگا! متونگا ۾ سندريءَ کي ڳولهڻ!' اڄ بہ سوچيان ٿي تہ وار ڪاندارجيو وڃن. اسٽيشن تي هڪ سنڌي همراهہ ڪو نواب شاهہ جو گڏيو. ائڊريس ڏنم ان جي هٿ ۾. چيم: مهرباني ڪري هن ائڊريس تي رسائي...

اسٽيشن جو ڦڙدو اهڙو سوڙهو هجي جو ماڻهو کي پاسي پاسي ڪان نہ پر هڪ ٻئي جي پنيان لائين ۾ سوڙهو سنگهڙو ٿي هلڻ جي بدران چُرتو ائين ٿي پيو جيئن سوڙهي ابداڻي ۾ اِڳٽ سُري... ابداڻ ۾ تہ خير 'جُون' جي گنجائش بہ نڪري سگهي ٿي، پر هت اهڙي گنجائش بہ نظر ڪانہ ٿي آئي. پنڌرهن - ويهہ منٽ ڦڙدو لتاڙڻ ڪان پوءِ آس پاس جي واٽکي آبادي نظر آئي. ايڪڙ ٻيڪڙ ماڻهو. چڱي خاصي اوندهہ. چنڊ هو پر 'روشني' شايد سندري سان گڏ سمهي پئي هئي. نلي چنڊ جي چوڪيداريءَ ۾ سندري نہ لڏي سا نہ لڏي... ساندهہ ٻہ- ٽي ڪلاڪ پنڌ ڪيوسين. متونگا ڪان ڦري ماهم تي آياسين پڙن تي پساهہ کڻندا- پڇائيندا پنڌ ئي پنڌ. صائما جهڙو ٻارڙو ڪڇ ۾. آخر هٽي ماري وڃي سندري جو فليٽ هٿ ڪيوسين. پر واري فلئٽ مان پتو پيو تہ ٻئي ڄڻا- سندري ۽ اُتم ٻاهر ويل آهن ۽ ٻن ٽن ڏينهن ڪان پوءِ ورندا. مان ڪاغذ ٽڪر تي ساڻن لاءِ نياپو لکي ڏاڪڻ تان هيٺ لهي آيس.

جهڪي جهڪي روشني. ٽڪل ٽڪل ذهن. سندريءَ جي نہ ملڻ ڪري ذهن تي مايوسي. رات جا اچي نوَ لڳا.

ماهم ڪان متونگا، متونگا ڪان وري محمد علي رودِ جو واپسي سفر! ريل جو تصور... ماڻهپي مان ڦري ٻيهر ڪارٽوني جنم وٺڻ! اهو سڀ منهنجي لاءِ انتهائي نہ رڳو ڏکوئيندڙ، ٿڪائيندڙ بلڪ دل ڏاريندڙ هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندي بہ جيوت ڊوڙ ۾ فتحمند شخص کي سامهون ٿهليل شاهراهہ پنهنجي ڪلهن تي چاڙهي پار ڪندي آ... شڪست کاڌل شخص لاءِ ڪو رستو نہ ڪٽڻ بچندو آ اڳيان پنڌ جو... ڇڏن ڪانڌين جي ڪلهن تي بہ بوجهہ پيو پاسندو آ...

سو فيصلو ڪيم تہ بجاءِ پيرن تي زور ڏيڻ جي، پئسن تي زور ڏجي... سو هڪ ٽئڪسي جهلي واپس ورياسين 'ايشين لاج' تي... ايندي ايندي سو ايترو ڪيم جو ٽئڪسي واري کي 'بمبئي سينٽر' اسٽيشن تي روڪي ٻئي ڏينهن احمد آباد وڃڻ واري گاڏين جو ٽائيم ٽيبل پڇندا آياسين. پليٽ فارم تي هڪ ڪُليءَ تہ نہ رڳو موزون ريل جو وقت ٻڌايو پر ٻئي ڏينهن ٽڪيٽون وٺي ڏيڻ- سيٽ تي جاءِ ڏيارڻ جو بہ واعدو ڪيو پنج رپيہ خرچيءَ جي عيوض ۾... هوٽل وٽ لهي، متي چڙهڻ بدران پاسي ۾ هڪ ڪئبن نما هوٽل ۾ گهڙياسين. هال نما هڪ روم هو. ڇڏن ئي پاسي ويڪر ۾ سوڙهيون ميزون، اسان جي ٿهلاءُ جي ڊپ کان سُسل ڪرسيون ۽ ميزن جي وچ تي وڏا ٿالهہ سؤنف جا، جن ۾ بطور ٽِپ ڪجهہ سڪا چمڪي رهيا هئا.

نفسياتي اصول آهي تہ ذهن گهُٽ ۽ ٻوسٽ سان دٻالٽ هجي وات اهڙي ويل نڪاس لاءِ وينٽيليٽر جو ڪم ڏئي ٿو. گهٽو ڳالهائڻ، ٻرو ڳالهائڻ ۽ گهٽو کائڻ جهڙي ننڍي وڏي ڪرت سان ماٺهو ٻاڻ کي کائڻ، کان بچيو وڃي. بئري مِينو جي لسٽ ڏيڻ بدران آڱرين تي کاڌا ڳڻي ٻڌايا. مون ذري گهٽ سيني ڀاڄين جي هڪ هڪ پليٽ جو آرڊر ڏنو. امان ايترو کاڌو ٻڌي 'ٻل' ڏيڻ جي سوران جهڙو سوڙهي سوڙهي ٿيندي رهي. 'متان پوءِ ٻل جي ڊپ ۾ کاڌو دل سان نہ کائي' جي ڊپ کان بئري کان ٻِل پڇي اڳواٽ ئي ڏيئي ڇڏيم. سڀي کاڌي جا ڪل پنج رپيا. کاڄن سان دم ٿيل پلاءُ، تن ڇڏن نمونن جوُن ڀاڄيون، پوريون، تي ڪوپ ٿوٽي واري دوُڌ پتي چانهہ. کاڌو مڙيئي اصلي گيهہ ۾ رڌل. ذائقو اهڙو، جهڙو اسان جون وڏڙيون هِندُن جي هٿن جي ڀاڄيءَ جو مثال ڏينديون آهن...

صبح جو ساڳي هوٽل تان آئون چانهہ جو ٿرماس ڀرائي آيس. وِيهہ پئسا في ڪپ 'دوڌ پتي' ۽ شايد پندرهن پئسا سادي چانهہ... تيار ٿي ٻئگ بند ڪري اُسهياسين اسٽيشن احمد آباد ڪاڪا گنگارام سمرات سان ملڻ لاءِ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ريل جي ارڙهن- اٺويهه ڪلاڪن جي سفر ۾ ڪائي رزرويشن نه ٿي سگهي. ريل ۾ رزرويشن جي آئون هوندي به قائل ڪونه آهيان جو جيوت سفر ۾ آخر ڪهڙي شيءِ آهي جا قدرت اسان لاءِ محض اسان لاءِ رزرو رکي آهي؟ شايد ڪجهه به نه!

ريل جو سفر به زندگيءَ جي ڏکئي سکئي سفر جيان بهرحال گذري ئي ويو. بجليءَ جي زوم تي زڪاوٽ ڪندي ريل ڪل مسافرن کي آمرانه انداز ۾ ساڳي تيز رفتار ڪوڙن سان ڪٽيندي ڌڪندي ۽ ڊوئيندي هلي. قرة ڪنهن هنڌ لکيو هو: 'هت زندگيءَ جي گهاٽي ۾ سموري عوام ساڳئي نموني پسجي ٿي، جت انٽليڪچوئل ۽ غير انٽليڪچوئل جي ڪائي تميز ڪانهي!' هت ريل جي گاڏي ۾ وري گهاٽي کان ڪهڙو گهٽ حشر هو! هت به مهمان يا ميزبان جي وري ڪهڙي تميز هئي! سفر چاهي ريل جو هجي ڪِن زندگيءَ جو- انسان جي ڪُل اٿالي سان هر هنڌ گڙ بڙ گهوٽالو ئي آهي.

ٿين وڳي ڊاري جا وينل هجون ريل ۾ ... متان اچي سنجها وري هئي. ريل ۾ دريءَ آڏو ويٺي جو منظر نظر آيو، سو جڻ پنهنجو ئي حال پائي نظر آيو... ساڳيو جهڙو سنڌ جو نظارو! الائي ڇو ڪي منظر دل کي بود ۾ آڻن بدران بوجهل ڪري اکين کي ابر آلود ڪري وجهندا آهن. هيءَ سنجها ورتي سانوري شام! تيز ڏوڪيندي ٿڏڙي هوا! ڪنهن چيو آهي، 'مسافت ڪيڏي نتيڙي ئي سهي- پر جڏهن هوا درين مان ڏوڪي ايندي آ تيئن غريب الوطن جي دل به ڏک سان ائين ئي پرجي ايندي آ.'

سوچيم: ننيڙي سفر جي هيءَ ائڊهاڪ بنياد تي عارضي بي وطني ئي ايڏو سست ڪندڙ آهي دل کي- پوءِ انهن جو ڇا ٿيو جي صدين کان، سالن کان وار کان سنهي ترار کان تيز جلاوطنيءَ جي پرمننٽ پل صراط پار ڪري رهيا آهن. ڪَي ڪري رهيا آهن، ڪي ڪِري رهيا آهن. آزمائش جو هڪ لامحدود ڪوئي لانگ مارچ آهي، جهڙو ڪر 'ڪوفي' کان 'ڪربل' جو جت وديل ڏڙ پنهنجن وڇڙيل ڏڙن جي سڏن تي ڏڙا ڏڙ ڊوڙي رهيا آهن.

هلندڙ ريل ۾ دريءَ کان نظر ايندي هيءَ سانوري شام. ٻڏندڙ شفق آلود سج جو اَڌ. تراين جي ڪناري وينل خاموش اَڇا پکي. پنهنجن واهيرن ڏانهن ورندڙ مال. هيءُ ٻڏندڙ سج جو اَڌ وري سُيان ساڳيو سجو تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چمڪندو. هيءُ قطار ۾ وينل خاموش پکي ويچي پنهنجي واهيرن ور ٿيندا. هيءُ سانجهين جو موٽندڙ مال بہ اجهو ويچي پيٽي پَر ٿيندو. باقي انسان! جو هڪ دفعو اڏ ٿيو سدائين پيو پنهنجي باقي اڏ لاءِ واجهائيندو. شايد هن ڏرتيءَ تي انسان جي ڪاميڊي اِها آهي تہ ڏرتيءَ جو جو ٽڪر هن کي بيهڻ لاءِ مليو ات اِتفاقن 'نو پارڪنگ' جو بورڊ لڳل آهي. سندس ٽريجڊي اِها آهي تہ هلڻ لاءِ کيس ڏرتيءَ جي ٽڪر بدران سچو 'ڏرتيءَ جو گولو' ڏنو ويو. اهو "شو پيس" ڪنهن مفڪر جي ڊرائينگ روم واري شو ڪيس ۾ بند آهي، جتان ڪان ٻاهر اچڻ جو ڪوئي رستو ئي ممڪن ناهي. اِن الاِنسان لفي خُسراً. انسان واقعي خساري ۾ آهي.

اڪيلي انسان پنهنجي خساري واري هار جي بها اجتماعي نموني تهذيب جي فتح جي صورت ۾ ماٺي. هونئن بہ 'تنهائي' جي شڪست 'تهذيب' جي فتح آهي. تهذيب سا بہ هند جي! سنڌ کان گهڻو مختلف ۽ مخصوص. هند جا رهاڪو تہ هونئن ئي پنهنجي تهذيب پريندئي سنُدور جي صورت ۾ پيشانيءَ تي چمڪائي گهمندا آهن. سندن سندور جي سڳنڌ هند جي هوائن ۾ بہ گهليل مليل پئي پاسندي. ماٿهو ماٿهو داٽي جيئن پنهنجي نصيب تي پنهنجي تهذيب جي مهر ثبت ڪري پنهنجي تقدير ان تلڪ جي ڇپر ڇانوَ تحت محفوظ ڪيو گهمن. ريل جو ڊبو ڪچا ڪچ مسافرن سان ستيل هجي پر ورلي ڪو ڏسبو جو اِن سندور جي سڳنڌ کان سواءِ هجي. مون پنهنجي عمر ۾ پانت پانت جا ماڻهو ڏٺا آهن، پاڪستان جا ڪل صوبا گهمي آهيان، نموني نموني ڏرتيءَ جا حصا ڏٺا آهن: ڪا ڏرتي طباً غريب ۽ حليم محسوس ٿيندي ۽ هر ويل پنهنجي مظلوميت ۽ غربت جو احساس ڏياريندي رهندي. مثال طور شاهہ نجف جي ڏرتي، جنهن تي بير رکندي روئڻ کان سواءِ رهي نہ سگهجي. ڪا ڏرتي زوراور وات ڦاڙهي، خود غرض ۽ بي حيا محسوس ٿيندي. ڪنهن ڏرتيءَ جي رستن جا نالا بہ چڪن يا چڪلالن جهڙا هوندا، جنهن جا ماڻهو پنجن پاڻين جي ملاوت جو محلول پنج آبي هوندا. ڪا ڏرتي حيادار شرم وندي ۽ غيرت مند هوندي جا ڏارين جا ڏک سهي نہ سگهندي ۽ شرم کان ائين ڦاٽي پوندي جيئن موهن جي دڙي واري ڏرتي! هند جي ڏرتي عام ڏرتين جي مقابلي ۾ ڪجهہ سخت نظر آئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوءَ هر ويل هر گهڙيءَ پنهنجي هوائن جي آڌار، پنهنجي تهذيب جي دوار، اوهان کي احساس ڏياريندي رهندي تہ اوهين هينئر هند ۾ آهيو. سرير پل اوهان کي پنهنجو هجي پر ساهہ لاءِ هوا اوهين هند جي کٽي رهيا آهيو. رزق پل اوهان کي پنهنجي نصيب جو هُجي پر 'روٽي' اوهي هِند جي کائي رهيا آهيو. هوائي اڏي کان وٺي هوٽل تائين، هوٽل کان ريل جي بند دبي تائين، هند جي مخصوص تهذيب گڏ گڏ سفر ۾ ساڻ رهندي. ايتري قدر جو وڏن ويڪرن رستن تان گهمندي، رستن تي ڪتل وڏا مذهبي رهنمائن جا بُت، ڪنهن آئسڪريم ڪائڻ جي ننڍڙي ڪول ڪارنر اندر چؤ پاسي ٽنگيل وڏين تصويرن ۾ ڪرشن ۽ سندس گوپين، راجائن ۽ مهاراجائن جون تصويرون ائين آويزان هونديون جو مذهب تهذيب جو حصو نہ هوندي بہ تهذيب ۾ مذهب جو رنگ شايد محسوس ٿيندو ۽ انسان کن پل لاءِ هندئن جي ڀڳواني بوتن ڏي سربسجود ٿيڻ بدران انهن هٿن ڏانهن پيو سر ٽيڪيندو جن جي ڪمال ڪاريگريءَ هنن ڀڳوانن کي تصور جا سور کائي جنم ڏنو. هند جو چپو چپو هوئڻ بہ فنِ تعمير ۾ ڪاريگريءَ جي لحاظ کان دنيا جي مقابلي ۾ آخري سَندَ آهي. شايد اهوئي سبب آهي جو هت ٻاهرين سياحن جا (ڳچي ۾ پاتل ڪئميرائن سان) نٿ لڳل نظر ايندا. ڪئميرائون سياحن جي ڳچين ۾ پاتل هونديون پر هت مقامي ماڻهو معمر شخص پيشانيءَ تي سندور ۽ نوجوان ڇوڪرا ڳچيءَ ۾ سنهڙيون زنجيرون ۽ ٻانهن ۾ ڪنگڻيون پاتل عام جام ڏسبا. انهن زنجيرن ۾ سنهڙا چانديءَ جا پترا اهڙا سهڻا جو ماڻهو ڏسيو ڏسي نہ ٿڪجي وارو قصو. ڳچي ۾ پاتل ننڍڙيون ميز ڪرسيون، بليڊ پالا، ڪات کهاڙين کان وٺي ويندي، ڪرشن، راجائن ۽ مهاراجائن جا سنهڙي اُڪر سان مونو گرامہ. في اڪر ڏهہ رپيا. ڪي ڇوڪرا پنٽيون زنجيرون پاتل بہ نظر ايندا. هڪ زنجير ۾ بليڊ پيو لڙڪندو تہ ٻيءَ ۾ انگريزي حرف اي بي سي هوندا جي ٻڪ سان سندن گرل فرينڊز يا مڱيندين جي نالن جا پهريان لفظ هوندا. ڪڏهن حرف بليڊ مٿان هوندو تہ ڪڏهن بليڊ حرف مٿان، پر سچ پچ پنهنجي مڱينديءَ يا گرل فرينڊ جي نانءُ تي حرف نہ آٽيندا جو نيٺ تہ ٻانهن ۾ ڪنگڻ بہ هوندو آٿن. هوئڻ بہ هند جو مجموعي طرح ايوريج مرد طبيعتن سادو سودو ۽ اکين ۾ شرافت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پريل نظر ايندو. هند جي عورت سادڙي، سباجهڙي، سانوري رنگت، چيرولي اکين سان، سنهڙي بدن تي سوتي ساڙهي پاتل. اڪثر عورتن کي پويان بلائوزن جا وڏا گلا تراشيل. هيءَ هند جي عورت! هن جي اک ڪيڏي سندر آهي! هن جي اک حيادار آهي ان ڪري سندر آهي. عام عورت جي اک ڪان وني ويندي اندرا جي اک تائين. هند جي اک جي جيڪڏهن پاڪستاني اک سان ڀيٽ ڪجي ته هند ته ڏسي ئي اندر جي اک سان پر پاڪستان نانءُ توڙي ناماچاري لحاظ کان مرداني خاني ۾ اچي ٿو. (هت مرداني خاني کي مردا خانو يا مردارانا خانو نه پڙهيو وڃي.) سو پاڪستاني اک کي بي حيا آهي. اسان وٽ بسم الله وارو پلارو دور ڏسڻ جو شروع ٿيو ئي ڪاٿي اک سان. سو اسان وٽ به حيا آهي، پر هڪ اک ۾ اُها جا ڪاٿي آهي. بي اک اڪثر لڙايل آهي، سا مشغول آهي.

’اک جو ڏيءُ- ڀيٽ جي بُک‘ واري چوٽي اسان وٽ پل سنئي سبتي هجي پر هند ۾ اُبتي هلندي ڏسبي. ٿوري ڪٿئي گهٽي برڪت واري چواٽي، هند ۾ ڪافي سستائي ڏسڻ ۾ آئي. ڪنهن وڏي اسٽيشن جي پليٽ فارم تي بيٺل ريل ۾ دريءَ آڏو ساوا سندرا چيلهه سان هڏيو پنهي هٿن تي ’روٽيءَ‘ جي ٿالهي سجايو ٻئرا ’روٽي... روٽي‘ جا سڏ وجهي رهيا آهن. روٽيءَ جي پوري ٿالهي؛ ڪُل قيمت ساڍا ٽي روپيا. ٿالهيءَ ۾ پوريون، پٽاٽا، دال، دَهي، چانور ۽ ٻيون يا ٽيون ڪسٽر وغيره. پنهنجي پنهنجي جاءِ هر ڪانچي ۾ ائين فِٽ هجن جيئن موتي منڊيءَ ۾ فِٽ. ان ڪانسواءِ پليٽ فارم تي پوريون، پٽاٽا، پڪان ۽ پيل پوريون ترڻ وارا به جام نظر ايندا. ڪاڏي جون شيون ايڏو عام جام پوءِ به اڪثريت ماڻهن جي بجاءِ مارو ڪرڻ جي جهڙي ’جام‘ ٿيل. گهٽي ڀاڳي مسافرن جو پاڻ سان آندل روٽي پاٽي تي گذارو. ڪي رڳو ڏسيو ۽ ڏسي ئي ڏءُ ڪري ويلو ٽارڻ ۾ خوش. لڳو ائين ٿي ته هت هند جا ماڻهو ڪاڏو رڳو جيئڻ لاءِ کائين ۽ مرڻ لاءِ بچائين، جو اسان کي جيئري ته کپي پر مُئي به کپي ئي کپي.

سفر ۾ سوغات به کپي پر سوغات اهڙي جا ٽائيم ۽ اسپيس جي پابندين کان مٿيري هجي ۽ دل کي ڏڍ ۽ روح کي راحت بخشي. اهڙي سوکڙي وٺڻ واري هٽ جو ته مان مٿانهون ته آهي ئي پر ڏيڻ وارو هٽ ته هونئن ئي وٺڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واري هٽ کان متيرو ۽ بلند آهي. ٿيو هيئن جو جنهن ڏهي ۾ اسين وينا هئاسين، اُت ڏهه ٻارهن پير پريان هڪ هندو ڪٽنب سفر ڪري رهيو هو. منجهن هفتي ڏيڍ جو چاول هڪ ننڍڙو ٻارڙو به هجي. ان ٻارڙي جي روئڻ جو آواز جيئن ئي صائما جي ڪنن تي پيو، جا هونئن ئي مسلسل سفر کان سخت بيزار ۽ چڙچڙي ٿي پئي هئي، تيئن صائما مائي ضد ٻاريو ته "مون کي وٺي هلي اِهو ٻارڙو ڏيکاريو." کيس هڪ ٻه دفعو ڪڇ ۾ ڪري هلندڙ ريل ۾ وچي ٻارڙو ڏيکاريم به سهي پر سندس هر دفعي جي ضد تي گهڙيءَ گهڙيءَ اچڻ وڃڻ ڪجهه مناسب ڪونه لڳم جو اُن خاندان آڏو وچ ۾ پيل سامان تي هڪ عرب سگورو اچي وينو هو. منهنجي هر دفعي جي اَچڻ وڃڻ ڪري کيس جو نونٽيون ۽ ٽڏا تي لڳا سي خود مون کي ڪين ٿي وٺيا. شايد اُن عرب کي وٺيا ٿي جو هر ٽڏي تي هڪ قدم وڌندو اُن خاندان ۾ گهڙندو ٿي ويو. مون صائما کي ٻارڙو ڏيکارڻ بدران هاڻ عرب ڏيکاري کيس سرچائڻ جي ڪوشش ڪئي: "ڏسُ امان، هي عرب مُٽي تي رڌٽو رکي وينو آهي." عرب کي مٽي تي دسترخوان جهڙو پوتڙو پاتل هجي. اُن پوتڙي مٿان اُبي اُکريءَ جهڙي ٽوپي ائين پاتل هجيس جيئن عام طور زالون پٽ کي دم ڏيڻ لاءِ ديگڙي تي آلو ڪپڙو وجهي مٿا اُکري اُبي ڪري رکنديون آهن. چوڪري نه سرچي سا نه سرچي. سندس روئڻ جو آواز اُن خاندان جي ڪنن تي پيو. نوزائيده ٻارڙي جو پيءُ ٻار کي رهڙ تي وجهي رلڪيءَ ۾ ويڙهي اچي مون آڏو بيٺو. چئي: "جيسين تنهنجو ٻارڙو سرچي تيسين هيءُ منهنجو ٻارڙو پل تون پاڻ وٽ رک." نه چاڻ نه سڃاڻ. هو هند جو رهاڪو، آئون سنڌواسي. پنهنجو ٻارڙو منهنجي هنج ۾ ڏيئي جڻ سموري هند منهنجي جهوليءَ ۾ پري ويو. ٻارڙي کي گهڻيءَ دير رکڻ مناسب نه سمجهي ٻارڙو مون پيءُ جي حوالي ڪيو. هن صائما کي ڏسي پيار مان کيس پچڪاريندي چيو، "بي بي، تون هلي اسان وٽ ويهه. هيءُ ٻارڙو تون پاڻ پنهنجي هنج ۾ سنڀار." صائمه ٻارڙي جي لالچ تي ساڻس هلي وئي. هن شخص پنهنجي هنج ۾ صائما کي ويهاريو ۽ صائما جي هنج ۾ پنهنجو ٻارڙو وڌو. ڪِن رکي جا وچي ڏسان نه صائما ٻارڙي کي ڏو گابرو هنج ۾ ڪري پاڻ اُن جي پيءُ جي هنج ۾ آرام سان ستي پئي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هند جي هندوري ۾ سنڌ کي اهڙو آرام ۽ سڪون سان سمهندي ڏسي منهنجي دل جو سڪون محسوس ڪيو، سفر ۾ خوشگوار احساس جي اها مالا مال سوکڙي ساهه سان اڄ به گڏ اٿم.

هند جو وقت ۽ ڪرنسي ٻئي پنهنجي پاڪستاني وقت ۽ ڪرنسي کان مختلف آهن. هو وقت ۾ اسان کان اڌ ڪلاڪ اڳيان ۽ رپئي ۾ اسين هنن کان چار آنا پنتي پيل آهيون. هند جي بئنڪ اسان واري رپئي جي قيمت جي موٽ ٻارهن آني ۾ ڏيندي. پاڪستاني فقير خيرات ۾ گهُر هڪ رپئي کان گهٽ جي نه ڪندو جڏهن ته ڀارت ۾ هڪ رپئي جو نوٽ جيڪڏهن کيسي ۾ آهي ته ماڻهو پاڻ کي امير پيو ڀائيندو. شروع شروع ۾ هند جو رپئي وارو نوٽ امان کي سمجهه ۾ نه پيو اچي. ريل ۾ ڪا شيءِ تول وٺندي هر دفعي ڪڏهن مون کان ته ڪڏهن پنهنجي پر واري مسافر کان ٿي پڇيائين: "آبا، هيءُ گهٽي جو نوٽ آهي؟" امان جي پر واري سيٽ تي هڪ شڪل شبيهه جو چڱيرڙو پڙهيل ڪيل سوٽيل بوٽيل شخص سفر ڪري رهيو هو. آئون احتياطن خاموشيءَ جي ڪوشش ۾ هئس جو نه ٿي چاهيم ته هرويرو هت ڪنهن کي خبر پوي ته اسين نه رڳو هت اوپرا پر بنه اوپرا آهيون. وڏي ڳالهه ته هيڏي سفر جي سختي سهڻ کان پوءِ جنهن اسٽيشن تي لهنداسين ات اسان کي ڪوئي وٺڻ به ڪونه ايندو. هو شخص سمجهو هو، سو سمجهي ويو. نيٺ هن سڌو مون کان سوال پڇيو، "اوهين هت شايد ڪٿان ٻاهران کان آيل آهيو؟" مون کيس ننڍڙو جواب "جيءُ" جو ڏنو. پر امان کيس سڄي هسٽري شيٽ کولي ٻڌائي: "آبا، گنگا رام وٽ ٿا وڃون ۽ اجهو هيئنڻ ٿا وڃون." هو شخص ڳالهه ٻڌي سخت حيران ٿيو. سنڌ کان هند جو سفر! محض هڪ خط جي آڌار تي؟ هُن چيو، "هڪ ته احمد آباد خاصو پري... پوءِ سهج پور به ايجا پري. هيءَ گاڏي اسُر جو اوهان کي ٽين ڄڻن وڳين ڇڏيندي اوهين ڪمهلو هن جي گهر ڪيئن پهچنديون؟ وڏي ڳالهه ته جنهن شخص وٽ وڃي رهيون آهيو، ٿي سگهي ٿو اهو شخص ڪم سانگي شهر کان ڪٽ ٻاهر ويو هجي [illegible] وغيره وغيره.

مسڪرائت جو [illegible] سچو [illegible] [illegible] جي [illegible] هجي [illegible] اهو [illegible] جي ٻڌران رڳو ايمان جي آڌار تي آيا هئاسين [illegible]

پنهنجي ڪنهن مطلوب ماڳ تي لهي پيو، جو عقل تي هلندڙ همراهن کي اسٽيشنون جهڙ ملي پونديون آهن. ڳالهه هت اسان پارن جي اهي جن کي ويجهڙائيءَ ۾ ڪا جنڪشن نظر ٿي ڪانه اچي.

احمد آباد واقعي اَسر جو ٽين چئين وڳي آيو پليٽ فارم تي ڪاري رات بلبن جي روشنيءَ کان هارايل ٿي لڳي. صلاح ٿي تہ فجر جون چار گهڙيون ويٽنگ روم ۾ گذارجن، پوءِ صبح ساجهر جو سج جي ڪنهن ڪرڻ جي ڪُنيءَ ۾ پاڻ کي اٽڪائي اُن جي روشنيءَ جي رهنمائيءَ ۾ 'مڪان' ڳولهجي.

ويٽنگ روم ۾ سامان رکي ساهي پٽي چانهہ سان پاڻ کي چاهي ڏيئي ٽورو ڦرٽ تي آئون پليٽ فارم جو ٽورڙو جائزو وٺڻ لاءِ ٻاهر آيس. اڃا ٽورو ٻاهر اچان تہ ڏسان هڪ ٽئڪسي وارو ٽورو ڪروندڙو ٿي پاڻ تي ڪنبل اوڍي اڳين سيٽ تي جهوٽا کائي رهيو آهي. مون ائين ئي کائنس ڪٿي پڇيو: "آبا، سهج پور هلندين؟" وراڻيائين: "ها." ڪيس سڄي صورتحال سمجهايم تہ سهج پور اسان جو ڏٺل ڪونهي. جنهن گهر ۾ ويندا سين اُهو گهر بہ ڏٺل ڪونهي. وڏي ڳالهہ تہ جنهن گهر جي مالڪ سان ملڻ وڃي رهيا آهيون، اُهو مالڪ ئي ڏٺل ڪونهي. مطلب اِن سموري ڳالهہ چوڻ جو اِهو هو تہ ٽئڪسي وارو سموري جوابداري پنهنجي سر تي کڻي اسان کي مطلوب ماڳ تي رسائي. چئين پنجين جو وڳڙو. رستن تي خاصي اونده. نناڪڙي چنڊ جي اوڀاسين ۾ آسمان ۾ تارا بہ جهڙا نيم ستل. احمد آباد جا وڏا ويڪرا شاهي رستا ڏسي دل جهڙي سسڻ پئي لڳي. مون سمجهيو هو احمد آباد ۾ سهج پور ائين هوندو جيئن حيدرآباد ۾ ٽنڊو ولي محمد آهي. پر هت لڳو ٿي تہ رستو کٽڻ جو نہ هو. ٽيڪسي اونده کي اُڏاريندي مسلسل هلندي رهي. ڪٿ ڪٿ ڪنهن مندر يا ٽڪاڻي ۾ وڏن وڏن پٿرن مان ٺهيل رنگين ٻتن آڏو چمنيون ۾ ڏيئا ٻري رهيا هئا. لوبان جي مهڪ هوا ۾ رلجي ذهن کي نستو ٿي ڪيو. ڪٿ ڪٿ ڪا پوليس چوڪي نظر ٿي آئي جت پوليس وارا اسٽيشن تي متا ٽيڪي 'ننڊ' ۾ جاڳي رهيا هئا. اونده ۾ اوپرو ماحول جت ذهن کي ڏڄ وچان هوشيارڻدڙ هو، اُت وڏن ويڪرن رستن تي ٿڌڙي هوا دل کي سست ڪندڙ لڳي. رستو لڳو ٿي کُٽڻ جو ئي نہ آهي، ۽ اُن وقت حالت وري اسان جي ائين هئي جو ٽيڪسي وارو جيڪڏهن پنهنجي در تي لاهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوي ها: ’اِهو اٿانوَ گنگا رام سمرات جو گهر‘ تہ اسين پڪ سان احمد آباد جي ڪل ماڻهن جي گهرن کي گنگا رام جو گهر سمجهي گهڙي پئون ها.

سهج پور جي نيم ستل رستي تي هڪ چوڪيدار چلم ۾ تانڊو ٻاري رهيو هو. ٽيڪسي واري ڪانئس پتو پڇيو پر هن لاعلميءَ جو اِظهار ڪيو. اتفاق سان اسان جي پنيان ڪا ويگن اچي رهي هئي. اُن ويگن واري رڙ ڪري چوڪيدار کي چيو، ”اڙي، پريس والا گنگا رام نهين جانتا هي؟“

ويگن واري جي رهنمائيءَ ۾، اڳيان هُو، پويان اسان جي ٽيڪسي، سڌو اچي ڪاڪا جي در تي لٿاسين. جيسين ٽيڪسي وارو در تي گهنٽي وڄائي تيسين مون ٻاهر واڍيو منڊل جي واٽڪ ورتي:

صبح صادق جو پهريون سلام پکين پر پکيڙي وڻن جي لامن تي لاٿيون لهندي ڪيو. باقي سوا گت سوئرن ڪيو جي هت هُت ائين گهمي رهيا هئا جيئن اڪثر گهرن ۾ پليون ۽ گهٽين ۾ ڪتا گهمندا آهن. الائي ڇو اسان وٽ عام طور لفظ ’سوئر‘ بطور گار يا ڪرب ۽ ظلم جو احساس ڏيارڻ لاءِ استعمال ٿيندو آهي. پر هت سچ پچ جا ايڏو ويجهو ايترا معصوم سادا ۽ صوبر سوئر ڏسي پنهنجي اندر جو سوئر وڏيڪ ظالم ۽ زوراور نظر آيو. هيڏانهن هوڏانهن گهمندڙ سوئر اسان کي ڏسي اسان جي پيرن تي ائين ٻوٿيون رکڻ لڳا ڄڻ انسان جي اندر جي سوئر جو زهر چٽيندا هجن.

سڄو پاڙو ڄڻ ڪنهن هڪ حويلي جي چوڏيواريءَ ۾ محفوظ ٿي لڳو. وچ پيچري تي دکي سان ٻڌل نلڪو هجي جت ڪا مائي مٽڪا ڀري رهي هئي. ڪا صبح ساجهر ٿانوَ ڌوئي رهي هئي. ماين آڏو ٻارڙن جو هڪ ڊبلو هجي جي راند ۾ گولو ٺاهي گهمي رهيا هئا. ڪجهه ڳائي رهيا هئا صبح ڪاذب جو رام جو گيت:

بن ۾ نہ وڃ رام، منهنجا نيڻ روئندا،
توکي اُڃ لڳندي، پاڻي ڪير ڏيندءِ؟
توکي بک لڳندي، ماني ڪير ڏيندءِ؟

پويان جا اکر ياد ڪين اٿم پر الل صبح جو ٻارڙن جا ٻهڪندڙ چهرا ۽ سندن پيارا ٻول ڪنن کي بيحد پيلا ٿي لڳا.

پيچري ڪان پريان ننڍڙي پاڻيءَ جي ڪاڻ اُن ڪاڻ ڪان ڪجهه پرپرو ريل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جون پنڙيون، لئين، لوڙهن، وڻن ٽڻن جا جهنگلا. ڪاڪا جي در آڏو پڪين سرن سان ٻڌل ٿلهو هجي، جت پر ۾ هڪ ڪٽ اُڀي رکيل هئي جنهن پنيان هڪ مادي سوئر پنهنجن ٻچڙن کي تازو ڏارائي اُٿي هئي. انتهائي ئي سادو ۽ جفاڪش ماحول. لڳو ٿي، هت ماڻهن کان وٺي مرڻ تائين، جيوت صبح جي ماڪ ۾ منهن ڌوئي پنهنجي فرض پنهنجي فطرت ۾ جنبي ويندي آهي فنا ٿيڻ جي حد تائين ۽ سج جي روشني ۾ وري نئين سر جنم وٺندي آهي ڪايا جي ڪرنڦل ۾ مکڙين جيان چڪڻ لاءِ. سنجهي ويل سڀي ڏينهن جو حساب ڪتاب! نيايل فرض چانديءَ جي سڪن جيان چنڊ جي روشنيءَ ۾ چمڪندو آهي. ۽ جيوت پنهنجي ڪمائيءَ تي اطمينان جو آرس پيچي ويچي بستر تي آرامي ٿيندي آهي.

ٽيڪسي واري در تي گهنٽي هنئي. جواب ۾ اندران ٻڻ اَن ٿيو: ٻاهر در تي لڳل بلب ٻريو ۽ پوءِ در کليو. سامهون ڪاڪا بيٺو هو. سندس تيز اکين جي روشني آڏو بلب جهڙو پيلڙو ٿي لڳو. الائي ڪيئن، ڪهڙي آڌار تي سڃاتئين! اُتان در تي ئي ورائيائين: ”اڙي گڏي!“ چيم: ”ها، ڪاڪا برابر آئون ئي آهيان.“ ڪن پل ۾ ٻاهر آيو. مون کي چيائين، ”تون اندر هل، مان پاڻ سان ٿو سامان کڻي اچان.“

اندر وياسين: هڪ روم هو جنهن ۾ ڪاڪا جا ٻار ۽ ڪاڪا جي گهر واري آرامي ٿيل هجن. شايد گهنٽي وڄڻ جي آواز تي ڪاڪا جي گهر واري کٽ تي اُٿي ويٺي هئي، اسان کي ڏسي اُٿي بيٺي، آئي ۽ اَچي ڀاڪرين پئي. جهٽ پٽ ڏار ستل ٻارن کي سهيڙي گڏي هڪڙي پلنگ تي ڪيائين. اسان کي ٻه ويڪريون کٽون نويڪليون ڪري ڏيئي پاڻ جهٽ ويئي چانهه جو سانبهو ڪرڻ. ڪاڪا ٽيڪسي مان سامان لاهي اچي پاسيرو ڪيو. مون کان سفر جو حال ٻه پيو پڇي. نذير ناز جي خيريت معلوم ڪندي مرڪي ٻه پيو. مون ڏي ڏسي خوش ٻه پيو ٿئي. اَمان کي ڏسي چوڻ لڳو، ”اڙي گڏي، تنهنجي امان کي ڏسي تہ سموري سنڌ جا سالن کان وڇڙيل هئي جهڙو اوچتو منهنجي گهر پنهنجو پاڻ هلي آئي آ. پڪي ئي سنڌياڻي اٿيئي تنهنجي ماءُ. ساڳي سنڌ واري سادگي، ساڳي سنڌ واري.“

جنهن روم ۾ اسان جو ديرو هو ان سان لڳ هڪ ننڍڙي ڪوٺي هجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن ۾ ڪاڪا جو پلنگ، پاسي هڪ دريءَ تي ريڊيو ۽ سامهون ميز ڪرسيون رکيون هجن. ڪتابن جا انبار سامهون ميز ۽ ڪٻٽ ۾ دريءَ تي ڪاڪا جو ٽيلهو هجي. مون کي سڏ ڪري اُن ٽيهي مان ٽي چار مهينا پهرين منهنجو لکيل خط ۽ ٻيا ڪوڙ ڪڍي ڏيکاريائين. چئي: "ڏِس، هيءَ تنهنجو خط، جنهن ۾ تو ڇڙو سرسري طور انڊيا اَچڻ جو لکيو هو. پر مون هت پنهنجن سمورن دوستن کي مختلف شهرن ۾ خط لکي ڇڏيا آهن جيئن توکي انڊيا جي ٻين شهرن ۾ ڪا تڪليف نہ ٿئي."

چانهہ پي حال احوال ڪري اسين ٿورو اَهلي پياسين. اِن وچ ۾ ڪاڪا صبح جو سنان ڪري، اَڇو وڳو اوڍي، تيل سرمون پائي ويو پاڇي پُتي وٺن، جو اِها ڪِرت ڪاڪا جي روزمره جي نيم ۾ آهي.

لاٿي ڪيڏي سمهي ڪاڪا بازار مان موٽي آيو، ناشتو ٺهيو، ذهن کي جاڳ هوندي بہ حواس جهڙا نستا ٿيا پيا هجن جو هو اَچي منهنجي سيرانديءَ ويٺو. چئي: "ٿڪل برابر هوندئين، پر اُٿ، چند اديب دوست توساڻ ملڻ آيا آهن. پل ڪجھ دير لاءِ ئي سهي، تون هلي ساڻن مِل." ڪاڪا جو بازار ويو هو پاڇي وٺڻ، اُت رستي ۾ ڪيس ڀاءُ هنس راج پنجابي مليو. ڪاڪا ساڻس منهنجي اَچڻ جي ڳالھ ڪئي ۽ هن پنهنجن ٻين يارن سان ۽ اهڙي طرح مڙيئي دوست اَچي ڪاڪا جي گهر ڀيڙا ٿيا. ادو هنس راج پنجابي، ڀاءُ هوند راج بلواڻي، ڀاءُ پريم پرڪاش ۽ ادو شيام رام رکياڻي- چار ئي دوست اَچي ويٺا ڪاڪا جي ڪتابن واري ڪوٺيءَ ۾ جو اِن ڪوٺيءَ کي ٻاهران رستي تان بہ دروازو هو. سندس گهر کي تازو چُن جي پوچي ٿي هئي جو ڏياريءَ جو ڏڻ ويجهو اَچڻ وارو هو. ننڍڙو نويڪلو گهر. صاف ستريون پٽيون. سدا سپاجها ڀاتي: ننڍڙو ڪڪو صائما جيترو، ڪِڪي چوڏهن پندرهن سالن جي ۽ اِنهن ٻارڙن جي ماءُ. وڏو ڪِڪو پرڏائي ڏار گهر ڏٺي ڪيو اٿن. گهر جي سادگي ۽ صفائي مڪينن جي ستر پوشي جي ساکي ٿي لڳي. لڳو ٿي تہ هت بنگلن ۾ وسندڙ پڙ پانگ اُداسي ۽ بيماري نہ پر جيوت جو صحيح تصور پلجي رهيو هو. آئڊيل محبت جي چؤديواريءَ سان محفوظ گهر جت دين ڌرم، علم حلم، صحت سکيا- سڀ ڪجھ پنهنجن ڀاتين منجھ ڀاتين سان گڏ پلجي رهيا هئا. شايد جندڙيءَ جا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منفي رحجان جي جيوت ڪي سُري جيان ڪايو سائڙيو ڇڏين، ڏياريءَ جي ڏڻ تي هر ڀارنهين مهيني جراثيم ڪش ڇڻ جي ليپي سان لهيو ويڃن- ۽ انسان هر ورهيہ وري ايندڙ ورهيہ تائين تازو توانو ڏوتو پوتو ٿيو پوي.

چار ئي دوست مڙي آيا مِلڻ. نسون نستيون ئي سَهي پر مريادا بہ ڪا چيز هئي. رئو رکي مٿي تي وجي ڪين ڪيڪاريم، يا ڪين الائي هنن ڪيڪاريو. ڪنهن، ڪنهن کي ڪيڪاريو، پتو ئي ڪِٿ پيو! لڳو تي الائي ڪهڙي جڳ، ڪهڙي جنم سيني ساٿين جو ضمير ساڳي مِٽيءَ مان جڙيل هو. مختلف جسم ساڳي ٻولي ڳالهائي رهيا هئا. جدا جدا ماٿهو ساڳي ئي محرڪ جي ٻَل تي ٽڪي رهيا هئا. سنڌي ٻوليءَ جو ٻَل! سنڌ جي ڌرتيءَ جو دَم! ادبي ڪيتر جو ڏيڌ!

پريم پرڪاش سکن واري سونهاري ۾ سيني کان نيارو هجي. وات تي گهڙو مَٿ سو گهٽ هجيس. رکي رکي ريمارڪس اهڙا ٿي ڏنائين جو وَئي ٿي دل خوش ٿيندي. ڏاڍو ذهين ۽ Witty نوجوان. شيام رام رکياٽي ائين هو جيئن اَسان وٽ جسم ۾ عبدالقادر جوٹيجو ۽ مزاج ۾ عبدالجبار جوٹيجو آهن. جبار ڪڏهن ڪڏهن حرام پائيءَ ۾ هٽي بہ ويندو، پر رام رکياٽي اَصل رَک ۾ رهندو. ٿوري ڳالهائڻ ۽ گهٽي سوچڻ وارو هيءُ ٻاءُ لڳو ٿي، انسان تہ ڇا ڪيولين کان بہ ڪيپائيندو هوندو. هَنس راج پنجابي! جهڙو بدن جو ڳرو پاڻ تهڙي ڪاريائين ڳري ماني... احمد آباد جي ٻن ڏينهن واري پروگرام ۾ پهرين ماني جهلڻ وارو ادو هنس راج هو. سندس جسم ۾ گوشت گهٽ پر شفقت گهڻي پريل لڳي. سِلوموشن ۾ سندس مسڪراهٽ ڪيس تہ ڦهلايو هو پر ڏسڻ وارو بہ پيو ڦولجندو. لڳو تي ٻاءُ هنس راج وٽ جسم جي وزن کان وني ذهن جي وزن تائين صبر ۽ شڪر جهڙا گُڻ گهڻا ڀريل آهن. سندس پتني 'رجني' ۽ بہ سمارٽ ڪِڪيون سندس متاع حيات آهن جن سان پورءِ ٻئي ڏينهن تي احمدآباد جون گهٽيون گهمڻ وياسين. پڇاڙيءَ جو ٿڪجي هڪ آئس ڪريم جي دڪان تي سڀ نمونا آئس ڪريم جا گهرائي، اَلائي گهٽيون پليٽون چَٽ ڪيوسين، ڪُل بِلِ آيو پندرهن روپيا جو جهٽ ڏيڻ ۾ مون کي عار ڪونہ ٿيو.

هوند راج بلواٽي! گنڀيرتا ڀريل اکين ۽ خاموش لهجي ۾ ڳالهائيندڙ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌي ٻولي ۽ ڪلا جو پڪو پرتيوان. ٻارڙن جي ادبي ڪيتر جو ڪنٿار. ادو هوند راج! ڊيرج سياءَ وارو منهنجو پيارو ادو جنهن کي اڄ به پنهنجي گهر جي اڱر ۾ نويڪلي ويهندي آهيان ته ياد ڪندي آهيان. ماٺهو نارمل رهڻ لاءِ ٽائيم ٽيبل تي زندگي گذاريندا آهن پر آئون پنهنجي پيار جي تشفيءَ لاءِ وقت به وقت هوند راج کي ساريندي آهيان. چٺي چپاتي، خط پٽ جي پل ڪان سواءِ ٿي سندس پيار مون کي هند پار ڪندو آهي. ۽ آئون محض ثواب خاطر ڪيس ساري جڻ پاڻ کي سيرياب ڪندي آهيان. ڪڏهن ڪڏهن هڪ ٻيو پيار به دل کي زيربار ڪندو اٿم. اُهو پيار اٿم ارجن سڪايل جو جنهنجو بسيرو بمبئي ۾ آهي. جنهن جو ڪتاب ’آ ڪانگا ڪر ڳالهڙي‘ پڙهي اڄ نه دل روئي روئي ويهندي آهي. ڊاڪٽر ارجن پنهنجو هي ڪتاب سنڌ جي اُنهن ڪانگڙن نالي ارپيو آهي جي ڪڏهن سنڌ ۾ سندس گهر جي اڱر جي وڻ تي اچي ويهندا هئا. ڊاڪٽر ’سڪايل‘ سنڌ جو سڪايل آهي. مون کي هڪ وار ڪيس ڏسڻ جي سِڪ آهي. ڏک پنهنجي سِڪ جو اٿم جا اَلائي پوري ٿيندي يا نه ٿيندي! اَلائي ڪيترو بوجهو دل تي سهي سندس ڪتاب پڙهڻو پوندو اٿم. ’ارجن سائين! تنهنجا ڪانگا ته توسان گڏ تو جيان ٿي وکري وچڙي ويا هليا. هاڻ ته تنهنجي سنڌي ٻوليءَ ۾ تنهنجي پڪار الائي سمجهن نه سمجهن باقي سنڌ جي هڪ ڪوئل اڄ به توکي پنهنجي پوري درد سان پڪاري ٿي!‘

قلم اَلائي ڇو پيار جي ترڪڻ تي هيڏانهن هوڏانهن ترڪيو ترڪيو وڃي. ڳالهه ته ڪيم ٿي ڪاڪا واري ڪوٺيءَ ۾ ڇٺن يارن جي ڇوَياريءَ جي، جن پيار جا پيلر هٽي راحت جو هڪ ٻيو روم اڏي ڇڏيو هو روح ۾! هوند راج جو ذڪر ڪندي قلم ڪسڪيو هو. جنهن ٻئي ڏينهن صبح ساجهر ٻاهر ٿلهي تي ڪٽ تي ويٺي هيس جو اچي مون پر ڪٽ تي ويٺو هو ۽ پنهنجي يارن لاءِ سنيها ڇپيا هئا پنهنجا ويچار ورتايا هئا سنڌ لاءِ، سنڌي ادب لاءِ. ڪڏهن ولي رام کي ٿي ساريائين، ڪڏهن ظفر حسن جو ٿي پڇيائين ته ڪڏهن طارق اشرف کي ٿي پڇاريائين. چئي: ”سنڌ ۾ سنڌي نوجوان خاصو تخليقي ادب تخليق ڪري رهيا آهن. سنڌ ۾ تخليق تي زور آهي جڏهن ته هند ۾ ادب جو گهڻو زور تحقيق تي آهي جو تحقيق جي اڏار اِنسان تنڪو تنڪو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪٿي پنهنجو ادبي سرمايو سانڍ ڪري پنهنجي پيرن هيٺان پنهنجي ثقافت جي پَٽ اڏي سگهي ٿو جنهن کي پار ڪري هو پنهنجو وجود ڪٿ بہ ڪيئن بہ بچائي ۽ ميچائي سگهي ٿو.“

شايد اهو ئي سبب آهي جو مون جيترو سنڌ جي صوفين تي تحقيقي ڪم، سنڌي سورمائن تي لکيل ڪتاب ۽ سنڌ تي لکيل سووينئر جيڪي پوءِ مون بمبئيءَ ۾ ياءَ اُتم وٽ ڏٺا، ايترو ذخيرو سنڌ ۾ خود سنڌالاجي وٽ مشڪل سان ملندو.

هوند راج ٻڌايو، ”هت احمد آباد ۾ بمبئي کان پوءِ ٻي نمبر تي سمورا سنڌي هت ئي وسن ٿا. گجرات تہ چڻ سنڌين جو ئي گهر آهي.“ چئي: ”آئي آهين تہ پيڻ هت رهہ. احمد آباد جي ٻين اديب دوستن سان مل. احمد آباد گهم، گهمڻ جهڙو شهر اٿئي. هت سلطان قطب جو نهرايل تلاءُ آهي جو ڏسڻ وٽان آهي. هڪ اهڙو مُوي، منارو آهي جو هڪ مناري تي چڙهي اُن کي لوڏ تہ ٻيو منارو بنا ڪنهن اسپرنگ پاٿيهي پيو لڏندو.“ وغيره. شهر گهمڻ جو گهڻو ئي. مِلڻ لاءِ ماڻهو بہ گهڻيئي. پر سفر جي عمر تہ اُهائي ماڪ ڦڙي جيتري. ماڪ، مکڙين جو منهن ڌئاري سج ڏسيو سُڪيو وڃي پر سفر اِنسان جو اندر اُجاريو ڇڏي. عمر جي سج لهي سانجهي ٿئي تہ يادن جو چنڊ ڪِڙيو بيهي آڪاس تي. جيتري عمر چنڊ جي اوتري يادن جي. نہ چنڊ کُٽي نہ يادون ئي ٽُٽن.

هڪ ياد ڪاڪا گنگا رام سمارٽ جي، جنهن کي سچي لکٽيءَ ۾ شايد ياد ئي ڪونہ ڪيم. پلا پنهنجي جسم جيءِحصن کي بہ ڪوئي ياد ڪندو آهي؟ جسم سان ئي تہ جهان آهي. ڇوڻياري وارو رومر ڪٿ اڏيان ها روح ۾ جي ان ڪونيءَ کي ڇيهر ڇانوَ لاءِ ڇت نہ هجي ها ڪاڪا جي عمر پل هجيس پنجهٺ، ستر ورهيہ، پر ليکو ماکيءَ وارو جيڪا جيئن پراڻي تيئن مٺي! مناڻ بہ سا ڏاڍي وٽيس. سو آئون بہ هت سنڌ ۾ مناڻ جو پهريون گراهہ سندس نانءُ جي ورن ئي ڪائينددي آهيان. مناڻ پل وٽيس بيحد پر ڪائيندو احد جي حساب سان. يعني ڏينهن ۾ فقط هڪ گهمرو. هونئن بنه ويشنو آهي. مناڻ پل پاڻ ڪائي، پر جي ڪنهن ٻئي تي منيان اچيس تہ پل ٻي ڏر مناڻ ڪائي نہ ڪائي- پل وٽي Sugar جي مريض ٿيندي. سندس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مضمون ڪي دڪي تاندي تيئا مون اڪثر چبيل ڏٺا آهن. اِج ڪلھ انهن شاعرن جي دربي آهي جي شعر چوندا گهٽ، ’شوتَ‘ گهڻو ڪندا آهن. پوءِ ڪاڪا کي ’هوتَ‘ ڪرڻ کان ڪير جهلي. هونئن ڪاڪا پنهنجي ذهن ۽ جسم جي تندرستي ڪري هلڻ ۽ ڳالهائڻ ۾ بہ هڪڙ. پاڻ جڏهن صائما کي جانورن جو Zoo ڏيکارڻ هليو هو تڏهن سندس هلڻ اڳيان منهنجو هلڻ جهڙو سهي آڏو ڪڇوڻ جي ڊوڙ هئي. ڪاڪا پل هلڻ ۾ هڪڙ سهي... پر تڪڙ سا توري تڪي سوچي سمجهي ڪندو... ان ليکي ڪاڪا جو شيطان يقيناً شڪر گذار هوندو جو ڪاڪا ڪڏهن بہ اهڙو ڪم تڪڙ باعث ڪونہ ڪيو هوندو جنهن لاءِ پوءِ مورد الزام شيطان کي سڏي، فرشتا سندس شڪر گذار ان ليکي هوندا جو فرشتن حوالي ڪيل ڪيترا ڪم ڪاڪا پاڻ ڪري فرشتن جو هٿ ونڊايو هوندو. جو شخص گهر سان، پارن سان، پنهنجو پاڻ سان، پنهنجي پاڙي وارن سان سچو هجي، پنهنجو فرض نباهيندو هجي، ادب جي عزت ڪري، آئي ويئي کي مان ڏي، دين ڌرم ڏي بہ ڌيان ڏي، ان کان وڌيڪ چڱائي ٻي ڪهڙي! هو عام انسانن جيان شيطان ۽ فرشتن وچ ۾ پيل صليب تي لٽڪيل ناهي... هُو خدا جي پروگرام تحت خالص خاص گنگا رام آهي. آئون فجر مهل وٽس پهتي آهيان تہ صبح مهل پاڻ هڪ خط نذير کي منهنجي پهچ جو ترت اماڻيو اٿس. مون کي چيائين، ’گڏي، گهر وارن کي سنڌ ۾ پهچ ڏنءِ؟‘‘ چيم، ’’نہ ڪاڪا.‘‘ وراڻيائين، ’’مون تہ نذير کي لکيو آهي تہ هوءَ خط رسندي شرط فون تي تنهنجي گهر اطلاع ڏي.‘‘ سفر ڪري صائما ٿورو ڪٽسيل هجي، گهمائڻ ونءِ ويو تہ موٽندي کيس ڊاڪٽر کي بہ ڏيکاريندو آيو. گهمي ڦري ڪائي پي جو واپس گهر موٽيون تہ ڏسان تہ سندس ڪِڪيءَ ستيءَ مون واري ميرن ڪپڙن جي لڏ نہ رڳو ڌوئي رکي آهي پر استري بہ ڪري چڏي اٿئين. ڪپڙن تان مير تہ لٿر ئي لٿو پر جو احسان ملنديءَ جو بوجھ منهنجي دل تي چڙهيو سو ايجا لهيو نہ ٿو لهي. اهڙا ئي ميرا ڪپڙا پوءِ بمبئي ۾ سندم سندريءَ بہ ڌوتا هئا. سَتي! ڪين سندري! ڌوئي ڌوئي بہ ڪپڙا ئي ڌوئي سگهيون. نہ ڌوئي سگهيون تہ اهي داغ جي دل تي سندن وڇوڙي ڪٽي ولايا آهن. ڪين هيهر ڏسڻ جي اُڪير! پَر نہ ڏسي سگهڻ جي مجبوريءَ جهڙو بہ

ڪوئي داغ! نہ لڏي اهڙي ڪائي لانڊري جا اهي داغ ڌوئي سگهي!

اَحمد آباد ۾ ٻہ ڏينهن ٻہ پل ٽي اُڏري ويا. اُسهڻ لاءِ ڪاڪا گهر ويئي گاڏيءَ جون ٽڪيٽون ائين ئي گهرائي ڏنيون جيئن گهر ويئي پوليس چوڪي تان پاسپورٽن تي ٺپا هڻائي ڏنا هئائين. پڇاڙڪو هڪ ويلو ڪاڪا جي پيٽوئي جهليو هو جو ڪاڪا جي ئي گهر جي پر ۾ رهندو هو. صبح شام ڪچهريون ڪرڻ ايندو ۽ امان ڪي مختلف سورن جون مختلف گوريون ڪارائيندي گذاريندو. چئي: ”هي گنگا رام اَتانوَ ويشنو! هن وٽ ٻاچيون ڪائي ڪائي پيٽ چراگاهہ بنجي ويو هوندو. هاڻ هلو منهنجي گهر ۾ ڇڏيو ڪو پيٽ ۾ ٻڪر جو هلي اهو گاهہ چري.“ سندس گهر ۾ گهڙڻ ڪان پهرين هڪ اسڪول ۾ چانهہ پاٽي پيتوسين جت ڪجهہ اديب دوستن قرب ڪري هڪ گڏجاڻي رکي هئي.

پڇاڙڪي پهر اُن ’مامي‘ ڪان موڪلايوسين جا ڪاڪا جي گهر پرسان رهندي هئي. وڏين اکين ۽ سانوري رنگت واري اَڇي ساڙهي اوڍيل مامي! جا وڏوا آهي. جنهن جا مائٽ ڪراچي ۾ ورهاڱي جي وقت ڪان وٺي اڄ سوڌو لاپتا آهن. مئي جو هڪ سور- جيئرن جا سَوَ سور سانڍي مامي روزانو اڪيلي سِر ٻڌي اگهہ درزين جا ٻہ درجن فراڪ روزانو ڇئين روپين جي اُجرت سان سبي پاڻ کي پاليندي ۽ پنهنجا وڇڙيل مائٽ سارينديي آهي. ماميءَ ڪان موڪلائي ويناسين ٽيڪسيءَ ۾. ڪاڪا جي ڪِڪيءَ ستيءَ ريل لاءِ رفت ٺاهي سان ڏنو. ڪاڪا اسان ڪان اڳيرو اسٽيشن پهچي ويو هو. اسٽيشن تي قرب ڪري پياءَ هنس راج پنجابيءَ جا ٻارڙا ۽ گهر واري ٻہ آيا. هوڏانهن ڪاڪا جو وڏو پٽ ۽ ننهن ٻہ موڪلائڻ اسٽيشن تي آيا. هيڏو وڏو جلوس اچي جمع ٿيو پليٽ فارم تي پر پاڻ ندارد! پريان ريل ٻہ ايندي نظرآئي. پر ڪاڪا جو پتو ئي نہ پوي. ٽڪيٽون ٻہ وٽس هجن. ريل آئي. ڪاڪا ٻہ ساڳيءَ ريل جي ئي ڪنهن دٻي مان لٿو. خبر پئي: هو الائي ڪهڙي طرح پريان ڪان ئي ريل ۾ سوار اسان لاءِ گاڏي ۾ ٻہ سيٽون رکڻ ويو هو. اسٽيشن تي ويناسين تہ ڪاڪا غور سان ڏسڻ لڳو ڄڻ اسان ۾ ڪنهن ڪميءَ کي ڳوليندو هجي. ريل ڪوڪ هنئي تہ سندس نظر وڃي ٿرماس تي پئي. پڇيائين: ”اِن ٿرماس ۾ پاڻي اٿئي؟“ چيم، ”نہ.“ جهٽ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ستّ ڏيئي مون کان ٽرماس وٺي منجهس ٻاٽي ڀري آيو. ريل ڇُرڻ لڳي تہ پنهنجي ڪيسن مان چند پوسٽ ڪارڊ ڪڍي منهنجي ڪڇ ۾ اُڇلايائين، هر اسٽيشن تي پهچندي ئي هڪ ڪارڊ پنهنجي خيريت جو لکي مون ڪي اُماڻي ڇڏج جيئن خبر هجيم تہ تون هينئر ڪٿ ۽ ڪيئن آهين.“

اُهي ڪارڊ اڄ سوڌو پنهنجي يونيورسٽيءَ واري ڪيبٽ ۾ هڪ ڪتاب ۾ رکيا اٿم. اَڄ بہ جڏهن پاڻ لاءِ خيريت نہ ڏسندي آهيان تہ جهٽ اُنهن ڪارڊن تي ڪونہ ڪو جملو لکي ڇڏيندي آهيان جو پوءِ ڪاغذ تي ڪڍي ڪيس اُماڻيندي آهيان اِن اُميد ساڻ تہ ورندي ٽپال ۾ منهنجي جملي جي جواب ۾ ڪاڪا ضرور ڪانہ ڪا اهڙي چوٽي، اهڙي نصيحت لکندو، جو خيريت سان زندگيءَ جا ڪجھ ڏينهن تہ گذري ئي ويندا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهتاب چنا کان ورتل انٽرويو

ڪِل- جا ڪستوري

پهر- پپهر- ٽِپهر! جيوت بہ ڪا ڊائينگ ميز آهي، جنهن تي هر پهر پنهنجي مرضيءَ جي ماني کائي سگهجي. جو گرنهہ مونکي حصي ۾ آيو، صرف اُن جي ئي تہ آءٌ مالڪ آهيان. پنهنجي ڪهاڻيءَ ۾ ڪٿي لکيو هئم..... پر مهتاب سان ملي ڪجهہ اهڙي ريت محسوس ٿيو تہ هوءَ Time & Space کي من ۾ پڪوڙي، پنهنجي جيوت ميز جي، پاڻ مالڪ آهي. جو چاهي جو طلبي سوملي. سچو مينو هن جي مرضيءَ تي جڙيل آهي. بقول سندس" اونهي جي انت جي خبر تہ ناهي. پر اِهو پتو ٿئم تہ جيترو جيئندس شان سان جيئندس. زندگي جي آءٌ نہ، زندگي منهنجي محتاج ٿيندي."

واه مهتاب، تنهنجي شانِ نا رسائي!

آهي نہ optimism جي پرڙن تي آڪاش ڏي سندس انتهائي پرواز!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خوش خياليءَ جي ليبLab اڳيان ڪان اڳيان اڏرڻ جي آس. جنهن ۾ ڪنهن ڪيمياوي ڪنٽرول جي ڪمر مائيگيءَ سبب ڪنهن اسڪاءِ ليب ڪرڻ جو ڪيس ڪوئي خطرو ناهي. سندن فن مان ڪو ذهن محفوظ ٿئي ته ٿئي پر انساني آباديءَ کي ڪوئي خطرو ناهي. غارِ حرا جي عبادتن به نفسياتي ٻَلهه تي آڪاش جي عظمت جو سفر طئي ڪيو هو...... دلين جون محبتون لحظي ۾ معراج جو مزو بخشيو وڃن. مهتاب جو تعلق گهٽي کان گهڻن ماڻهن سان رهي ٿو...... منهنجي خيال ۾ انساني آباديءَ ۾ ٽي نمونا ماڻهن جا ٿين ٿا. ڪجهه ماڻهو هوندا آهن، جيڪي دماغ جي توسط سان دلين ۾ ايندا آهن. عقل اٽڪل جون به چار ڳالهيون ڪري چڻ اندر جي اسڪرين تي ڪجهه وقت اُڀري وري هليا ويندا آهن. ڪجهه ماڻهو سامهين دل کان بنا ڪنهن توسط جي سڌو دلين ۾ ايندا آهن، ميٺ محبت جون ڳالهيون ڪري دلين ۾ دائمي مسڪن بڻائي رهي پوندا آهن. ڪجهه ماڻهو هوندا آهن دل و دماغ ته ڇا پنجن ئي حواسن کي اڻ ڇهيو ڇڏي اچڻ کان اڳ ئي هليا ويندا اهن. مهتاب جو اِن ٽين نمبر ماڻهن ۾ شمار قطعي ڪونهي، هوءَ پنجن ئي حواسن کي ڀرپور تاثر ڏي ٿي. پر سندس تعلق ڀرين Category ۾ آهي يا ٻوئين ۾، دماغ کي متاثر ڪري ٿي يا دل کي، اها خبر ڪيس يا دل وارن کي.

مهتاب ماڻهن کي مشاهدي ۾ ڪيئن ٿي اچي، ڪا ڳجهائيندڙ ڳالهڙي ناهي- Teaching ٽي وي ۽ ريڊيو هُن جي اظهار جا پورا ذريعا آهن. پر پوءِ هوءَ پنهنجي من جي مراقبي ۾ دنيا کي ڪيئن ٿي ڏسي. مهتاب کي ڏسي محسوس ٿيو ته واقعي سُک آهن ته سنسار ۾، پر انهن کي سانڍڻ جو ڏانءُ به اچي........

جيوت جا سمت ۽ سلسلا، رخ ۽ ڦهلاءَ، زمان ومڪان جي ڀرڙن تي پرواز ڪندي به اچيو وڃن وَجهه ۾ جي ذات هجي ۽ ڏان هجي.

هر سمت پاڻءِ ڪو سائو رنگ، عزم اعتماد آس ۽ اميد. چڻ ڪنهن ميندي رنگي واس جي سرنڌي سونڌي سڳند.

هررخ چڻ ڪوئي نيرو رنگ. سونهن ساپيا صدائون ادائون. پاڻءِ تنيءَ پونءِ تي اُيڪڪري جو وسڻ. مٺي مٺي مٺيءَ جي سڳند.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ياد ٿم هڪواري جيون جڏهن ڪڙو ڏاڍو ڪرڻ لڳو هوم، تڏهن الله کان گهريو هوم: "رب جيئن من کي هڻ مٺيءَ ۽ مينڌيءَ جو واس مٺو آ، تيئن مونکي هي جيون مٺو ڪر."

ڪي ڪجهه گهرندا آهن، ۽ ڪن کي ري.گهرئي ئي گهڻو ڪجهه ملي ويندو آ. پوڻ پوڻ جو ڀاڳ آهي الاءِ ظرف جي ڳالهه، جو ڪائنس پڇيو هوم، "مهتاب نمازن ۾ الله کان اڪثر ڇا گهريو ٿئي؟ تمام اطمينان سان وراڻين "سچ ته ڪائنس گهرندي ڪجهه شرمندگي محسوس ٿيندي ٿم...... پلا پنهنجي لاءِ گهرڻ به ڪو ظرف آ.... جيڪڏهن ڪڏهن ڪجهه گهريم ته پنهنجن عزيزن لاءِ......."

ڪو گوتم ٻڌ جي نرواڻ (چاهنائون ياونائون ترڪ) کي پويون پٽر نه اچلايو ٿئين. بلڪ هٿ وانجهيل نه ٿيس، جو پنهنجي مت ۽ وَت آهر باغ ارم جا مٺڙئي ميوا ٿس هٿ ۾..........

پل پلان جو ته خير ڪوئي ڇيهه ئي ڪونهي، ائين ناهي ته مهتاب ڌرتيءَ جي اُها ڪنڊ آهي جتان وسعتون ۽ وستارون شروع ٿي، گولائي وارو چڪر پورو ڪري وري اتي ئي اچيو ختم ٿين. پر به هوءَ پنهنجي ڌرتيءَ جي عام حسن مان پنهنجو الڳ ۽ وسندو حصو ضرور نظر اچي ٿي. جنهن کي ڏسي ڪاروڻجهر تي چمڪندڙ چنڊ ڪجهه ڪينجهر ۾ ڪرٽا ڪيريندو محسوس ٿئي. آسماني چانڊوڪي ڌرتيءَ جي چانڊوڪيءَ سان رلي ملي لڳي. ۽ ماٺهو چانڊوڪيءَ جي ان لمحاتي حسن ۾ ڪوئجي ڪائنات جا باقي بعيد وقتي طور وساري وهي.

وقت ۽ لمحن جو ليکو اُن ڪري ڪيم، جو مهتاب علم جيوت ۾ ملي به ماٺهن سان لمحن ۽ ليکن جي حساب سان ئي....... پر جت لمحن ۽ ليکن جو حساب رهي نه سگهي، وقت ٻڌي اگهه جي حساب سان ڪلاڪن جي منهن جڻ پنهنجي ملڪ لڳي. مطلب ڪا پڪنڪ يا پارٽي (جت شخصيتون پنهنجي انفراديت وڃائي وهندڙ ميلي ۾ اڪائي ٿي لئي ۾ اچي لڙهڻ لڳنديون آهن) ات هوءَ ماٺهن کان الڳ ۽ خاموش ماٺهن کان موشو ڪري ويهندي آهي. جڻ چنڊ چڪورن بنا بوريت پائيندو هجي. اهڙي سمي ڪاروڻجهر جو چنڊ ڪينجهر جي چنڊ تي جڻ ريس ڪرڻ لڳي، جت هو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چولين جي چوهه چڻ ڪنارن سان اڪيوٽ ڪيڏندو هجي. ليڪن جي ان حساب پٽاندر مهتاب وٽ چڻ مائنسMinus جي نشاني آهي.

ڪو وقت هو جڏهن ”روشن تارا“ پروگرام T.V تي خوب زورن تي هوس. واحد سنڌي پروگرام هو، جو ٻارن توڙي وڏن ۾ بيحد مقبول ۽ ڪنهن به تنقيد کان بالاتر هو. ”امان مونکي چنڊ آڻي ڏي“ هڪ ننڍڙي راما گهريو هو. روشن تارا اچا به مڙيئي ٻالڪ راما جيئن مهتاب سان ملي ويهڻ ۾ همڪ همڪ هبڪاريندا هئا. جڏهن هوءَ انهن ننڍڙن تارن کي ياڪر ۾ ڀري جهل مل نغماتي نور سان ايندي هئي، تڏهن سڄو پروگرام هن جي ڪلڻ سان ڪستوري ٿي ويندو هو. ڪِل جا سندس ذات کان شروع ٿي سڄي پروگرام تي مکڙي تي ماڪ جيان واري ويندي هئي. ڪيس ڏسي لڳندو هو، چڻ راتي روماسا (چنڊ مک واري) نيري اُڀ مان ستارن جي ڇائن کي هٽ سان ڇنڊيندي پنهنجو رستو ڪهڪشان مان ٺاهيندي فن و فڪر جي واڳ وٺي آڪاش تان اڏرندي اچي. اهو پروگرام بند ٿيو، پر مهتاب جا ٽهڪڙا T.V جي ٻين پروگرامن ۾ شروع ٿي رهيا........ ڪِل جي هيءَ جوالا مکي جنهن مان ٽهڪڙا ٺاڏن جيان ٻهه ٻهه ڪندا آهن. پنهنجي ڪل تي ڪوڙن کي ڪامائيندي آهي، ڪن کي مشڪائيندي آهي ۽ ڪجهه کي ان ڪل تي ڪلائيندي آهي. بهرحال پاڻ جيئن آهي تيئن ئي آهي.

بهرحال هوءَ فقط ٽهڪڙا نه آهي، منجهس اعتماد آهي، ادائگيءَ جو حسن آهي. فن آهي فڪر آهي. سندس فڪر ۾ سمونڊن جي گهرائي نه سهي. پر گفتار ۾ دريائن جي رواني آهي. اَڄ ڪلهه سنڌي پروگرام ”موتين مالها“ کان سواءِ سندس اردو پروگرام ”فروزان“ به وزن تي آهي. پروگرام آهي اردو ۾! ۽ اسين آهيون سنڌي جٽ، ايترو سو ڏسبو آهي ته ڪٿي ڪٿي جي ذهين خلق خدا جيءَ کي ڏاڍي مان سان منهن ڏيو بيٺي هوندي آ......... حاضر دماغيءَ باعث ڪوڙن کي ٻڏائيندي ۽ ڪن کان ٻڏندي به آهي. پر ٻڏو- آڻ ٻڏو- جت دماغ، دماغن سان ٽڪرائين اُت ساهميءَ جا ٻئي پڙ برابر هجن اُت ڪاڻ نڪرندي ئي ناهي. هونئن به سندس ڪمپيئرنگ ۾ ڪاڪاڻ ته ڇا سندس ڪمپيئرنگ سچ ته سندس سيرن منهن سهٽي لڳندي آهي. ”نذير ناز“ جڏهن ساٿس انٽرويو وٺڻ لاءِ ويو ته، هيڪر ڪر ته ڪنيم پر ڪو...

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاڏهن. انٽرويو وٺڻ معني ڪنهن جو قرض چڪائڻ آهي ته سو فيصد جوابداري نه؟ ۽ هت آهي مائي مهتاب. سڀ رنگ ڌارا ڌارا سندس ريڊيو ڏانهن ڇڪيو ويندا، جت هوءَ پهرين سگهڙين سان پروگرام ڪندي هئي، ڪا T.V ڏانهن، ڪا ٽيچنگ ڏانهن، ڪا آمريڪا جي تجربن ڏانهن جتي هوءَ ٻه سال تعليم لاءِ ويل هئي. ڪا سندس تعليمي بيڪ گرائونڊ ڏانهن ڪا سندس شاگرديءَ جي زماني ۾ تقريرن ڏانهن........ سوال آخر ڪيترا ڪيترا ڪيان. بهر حال جڏهن هڪ لڳان اسٽاف بس ۾ هلندي هلندي ڪيس چيم، ”انٽرويو ڏي“ چيئن، ”وٺ“ چيم. ”تون موڊ ناهه“ ورائين، ”ڇا جو موڊ، مان موڊ جي پابند ناهيان“ آءٌ کلي پيس، ”پئي مون کي ڇڙو تنهنجو ڊرائينگ روم گهمڻو ناهي جيڪو هر آئي ويئي لاءِ خوش خيرافيت لاءِ هجي......... بلڪ تنهنجي اندر انتهائي اندر جو اسٽور به ڦلاٽو آهي. جنهن جون چابيون ٻئي کي ڏيڻ ته ڇا پاڻ کي به الائي ڪڏهن سجديون آهن ڪڏهن نه......“ پر هوءَ نه ڪو هيسي نه ٿي هراسي، چئي، ”انٽرويو وٺندين تون..... سو ڊپ به ٿم ڪٿي تو کي Disappoint نه ڪريان پر نه- تون Disappoint نه ٿيندين. جي انٽرويو وٺڻ واري تون آهين ته ڏيڻ واري مان آهيان“ سو انٽرويو جو آغاز ته رسمي جملي سان ٿي ڪيم..... ”تنهنجو جنم.....؟

ورائيئن، ”١۴ آگسٽ ١٩۴٧ (نئون ڏيرو)“

”جنم جهٽ Time of Birth جو من وستيءَ (psychology) تي وڏو اثر پوندڙ ٿو (ٻڌو اٿم) اُهي جهٽون، اُهي پل. جي نه هجن ها ته تون ڇا هجين ها ؟“

جواب ڏنيئن، ”ڇو ته مون کي اَچڻو هو. اُن ڪري اُهي جهٽون اُهي پل اَچڻا ٿي هئا.“

”تنهنجي اڏ کلي اکين ۾ اَتڪيل ڪي سپنا؟“

اڌ کلي اکين جي انڪشاف تي هوءَ مرڪي پئي........ چئي، ”شيون ته سچيون ٿي ڏسندي آهيان، انهن اڌ کلي اکين سان البت سپنا اڪثر اکيون کولي ٿي ڏسنا اٿم. اُهي سپنا جن جي ساپيانئي سياويڪ هجي. جيڪي زمان ۽ مڪان ۾ پائي سگهجن. يعني ناممڪن بجاءِ ممڪن جي قيد ۾ قابو ٿين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وارا سپنا“

”سنجهي ويل پچاڙڪن پساهن ۾ پٽندڙ سچ جو ڏک ٿيندو ٿئي ڪن ايرندڙ چنڊ جو چاهه“

جواب– ”نه. ٻڏندڙ سچ جو ڏک نه ٿيندو ٿم. ڇو جو خبر ٿم اِهو وري سياڻي ايرندو. سندس لهڻ ۾ شڪست نه پر شان آ. بلڪ لهڻ وقت سندس حسن ايئان به وڌيڪ دلپذير آ........ لهندڙ سچ جا پويان پاڇائي ته شفق کي رنگ بخشين ٿا. ڍهڻ مهل Dignity ٿئي ته ڪنهن وٽ جي وقعت جي اصل ڪٿ آ......

”سچ ، سچ آ. سچ لهڻو ئي ناهي، وقتي طور ڪو منصور پل سچ جي سزا تي ڦاهي چڙهي ويجي. پر ڦاهيءَ جي رسي تسبيح جيان ڳچي ۾ عبادت جو ڳانو آ........... سچ اهڙن منزلن سميٽي ڪوڙ ۽ ڪروڌ جي ڪاري رات کان ڪاوڙجي، ٻئي ڏينهن اُيرڻ لاءِ لهندو آ..... هن جي لهڻ ۾ واقعي شڪست نه پر شان آ.........!“

”مهتاب. ٻڌو هوندءِ، نانءَ به من وستيءَ کي متاثر ڪن ٿا. اسان جي تهذيب ۾ چنڊ سان لاڳو ڪوڙ ڪٿائون مشهور آهن. پلا تنهنجي نانءَ ڪا ڪهاڻي؟“

مرڪي مختصر وراڻيئن، ”مان خود. ڪهاڻيءَ جو پڇي ڇا ڪنديئن‎ءَ. ان جي ڪردار کي ڏس.“

پڇيم، ”ريڊيو، ٽي وي، اداڪاري، صداڪاري، استاد، شاگرد، ڪلاس، ليڪچر هڪ مهتاب گهڻن حصن ۾ ورهايل پوءِ پل ته چنڊ سمان تنهنجي جوت هر هنڌ سريکي ٿي هجي. فن جي اِنهن سيني پهلوئن کي اربيندي اربيندي ڪجهه حصو پاڻ لاءِ به رکيءِ؟“

”گهڻو ڪجهه. اُهو جنهن جي ڪل ايجا ڪنهن کي ڪانهي.“

هن ڪرسي جي سيٽ کي ٽيڪ ڏيئي آٿت سان چيو. سندس عزم ۽ اعتماد مان پانيم ۽ ساهه جي اونهاين ۾ ايئان به ڪي اونهيون اونهيون سپون اٿس، جيڪي سنسار سان سونجهي هوءَ مڙنئي حصن کي سون ٻٽائيندي اندر جي اُها تجوڙي ايجان لڪل اٿس. جنهن ۾ اُميدن آسن حوصلن ۽ بلندين جا لال رتن لڪل آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن جملن کي اڳيان جوڙيندي چيو، ”پر ورهايل هرگز ناهيان..... پنهنجي تمام تر ساڳيائيءَ سان هڪ ئي آهيان. مصروفيتون البت مختلف آهن. ڪلاس روم ۾ شاگرد وچ ويهي پائيندي آهيان، مان صرف استاد آهيان، شاگرد مون لاءِ آهن ۽ مان شاگردن لاءِ. سندن مشڪلاتون ڇڻ منهنجون مشڪلاتون. ڪين پڌڻ مهل بہ پاڻ کي ساڻن جيان ساڳيو سمجهي اُن Situation ۾ سمائجي ويندي آهيان. اهڙي سمي جيوت جا ٻيا سڀ سلسلا ڪٽيل محسوس ٿيندا آهن.

”ساڳيءَ طرح ريڊيو ۽ ٽي وي تي بہ، جو وقت انهن لاءِ وقف آهي، انهن ۾ پيهي فقط انهن ئي گهڙين جي گونجار ٻڌندي آهيان، جن گهڙين کي اُن وقت منهنجي گهرج آهي. ٢٥ منٽن جي هڪ پروگرام ۾ مون لاءِ اهي ٢٥ منٽ دائمي حيثيت رکندا آهن، جي ان وقت منهنجي گرفت ۾ هوندا آهن، گهڙيال جا باقي انگ مون کي تڏهن بي رنگ ۽ بي وقت ڀاسندا آهن.“

هر نظر کي پنهنجو پسمنظر آ، ڪا مهر ڀري، ڪا قهر ڀري، ڪا سحر ڀري، مهتاب جڏهن دنياوي بکيڙن کان واڳھيل آ، تڏهن مون ان جي نظرن ۾ سحر بہ ڏٺو آ بقول موهن ڪلپناءِ: ’جڏهن مون ڏي نهاري تہ لڳي پنهنجي آ. جڏهن سامهون نهاري تہ لڳي ڏارين آ.‘ ڪا نهار رشتو جوڙيندي، ڪا نهار رشتو ٽوڙيندي آ. ساڳي ڳالهہ مسڪراهٽن سان بہ. ڪل ۽ ٽهڪڙا بي معنيٰ ٿي بہ سگهن ٿا. پر مسڪراهٽن کي وڏي معنيٰ آ. ”منهنجو توتي الزام آ. ۽ مون پارن ڪوڙ ٻين ماڻهن جو بہ تہ، تون جڏهن فنڪار ٿي سامهون اچين ٿي تڏهن تنهنجون Dealing بہ روشن تارا پروگرام جيان بازيچہ اطفال هي دنيا مري آڳي جي مصداق ڪافي قدر Superior حاڪمانا ۽ جارحانا قسم جون هونديون آهن. ڇا Feeling بہ سچ پچ اهڙي هوندي ٿئي؟“

چيئن، ”Superior نہ هونديون آهن. جارحانا نہ هونديون آهن ۽ نہ ئي حاڪمانا هونديون آهن. خبر ناهي چو عام کي تو اهو Impression ملي.“ مهتاب تقرير جي موڊ ۾ ايندي چيو، ’سچ‘ سادگي، ۽ originality اسان وٽ ڪيترن ماڻهن ۾ آ. هر ماڻهو کي ڏس تہ هو Double standard جي هڪ هٽي هٽيو هلي. اندر ڪجهہ ٻاهر ڪجهہ. ڪنهن کي اخلاقي جرئت آهي بہ بي ريائي جي. هر سوال جو اهوئي نهيل نوڪيل هٽ نوڪيو جواب مثال

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طزسوال پڇ شوق جي ابتدا جو جواب ملندو ٻچپڻ سـ تها. ماڻهن الائي ڇو چاٺيل چونٺيل ماڻن ماين ۾ تور تڪ سان ٿا سامهون اچن. پلا خيرو، ضروري تـ ناهي تـ اسين ماڻهن سان سندن خوبين جي ٿي تعلق سان ٿي سچاڻون هر ڳالهہ جهڙي خوب کان خوب تر ڪوشش ۾ ڪيل. مون کي اها بدديانتي لڳندي آ، پاڻ سان بـ ۽ ٻڌڻ وارن سان بـ. مائي ڀاڳي جو انٽرويو ٻڌو هوندءِ، ڏٺئي مون ان ۾ ڪيترو ڳالهايو. دراصل هن جي ڳالهين ۾ ايتري سادگي، سچائي ۽ صاف گوئي هئي جو اکر سٽون ٻڌجي پنهنجو پاڻ اڪندا ويا. ۽ مون کي ڳالهائڻ جي ضرورت ئي نـ محسوس ٿي. هن ۾ اهي in-hibitious ڪونـ هيون جيڪي کيس اندر کان ٻاهر اچڻ تي روڪين. ان کانسواءِ مون کي ريڊيو ۽ T.V تي ڪيترن ماڻهن سان ملڻ جو اتفاق ٿئي ٿو. ضروري تـ ناهي تـ ڪو هر ميڃيل ماڻهو سٺو ڳالهائيندڙ بـ هجي. ان کي قولڻ ۽ قلورڻ لاءِ Counterquestioning ڪرڻي ئي پوندي ٿي، مزاح ۽ مسخري کان ڪم بـ ونٽو پوي ٿو. هوئنئن بـ T.V جا Game of witts Talk shows ٿي آهن. منهنجو مقصد محض کين اندر کان ٻاهر آڻڻ جو هوندو آ، وقت محدود، آئانگها ماڻهو ۽ پاليسيون محدود ان سڀي مهم کي منهن ڏيڻو پوندو ٿم. ورنـ مان هر آيل ماڻهوءَ جو احترام ڪندي آهيان، منهنجو مطلب ديڀاءُ وجهي ڪنهنجي دلشڪني ڪرڻي هرگز ناهي.“

موضوع ڪجهہ خشڪ ٿيندو ڏسي سوال جي نوعيت بدلايم- پڇيم، ”ڇگو پلا ٻڌاءِ رات سمهڻ ويل، ويل ڏينهن تي ويچاريندي آهين، ڪين ايندڙ صبح جو انتظار؟“

چيئن، ”ٻئي ڳالهيون ڪونـ ذهن تـ اڳ۾ ئي occupied هوندو آ. جيڪر ٿورو گهڻو ويل وقت تي ويچاريان بـ سهي تـ بـ هر ڳالهہ Reason out ڪري ويندي آهيان (يعني ليکو چوکو برابر- حساب ڪتاب Nil.)“

”مهتاب جسٽس ڪيانيءَ جي هڪ لکٽي آ حالات سان compromise جي باري ۾ لکي ٿو: ننڍي لاءِ بابا اسان سڀني ڀائرن کي عيد جا نوان بوٽ وٺي ڏنا مذاق ۾ بابا چيو تـ آءٌ اوهان کي بوٽن جا ڪشا ٻڌڻ سيکاريان- هڪ شرط تي، جي آءٌ اوهان لاءِ نئين ماءُ آڻيان تـ اوهين ان کي سلام ڪندؤ. ڪياني لکي ٿو تـ هر ڀار نئين ماءُ جي آمد تي ڪجهہ گوٿناٿ ڪئي، پر پوءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاڳن ٻڌرائڻ جي شوق ۾ هر ڀار هائو ڪري ڏاڳا ٻڌرايا. پر منهنجي بوٽ جا ڏاڳا اڃا تائين کليا پيا آهن......“ مون کلي پڇيس، ”يلا سئنڊل جا ڪشا؟“

مهتاب وراڻيو، خيرو Compromise جي خيال کان آءٌ ڏاڳا واپرايائين ڪونه- Compromise! سو بہ پنهنجي لاءِ. مگ ميڄ واري ناهيان. ها البت ڳالهہ جت پنهنجي انتهائي عزيزن جي اچي، اُت شايد ميڄائڻ جي بدران مڙي وڃان.“

يلا ريڊيو تي اداڪاري. هينئر T.V تي صداڪاري انت؟“

هن ڪن رکي سوچي چيو، ”T.V منهنجي خيال ۾ آخري ٺي Scope آ. ان کان وڌيڪ انت پيو ڪهڙو.“

”جڻ آخري حدن کي اگرين جي پورن سان ڇهي ڏٺو ٿئي.“

مهتاب چيو، ”ها ڇُهي ڏٺو ٿم.“

”يعني ينيور جي يت کي انتها واري اِها آخري چمي آ.“

”شيخ اياز جي هڪ چوٽي- مان ڳائڻ مهل خالق ۽ جيئڻ مهل مخلوق آهيان. تون عام ۾ فنڪار ۽ اندر ۾........؟“

”اندر ۾ بہ بس مان ٺي آهيان.“

”يلا مهتاب تون آمريڪا ۾ بہ سال رهي آئي آهين، اتي جي عورت ۽ هتي جي عورت ۾ ڪو نمايان سماجي فرق؟“

مهتاب چيو، ”هتي جي عورت! سور بہ تمام سرور سان سهي ويندي آ..... ڏوجهڙا ۽ ڏوتڙ سهڻ هتي جي عورت جي عادت بڻجي ويئي آ........ ظلمن کي زوري ڪانڊي جيان ڪلهن تي کنيو جڻ الله جي راضپي تي راضي رهي ٿي. جڏهن تہ آمريڪا ۾ عورت مرد سان ساڳيءَ طرح سماجي وهنوار ۾ سمايل آ. هتي هر لحاظ کان عورت کي مرد جي مساوي حق آهي. فرق ڪو آهي تہ اقتصادي inequality جو يل ان تي عورت جو Calibor مرد جي مقابلي جو هجي، ڪم جي Capacity ساڳي هجي، پر پئسي بہ پگهار جي معاملي ۾ هن کي گهٽ معاوضو ملي ٿو. ان جي برعڪس هتي اقتصادي برابري آهي، پر سماجي سٿاءُ ۾ ڪيس اهو احترام ناهي، جنهن جي هوءَ اهل آهي. پيرن هيٺان جنت جي مبارڪ ڏيئي هن کي طرح طرح سان Exploir ڪيو ويجي ٿو. پوءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر ان جنت کي سندس اولاد جو پيءُ پيرن هيٺان لتاڙي، پاڻ وچي ڪنهن ٻئي عورت جي پيرن هيٺان جنت آڻڻ جو اهتمام ڪري.“

”پر مهتاب، سياستدانن کي تقريرون ڪندي، ميز تي مڪون هڻندي ڏٺو اٿم. شاعر گلو ڪنڪاريندا آهن. تون ڪلندي آهين. اِها خوشي دل جي خوشي آ. چيپل پروگرام جو حصو آ. ٻين اکرن ۾ آمد آ ڪن آورد آ؟“

”کِل منهنجو شخصي حصو آ. کلندي آهيان جو کل ايندي اٿم. ماڻهن کي وقت پنهنجو آ. T.V. پنهنجو آ. پر کِل! کل منهنجي آ. ها خوش هوندي آهيان، تڏهن کلندي آهيان. اها منهنجي Conscious effort ناهي. البت جڏهن کل تي روڪ رکيم تہ اِها منهنجي Effort ٿيندي.“

”پر اداسي جا ڪي لمحا.....؟“

”اداسي جا لمحا.........“ هن گنڀير ٿي ورجايو، ”انهن جي تہ ڪنهن کي خبر ئي نہ پوندي آهي. چپ چاپ خاموشيءَ سان گذري ويندا آهن.“

”زندگي ۾ ڪڏهن ڪجهہ ماڻهن تي رشڪ بہ آيو ٿئي؟“

”نہ........ هنن جي صلاحيتن کي ساراهيندي آهيان. باقي رشڪ ڪڏهن ڪونہ ڪيو ٿم...... مان جيڪا ڪجهہ آهيان ڪافي ئي تہ آهيان......“

آخري سوال ڪيم، ”فن جي فتح فنڪار جي شڪست آ، ڪجهہ پنهنجي شڪست جي باري ۾.......؟“

هن وراڻيو، ”جنهن کي تون فن تي سڏين، الاءِ اهو فن آهي بہ يا نہ- (عاجزي آڇڻ بہ تہ اڌ فتح آهي) ان ڪري منهنجي ڪابہ شڪست ناهي. مان جيڪي ڪجهہ آهيان، اٿين ئي آهيان. اِئين ٿيڻ لاءِ مون کي ڪجهہ ڪرڻو ناهي پيو........“

”شڪستن کان شڪست کائي وئين؟“

”يعني؟“

”يعني شڪستن جو تو ڏي نہ اچڻ......“

”شڪستن کان شڪست کاڌي نہ ٿم. پر شڪستن کي شڪست ڏني ٿم......“

”تنهن اس ۾ جڏهن اسٽاف بس ڪاري ڏامر جي تتل روڊ تي ڏينهن جو گسرندي ويندي آهي تڏهن ٽڪل ٽڪل ذهن سان ڪهڙا خيال

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويچاريندي آهين.....؟“

وراڻين، ”منجهند مهل هڪ طرف گرمي ۽ هئي پاسي اُس.... اسين ته خير بس ۾ هوندا آهيون، پر جڏهن اِن نٿهڻ اس ۾ اسڪولن جا ٻارڙا ٿيلها ڪتابن جا، ڪلهن تي لڙڪايو انبوه ڪيو رستن تي ڪنهن سواريءَ جي آسري بيٺا هوندا آهن. ڄامشوري جي ويران رستن ڪٿي ڪٿي ڪي پوڙها، ڪنڌ تي پڙي ٻڌي هوريان هوريان رڙهندا نظر ايندا آهن. ڪنهن اسٽاپ تي ڪا عورت پڳهر ۾ شل دوائن جون شيشون هٿ ۾، ڄام شوري اسپتال وڃڻ لاءِ هيڏانهن هوڏانهن واجهائيندي نظر ايندي آ. تڏهن خيال ايندو اٿم.... ڪاش مون وٽ ڪا ڪار هجي، ڪا سواري هجي جو انهن کي ڇاڙهي وڃي منزل رسايان....... پر وقت وقت ۽ حالتن جي ڳالهه آهي..... ٿي سگهي ٿو مون وٽ جيڪڏهن ڪار هجي ته مان به انهن کي ڏسي زون ڪري اڳيان نڪري وڃان. ..... ماڻهو پاڻ کي پرکي. ماڻهو لاءِ موقعو ئي ڪٽ جي ڪسوٽي آ........ باقي وقت کان اڳ ۾ هامي ڀرڻ ته محض هام هڻڻ آهي.“

انٽرويو پورو ٿيو، واچ ۾ ڏٺم ته ساڍا ٻارنهن ٿيا هئا....... هڪ طرف هيل حيدرآباد جون سخت گرميون خاص ڪري ڄامشوري جون ٽتل ٽڪريون......... مٿان وري ڳؤرا ڳؤرا سوال جواب....... سچ ته منهنجو دماغ! مهتاب ته نارمل نارمل ٿي لڳي، جيئين، ”خيرو تنهنجي چانهن....“ پر چانهن نه، مونکي پنهنجو گلو خشڪ لڳو. تڙ تڪڙ ۾ ڪاغذ سهيڙي مٿي پنهنجي ڊپارٽمينٽ وڃڻ جي ڪيم جو بس جي وڃڻ جو ٽائيم اچي ٿيو هو....... مهتاب آرٽس بلاڪ جي هڪ ڪنڊ تي آءُ ٻيءَ تي ۽ وچ ۾ نه نه ته به سئو کن ڏاڪا لتاڙيا..... هٿ ۾ انٽرويو جا ڪاغذ گلي ۾ ٽئونس- ڀيرن هيٺان الاءِ ڪيترا ڏاڪا لتاڙي پنهنجي روم ۾ آيس. چانهن پيئڻ جو وقت ڪونه هو. پنهنجي هٿن ڏي نهاريم، يانيم ٻنهين هٿن جي ٻُڪ ۾ ڪٽان چنڊ جي ڪرڻن هاٿو سونو پاڻي پرجي آيو هو...... منهنجا هٿ ڪي سِپن سمان ته ڪين هئا...... پر پاڻي پاڻ ئي نسورو سون هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خيرالنساءَ جعفريءَ سان ڳالهہ ٻولهہ

سانول

- اڄڪلهہ ڇا پيئي لکين؟
- ڪجهہ ئي ڪونہ،
- ڇو؟
- motivation ناهي، محرڪ ضروري آهي. هاڻي محرڪ ويليو وڃائي ويٺا آهن. انسپائريشن ناهي. چڪور چنڊ ڪان انسپائر ٿيندو آهي ۽ بلبل گُل ڪان.... منهنجي هن Motivation جي 'سيز فائر' ٿي چڪي آهي.
- اهو هُل هليل آهي تہ توهان قلم ڇڏي ٿالهيون ڪنيون آهن؟
- ٿالهيون سيلانياڻيون ڪٽنديون آهن. مون اڳ ۾ ئي چيو آهي تہ آءٌ سيلاني نہ پر ڇيلاني آهيان. (هونئن سنڌ جي نياڻين جي هٿن ۾ ٿالهيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سونهن ڪونہ ٿيون، ويڙهہ لاءِ) پر چيلاٽي ڪي بہ شريف نفس هوندو آهي. ان جي چرچ ڪبي تہ پوءِ ئي چڪ پائيندو. نانگ بہ ائين آهن، پر انسان...... ڏنگ چيلاٽن ۾ نہ– انسانن ۾ آهن.

– ڪتاب (تخليق جو موت) ڇپجڻ کان پوءِ تو ڪا ڪهاڻي نہ لکي آهي؟

– ان ڪري جو مون پنهنجو ڇپيل ڪتاب پاڻ نہ ڏٺو آهي........ هاڻ ڏٺو اٿم، بلڪ وڪيو اٿم، جوڪاين ۾! هڪ لکندڙ پاڻ پنهنجي تخليق وڪڻي، ان کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو اَپاگُ ٿي سگهي ٿو.

– ڏوڪڙ انسپائر ڪري سگهن ٿا؟

– نہ، بنهہ نہ، پئي ءَ نہ پئسو پناه گاه ٿي سگهي ٿو، انسپائريشن نٿو بڻجي.

– آءٌ ٻيڙي پيان.........؟

– مون کي ڊپ آهي تہ تون ڪڏهن پريل ٻيڙي نہ پئين؟

– نہ اُها نہ اُها نہ، ڇو تہ آءٌ پنهنجي ڌي لاءِ بہ اهو پسند نہ ڪنديس تہ هوءَ......... ۽ جيڪا شيءِ آءٌ پنهنجي ڌيءَ لاءِ پسند نٿي ڪريان سا پنهنجي لاءِ سماج لاءِ ٻين لاءِ ڪيئن ڪنديس.

– پر اسان جي پسند نہ ڪرڻ جي باوجود ڪيتريون ڳالهيون ٿين ٿيون؟

– ٿين پيون تہ اها الڳ ڳالهہ آهي. برائيون تہ آهن نہ .... ليڪ ڪو سماج سڌار ناهي. پر تڏهن بہ ......'ياري رکڻ'بدران ان سان شادي ڪرڻ سٺو آهي. چئن شادين جي فلسفي جي حمايت ٿي ڪريان، جو مسلمينن کي نيٺ 'ائڊز' کان بچڻو آهي. ڇو تہ مسلمين آهيان. نہ هجان ها تہ چئن کي چئن سان ضرب ڏيان ها. پر ان لاءِ نياڻ ضروري آهي. برقرار نٿا رکي سگهو، تہ ان کي دل سان بيقرار رکو.

– پلا ساهيڙپ ....؟

– ساهيڙپ....... هم جنسيت .... منهنجو اندر اُن کي لڱو نٿو چوي. چاڪاڻ تہ اسان وٽ شاديون ڏاڍيون مهانگيون آهن، ان ڪري ماڻهون سستي ۽ سولي طريقي ڏانهن لوهہ پائيندو ۽ ٻاهر تہ اهو سڀ Legalize ٿيل آهي.

– هونئن هم جنسيت فرائڊ مطابق شخصيت جي نشونما لاءِ هڪ اهم نفسياتي ڪيفيت آهي. جنهن مان هر ماڻهون لنگهي ٿو....پل ڪو ميڇي نہ ميڇي.

– ڊِڄ ٿيندو اَٿئي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- ڊچان رڳو امان کان ٿي. بابا جو احترام ڪندي آهيان ۽ پيار رڳو ڏيءُ سان ٿي ڪريان.

- پلا رنگ ڪهڙو ٿو وڻنئي؟

- رنگن سان چاهه نہ اٿم.........

- colour blind?

- نہ .... colourless less less آهيان. ۽ 'ليس' تہ رون تي بہ نہ وڻندي اٿم. هي رنُو پاڇائيءَ جو اٿم. اَڇو ۽ ڪارو بہ رنگ ٿين ٿا.

- اڇو ۽ ڪارو بہ انتهائون؟

- ٻئي انتهائون جڏهن ڪنيون ٿينديون، تڏهن آءٌ پاڻ کي balanced فيل ڪندي آهيان. سنڌين لاءِ balanced هئڻ ضروري آهي؟

نہ- سنڌين لاءِ رڳو ان اکر جو اَڌ يعني 'ban' هئڻ ضروري آهي.

- تون balanced آهين؟

- آءٌ survive ڪري رهي آهيان. unbalanced هئڻ سان ماٿهويا تہ مري ويندو آهي يا چريو ٿي پوندو آهي. مان اڃا نہ مئي آهيان نہ چري ٿي آهيان.

- تہ تون پاڻ کي سنئون ٿي سمجهين؟ سو! هڪ ٽريءَ وانگي!؟

- ها، لکڻ مهل ڏنگي ڦڏي ٿي ويندي آهيان، ڪار وهنوار ۾ سڌي هوندي آهيان ڪار وهنوار ۾ اونڌو ڏسي پڇان ونندي اٿم.......

- هڪ سرجڻهار، ساهتڪار جو ڪهڙو ڪردار ٿي سگهي ٿو؟

- هو حساس هوندو آهي، پنهنجي حقن ۽ فرضن جي سڃاڻ رکندو آهي. هو هر حالت ۾ حق شرع پاريندو آهي.

- ۽ ائين هو ڪري رهيو آهي؟

- نہ، ائين هو نہ ڪري رهيو آهي. سنڌي ادب ۾ جيڪي بہ ادبيون آهن، اهي مون ڪٿي بہ ناهن ڏٺيون! هتي جهڙوگند آهي..... گند خراب ناهي، پر ان لاءِ ڪا مخصوص boundry ڪا limit هئڻ گهرجي .... ڊسٽ بن بازار... باٿ روم.

- انهيءَ گند ٻهارڻ ۾ تو ڪهڙو رول ادا ڪيو آهي؟ يا تو بہ ان گند ۾ واڌرو ڪيو آهي؟

- مون گند ناهي ڪيو. ائين هجي تہ مون کي احساس ڏياريو. آءٌ پنهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حصي جو گند ڀاڻ ڪنديس، پر ٻين جو گند آءٌ نٿي کڻي سگهان، اهو حصو انهن کي ڀاڻ ڪرڻ گهرجي.

- ڀاڻ ماچيس مٿان ڀيون؟

- ڪم مڙئي آ ڀارڻ سان. لاٽر آءٌ ڀاڻ افورڊ نٿي ڪري سگهان. آءٌ ته لپ اسٽڪ افورڊ نٿي ڪري سگهان.

- ڪهڙي لحاظ کان، ڪيسو يا ذهن؟

- ڪيسي جي ڳالهه پوءِ جي آهي، پهرين ذهني طور تي افورڊ نٿي ڪري سگهان.

- ادبي اختلاف ته ٻڌا اٿئون، پر ادب ۾ هي ذاتي اختلاف ڪوهه ڪاهي پيا آهن؟

- ڪاهي پوڻ ڪپن، ڇا ڪاڻ ته ائين چند ڇاڻ ٿيندي. ذات به فلٽر ٿيڻ گهرجي.

- ائين اصل مسئلا رهجي نه ويندا؟

- ڦڪيءَ کي ڇاڻي ڪاٿبو آهي، تڏهن ئي فرق ڪندي آهي، ادب ۾ به ائين ٿيڻ گهرجي.

-ڳالهه وري به اصل مسئلن جي آهي، اسان وٽ ناول ڏکهي ڪهاڻي، ناولٽ، تنقيد، اسٽيج ناٽڪ، لکڻين تي اُجوري جهڙا مسئلا، ٽولي بازيون، ٺيڪيداريون...........

- اصل مسئلن جي صحيح معنا ۾ اسان کي ڄاڻ ڪانهي، ان ۾ وقت لڳندو.

- ڪيترو وقت؟

- آءٌ نه، ته منهنجا ڀار، تن جا ڀار............

- ڇا تنهنجي لکڻين کي رڳو ساراهيو ئي وڃڻ گهرجي؟

- ساراهه وٽندي ٿم، جيڪا ساراهه آهي اها نٿي وٺيم، جڏهن ته دل ۾ ان کي ميان ٿي، ساراهه تي ماٺ ته ڪري سگهان ٿي، پر ميجي نٿي سگهان.

- پوءِ ڇاهي اُها ساراهه غلط ئي چو نه هجي؟

- اهو فيصلو آءٌ نٿي ڪري سگهان، گهٽ ۾ گهٽ ماٺهن ۾ ته ڀٽيءَ نه . بنهه اڪيلائي هجي ته پوءِ.........

- بنهه اڪيلائي آهي به سهي؟

- آهي ئي ڪونه.

- اڪيلي اڪيلي ۾ دنيا اسين، ميلي جهميلي ۾ تنها اسين!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- ها، نہ، نہ، ها.........

- توکي هوندن بہ، ۽ هينئر بہ اهو فيل ٿئي ٿو، تہ تون چٽي پٽي ناهين! پڌري پٽ ناهين؟

- چٽي تہ ڪا بہ شيءِ ڪونهي!

- تون ڇا ٿي سمجهين تہ اهڙي ايڪانت ملي بہ تہ اهو عرصو فيصلن جو هوندو آهي يا ڀوڳڻ جو؟

- ها. اهو عرصو ڀوڳڻ جو ئي هوندو آهي!

- ڀلا لکڻ جو ڪو مقصد ؟

- مقصد ناهي، هوندو تڏهن بہ چٽو ناهي! مان پاڻ بہ چٽي پٽي ناهيان. قلم سان سچي آهيان، پر ڪڏهن ڪڏهن پنهنجو پاڻ کان بہ لڪائي ڇڏيندي آهيان.

- سچ ڇا هي؟

- هڪ معمولي ڇاٽا... جنهن کي گهٽائي ميجي، ۽ محسوس ڪري.

- بور ٿيندي آهين؟

- اهي ڏاڍا اڙانگا ڪن آهن. سچ پڇ ، ڏينهن قيام تائين بور ٿيندي رهندس.

- هڪ سرجڻهار لاءِ بور ٿيڻ ضروري آهي.

- ها، تخريب ضروري آهي، تعمير لاءِ حال ۾ لکيو ٿم، ضروري ناهي تہ اهو ستائش قابل هجي. ڀتين تي لکيو اٿم. جڙيل ناهي، ٽڪرا ٽڪرا ڪو بہ تسلسل ناهي انهن ۾ ....

- سيڪوئنس ضروري نہ ناهي ٽڪرا هئڻ کي بہ تہ ڪا معنيٰ ٿي سگهي ٿي.

- آءٌ جا خود جڙيل ناهيان........ ناهيان.......... پور پور، ٽڪرا ٽڪرا. ان ڪري ئي شايد جڙيل هجڻ، تسلسل وڻندو ٿم.

- لکڻ کان پوءِ relaxed فيل ڪندي آهين؟

- آءٌ relaxed هوندي آهيان تڏهن لکندي آهيان.

- آخري خواهش؟

آءٌ وقت کي نہ moments کي enjoy ڪرڻ ٿي چاهيان...... بس رڳو ڪي ڪي پل........

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڻيءَ منجهه پتاشو

نصير مرزا

تعارف

سنڌي ٻوليءَ جي ذهين ۽ بيباڪ ڪهاڻيڪار خيرالنساءِ جعفري ستر واري ڏهاڪي ۾ اُڀري آيل ليکڪ ۾ ليکڪائن جي لسٽ ۾ سڀ کان ٽاپ تي نظر اچي ٿي. مولائي طبيعت واري هي ليکڪا هر ناهه نوهه کان لاپرواهه. پنهنجي من ۾ مست مگن، سندس شخصيت ڪليل آڪاش وانگر آهي. ڪيس ڏسي دل چاهيندي آهي ڪاش سنڌي سماج جون سڀ آئيڊيل پيٽون اهڙيون ئي هجن. گڏي سندس گهريلو نالو آهي پر هاڻي ادبي دنيا ۾ به انهيءَ نالي سان سڃاتي وڃي ٿي بظاهر ڏاڍي رلڻي ملڻي. پر سندس ڊائلاگ ٿري ناٽ ٿري جي گولي جيترو گهرو گهاءُ ڏيندڙ. سندس ڳالهائڻ تقرير ڪرڻ توڙي ڪهاڻي سندس اهڙا محاذ آهن جن تي دوست مائٽ ۽ پڙهندڙ ائين هوندا آهن ڄڻ امتحان هال ۾ ويٺل هجن. جيڪو اڌ ۾ ڇڏي اٿي ڀڳو سو ڇٽو. جنهن ڪيس برداشت ڪيو ان لاءِ هو کنڊ پتاشي جيتري مٺي آهي. پنهنجي اينگل کان ڳالهه سچي ڪري ۽ منهن تي ڦهڪائڻ جي قائل آهي. ”تخليق جو موت“ سندس ڪهاڻين جو پهريون مجموعو آهي. جيڪو ٧٨ ۾ ڇپيو ۽ اڄڪلهه آئوٽ آف اسٽاڪ آهي. بيشڪ ته سندس اِهو مجموعو سنڌي ڪهاڻين جي مجموعن ۾ هڪ اهم مرتبو رکي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خيرالنساءِ جعفري بي حد تـڪل تـڪل ۽ اُداس موڊ ۾، پنهي هٿن جي ڪشڪول ۾ مک رکي، نهايت ڌيان گيان سان منهنجا سوال پڙدي، پرسڪون انداز ۾ ننڍڙا ۽ معصوم جواب ڏئي رهي هئي. ڪنهن بہ طرح دل نہ پئي چاهيو تہ، سوالن جا ايترا مختصر جواب ملن. چو تہ خواهش هئم تہ منهنجي سوالن جي ريس ڪورس ۾ پيڻ خيرو (گڏي) هميشہ وانگي پنهنجي جوابن جا گهوڙا تيز ڊوڙائي. پر پوءِ خيال آيم متان گڏي اِن ڳالھ کي سمجهي وئي هجي تہ، تيز هلڻ ۽ تيز ڳالهائڻ سان ماٺهو جلدي ڪِري پوندو اهي ايحان ان پڌ تر ۾ ئي هئس تہ، اهڙي حالت ۾ ڪهڙا سوال ڪريان ۽ ڪهڙا ڊراپ ڪيان. چو تہ جوابن لاءِ بهرحال سندس موڊ نـهيو ئي ڪو نہ پئي. پرپوءِ اوچتو ٿيو هيئن جو گڏي جي ڳالهين جو تنور گرم ٿيڻ لڳو....... ۽ سندس اگرين ۽ چپن جي وچ ۾ پن جي ٻيڙي تيزيءَ سان ختم ٿي رهي هئي.

ڪوڙ سال اڳي مون، هالي ووڊ جي تيار ڪيل دنيا جي حساس ٻارن بابت هڪ عجيب ۽ تـچي ڊاڪيو مينٽري فلم ڏٺي هئي. اَن فلم ۾ بنگلاديش جي هڪ حساس ٻارڙيءَ جو ڪردار ڏاڍو عجب ۽ ذڪوئيندڙ هو. هن ٻارڙيءَ وٽ کلڻ روئڻ ۽ نچڻ لاءِ هڪ شيڊول مقرر هو ۽ هو ان مطابق زندگي گذاري ٿي. روئڻ لاءِ هن جي موسم هئي سانونڻ!! جيئن تہ ماٺهن جي اڳيان روئندي هو پنهنجي همت جي انسلٽ فيل ڪندي هئي. ان ڪري سڀ دک ۽ پيڙائون ڊائري تي نوٽ ڪري ڇڏيندي هئي. سانونڻ جي رم جهم ورڪا ۾ پنهنجا سڀ دک ياد ڪري ڪليل اگڻ ۾ بيهي بوندن ۾ پچندي ۽ روئندي هئي. ائين هوءَ ٻرڪا سان گڏ پنهنجا دک بہ اينجواءِ ڪندي هئي. بنگلاديش جي اُها نينگري ذهن ۾ ايندي ئي مون کي الائي چو، ادي گڏي ڏاڍو ياد آئي. شايد ان ڪري بہ جو سڀ موسمون هن جي کلڻ ملڻ جون موسمون آهن. سال جي فقط هڪ موسم هن جي روئڻ لاءِ آهي. يعني: ”محرم“ جڏهن هوءَ امام بارگاھ ۾ منبر آڏو لوبان ۽ اگربتين جي خوشبو خوشبودائرن ۾ ويهي، مولا جي مصائب سان گڏ پنهنجا سڀ دک ياد ڪري، ڪاري شفون جي رئي سان لڙڪ اگهي، بلڪل فريش ٿي ويندي آهي. گڏيءَ هن ڳالھ ٻولھ ۾ ڪٿي پاڻ ئي منهنجي هڪ سوال تہ: سدائين کلندي نظر ايندا آهيو. ڪڏهن رنو بہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اٿو؟ جو جواب ڏيندي چيو هو: پائي! اِها ٿي منهنجي روئڻ جي موسم آهي. نہ پلا!! (نہ پلا گڏيءَ جو تڪيہ ڪلام هو. جيڪو هن هر جواب جي آخر ۾ نهايت سخاوت سان استعمال ڪيو ٿئي).

پلا خدا کي حاضر ناظر ڄاڻي ٻڌايو تہ، اوهان ڪهاڻي ڪڏهن۽ڇو لکي؟ گڏي باقاعده سنجيدگيءَ سان جواب ڏيڻ شروع ڪيو. ادب جي مطالعي جو رحجان شروع کان ٿي هو. مٺان يونيورسٽيءَ ۾ پڙهائيندي اهڙين سرتين جو ساٿ مليو، جن کي لکڻ سان بي حد چاهہ هو. ٿرڊ فلور جي ڪامن روم ۾ سرتين جي ڏماچوڪڙين ۾ اُهي اُهي ڊائلاگس ڳالهائيندي يون هيوسين جو پوءِ، ڪڏهن خيال ٿيندو هو. ڪاش اِهي ڊائلاگ وڏي ڪا ڪهاڻي ٿي پون. تنوير جوڻيجو ۽ ليليٰ بانا جي ادبي صحبت ۾ اِهو ڪرشمو ظاهر ٿي ٿيٺو هو. مون ڪهاڻي لکي ڏيکاري. ۽ خ.ج. جي نالي سان سوجهري ڏانهن موڪليم. همت افزائي جو خط پهتو تہ لکي چيو مان تہ، هاڻي! ڪهاڻي منهنجي پوري يعني خيرالنساءِ جعفري جي نالي سان ڇپيو. سو پائي! ائين ادبي سفر شروع ٿي ويو ۽ .... (گڏي ايجان جواب ڏنو ٿي پئي تہ سنڌس ڏيءَ صائمہ ڪمري ۾ آئي ۽ ضد ڪرڻ لڳي تہ مون کي ڪينچي ۽ ڪاغذ ڏئي تہ ويهي گل ڪتريان. گڏي اٿي ڪيس نارنگي رنگ واري ڪينچي ۽ پراڻا پڙا ڪترڻ لاءِ ڏئي واپس ڪوچ تي ويهڻ بجاءِ هيٺ قالين تي ويهي رهي هاڻي مان گڏي کان جيڪو سوال ڪيو اهو هو تہ: آغا سليم، نسيم ڪرل، تونئي جليل جي ڪهاڻين جي پيٽ ۾ اڄ جي ڪهاڻي اهڙو فيم نہ ماڻي سگهي آهي. ڇو؟ ڳالهہ تہ ڳتي جهڙي ڪئي اٿئي نہ پلا!! اُن جو ڪارڻ ممڪن آهي هي بہ هجي تہ، انهن جا تجربا اسان کان وڏيڪ مئچوئر هجن. پيو تہ هن جنهن دور ۾ لکيو، اهو هر لحاظ کان هنگامي دور هو. ذهني سجاڳي بلڪل نئين ۽ نظرياتي ليول تي آسري رهي هئي ڪورتون ڪيس چالان، تحريڪون ٻڌ ٻڌان سڄو وايون منڊل اهڙو نهي پيو هو جو، ماڻهو پنهنجي ليکڪ ۾ دلچسپي وٺڻ لڳا هئا. اسان سان ٽرئجڊي هي بہ آهي تہ، ڪسي حالتن ۽ مئٽريڪس جي دور مان گذري رهيا آهيون. ٽين ايجز ڄاڻي واڻي بہ هاڃيڪار مسئلن کان منهن موڙي پنهنجي اندر (داخليت) ۾ لهي آيو آهي جيڪر انهن حالتن سان منهن مقابل ٿئي تہ، پاڳل ٿي گوريون ڦڪي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مري ويجي ۽ اڳ جي پيٽ ۾ ليکڪن جو تعداد بہ وڏيو آهي. وراڻتي بہ اڇي وئي آهي ليکڪ سورج آهن ۽ اسين فقط تروراٿ..... تروراٿ"پلا پنهنجي ڪا اهڙي ڪهاڻي سُجهيوَ تي جنهنجي ڪنهن ويچاري ڪردار سان انصاف نہ ڪري سگهيا هجو؟

نہ پائي!! ائين ڪڏهن ناهي ٿيو. منهنجا ڪردار مڪمل فارم ۾ هوندا آهن. اهي جڏهن مڪمل شيپ (صورت) وٺي ذهن ۾ نهندا آهن تڏهن ئي انهن کي لکندي آهيان مان انهن کي بس ايترو ئي سمجهندي آهيان جيترو لکندي آهيان. نہ پلا....... (جواب پوروئي ٿيڻ وارو هو تہ امان ڪمري ۾ داخل ٿي. آئي گڏي! پئسا الائي ڪٿي رکيا اٿم گڏي جواب ڏنو. امان مونکي تہ خبر ڪانهي. اتي ئي پيا هوندا جتي توهان رکيا هوندا) گڏي سلسلو ڳنڍيندي پڇو پائي الائي ڪهڙو سوال هو، پر هاڻي مان ٺئون سوال پڇانس ٿو. پلا ڪهاڻي "حويلي کان هاسٽل تائين" وارو موضوع ذهن ۾ ڇو ۽ ڪيئن آيو؟ ڇو جو جواب آهي تہ هرون پرون ان موضوع تي لکڻ جو ڪريز هو، مثان هڪ مهٺو مليم تہ سيڪس تي لکي خيرو سستي شهرت تي چاهي سو ان شخص کي تيز ڪرڻ لاءِ اها ڪهاڻي لکيم. موضوع توٺي پلاٽ بس اتان ئي ملي ويم. جتي روز پڙهائڻ ويجان ٿي. ڪردار بلڪل سچا پچا آهن بس نلهو تريٽمنٽ منهنجي آهي.

پر پڌايو تہ سهي توهان جي هر ڪهاڻي ۾ ٿي ڪردار ڇو هوندا آهن؟ انهن مان هڪ ڪردار شيما مذهب جو پرچار بہ ضرور ڪندو آهي. اهو ڇا آهي؟ ٽن ڪردارن جو هجڻ محض اتفاق آهي. هوئڻ ممڪن آهي پس منظر ۾ ٽن سان منهنجي ڪا ذهني وابستگي هجي يونيورسٽي ۾ اسان ساهيلين جو بہ هڪ ٽڪندو هو مٿان اهو اثر هجي. باقي توکي تہ خبر آهي، مان حسين حسين چوندڙن جي گهر ۾ پيدا ٿي آهيان. مون کي اهو مذهب آسماني مذهب لڳندو آهي. ٻيا سڀ مذهب خوشي ڏين ٿا، پر هتي وري روح پٽڪي ۾ سڪون ملي ٿو، لکي چڏ تہ اهو "ٽيون ٽنل تارو" ڪردار منهنجو آهي جنهن ۾ منهنجو ذاتي رنگ مشاهدو ۽ فلاسافي هوندي آهي اتي مان گڏي کي اڏ ۾ ڪٽي ان سوال سان لاڳاپيل ٺئون سوال پڇان ٿو.

توهان جي هر ڪهاڻي جو اهو ٽيون ڪردار هر دفعي هر ڪهاڻي ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حوصلي جا هٿيار ڦٽا ڪري مايوس ٿي منزل کان موٽڻ لڳندو آهي ڇو؟

ها يائي! اهو آهي سچ! گڏيءَ سهمت ٿيندي جواب ڏنو منهنجا ڪجهه نجا ۽ ذاتي ڪامپليڪس آهن مان سمجهان ٿي ته: ڪهاڻي لکندي مان صرف پنهنجو پاڻ کي پنهنجي اندر کي آرسي ۾ ڏسندي رهندي آهيان. جيئن دونهين مان هوريان هوريان منظر ظاهر ٿيندو آهي لکڻ سان خود منهنجو ذهني ڪردار منهنجي بي طاقتي ان ڪردار جي صورت ۾ منهنجي آڏو ايندي آهي اهو ڪردار منهنجو عڪس ناهي پر مان پاڻ آهيان........ مايوسي مان نجات جو ٻيو ڪو به رستو ڪونهي سواءِ خودڪشي جي پر بابا پاڻ ۾ ايڏي همت ناهي. گڏي باقاعده کلندي جواب ڏنو....... اوچتو گڏيءَ چيو (آئي ٻڌ نصير!! ڪباب ڪائيندين؟ آءٌ ڪو جواب ڏيان ان کان اڳي گڏي پنهنجي ڪزن ڀاءُ حميد کي ڇهن ڪبابن جو آرڊر ڏئي ڇڏيو.) ڪاڏي جي ڳالهه نڪتي ته ڪائنس پڇيم "مڪئي جو سنگ ڏسڻ سان خيرالنساءِ ڏاڏو ياد ايندي آهي. ادب ۾ اهي شيون لازم ملزوم بنجي ويون آهن.

واقعي مڪئي جو سنگ اوهان کي ايڏو وڻندو آهي؟ گڏي هلڪو مرڪي جواب ڏنو. يائي مڪئي جو سنگ مون کي ذاتي طور تي ته نه .... ليليٰ بانا جي حوالي سان وڻندو هو ليليٰ کي سنگ ۽ ڏڏڙي ڏاڍو وڻندي هئي. (ان مهل به گڏي جي ڏي صائمه ڏڏڙي کائي رهي هئي) هاڻي ڪجهه به نٿو وڻيم (گڏي گمڀير ٿي ويئي هئي نه سنگ نه سنگتياڻيون يائي نصير! جڏهن ماڻهو پنهنجو پاڻ کي نه وڻي نه .... تڏهن ڪجهه به ناهي وڻندو نه يلا! ۽ اها حقيقت به اٿئي ته صائمه کان سواءِ مون کي ٻيو ڪجهه به نٿو وڻي. بس الائي ڇو.......

زندگي جي بوگس پلان واري ڪهاڻي ۾ گهلجندي مون ڪوڙ دفعا گڏي کي ڪول ڪارنرس تي اڳلو ۽ چوڪربا آئيس ڪريم ڪائيندي رستن تي تيز تيز هلندي صائمه کي ڪڇ تي گهمائيندي ڏٺو آهي محسوس ائين ٿيندو آهي ڄڻ گڏي جلد کان جلد ڪنهن اوچائي تي پهچڻ تي چاهي پڇو مانس ادي گڏي! توهان جو گهر فرسٽ فلور تي ۽ آسمان جي وچ ۾ رهڻ ڪيئن ڀيو لڳي؟

(سوال جي وچ ۾ ڀاءُ حميد ڪباب ڪٽي آيو ۽ جواب وري رولڙي ۾ پئجي ويو) پر ڪباب پليٽ ۾ رکندي هو جواب ڏيندي رهي: يائي!! اسان جهڙا ماڻهو وچ ۾ ئي رهڻ گهرجن. زندگي ۽ موت جي وچ واري ڪشمڪش

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يعني سڪرات ۾ ئي نجات آهي. هوئن سوچان ٿي ته، مرڻ کان پوءِ پل صراط جي وچ ۾ ئي پئي پٽڪندس نه جنت ۾ ويجي سگهندس نه دوزخ ۾ ۽ الائي ڇو اهو احساس به ڪنهن ڪنهن مهل ڏاڍو ٿيندو اٿم ته، مان بنان نتيجي ڏسڻ جي مري ويندس. (هاڻي اسان باقائده ماني ۽ ڪباب کائڻ شروع ڪري ڏنا هئا! واهه ڪيڏا نه لزيز ڪباب آهن) گرهه وات ۾ ۽ سوال ڇپن تي:- ڪڏهن ڪليل آڳڙ ۾ صائمه سان گڏ ليٽي، آسمان جا ستارا ڳڻڻ جو تجربو ڪيو اٿو؟ اها آهي ته بي حد رومنيٽڪ ڪرت! پر صائمه ڪڏهن ڳڻڻ ئي ناهي ڏيندي. ها! البت ڪڏهن موڊ ٿيندو آهي ته، ڇت تي چڙهي هيٺالي جا بلب ڳڻيندي آهيان ڪهڙيون ڪيفيتون اوهان کي تڇي بنائي ڇڏينديون آهن؟ جيڪا ڪنهن نه ڪنهن اينگل کا پنچ ڪري اِن بريڪ ايبل گلاس ڏنو اٿئي نه! بظاهر ان کي ٽٽڻ نه گهرجي پر ان کي به ڪنهن نه ڪنهن اينگل کان ڌڪ لڳي ٿو ته ٽٽيو پوي سومون ۾ به يائي! تڇي ٿيڻ ۽ ٽٽي پوڻ لاءِ اهڙي اينگل جي گنجائش موجود آهي. ڀلا توهان جي ڇهين حس صحيح اڳڪٿيون ڪندي آهي يا......؟ گڏي هن سوال تي باقائده ٺهڪ ڏئي کلي پئي. منهنجي ڇهين حس جون تعميري خصوصيتون بلڪل بوگس آهن. چوندا آهن ته، ڏائي نه وڏاٽي پر منهنجي ڏائي بجاءِ سدائين ڪاٻي اک ڦڙڪندي آهي. ۽ سمجهي ويندي آهيان، برائي آئي ڪا آئي. سو يائي! منهنجي ڇهين حس سدائين ابتيون اڳڪٽيون ڪندي آهي.

توهان جو اسٽار ڪهڙو آهي؟ اسٽار منهنجو ليؤ Leo آهي عنصر سج ۽ نشاني شينهن پر سج پچين نه ته، مان پاڻ کي ڇانورن ۾ سرنڊڙ ليئو تي سمجهان (گڏي جي ڪچ ۾ وينل صائمه لفظ اسٽار کي جهٽي ورتو ۽ جهونگارڻ لڳي اسٽار، اسٽار، اسٽار، آسٽار سندس اسٽار واري تڪرار تي ائين لڳو ڄڻ امام بارگاهه مان آواز ايندو هجي حسين حسين، حسين)

توهان جو مهتاب ڇنا کان پڇيل سوال اوهان کان ئي پڇان ٿو ته اوهان کي ڪڏهن ڪنهن تي رشڪ آيو؟

ها! مون کي خود مهتاب تي ئي رشڪ ايندو آهي.

ڪهڙو نالو ٻڌي ان تي لعنت وجهڻ لاءِ دل چاهيندي آٿو؟

نالو ٻڌائيندس ته هوئن ئي سنسر ڪرائي ڇڏيندو.

وري به ڪا نشاني ٻڌايو؟ هن جي اکين تي ٨٨ جا انگ ڇاپيا پيا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وس پڇيو تہ ڪهڙو وڏو ڪم ڪري ڏيکاريو؟ جيڪر سليماني ٽوپي پائي ماڻهن جي اندر ۾ گهڙي وڃان ۽ ڏسان تہ هو زندگيءَ کي ڪيئن ٿا ”فيل“ ڪن.

سنڌي سماج جي خطرناڪ روايت، سس ننهن ۽ ننان ڀاڄائي واري جهيڳڙي بابت ڇا خيال اٿو؟

اهي هئڻ گهرجن، سٺو ايڊونچر آهي. علامہ آئي- آئي قاضي چيو آهي تہ، جيڪا شيءِ ٺئي ٿي. ان کي ائين ئي ٿيڻ گهرجي. نہ تہ ٻي صورت ۾ ڪجهہ ٿي نٿو سگهي.

پنهنجو ئي لکيل ڪو ڊائلاگ ٻڌايو جيڪو اوهان کي پاڻ بہ پسند هجي؟

پاڻ کي تہ پيائي! سڀ ڊائلاگ ئي وسري ويا آهن.

خواب ڪهڙا ڏسندا آهيو؟ ڪسي ٿيل! جن مان ڪابہ معنيٰ ناهي نڪرندي.

عورت عمومن مرد جي اڳيان سورج مکيءَ جو گل هوندي آهي. مرد کي ڪهڙو گل هجڻ گهرجي؟

مرد کي عورت جي اڳيان گوبيءَ جو گل هجڻ گهرجي.

پر ويچارو گوبي بہ نہ ٿي سگهيو گل ئي ٿي ويو.... منهنجو مطلب آهي جيئن بَتي گُل ٿي ويندي آهي.

ليکڪ ۽ ليکڪائن کي ڇا سارتر جي دوست سائمن دي بوا وانگر زندگي گذاري ڇڏجي؟سرهہ چوندي آهي. ڪو سچو پيار ڏئي. پوءِ اُهو دنيا جي ڪنهن بہ ڪنڊ ۾ ويجي رهي. شادي ڪرڻ بنان ئي بس خالي ذهني رفاقت جي سهاري زندگي خوشي سان گذاري سگهجي ٿي.

جڏهن وارن ۾ چاندي لهندي تہ زندگي ڪيئن گذاريندؤ؟

لهندي ڇا، لهي آئي آهي. باقي جڏهن ڏندن ۽ بدن ۾ چاندي نهندي تہ، ڪٿي سنڌؤ ۾ ڏيپو ڏبو. (آئي نہ نہ پاڻ ۾ خودڪشيءَ جي همت ناهي پيائي)

ادي گڏي سوال تہ سڀ ختم ٿي ويا آهن. هاڻي ڪهڙو سوال پڇان؟

ڪوبہ نہ

ڪوبہ نہ

ڪوبہ نہ!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خيرالنساءَ جعفري

علي نواز ڦل

مون کي 'سنڌ' جي پهرين پرچي لاءِ پنهنجي مرضيءَ تي ڪنهن اهم شخصيت کان انٽرويو وٺڻ لاءِ چيو ويو. منهنجي ذهن ۾ منهنجي پسند جا ڪجهه ليکڪ ڦرڻ لڳا. عبدالقادر جوڻيجو، ماهتاب محبوب، علي بابا ۽ خيرالنساءِ جعفري. انهن چئن نالن تي سوچڻ لڳس ته خيرو سان ڳالهائڻ معنيٰ ککر ۾ ڪڙو هڻڻ يا پنهنجي حاج لهرائڻ جي برابر آهي. جڏهن عبدالقادر جوڻيجي کائنس 'اديون' لاءِ انٽرويو ورتو هو ته مون پڇيو هو مانس "ڏي خبر خيرو انٽرويو دوران ڪيئن لڳي؟" ته ٻئي هٿ ڪنن جي پاپڙين ۾ وجهي چيو هٿائين، "بابا اسان جي جاءِ ناهي!" سو مان به ڊڄندي ڊڄندي دل ٻڌي وينس ۽ پنهنجي حاج لهرائڻ خيرؤ وٽ وڃي پهتس، تڙ تکڙ ۾ ان وقت جيڪي سوال مون کان سجهيا سي پڇيامانس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خيرالنساءِ جعفري کي انهن ڪهاڻيڪارن ۾ ڳڻي سگهجي ٿو، جن پنهنجا سنڌي ادب ۾ پڙهندڙ پيدا ڪيا آهن. امر جليل، نسيم کرل، آغا سليم، ماهتاب محبوب، عبدالقادر جوڻيجو، علي بابا، غلام نبي مغل ۽ خيرالنساءِ جعفري ڪهاڻي ڪيتر ۾ اهڙا ليکڪ آهن جن پڙهندڙن جو پنهنجو مخصوص طبقو ناهي ورتو ۽ ان کان پوءِ موجود سنڌي ڪهاڻيڪارن مان اهڙو نالو ڪونه ٿو نظر اچي جنهن پنهنجا مخصوص پڙهندڙ پيدا ڪيا هجن. ”٦٦-٦٧- ٦٨“ ”تخليق جو موت“ ۽ ”حويليءَ کان هاسٽل تائين“ خيرو جون صرف سنڌيءَ جون شاهڪار ڪهاڻيون آهن پر بين الاقوامي ليول تي پڻ انهن ڪهاڻين ۽ ڪهاڻيڪاره کي وڏي اهميت حاصل آهي.

مون خيرو کان هيٺيون ڳالهيون پڇيون:

▲ ماڻهو لاءِ لکڻ ڇو ۽ ڪڏهن ضروري ٿي پوندو آهي؟

جڏهن زندگي گذارڻ لاءِ صرف ساڄي يا کاٻي آڱوٺي جي نشان Right; Left; thumb impression کي انسان پنهنجي حق ۾ ڪمزور سمجهي. زندگيءَ سان جهيڙڻ يا ريڙهڻ ۾ جڏهن صرف آڱوٺي جو نشان ئي ٿورو گهٽو حوصلو بخشي وڃي پوءِ انسان ڇو نه ڇڙي آڱوٺي سان باقي آڱرين جو زور لائي زندگي کي پوندبو ڏيڻ بدران پنهنجي ياڪر ۾ پري وني. جو قلم هٿ ۾ هجڻ سان انسان ڪيترين ئي شيطاني بلائن کان بچيو رهي. قلم جي قوت جو اعتراف ماڻهون ته ڇا خدا به قرآن ۾ قسم کڻي ڪيو آهي. جي هٿ قلم جو علم سنيالين اُهي ڌرتيءَ تي صليب کوڙڻ نه ڄاڻن اهي ته آسمان تي نقب هڻي آسمان جون دريون کوليندا آهن.

▲ ڪڏهن ائين به ٿيو جو اوهان پنهنجي منهن ويهي سوچيو هجي ته مون کي ادبي ماحول ۾ نه اچڻ کپندو هو؟

▲ نه- بنهه نه- ادب کي ڪوبه محدود ماحول نه آهي، بلڪ ادب ته آسمان جي لامحدود وسعتن جو سرچشمو آهي، مون کي جڏهن به اِن چشمي مان چڪي پيئڻ جو احساس ٿيو تڏهن يقين ڪر ته منهنجي اکين تان شين جي پري کان نظر اچڻ وارو چشموئي لهي ويو.......... هاڻ صرف شين کي ويجهو ڏسڻ لاءِ چشمون پائيندي آهيان. خوشي اٿم ادب ۾ اچڻ ڪري چشم بينا وڏي وئي اٿم ۽ طوطي چشم بنجڻ کان بچي وئي آهيان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

▲ ڪهڙو ڏيهي پرڏيهي ليکڪ، ليکڪا پسند اٿو؟

▲ ڪو وقت هو جڏهن نسيم کرل ۽ آغا سليم بيحد وڻندا هئا....... انهن جي تحرير ۾ اڄ به اُها تازگي ۽ جوت آهي جا ڪلهه سندن لکڻ وقت اَگرين جي لمس ۾ هئي. نسيم مري ويو (شايد آغا به جيئرو هوندي ئي گذاري ويو) پرهينئر به سنڌي ادب سندن ئي ڪشش تي قائم آهي. هاڻي هن وقت عبدالقادر جوڻيجو لکي ٿو ۽ خوب لکي ٿو، اهو شخص قبر مان به لکندو رهندو. سندس قيامت به پانيان ٿي ته "ڊالر اِنڪ" سان ڪاري هوندي.

▲ مهان ليکڪ جو اوهان وٽ معيار؟

▲ جنهن جي صرف هڪ لفظ يا هڪ سٽ سٽ ڏيئي دل ۾ گهڙي وڃي.

▲ سنڌي عورت ادب جي جا خدمت ڪئي آهي اُن مان اوهان ڪيتري قدر مطمئن آهيو؟

▲ اڄ جي عورت پنهنجي گهر، ور ۽ ٻارن جي خدمت مان واندي ئي ڪڏهن ٿي آهي جو ادب جي خدمت لاءِ وقت ڪڍي. اڄ جي عورت ڪي هن دنيا ڪي منهن ڏيڻ جون جوابداريون ڪاڏي جي ميز کان ڪٺي ريشم گليءَ جي ڪنهن ڪنڊ ۾ گم ڪريو ڇڏين......... فئمليءَ جي لڄياليءَ کان ونی فئملي پلينگ تائين جي رکوالي عورت جي ذمي، پوءِ ادب جي تخليق لاءِ وقت ڪٿان اچي. جو ڪجهه ٿورو ڪي گهڻون لکجي رهيو آهي اُن ۾ تخليق گهٽ دستاويزيت گهڻي آهي..... هرو پرو به جيڪڏهن ڪا اُڙي ٽڙي نئين ٽهيءَ مان ڪا نياڻي نماڻي قلم آزمائي ڪرڻ به چاهي ٿي ته مون ته ڏٺو آهي ته اسان جي ئي ادبي لڏي مان انهن ڇوڪرين جي نانءِ ستائش جي لبادي ۾ هڪڙو عاشق جو ٽولو پيدا ٿيو پوي، پوءِ ڇوڪري ويچاري لڄائيندي شرمائيندي وتندي انهن جي رومانٽڪ فونن، خطن، ۽ سنديسن جا سرا سلجهائيندي........ جيڪي اسان ٻاريون اِنهن چرچن کان چڙهيل سي وري چرب سازيءَ ۾ چوٽ!

▲ نئين ٽهيءَ مان ڪهڙيون اميدون رکو ٿيون؟

▲ زندگيءَ جي هر معاملي ۾ Concentration

▲ جدت جا ته اسين سڀ قائل آهيون، پر جديديت تي اختلاف اٿئون، توهانجي پنهنجي ذاتي راءِ ان متعلق ڇا آهي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

▲ جدت ۾ لذت آهي جڏهن تہ جديديت ۾ شدت. جدت جيوت کي تازه دم ڪري ٿي جڏهن تہ جديديت زندگيءَ کي بي دم ڪرڻ جو نانءُ .... حالانڪ ڏٺو وڃي تہ جديديت ڪنهن حد تائين هڪ ڪمزور ڪل آهي زندگيءَ سان نڀاءُ جي زندگيءَ کان انتهائي محروميت جو نتيجو 'خودڪشي' آهي. ۽ محروميت کان انتهائي بچڻ جو طريقو خودفراري....

▲ ذات ۽ سچ مان اتم ڪنهن کي ٿيون سمجهو؟

▲ ذات ۽ سچ! آهي تہ ٻنهي جي قسمت ۾ ماڻهن جو ميلو. ٻنهي جي هٽن ۾ ڏيٺي جي لاٽ واري وٿ فرق آهي اهو جو صرف هڪ (سچ) سوريءَ سزاوار ٿيڻ وقت اِها سوٽي رس سرڪ ساهي ٿاهي ڳاني جيان پائي واويلا جي حزن ۾ گم ٿيو وڃي......... ٻيو (ذات) ساڳي رس ريشمي فني جئن ڪنهن نمائش ۾ افتتاح جي رسم ڪندي ڪتجڻ جو ميلو. هيڏانهن واهہ واهہ هوڏانهن واويلا.

▲ ڏکن پنيان سک مصداق اوهان بہ پوڙهيو هوندو. پوڙهنا کي ڪيئن feel ڪيو اٿو؟

▲ ٻڌو تہ ڏکن پنيان سک اتم پر ڏٺو تہ ڏکن پنيان ڏک اتم جيڪڏهن ڏکن پنيان لفظ سک بہ آهي تہ ڪجهہ اِن ريت جو هڪ ماڻهو زندگيءَ جا يڪا ڪجهہ سال سخت عذاب ۾ پوڙهيا. آخر پريشان ٿي هڪ نجوميءَ کي هٿ ڏيکاريائين چي "ايا منهنجي زندگيءَ ۾ ڪيترا ڏکيا ڏينهن آهن؟" نجوميءَ وراڻيس، "سائين اوهان جي هٿ ۾ ايا صرف ۵ سال تڪليفن جا آهن ان کان پوءِ.........." بيچينيءَ وچان ماڻهوءَ پڇيس "ها ها ان کان پوءِ ...." نجوميءَ وراڻيس "سائين ان کان پوءِ اوهين انهن ڏکن جا ٻنهہ عادي ٿي ويندا........" گويا سک محض انهن ڏکن جي عادي ٿيڻ جو نانءُ آهي......... باقي مون پوڙهنا کي ڪيئن feel ڪيو آهي؟ جي جواب ۾ صرف ايترو چوندس تہ ڪڏهن سوچيندي آهيان تہ منهنجا هي خواب پريشان، هي خيال پريشان! خدا! مون سان آخر انصاف ڪيئن ڪندو؟

▲ پيڙا کان پوءِ ڇاهي؟

▲ پرٿويءَ سان لاڳاپو ختم........ ٻنان پرن جي پولار ۾ پرواز، ڪشش

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿـقل ٿـٿي پوڻ ڪري نـ ڏرتيءَ تي ڪري سگهجي نـ آسمان ڏي اڏري سگهجي.

▲ ڇا تخليق جو موت، ٦٦- ٦٧- ٦٨- ۾ حويليءَ ڪان هاسٽل تائين جي ليکڪ ڪان اسين پڇي سگهون ٿا تہ ڪهاڻي ڪيتر ڪي ڇورو ڇنو ڪرڻ ۾ سندس ڪيترو هٿ آهي؟

▲ بس جو ڪجهہ لکيم اِهو مون ڪي لکنو هو........ شايد اِهي ڪهاڻيون منهنجي پيدا ٿيڻ ڪان اڳ ئي منهنجي حوالي سان مٿان ئي ڪي لکجي چڪيون هيون جو ڪجهہ نـ لکي سگهيس اهو شايد لکڻ ئي نـ ٿي چاهيان...... شايد واقعي آءٌ ڪهاڻي ڪيتر جي مجرم آهيان. پر ان جرم جي سزا مون ڪي خاموشيءَ جي صورت ۾ slowpoison جيان ملي رهي آهي.....

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خيرالنساءَ جعفري

انٽرويو وٺندڙ:
عبدالقادر جوڻيجو ۽ ڪرم الاهي چنه

محترمه خيرالنساءِ جعفري سنڌ يونيورسٽي جي شعبه نفسيات ۾ اسسٽنٽ پروفيسر آهي. تازو هندستان جي ادبي دؤري تان واپس آئي آهي. اُميد ته جلدئي اتي جي سنڌي ادب جي رفتار جو تذڪرو به موصوفه هتان هن رسالي لاءِ عنايت ڏيندو. هي انٽرويو عبدالقادر جوڻيجه ورتو ۽ ڪرم الاهي چنه سنڌس مدد ڪئي. اسين ٻنهي جا ٿورائتا آهيون. (ادارو)

ڏيڍو پلو اهو جيڪو ڏاڍيءَ مان هر پئي، ڳهوڙو پلو اهو جيڪو مُن سنو هلي، ماٺو پلو اهو جنهن جي زبان، جنهن جي ڳالهه ۾ چش ۽ سچ هجي. خيرالنساءِ جعفري جي لکت ۾ ايترو ته چش، ايترو ته سچ آهي جو دل چوندي آهي ته سندس ڪهاڻين جو ڪتاب پاڪيٽ سائيز ۾ ڇپيل هجي ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو ڪوٽ جي ڪيسي ۾ ڪٽي هلجي ۽ جتي بور ٿجي اتي ويهي پڙهجي. سندس ڳالهين ۾ ايترو چٺ ۽ سچ آهي، جو دل چوندي آهي ته سندس سامهون ويهي ڇاڙيءَ تي هٿ ڏيئي رڳو وينو ٻڌجي.

سڀ ماٺهو چون ٿا ته سچ ڪؤڙو هوندو آهي، ان ڪري ڳڙڪائڻ ڏکيو ٿيندو آهي. پر خيروءَ جو سچ لوٽانيو ۽ ڀُر ڀُر هوندو آهي ان ڪري ڳڙڪائڻ ته ڇتو پرپيٽ ڦاٽجڻ جو انديشو هوندو آهي.

’اديون‘ وارن ڇيو ته خيرالنساءِ جعفري کان انٽرويو وٺي ڏي. انڌو الله کان گهري هڪڙي اک ’اديون‘ وارن ٻه اکيون ڏيئي ڇڏيون ۽ ننديا وڏا، اهم، غير اهم سوال ڪٽي، مٿو کنهندو پهتس خيرالنساءِ وٽ. مٿو ان ڪري کنهندو ويس جو پڪ هيم ته سوال پلا هن، جواب پلا هوندا، رنگ پاڻ ۾ مئچ ڪري ڪو نه سگهندا.

ڪرم الاهي چنه گڏ هو، ان کي چيم ته تون دعائون پڙهج، آئون سوال ڪندس، نوراحمد فوٽو ڪڍندو، سو بير فقير ياد ڪندا خيرالنساءِ وٽ پهتاسين، پر خيروُ خود وڏو پير فقير آهي، ان ڪري ٻيا وسري ويا، ٻڙ ٽي رڳو آهي خيرالنساءِ جعفري. سو هن انٽرويو ۾ خيروئي خيرو آهي، اسين نه آهيون، تنهن ڪري اسانکي ڳنڍ ۾ نه آڻجي ته چڱو آهي.(عبدالقادر جونيجو) هاڻي سوال جواب شروع ٿا ٿين:

س: لکندي ڇو آهين؟

ج: جڏهن به جڪ محسوس ڪيا اٿم (پاڻ تي يا ٻين تي) تڏهن قلم ڪوڙي جيان ڪاغذ تي وهائيندي آهيان. ڪاغذ جي پٺ تي ڪوڙن جا نشان منهنجي اذيت پسنديءَ جي انتها آهن.

(ضياءَ دور ۾ ڏنل انٽرويو- جڏهن ڦاسيون ڦٽڪا عام هئا.)

س: جڏهن نه لکندي آهين، ته ڇو نه لکندي آهين؟

ج: لکڻ جوڳو گهڻو مواد ته سوچڻ ۾ وڃايو ڇڏيان. قلم جهليان ته سوچ جا سِرا ڪو نه سجهنم. البت هلندڙ بس ۾ سوچيان. باٿ روم ۾ سوچيان، بستر تي سوچيان. پر اهڙين جاين تي لکڻ جي سخت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ممانعت آهي.......... حالانڪ هاڻ اسان کي لکڻ جي پوري آزادي ڏني وئي آهي. پر! جنهن جائز دائري ۾ ويهي لکڻ گهرجي، اهي دائرا مون کي، منهنجي موڪر باعث ڪافي تنگ لڳا آهن. ٿورو به هِت هُت گسڪڻ سان دائرا ڇڄيو پون. ڇنل دائرن ۾ ويهي ڪوئي لکي ته ڪيئن لکي.......

س: جي نه لکين ها ته ڇا ڪرين ها؟

ج: ڏڏ ولوڙيان ها!

ڏڏ ته هاڻ به ٿي ولوڙيان. مون ان ڏڏ ولوڙڻ واري رسيءَ سان، رات پنهنجي قلم کي ڦاهي چاڙهي ڇڏڻ جواٽل فيصلو ڪري ڇڏيو آهي.

س: ڇا ڇا پڙهندي آهين ۽ ڇو پڙهندي آهين؟

ج: اڄڪلهه رڳو آيت الڪرسي ئي پڙهندي آهيان...........

س: لکڻ پڙهڻ جي باوجود ڪهڙي کوٽ محسوس ڪئي اٿئي؟

ج: خود پنهنجي کوٽ! زندگيءَ کي جڏهن به روان دوان اڳيان هلندي ڏٺو اٿو اُن ۾ هميشه مون کي هڪ ڪمي محسوس ٿي آهي....... اها آئون آهيان.

س: تنهنجي Inspiration جا ذريعا؟

ج: perspiration پگهر! ها جڏهن پگهر ڇٽا آهن، تڏهن ئي ڪجهه لکيو اٿم.

س: جيئن ڳالهائڻ ۾ حقيقتن کي همتن سان ڇهندي آهين، تيئن ڪڏهن عملي دنيا کي همت سان ڇهي سگهندي آهين؟

ج: تنهجو سوال بيحد وٽيم. البت جواب ڏيڻ نٿو وٽيم. سچ پڇين ته همٿون رڳو في سبيل الله پاڻ وٽ رکندي آهيان. (شايد ڪنهن ڪمزوريءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ) شايد ذهني مزي لاءِ يا محض دوست جي دوست کي دوست ميڃڻ لاءِ دوست جي دشمن کي دشمن سمجهڻ لاءِ.

باقي علمي دنيا کي هٿن سان ڇهي سگهڻ.......... (سچ ته منهنجي ڪمزوريءَ کي جهليو ٿئي) اُهي همٿون! جن سان هٿ وڌائي اڳيان ڪو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مطلوب ڪٽي ونجي...... جن سان مرضيءَ مطابق ڪا چونڊ ڪري سگهجي. ان معاملي ۾ آئون ڪيتريLooserآهيان، مان نٽي ٻڌايانءِ......... پيو ته نهيو، پر بازار ۾ منهنجي مرضيءَ هوندي به دوڪاندار جي مرضيءَ جيshopping ڪندي آهيان. هو جي باقي رهيل پيسا موٽائي ڏئي ته ڪڏهن به ان جي سامهون ڳڻي مان پيسا پرس ۾ ناهن وڌا........

نس جي سئي جي ڊاڪٽر هٽي ته چڱو پر اخلاقاً (يا بي همٿن) هٿائيندي سامهون بيٺل ڪمپائونڊر کان آهيان. ڪڏهن ڪڏهن ائين ٿيندو آهي، جو پرس ۾ صرف هڪ روپيو هوندو اٿم. بس اسٽاپ تي بيٺي هوندي آهيان. سامهون سجاڻل فقير کي ايندو ڏسي، هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ شروع ڪندي آهيان (دراصل فقير شايد منهنجي فقيريءَ کي اڃان سڃاڻي نه سگهيو آهي. بهر حال آئون ڪيس پاڻ کان وڌو ماهر نفسيات مڃي چڪي آهيان) فقير جيسين سامهون اچي ئي اچي (هن جي Demand رپئي کان گهٽ نه هوندي آهي) تيسين آءٌ واحد رپيو پرس مان ڪڍي، مٺ ۾ جهلي هيڏانهن هوڏانهن کسڪڻ جي ڪوشش ڪندي آهيان فقير جي همٿن جي ڳالهه خيرو جي ناهمٿين جي ڳالهه!

همٿون ناهمٿن تي بهر حال سوبپ پائيندي يون آهن. منهنجي هٿ وارو رپيو، فقير جي هٿ ۾Shiftتي ويندو آهي. پر ان هڪ رپئي سان گڏ بوٽ جو پنو به لهي ويندو اٿم. هو ته ان پني ۾ رپيوويڙهي هليو ويندو آهي. (منهجي بوٽ تي نهارڻ بنا)

دراصل همٿن سان، ٻئي جي بوٽ جا پنا ويڙهبا ڏسي مونکي همٿون ڪڏهن ڪڏهن ڪونه به وڻنديون آهن.

ڊوڙان ڊوڙيءَ جي هن دؤر ۾، جتي هر ڪو همٿن سان اڳيان هلي رهيو آهي آءٌ هڪ قدم اڳيان کنندي آهيان به قدم پنيان پوندي آهيان.

س: گهڻا پيسا هٿ اچي وڃنيئن ته ڪر ڇا ڪرين؟

ج: هينئر ٿورڙا پيسا آهن ان ڪري صرف صائمه (منهنجي ڌي) کي اڳلو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آئسڪريم ونڊي ڪارائينديون آهيان. جواباً بيمار ٿئي ته پيٽي ٽوٽ به پريان.

گهڻا پيسا ملنم ته تنهنجي ڏيءَ کي به اگلو ڪارايان.

س: پنهنجي گهر جي اڱڻ ۽ Arts Faculty جي ڪاريڊار ۾ توکي ڪهڙو فرق نظر آيو آهي؟

ج: گهر جي اڱڻ کي ڏوئي ڏوئي پنهنجي هٿن جا ليڪا به ڏوئي ڇڏيا اٿم. البت Arts faculty جي ڪاريڊار جي پٿرن تي لکيل آهي نعرا ۽ نياپا نه مٽائي سگهي آهيان جيڪي لکندڙن جي ذهن تان ڪڏهوڪو مٽجي به ويا هوندا.....

س: رشتن جي باري ۾ اڳ ڇا سوچيو هئي. ۽ هاڻ ڇا ٿي سوچين؟ ايندڙ وقت ۾ ڇا سوچيندين ءَ؟

ج: رشتا ڪي به نوس نه آهن. ڦرندڙ حالتن سان گڏ، وقت آهر رشتا به چڪر کائيندا، چڪر ڏيئي ويندا آهن. البت اگر ڪنهن رشته دار جي ڳالهه پڇين ته مونکي اڄ اهو رڪشا وارو وڏو مائٽ محسوس ٿيو جنهن صبح هلندڙ رڪشا وچ ۾ بيهاري پنهنجي لاءِ هڪ پان ورتو. ۽ موٽندي مون سان گڏ وينل منهنجي ننڍڙي صائمه لاءِ هڪ ڪٽمٺو به ونيو آيو. "بيبي موج ڪر" منهنجي به تو جيڏڙي ڏيءَ آهي.

باقي "رت جا رشتا" ۽ رت ڏانگيءَ تي به وري واريون چوٽيون بس ائين ڪٽي آهن، ان ۾ نڪا رت جي خوبي آهي ۽ نڪوئي ڏانگيءَ جي رت کي ٿورو جر لڳي ناهي ۽ رت ڪارو ٿيو ناهي.

ها! باقي ڏانگيءَ کي اگر شرافت جي اصولن تي استعمال ڪجي ته ان جو ڪم ماني پچائڻ آهي. ورنه ڏانگي گهڻو ڪري ملڻ لاءِ ئي استعمال ڪبي آهي اڄڪلهه جيئن ته 'پڪي پڪائي' جو رواج آهي. ان ڪري ڏانگيءَ جو استعمال اهو پورهيون وڃي رهيو آهي.

باقي جذباتي وابستگيون، محبتون، نفرتون، پيار ۽ برماريون سڀ ذاتي خلشفار ئي آهن. جن کان جند ڇڏائڻ چاهبي آهي، پر ڇڏائي نه سگهبي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي! ڪٿي ڪٿي انسان الائي ڪهڙي ڳالهه ڪان مار ڪائي ويندو آهي.

س: اڪيڊمڪ نفسيات جيڪا تون پڙهائيندي آهين، اها تون کان ڪيترو پري آهي ڪيترو ويجهي آهي؟

ج: دوري ۽ ويجهڙائپ وارا Dimensions محض پرڻ ۾ پاٽي آهن. نفسيات پڙهائيندي پڙهائيندي ۽ پاڻ کي ان تي پروڙيندي ڪڏهن ايڏو گم ٿي ويندي آهيان، جو ٻاهر نڪرڻ لاءِ ڪو رستو ڪونه سجهندو اٿم......

پاڳل خاني وارا چريا عقل وارا لڳندا اٿم، گهٽ ۾ گهٽ هو هڪ چؤديواري ۾ محفوظ ته وينا آهن. ۽ اسان پارا اڏ چريا! ڪڏهن ڪڏهن ويچاريندي آهيان ته ڪيڏانهن ويجن.

س: پنهنجي ڪهاڻين کي ڇا سمجهندي آهين؟

ج: جيڪو پاڻ کي سمجهندي آهيان.

س: پنهنجو پاڻ کي ڇا سمجهندي آهين؟

ج: جيڪو ٻيا مون کي نه سمجهندا آهن.

س: تو غير روايتي ٿي ڇا پاتو آهي. ڇا وڃايو آهي.......؟

ج: جنهن کي تون غير روايتي هجڻ ٿو سمجهين، اها منهنجي روايت آهي. اهائي مرضي اٿم، اهائي منهنجي چونڊ آهي، باقي پائڻ ۽ وڃائڻ.....؟ ته جڏهن به سات ڪنهن پاڻ جهڙي غير روايتي ماڻهو سان ٿيو ته گهڻو ڪجهه پاتو اٿم، گهڻي محبت ۽ گهڻو اُتساهه، گهڻو ويساهه. پر دنيا جيئڻ ته اڄڪلهه روايتي ٿي آهي، ان ڪري موت ۾ ڪوٽ ٿي ملي آهي. جنهن جو ڏک صرف اڪيلاين ۾ ٿي ڪندي آهيان. باقي هڪ ڳالهه ٻڌايانءِ ته ڪوٽي دنيا جا پاڻ ڏي اُڇلايل پٿر مون ڪڏهن به سانيي ڪونه رکيا آهن. تڪبير وجهي قصو آئون پاڻ ٿي حلال ڪري ڇڏيندي آهيان، پر ڪڏهن ڪنهن جو قرض اگر رهجي ويجي ته وجهه وٺي سندس 'امانت' سير جي سوا سير ڪري ڪيس موٽائي ٻوٽ تي ڦهڪائيندي آهيان.

س: پراڻين لکڻين ۾ ڇا ڇا وٽيو اٿئي، ڇا ڇا نه وٽيو ٿئي؟

ج: جيڪي لکڻيون ڪلهه وٽيون هيم، اهي اڄ به وٽنم ٿيون. تن کي پراڻو نه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿي سمجهان، نين لکڻين ۾ جيڪي ماڻهو وٺندا اٿم، انهن جون تحريرون به وٺنديون اٿم. (اها منهنجي پنهنجي نٽيڙي ٻي انصافي پاڻ ۽).

س: ادب شاعريءَ کي ڇڏي، فنون لطيفه ۾ ڇا ڇا وٺندو ٿئي؟

ج: فنون لطيفه جي مون ۾ ٽيسٽ ڪونهي. لطيفي جي ٽيسٽ لطيف ماڻهن ۾ ٽيندي آهي آئون 'موٽو ماڻهو' آهيان. البت راڳ ۽ سر وٺندا اٿم. سواءِ دهل تي ڪڏڻ جي راڳ جي چڙ لڳندي اٿم، جڏهن ڪنهن شادي براديءَ جي موقعي تي دهل ڪٽي "آئي موسم رنگيلي سهاني" ڳائيندا آهن ۽ وچ ۾ عادت مطابق تان هٽي "شابي" ڪندا آهن. اعتراض نه اُردو راڳ تي اٿم ۽ نه ئي سنڌي لفظ شابي تي. البت انهن ٻنهي جي سنگم تي، پر ويچارا مڙهيءَ جا ماڻهو، مٿن ڪهڙي ميار.

س: تو گذريل ڏهن سالن ۾ ڪهڙي ارتقاء ڪئي آ. پنهنجو پاڻ ۾ ڇا ڇا تبديل ٿيندو محسوس ڪيو ٿئي؟

ج: تبديليون سال نه بلڪه ساعتون آڻينديون آهن ڪو هڪ لمحو! ڪا هڪ ساعت! باقي سالن جي ارتقا، يا صدين جي ارتقاء؟ پنيان مڙي نهاريان ٿي ته مونکي ڪو پولڙو نظر نه ٿو اچي، جنهن تي اعتبار ڪري، هام هڻي آئون چئي سگهان ته خيرالنساءِ جعفري جو اصل نسل اجهو اهو آهي.

ها ڏهن سالن واري پابندي سهڻي هڻئين ٿئي،........ ڏهن سالن جي ڳالهه ڏهن لفظن ۾ ئي سمجهه روزانو رات جو ننڊ ۾ هڪ خواب ۾ اها خيرؤ ڏسندي آهيان، جا اڄ کان ڏهه ورهيه پهرين هئي. صبح جو رات جي ان خواب کان اها 'خيرو' کسڻ چاهيندي آهيان، پر!!

س: صرف ٽن سٽن ۾ پنهنجي سوانح ٻڌاءِ..........؟

ج: صرف آڱوٺو ڏيکاري ماڻهو پنهنجو سچو شجرو ته ڪڏي سگهي ٿو. باقي ٽن سٽن ۾ ساه جا سمورا رشتا پوري سچ سان ٻڌائڻ........ مون لاءِ ڏکيا آهن. سو وڌيڪ مونکي آزمائش ۾ نه آتار........

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

س: ذاتي طرح ڪهڙين شين کان الرجڪ آهين. ڪهڙيون شيون وٽنديون ٿئي؟

ج: چانديءَ جو روپيو! جيڪڏهن منهنجي هٿ ۾ آهي تہ وٽيم ٿو. جيڪڏهن تنهنجي هٿ تي آهي تہ الرجڪ آهيان.

س: تون پاڻ کان ڪهڙا سوال پڇين اگر پنهنجو پاڻ کان انٽرويو وٺين؟

ج: سڄي زندگي پاڻ کان سوال ڪندي ۽ انٽرويو وٺندي گذاري اٿم. فلاڻي پين ڪنهن کي ڏنم، فلاڻو ڪتاب ڪٿ رکيم.فلاڻي هيءَ ڳلهہ ڪيئن ڪئي. ڇو ٿيو ڪيئن ٿيو. ڇا ٿيو. وغيره وغيره.

باقي انٽرويو ائين نہ وٺان جيئن تو ورتو. تو همٿ ڪري، ڪين حجت ساري اُهي سوال پڇيا. مونکي پنهنجو پاڻ تي ايڏي هجت ڪانهي. بهرحال 'مون ۾ آهين، متان تنهنجو ئي توکي لڳي.'

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هَيل نہ ڪو سنگ ڪاڏم........

نذير ناز

(نئين ٽهيءَ جي سڃاڻ ڪهاڻيڪار
خيرالنساءِ جعفريءَ سان ڳالهہ ٻولهہ)

تنهنجو انٽرويوءَ تي اِسرار آ ۽ منهنجو دماغ دٻالٽ. ڪو وقت هو جڏهن دماغ تيز ڌارا جيئن تيز ڌارا تي وهندو هو، هلڪو سلڪو اَهڙو اُهڙو Talk پاڻءِ تہ پنڊ پهڻ تي لڙهي ويندو هو ۽ هاڻ حالت اِها اَٿم جو بيشمار احساس ذهن ۾ هِت هُت وکريا پيا آهن، جيڪڏهن ڪنهن احساس کي ٽي لفظن جي لباس ۾ آڻيان تہ لفظ ڪين ٿا لڀن، جي لفظ آهن تہ احساس تسبيح جي ڇڳل داڻن جيان هت هُت وکريو وڃن ... پلا اگهاڙن احساسن جي ادب ۾ اَهميت ئي ڪهڙي. منهنجي حالت هن وقت ائين آ جيئن ڪو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انتهائي عقيدتمند سچي عمر الله جي عبادت ۾ گذاري ۽ سڪرات ويل زندگي جي آخري سمي خدا خواب ۾ چئس: 'تنهنجي عبادت اجائي وئي.'

مون به ادب کي عبادت جي حدن تائين پوڄيو هو. جيڪي ڪهاڻيون لکيون هئم، سي ڪنهن پر ڪوڙيون نه هيون. سچن موتين جيان سموروئي سچ........ لفظ لفظ سِٽ سِٽ تي زهر پيتو هوم. سقراط سچ جي سزا تي هڪ دفعو وهه وٺو پر تاريخ ۾ جاءِ والاري ويو- پر آئون جيئن ته بنهه عام ۽ رواجي ماڻهو آهيان. اُن ڪري پڪ اٿم ته، منهنجي قبر تي ڪو ڪتبو ڪونه هوندو. شايد ان ڪري به جو آئون طبعي موت مرڻ جي قائل نه آهيان. منهنجي آڏو جسم ۽ روح ۾ فرق نه آهي، تيئن موت وحيات ۾ به فرق نه آهي. به forms هڪ ئي continumm پاڻ ۾ ڪا اڪريوري جي راند...... هڪ forms 'فتح' جو اعلان آهي. ٻي شڪست جو اعتراف.

مون کي اعتراف آهي، اعتراف آهي، اعتراف آهي، پنهنجي شڪستن جو. موت جي مرحلن مان 'وجوديت' جي لذت مايوسين جي صورت ۾ ملي اَٿم. پاڻ کي سرچائڻ لاءِ پنهنجي مَن جي مقبري تي انيڪ ڪُتبا ڪنا ڪيا اٿم، ڪپيل آڱرين سان (جو هڪ لڱان تنوير لکيو هو، ادي خيروءَ جون آڱريون ڪپي ڇڏجن جڏهن هوءَ لکي ٿي) ڪنهن تي ڪجهه ڪنهن تي ڪجهه لکيو اٿم، بقول ڪنهن جي منهنجون جيون آسن اُميدن جو مقبرو آهي، جتي هر روز اَمن، آزادي ۽ اُلفت کي اهتمام سان دفنايو ويندو آ"..........

اِنهن سيني سوچن کي سيري سريکو ڪري، جي ڪو جسم پارايانس ته ڪارو ڳانو ڳچيءَ ۾ پائي (سرڪ ساهي سما) ڇِنِي ڪري نانءُ رکانس خيرالنساءِ جعفري. منهنجو ڪو ٻيو نانءُ تي نه توسگهي، منهنجو نانءُ خيرالنساءِ جعفري ئي آهي. عام ماڻهو نالن پويان سجاتا ويندا آهن، پر جيئن ته آئون به عام ماڻهن جيان ڪجهه 'عام' جهڙي ڪجهه اُنهن کان "مختلف" ۽ ڪجهه اُنهن کان بنهه مختلف آهيان. تنهنڪري منهنجي ذات منهنجي نالي اڳيان. جيئن انٽرويو ڏيڻ جو ڏانءُ نه اٿم، تئين زندگي گذارڻ جو به ڏانءُ ڪونه اٿم. جي اسٽاف بس ۾ ڪريل ڪي اُن جا ڏيرا ليڻ- انڪم ٽئڪس Late Date سان ڏنل هجي. ڪنهن خاموش محفل ۾ ڪو ڪل جو ڪوڪريو مچي- يا ليليٰ سان هر وقت فلسفيانه ويڙهه وڙهندو رهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پري شاديءَ ۾ ڪاڏيءَ جو وڳو پهريل هجي. سڃاڻ وارا سمجهي ويندا، هوندي نہ هوندي پڪ اِها خيرالنساءِ جعفري هوندي.

اها Roughness ئي منهنجو شناختي ڪارڊ آهي. تڏهن تہ هڪ لڳان هڪ محترمہ فيشن واري سينٽر ڪليگ کي چيو هوم جنهن چيگم چٻاڙيندي منهنجي ڪنهن ڳالهہ کي نظر انداز ڪيو هو. 'پل آيا پل'- توهين پهرين ميٽ چٻاڙي ونو.

پنهنجي اِن رجحان ڪري ئي 'عام' ماڻهن کان 'تختو' مليو اٿم، جو تخت نہ ڪو هن وٽ آهي نہ ئي آئون سنبران. اِن تخت ۽ تختي واري اصول ڪري پاڻ ۾ هميشہ تتي پوڻ جو احساس رهيو اٿم- شايد جندڙيءَ کي جٽاءُ ڏيڻ لاءِ ڪجهہ لچڪ ضروري آهي. پر جيندا تہ عقل وارا آهن.

مون هميشہ دنيا کي سوچيو دل سان آ ۽ محسوس دماغ سان ڪيو آ.

تون ٿي پڇين تہ مان بهترين ڪهاڻيڪار آهيان. پوءِ مون لکڻ ڇو ڇڏيو؟

'بهترين' مان نہ- بلڪ تنهنجي يا هر اُن جي سوچ آهي، جنهن مونکي بهترين پاتيو آ. مونکي منهنجي دوست فرحت جو تو چوڻ ياد اچي: جڏهن لکڻ واري ۽ پڙهڻ واري جا ذڪرا مشترڪ هجن، تڏهن ڪهاڻيون بازي ڪٽي ويندڙيون آهن. خاموشي؟ شايد اُن ڪري جو مون کان منهنجو 'آئون' رسي ويو هو..... پاڻ تہ پاڳ کي منهنجي 'هجڻ' ۾ ڪو پوءِ نظر آيو، جو هن اوچتو ئي اوچتو خيرالنساءِ جعفري بطور جسم ڇڏي اُن مان جياپو ڪسي ورتو، چائنٽ جي چؤديواري بطور 'شيءِ' ڇڏي اُن مان 'شڪتي' ڪٽي ورتي. منهنجي پيڻ پلا چائنٽن تي بہ ڪڏهن ڪنهن ادبي سجده گاهن سجايا آهن.......... جو آئون جيوت جي سلسلي ۾ 'جبر' Determination جي قائل آهيان. جيون کي جيئڻ گذرڻو آهي ائين ئي گذري ٿو. اسين تہ مقدر جي هٿان مارڪائي ڏاهپ جي پاڻهن تي منهن رکي سڏ کي سمهي رهندا آهيون. Free will آسان ڏاهن پارڙن لاءِ هٿ مان ڪسڪي ويل هڪ ڪينهون ئي تہ آهي.

هيءَ ڏس سنهنجي هٿ تي، دل دماغ حياتي ۽ قسمت جي لائين، هر لائين ڪيڏي سٺي Develop ٿيل آهي. پر ڪاٽوءَ جي صرف هِن هڪ نشان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجو بسيرو پيچي ڇڏيو آهي. الائي ڇو انسان جو ڀاڱ اُن جي مُٺ ۾ محفوظ هوندو آ. پوءِ بہ ان کي خراب ڪرڻ وارو شخص سامهون نظر ايندو آ.....

مائٽن جو خيال هو مون لکڻ ڇاهيو پر مونکي لکڻ نہ ڏنو ويو. پر پينٽ، ڪلا کي بہ ڪڏهن ڪو ڪلاڪار ڪان ڇني سگهيو آهي، آرٽي- فن تہ ماءُ جي اُرهن مان ايرندڙ تيج دهارا آهي. جا بانبڙا پائيندڙ ٻار کي ريج ۽ تيج بخشي ٿي. ڪلا جي روڪ سيني جو ڪينسر آهي. آئون پاڻ کي ڪينسر جي حوالي ڪرڻ ڪونہ ڏيندس، منهنجو اهڙن جابر جراثيمن سان جهيڙو آهي.

ها موجوده سنڌي ادب جي رفتار ڪان مان مطمئن نہ آهيان. رفتار جي ڪٿ تہ ماحول جي مناسبت سان ڪبي آ..... اسان وٽ سنڌي ادب جو سفر هڪ اديب جي لکڻ ڪان شروع ٿي ٻئي اديب جي پڙهڻ تائين ختم ٿيو وڃي. مونکي امر جليل جو هڪ خيال ٿو ياد اچي جنهن چيو هو: اڄ اسان وٽ اندبين جو ڪم سٽڻ ۾ اڳٺ وجهڻ وڃي رهيو آهي. جنهن تي ڪنهن لکيو هو اهو ڪم، هو پنهنجي اوگهڙ ڍڪڻ لاءِ ڪري رهيا آهن.

منهنجي خيال ۾ پنهنجي سٽڻ سان پنهنجي اوگهڙ ڍڪڻ چڱي ڳالهہ آ- پر پرائي گندي چيڪي پنهنجي گوڏ ڪرڻ البت........... منهنجي نظر مان اديبن جا بہ ٽي قسم لنگهيا آهن. هڪ اهي جي پنهنجي نظرين سان سچا آهن. جنهن ڪري پيچري ۾ پوريل آهن، اندر پرواز جي ڪين پوري آزادي آ....... ٻيا سياست جي سيءَ- تپ سبب هڪ ڪنڌ ونيو پيا آهن....... ٻيا اُهي- جيڪي ادب جو پاسپورٽ هٿ ڪري تنقيد جو ويزا وٺي، ٻين جو ذهني سرمائي جي سمگلنگ ۾ مشغول آهن. پرايون شيون پنهنجي نالي ڪنڻ اجايون سجايون وڏون ڪدڻ- ذاتي نياءُ انياءُ جي پل تي تمغا ڏيڻ ۽ قرڻ.

- پلا رجعت پسند اديب؟

▲ اهو جو ادب جي لنڊي بازار مان پراڻا خيال ڪٽي پنهنجو نہ صرف پيرهن ڪري، پر عام کي بہ اُن ۾ آٽڻ جي ڪوشش ڪري.

- ادب براءِ زندگي آ- يا زندگي براءِ ادب؟

▲ ادب بندگي آ- ڇو جو ان ۾ ئي زندگي آ.

- ڇا موجوده ڪهاڻيون سنڌي تهذيب جي ترجماني ڪري رهيون آهن؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

▲ سنڌ سيپتا کي صحيفو بنائي في الحال تاڪن تي رکي ڇڏيو اٿئون. اڄ جي اديب کي تہ survival for the fittest جيان جاکوڙ ڪرڻي آ.......

- پلا سنڌي ڪتابن جي مقابلي ۾ اردو ڊائجسٽ گھڻو ڇو ٿا هلن؟

▲ شايد ان ڪري جو اهي 'پيٽ' لاءِ زود هضم آهن.

- اسين سنڌي ڪتابن جي وڪري لاءِ ڇا ڪريون.....؟

▲ مفت ۾ ڏيون. هاڻ تہ پئي هر ڪتاب تي 'هديو' رکي هلائي سگھجي ٿو.

- تفريحي ادب؟

▲ جيڪو ريلوي اسٽيشن، ويٽنگ روم يا ڊرائنگ ۾ پڙهيو وڃي.

- هڪ مبلغ ۽ ڪهاڻيڪار ۾ فرق؟

▲ جيڪو رنگين ۽ بلئڪ ائنڊ وائيٽ تي ويءَ ۾......... ڪهاڻيڪار زندگي کي جنهن رنگ ۾ ڏسي ٿو ان ئي رنگ ۾ لکي ٿو. جڏهن تہ مبلغ هر ڳالهہ White&Black يا بُري ۽ ڀلي ۾.

- اوهان جي نظر ۾ عظيم ادب؟

▲ جيڪو پڙهي محسوس ٿئي 'هيئن مون ڇو نہ لکيو'

- شاعريءَ جي باري ۾ اوهان جو خيال؟

▲ شاعر تہ پيغمبر ٿيندا آهن. پر هان شايد پيغمبر پراڻا ٿي ويا آهن لطيف سائين ڀي جوڻ مٿي وري اچي ڪو وسڪارو ڪري....

- سنڌ ۾ عورت جي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ.........؟

▲ عورت ۾ اهو عزم جاڳائڻ تہ عورت بهرحال عورت آ....... سون جي سڪي جيان هنجي Value دنيا جي هر خطي ۾ valid آ. ان جي برعڪس مرد يا تہ مرد آهي يا نامرد!

- ادب ۾ جنس ڪيتري قدر مناسب آ-؟

▲ 'جنس براءِ جنس' بيشڪ بيهودگي آ..... جيئن رسٽن کي بسترا بنائڻ- باقي ادب جيڪڏهن عام جيوت کي قلم سان کٽي ڪاڳر تي ڪيرائڻ جو نالو آهي. جنس بہ تہ جيون جوئي حصو آ..... ادب ۾ ان ڪان ڇرڪڻ ۽ لنوائڻ محض جنسي بيماري.

بقول ڪنهن جي، اگر جنس فحش آهي تہ اسين سڀ فحش آهيون، جو اسين انهيءَ ئي عمل جي پيداوار آهيون. جن کي فحاشي نظر آئي اهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شايد پيدا ئي نہ ٿيا هوندا. باقي ڪنهن ادبي تخليق کي محض جنس جي ڪري فحش قرار ڏيڻ- ادبي نامردي آهي.

- دنيا اوهان آڏو؟

▲ ڪوڙ ۽ سچ جو سنجوڳ- ياس مان آس جو اُسرڻ.....آس ۾ ياس جو نسرڻ.....

- سڀ کان سچو رشتو؟

▲ ماءُ ۽ اولاد جو.

- سڀ کان ڪوڙو رشتو؟

▲ زال ۽ مڙس جو.

خدا کي هن دنيا کي جڳن کان جاري رکڻ جو بہ فقط شايد اهو هڪ ئي جواز آهي. (ڪوڙن رشتن مان سچا رشتا سونهن....) واقعي هر ٻار جي پيدائش تي الله اُن ڏي اُميد جي اک سان نهاريندو هوندو. هينئر مونکي ٽئگور جا ڪجهہ اکر ٽا الجهن ذهن ۾، جنهن چيو هو: سانجهي ويل لهندڙ سج ڌرتيءَ تي نمي نهاريندي چيو: ڪيرآ جو مون کان پوءِ هن ڌرتيءَ تي سوجهرائيءَ سان واسو ڪندو؟ پريان هڪ ٽمڪندڙ ڏيئي چيو: مان- مان هنکي پنهنجي ننڍڙي جوت سان جياريندس...... (مون کي بہ هونگڙيون ڏيندڙ ننڍڙا ٻار ماءُ جي هنجن ۾ وٽندا آهن. پر اُهي ئي ٻار جڏهن هسپتالن ۾ لڇندا ۽ يتيم خانن ۾ رئندا آهن- تڏهن.....)

- شادي؟

▲ پيرن هيٺان جنت پائڻ جي آرزوءَ ۾ 'دوزخ' مٿي تي ماٿڻ....

- پنهنجون ڪهاڻيون پڙهي؟

▲ پاڻ تي پتڪڙو سو پيار..... ۽ دل ۾ آڻ لکي خواهش تہ ايڏو پتڪڙو پيار ڪوئي ٻيو بہ مون سان ڪري.

- پلا سچي ڪهاڻي هڪ ئي سيٽنگ ۾ لکيو يا......؟

▲ نہ هڪ سيٽنگ ۾ نہ سچ پچ جي اديب ناهيان نہ اُن ڪري آري تي ويهي هڪ سَٽ ۾ سڀ ڪجهہ لکي ڪو نہ سگهان.slow poison سمان هوريان هوريان- آهستي آهستي جي اُٿرن ۾ اٽڪيل آهن منهجون سڀ ڪهاڻيون. قتل ڳاهن ۾ گهڙي هٿ نرم هجي ۽ ڇري تيز جو ثواب مون ڪڏهن ڪونهي ڪمايو. آئون قطري قطري- قسطن قسطن ۾ قتل ٿيڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي گناهگار آهيان (مون آڏو قاتل ۽ مقتول ٻئي گناهگار آهن ۽ هڪ قتل ڪري ٿو ٻيو قتل سهي ٿو)

- ليليٰ لنڊن ويل آ- اُن جي جدائي؟

▲ هيڪلائپ جي شديد احساس ۾. جو اظهار جي دسترس کان آجو آ. ڪيس ڏڏڙي ۽ مڪيءَ جا سنگ ڏاڍا وڻندا هئا.... رستي تي هلندي هلندي ڏڏڙي ۽ مڪئي جي سنگن جا گڏا ڏسي بيهي رهندي آهيان. هيل نه ڪو مون سنگ ڪاڏا نه ئي ڏڏڙي، وات آڏو به داتا آٽيو وري واپس رکيو ڇڏيان. ڪيس ياد ڪندي الائي ڇو اياز جون سٽون سرجي اينديون اٿم اندر ۾-

”الوداع اي پيارا پکيئڙا- تون ڪٿي به پٽڪندو هجين، بسنت موٽي ايندو ۽ توکي ورائي آڻيندو، پنهنجي ولر ڏانهن ۽ تون موٽي ايندين پنهنجي هر سال واري واهيري ۾. پر مان پنهنجي اُجڙيل آکيري مان جلاوطن ٿي چڪو آهيان. پٽر پٽر تيز ڪائيندو رهيو آهيان. ڪنهن آڪاش ۾ پٽڪندڙ پکيئڙي جيان، پنهنجي بيچينيءَ ۾ هر انهيءَ ڇپ سان ريس ڪري رهيو آهيان. جا اسٽر ۽ اڏول آهي. هر ڇپ پنهنجي جاءِ تي اٽل بيٺي آهي. پر مان پنهنجي جاءِ تان پٽڪي طوفان سان ڦيريون ڪائي رهيو آهيان. هر پنڇي پنهنجي آکيري ڏانهن رستو ڳولهي سگهي ٿو. پر مونکي گم سم اونده ۾ رلڻو آهي......“

شايد انهن ئي سٽن کان متاثر ٿي ڪيئي سال اڳ مون پنهنجي ڪنهن ڪاپي ۾ لکيو هو.

زندگي! طويل سفر، اونچائيءَ کان- نيچائينءَ تائين پاڻ ولر کان وڇڙيل ڪو پکيئڙو، تقدير مٿان باز پيحائي، ڪاپار کان ڪري پاتار ۾ پيهندو اچي.

سفر جاري آ، ڪاپار کان ڪرڻ جو.

سفر! پاتار ۾ پيهي وڃڻ جو سفر.

دک پيڙا ۽ درد جو سفر.....

ڪوئي سمجهائي هن ارڏي پکيئڙي کي- هينئر تون ولر سان واڳيل آسماني سفر تي ناهين. مورک تنهنجو واهيرو ته ڌرتيءَ جي دکن ۾ آ......

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏرتي! جتي من موهڻان ماڻهو ڪِن پل ۾ ڪپي ويندا آهن جت هيرن جون هڪارون گرم لڪن ۾ لڙاتجي ويندڀون آهن، جت ساريون اُميدون سرءُ جو پن بڻجي وکري ويندڀون آهن.

اَننت روح جا اَي پيارا پکيئڙا! تو کي ڌرتي جا اِهي ڏک سهڻا پوندا، توکي انهن پيڙائن سان پرچاءُ ڪرڻو پوندو. اِن الميہ کي ڪُلي دل سان قبول ڪندي. تہ بسنت ڪڏهن موتي ڪونہ ايندو- لهسيندڙ لڪون ڪڏهن بہ هيرون ڪونہ ٺپيون، چپن تان چڳل مرڪ ڪڏهن بہ موٽي ڪونہ ملندي. توکي تنهائي جو سفر هيڪلو طئي ڪرڻو آ. زندگيءَ جي خاموشي گذرگاهن ۾ هڪ اَجنبي بڻجي ۽ مسافر بڻجي..........

سنڌي ساهت ۾ عورتن جو حصو

عزيز ساٿيو:

منهنجو عنوان آهي، سنڌي ساهت ۾ عورتن جو حصو- ادب جي حساب ڪتاب ۾ اها حصي رسي ڪندڙ يا حصي پتي ڪندڙ آهي، سائين خان محمد پنوهر.

ساٿيو: منهنجي حساب ڪتاب جو ليکو ننڍي هوندي کان ئي ڪچو آهي. مٿان وري سائين خان محمد ڏينهن ڏنم ڪُل ۴. ڇٽي انهن چئن ڏينهن ۾ سڄي ساري ادبي ساگر مان عورتن جو حصو ائين چونڊي ڪڍان جيئن الله سائين حضرت آدم جي پاسراٽين مان بي بي حوا کي چونڊي ڪڍيو.

جيئن سائين خان محمد پنهور هن ڌرتي تي الله جو خاص خليفو آهي، تيئن آئون به خيرو بندي هن ڌرتيءَ تي پاڻ کي خاص خليفي تي سمجهان. سو ذهني زندگيءَ جي ڪنهن به ڏس ۾ عورتن کي مردن کان الڳ سمجهڻ نٿي چاهيان. جو پانيان ٿي ائين اگر سمجهيم ته حضرت آدم عليه السلام نيٺ دل ۾ ڇا چوندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Physiological Function

ٻنهين جنسن جا ڌار سهي. پر ذهني Conribution ۾ هڪ ٻئي کان ڌار ڪرڻ نٿي چاهيان، جو بنيادي طرح نفسيات جي شاگرد آهيان. نفسيات ۾ فرائڊ اسان وٽ نفسيات جو ابو ڪري ليکيو ويندو آهي. پر ان ابي جي نظرين جي ٽيستائين ڏوهه رهي جيسين هڪ ڇوڪري نالي K.Horney سندس ئي شاگرديائيءَ اچي سندس سيني نظرين تي پاڻي نه ڦيرايو تنهن ڏينهن کان وٺي اڄ ڏينهن تائين مائي K.Horney ۽ فرائڊ جي پاڻ ۾ سرد جنگ جاري رهي جا اڄ ڏينهن تائين ويندي هن مهل تائين جاري آهي.

ساٿيو پهرين ئي ٻڌايو اٿم ته حساب ڪتاب ۾ انگين اکرين ڪچي آهيان. پر غلام حسين خاصخيلي صاحب کان پڇي ڏسو ته هڪ کان وٺي ١٠٠ تائين ڪوڙن ۾ عدد 69 جي اهميت ڪيڏي نه پڪي آهي. تصور کي ٿورو تيز ڪريو. پهرين سنڌي اکر 9 سڌو بهاري پاسي کان انگريزي عدد 6 ليٽايو. بظاهر پل ٻنهين عددن جو حليو ڪليو مرد عورت جيان ڌار سهي، پر ٻه ٻه ته ١٢ جي مصداق، ٻئي لفظ حيثيت جي لحاظ کان گڏجي ليکي ڇوکي ۾ ڪيڏي نه اڻ ڦٽندڙ ۽ اهم جاءِ والارين ٿا.

انگريزي عدد 69ئين جيئن بند ٽيل دٻي ۾ بوٽن جو نئون جوڙو. ٿورو تصور کي تيز ڪريو. بوٽ جا ٻئي پادر پيرن ۾ پل سوان سبتا سهي، پر ڪاش! ڪوئي دٻي جي بند ٽيل Privacy ۾ ڏسي انهن تي غور ڪري.

ساٿيو: منهنجي هٿ ۾ هيءَ سائنسي Discovery آهي. هن ۾ عورت ۽ مرد جي بنيادي طرح خود ميجالي ۾ ئي فرق ٻڌايل آهي. مضمون جو عنوان آهي. The Brain His and Hers عنوان تحت مختلف سائنسي مشاهده پڙهندي مون کي الاءِ ڇو نظريه ارتقاءِ يعني ڊرون جي "EvolutiontTheory" ياد آئي. ڊارون هڪ ڪتاب The Desent of Men لکي پنهنجي مخالف جنس يعني مرد تي وڏو احسان ڪيو، جنهن ۾ هن ترقيءَ ۽ ارتقيٰ جي مڙني ڪلن جو ڪنجيدار مرد کي سڏيو. پلو ٽٺي ڪنهن مائي جو جنهن ان شڪوه کي جوابي شڪوه ڪندي The Desent of Women لکيو ۽ عورتن جي حقن جي حفاظت ڪندي هن عورت لاءِ ترقي جو نئون شاهره کولي ڇڏيو..... هن ڪتاب ۾ عورت کي درياه جي مثل ڪُل لهرن تي قادر ڄاڻايو ۽ مرد کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صرف ڪناري تي بيهي محض هڪ تماشبين جي حيثيت ڏني.

سائين هيءَ ڳالهه ڪري آئون هت ڪو گهريلو جهڳڙو يا خانه بربادي ڪرائڻ نه ٿي چاهيان نه عورت کي مرد کان اُتم سمجهان ٿي نه ئي مرد کي عورت کان وڌيڪ محترم ڀانيان ٿي. اهي ٻئي جنسون زندگي جي هڪ سنگين حقيقت آهن پر الاءِ ڇو گهر جي Bedroom کان وٺي ويندي T.V جي Screen آپ پر الزام هي، تي ٻنهين کي ڪٽي به سنگ ميل نظر نٿو اچي.

اگر غور ڪري ڏسجي ته ادبي تعمير گهر جو روشن دان بظاهر ڀل مرد سهي پر ان گهر جي بنياد ۾ آتش دان عورت آهي. جنهن تي هٿ سيڪين هٿن جي گرمي ماڻي هو، يعني مرد قلم جهلڻ جي قابل ٿئي ٿو. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته هڪ هاريءَ جي ننڍڙي گهر کان وٺي ويندي، شهري سماجي سياسي ادبي توڙي روحاني ترقي جو دارو مدار انهن ٻنهي جنسن جي باهمي ربط ۽ توازن تي آهي.

ها انسانن ۾ ٽين جنس هُنن جي به آهي. يعني تاڙ هڻڻ وارا فقير! پوءِ به ساڻي آئون سوچي ڪونه سگهي آهيان ته زندگي جي وڏي سفر ۾ هي ٻئي جنسون الڳ الڳ قطارون ناهڻ جون ڇو قائل آهن. جڻ زندگي ناهي پر ڪائي G.T.S جي بس آهي. جنهن ۾ اڳيان اڳيان (ڪنهن Accident جي ڏپ سوران) صرف چند سيٽون عورتن لاءِ حلال آهن. باقي پويان پويان سموري بس تي محافظ مردن جو قبضو آهي.

الاءِ ڇو ڏک ٿيندو اٿم، جڏهن ڪنهن اهڙي بس ۾ آئون به چڙهندي آهيان. عورتن جي سيٽن جي مٿان تصويرون عورتن جون لڳل هونديون آهن. پر ٿيندو ائين آهي ته انهن زناني تصويرن جي هيٺان سيٽن تي وينل هميشه مرد حضرات ئي هوندا آهن. خير پنهنجي پنهنجي داڻي پاڻي قسمت جي ڳالهه آهي. مون کي داڻي پاڻيءَ جي ڳالهه تي ان بيروزگار مرد جي ڳالهه ياد آئي، جنهن لاشعوري طور شايد عورتن جي نمائندگي ڪندي چيو هو. "اسين اهي بدنصيب بيروزگار آهيون. جيڪي روزگار ڳولڻ لاءِ اگر ڪنهن قبر ۾ وڃي ڪفن وڪڻڻ جو دڪان به کوليون ته يقين ڪريو ساڻيو ماڻهون مرڻ ڇڏي ڏيندا."

جي ها، پر جي عورتون اِهي ڪفن جا دڪان کولين مرد مرڻ لاءِ تڪڙا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽڪرا ايندا. پر شايد مرڻ لاءِ نہ. ابابيلن جيان دڪان تي پٿرن جو وسڪارو ڪرڻ لاءِ.

سڄڻ ساٿيو؛ اڄ حساب ڪتاب جو ڏينهن آهي، سو ڪجھ تہ ليکو چوکو بہ لاھڻون آهي. سائين خان محمد پنهور مون کي "سنڌي ساهت ۾ عورتن جو حصو" وارو عنوان ڏيئي هڪ تنبيهہ ڪئي اُها هيءَ تہ آئون مضمون ۾ هڪ ڳالھ هرويرو نہ وساريان. هن مرد مجاهد چيو تہ اسانوٽ سنڌيءَ ۾ ڪيترائي وڏا وڏا توٽي جو وڏيون وڏيون ليکڪ موجود آهن، جن شروع شروع ۾ قلم ۽ قرطاس جا ڪافي جوهر ڏيکاريا. پر رتاثر ٿيڻ کان پوءِ پوپ جو خطاب وٺي ويهي رهيا. يعني هو ڪنهن عمل جو عتاب سهي نہ سهيا. ساٿيو اِهو برابر نيڪ آهي، حرڪت ۾ برڪت آهي هئڻ تہ ائين کپي جو پنهنجي پراڻي علم مان نئون عمل عام ۾ ورهائڻ کپي. ڪو ڪم ڪرڻ کپي. واقعي صرف پوپ تي ويهڻ مان ڪي ڪونہ ورندو. ان کان تہ پوءِ اِهو فلم اسٽار گوپ چڱو هو، جنهن زندگيءَ جا پڇاڙيءَ پساہ فلم جي اسڪرين تي ٽوڙيا.

بيشڪ! ساٿيو خان محمد سچو آهي. پر ڪوئي هجي جو ان سچ کي سمجهي ۽ ساراهي. هڪ ڏند ڪٿا موجب پڌو اٿم تہ خود خان محمد جي گهرواري کي بہ سندس گهوٽ کان شڪايت آهي تہ بيماري سيماري وقت سندس گهوٽ گهر ۾ نهي ئي ڪونہ. خان محمد پاڻ، سول اسپتال ۾ پنهنجن دوستن مريضن کي پڇڻ وارن مان، بينل قطار جو آخري شخص آهي. خان محمد پنهنجي جاءِ تي سهي آهي، جو مزاج پرسي هڪ اخلاقي فرض آهي. خان محمد جيڪڏهن اسپتال ۾ پيل ڏهن مريضن کي پڇيو ۽ صرف هڪ گهرواريءَ کي نہ پڇيو تہ مڙئي خير آهي. هوڏانهن خان محمد جي گهرواري بہ سهي آهي. پل سچو اوڙو پاڙو پڇي، بار ٻچو پڇي، پر هڪ گهروارو نہ پڇي تہ خير ڪٿي آهي. خير تہ منهنجو بہ ڪونهي جو خان محمد آڏي، اڪ سان مون ڏي نهاري رهيو آهي.

ساٿيو؛ اڄ قيام جو ڏينهن آهي ۽ حساب ڪتاب سر تي آهي. سوال آهي تہ مردن تہ هميشہ لکيو آهي، لکندا رهندا، پر عورتن ڇا لکيو آهي؟ جيڪڏهن مردن گهڻو لکيو آهي تہ پوءِ عورتن گهٽ ڇو لکيو آهي؟ آيا تہ اهو مواد مردن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي گهٽائيءَ واري مواد جي تڪرار جو به آهي يا نه آهي. هت مقدار جي ڳالهه نه آهي، يعني گهٽ ۽ گهڻي جي. ڪاش پنهنجي جنسن جي تحرير جو معيار پرکڻ لاءِ ڪو اوزار به ايجاد ڪري سگهجي!

عزيزو! مون کي تنوير جوڻيجه جو هڪ مضمون ساڳي عنوان سان يعني سنڌي ساهت ۾ عورت جو حصو، بيحد وڻيو. جنهن ۾ هن عورت جو ادب ۾ گهٽ هجڻ جو بنيادي سبب تعليمي فقدان ٻڌايو.... ساڳي ڳالهه سائنسي طور ثابت ڪندي تازو هڪ اسٽڊي دوران هڪ موجد به ٻڌائي:

پاميلا وينٽ رب سنڌس نالو آهي.... هن چيو ته نسلن کان نسلن تائين اها ڳالهه ميچي وئي آهي ته مرد عورت بنيادي بناوٽ جي لحاظ کان نه صرف مختلف آهن، بلڪ لڳي ائين ٿو ته نفسياتي لحاظ کا پڻ مختلف آهن. غصو يا a aggression مرد جو بيادي لاڙو آهي. جڏهن ته گهر ۽ گهرداري عورت جو بنيادي لاڙو-

آزاد ذهن!

پابندين جي پنجوڙ ۾ پيل ڪنهن عورت کان ڪنهن ذهني حاصلات جي اميد ڪهڙي رکي سگهجي ٿي.

ادب جو مکيه ڪارج آهي جتن ۽ سچ جو ڦهلاءُ.

آزاد ذهن سان.

آزاد قلم سان.

ڪاش سنڌي عورتن کي ايتري ذهني آزادي ملي جو هو به ڪڏهن "سنڌس ساهت ۾ مردن جو حصو" ملهائڻ جي قابل ٿين!!

سنڌي ساهت سال ڪانفرنس نومبر ٨١ع ڪراچي ۾ پڙهيو ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجو تخليقي سفر

گهڻي ڀاڱي ڀانيان ٿي تہ هر اديب جو آغاز ڀهرين ٻالڪ ڀٽيءَ ۾ آکاڻي ٻڌڻ ۽ پوءِ آکاڻي پڙهڻ سان ٿيندو آهي، هونئن بہ عام طور ٻارڙا ڪهاڻي ٻڌڻ جا شوقين ٿيندا آهن. پهرين ڪهاڻي ٻڌندا آهن، پوءِ ٿورو وڏو ٿي ڪهاڻي پڙهندا آهن ۽ پوءِ انهن مان ڪي سرواڻ ڪهاڻي سرجڻهار جي روپ ۾ آئين سامهون ايندا آهن، جو انهن جا نالا دلين جي ڌڙڪن، تاريخ جي ورقن ۽ ادب جي شهہ پارن ۾ هميشہ لاءِ محفوظ ٿي ويندا آهن.

آءٌ جي ان حواني مڙي پنيان پنهنجي ٻالڪپڻي واري دؤر ڏانهن نهاريان ٿي تہ ياد ڪونهيم تہ ڪو مون ڪي ڪا ڪهاڻي پڙهڻ جو عام ٻار جيان Craze هو.

سو ليکڪ جي حيثيت ۾ پنهنجي ٻالڪپڻيءَ واري دؤر ڪي مون پنهنجي حياتيءَ مان هڪالي ڪڍڻ وقت ائين جو (ايڪسڪيوز) ڪرڻ بہ مناسب نہ سمجهيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيتوڻيڪ لمحي لمحي زندگي ۾ جي اڪثر موقعن تي پاڻ سان معذرت ڪندي گذري اٿم.

يونيورسٽيءَ ۾ پنهنجي ٻارڙن کي پڙهائڻ ۾ حالانڪ ٻالڪپڻيءَ جي دؤر تي گهڻون زور ڏيندي آهيان. خصوصاً ٻار جي مک يا وات تي! سوچڻ وارا سوچيندا تہ بحيثيت هڪ قلمڪار جي عام قلمڪار يا قلم، جو ٻار جي مک يا وات سان ڀلا ڪهڙو ڪم!

مون پنهنجي ڪنهن لکڻي ۾ لکيو هو، جيئن ڌرتيءَ جي عبادت آسمان جي نقيب آهي. تيئن وات، جسم ۽ جسم جي اندر روح جو نقيب آهي.

ٻالڪپڻيءَ ۾ ٻن هفتن جو ٻار ماءُ جو اُرهہ وات ۾ وجهي خدا واري جنت کي ماءُ جي ڪڇ جي ڪوس ۾ محسوس ڪندو آ. ١٢- مهينن جو ڏندياتو ٻار ڏند اچڻ ۽ ماءُ جي ٿڃ ڇڏائڻ تي جنهن غم ۽ غصہ پيڙا ۽ پڇتاءَ جو اظهار ڏند ڪرٽي ائين ٿو ڪري جو ڀائين تہ ماءُ کي يا آس پاس واري دنيا کي ماني جي ٽڪر جيان چٻاڙي چيٿاڙي کائي ڇڏيان.

ٻائلي جي ٻن پاسن جيان غم ۽ غصہ اذيت ۽ عتاب جو ٻيو رخ نرم گرم پيار ۽ پاٻوہ آهي. جيئن پاڪستان جي گادي جو هنڌ اسلام آباد آهي، تيئن هر جسم جي گاديءَ جو هنڌ وات آهي. ٻارڙي جو وات سان هڪ طرح تہ چمڻ چٽڻ وارو چشڪياتي موہ! تہ ٻي طرف انهيءَ وات سان ئي غصہ جي حالت ۾ چٻڻ چيٿاڙڻ ڦاڙڻ ۽ ڦٿائڻ جو انبوا عام آدميءَ جي چوٽي پنهنجي پسند يا ناپسند جي اظهار خاطر مثلاً فلاڻي شيءِ ايتري تہ وڻيم ٿي جو ڀائيان چمي ڏيانس- يا فلاڻون ماڻهو ايترو ٿو زهر لڳيم جو ڀانيان کائي ويجانس."

پسونءَ جي دل اندر ويٺل روز اول کان پيار جي ديوي هن دنيا ۾ ايتري ئي ٻار جو خير مقدم ڪري ٿي! ٻالڪ جي شڪتيءَ ۾ اها ممتا يا محبت جي ديوي آهي جا سندس غم ۽ غصہ جي انبار کي پنهنجي دل جي دٻلي ۾ سنڀاليندي ۽ سانڍيندي آهي. ڪالهہ جو ٻار اڄ جو وڏو، جيڪڏهن جيون جي لاهين چاڙهين سان سهمت نہ ٿي ڪو محبت جو گيت لکي وٺي تہ اُن ۾ حيرت ئي ڪهڙي.

"تخليق جو موت" منهنجي ڪهاڻين جو مجموعو اهڙي ئي اپ ڪندڙين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو ڄار آهي، ڀهرين ڪهاڻي لکي هيم ’سوجهرو‘ ۾، پيڙا جي پڙلاءَ جي نالي سان- اها ڪهاڻي پنهنجي نالي جي صرف ڀهرين حرف سان لکي هيم. لاشعور جي ان ڊپ ڪان متان سچو نالو ڪٽ منهنجي سچي نفسيات کي پين آڏو نه ابتو ڪري.... ڀهرين ڪهاڻي جي ماڻهن ۾ پسند، جنهنجي ايڏي همت افزائي جو شايد ان سال 74- ۾ ئي مون لاڳيتيون ٻه ٽي ڪهاڻيون لکيون، الاءِ ڪيئن ان هڪ سال جي عرصي ۾ ئي مون پنهنجي مستقبل جا ايندڙ سال ۽ انهن جو ڀوڳنا سال 74- ۾ ئي جهيتي ورتي، جو ڀوءِ هڪ ڪهاڻي لکيم سال ٦٧- ٦٨- ٦٩. ڪهاڻي جو عنوان ته اهوئي ٦٧- ٦٨- ٦٩ هو، پر اڄ ٨٦- ۾ ٻه پاڻ کي ساڳي ڪيفيت جو شڪار محسوس ڪندي آهيان ۽ ها شايد مون ۾ ڪهاڻي لکڻ کان علاوه مضمون لکڻ جي ٻه ٿوري گهٽي صلاحيت هئي.....

عبدالحق مرحوم پنهنجي بي وقتي موت جو موقعو ڏيئي منهنجي ان صلاحيت کي اپاريو ۽ عبدالحق تي مضمون منهنجو ڀهريون مضمون هو.

ليکڪ جي هر لکتي سڌي يا اڻ سڌي طرح مٺن لفظن ۾ جيوت سان احتجاج آهي يا پاڻ سان معذرت!

مون ڪا ٻه ڪهاڻي ادب ۾ انقلاب آڻڻ لاءِ ناهي لکي. بلڪه جڏهن جڏهن دل ڏڏڪو کاڌو. جيوت سان سهمت ۾ اچڻ جو ساهس نه سارياڻين دل اندر وينل دالي ٻارڙي پڃاڙ کاڌي- تڏهن تڏهن ڪونه ڪو لفظ سرجيو ڪانه ڪا سٽ هري ۽ ڪانه ڪا ڪهاڻي اسري- اهڙي طرح زندگي سان ايڊجسٽمينٽ جو هڪ نئون سرو لڌو- گويا منهنجون مڙيئي ڪهاڻيون پنهنجي دل کي دلبا ڏيڻ جر هٿڪنڊو آهن.

بحرحال جيوت کي جيئڻ گذرٽو آهي، ائين ئي گذري ٿي. البته ماڻهو کي زندگي جي زگ زيگ جي مختلف لاڙن تي مختلف طريقن سان گذرٽو پوي ٿو.

پنهنجو پاڻ کي معذرت ڏيڻ جي اذيت! ۽ ان جي ايذاءَ مان گذرڻ، پنهنجي وجود جو لاشعوري پڇتاءُ!! جهيتي جهيتي ڏک جو پڙلاءُ!! زندگي نه هجي ها ته بهتر هو. جي آهي ته ڀوءِ ائين نه هجي ها. وڌيڪ بهتر هو.

منهنجون اڪثر ڪهاڻيون ڏگهه، رات جي پيڙائن ۾ سرجنديون- ۽ سر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو ان ويل انجام تي پهچنديون آهن، جنهن وقت عام طور جيون سان غداري ڪيل قيدي ڦاهي چڙهندا آهن. اهڙي وقت اسر جو اَذان جي آواز تي ڪنهن نہ ڪنهن قيدي سان گڏ منهنجي ڪهاڻيءَ قلم جي صليب تان لهندي آهي.

ان وقت آءٌ پنهنجن ڪاغذن کي سيني سان لاهي اڻ ڏٺي موت کان اکيون ڦيري پاڻ کي ايندڙ ڏينهن جي مبارڪ جي رسم (هئپي برٿ ڊي ٽو مي) چئي پوري ڪندي آهيان.

مان جي ليکڪ نہ هجان ها تہ يقيناً ڦاهيءَ جي سزاوار قيدي هجان ها. جڏهن تہ زندگيءَ جا ڏينهن بہ راتين جهڙا ڪارا، خاموش ۽ ڊيڄاريندڙ لڳندا آهن. شايد اهوئي سبب آهي جو منهنجون ڪهاڻيون گهڻي ڀاڱي (پيسيمسٽڪ اپروچ) هونديون آهن. هر ڪهاڻي جو ڏک ڀاڻ ۽ تہ پنهنجي ئي دل جو ڏک آهي.

ان ۾ شڪ ڪونهي تہ ماحول مان مليل ڏک تندرست شڪتي واري انسان لاءِ چئلينج آهن. ماحول سان وڙهي يا ماحول کي مٽائي پنهنجي ڏکن کي رانهين سگهجي ٿو.

پر ڪي ڏک.... الاءِ ڇو اڪثر محسوس ٿيندو اٿم تہ منهنجي رت جي ڳاڙهن جزن ۾ شامل آهن. منهنجو حياتياتي نظام ٻيڙا ڳاڏڙ انهيءَ رت جي وهڪري تي هلي ٿو. جيتوڻيڪ وقت بدلجندو رهي ٿو. 'راتين پويان راتيون. ڏينهن پويان ڏينهن،' مٽبا ۽ سٽبا رهن ٿا. ساڳي طرح منهنجو بلڊپريشر بہ مٽبو ۽ گهٽبو رهندو آهي. جڏهن بي پي عام ليول کان گهٽجندو آهي، تڏهن ذهن ۾ جسم تي عجب جهڙي نيستي ڪيفيت پائيندي آهيان.

نسن جي نستائي- ڊگهن ساهن جي گهري اونهائي جا منهنجي انتهائي اندر کي ڇهيندي آهي.

لاشعوري طرح مون کي منهنجي اها ڪيفيت نہ چاهيندي بہ الاءِ ڇو وڻندي آهي. منهنجون هڙيئي ڪهاڻيون منهنجي انهي ڪيفيت جو محاصل آهن. ٻين لفظن ۾ اهي ڪهاڻيون منهنجي جسم جو اظهار آهن يا منهنجي جسم جا مختلف حصہ آهن. ۽ ها بلڊ پريشر ڪڏهن ڪڏهن هڪ ٻي Phase تي بہ جهٽڪو کائيندو آهي، جو صرف ڪڏهن ڪڏهن محسوس ڪندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهيان. جنهن کي لفظن ۾ آڻي نہ پئي سگهان. جتي رهندي آهيان اهو گهر انتهائي airy آهي، ساڄهي مهل گهر جي پنجين ماڙيءَ تان جڏهن هڪ نظر هيٺ وجهندي آهيان تہ سرهائي شام ۽ هينالي ۾ رهندڙ غريبن جي بستي لاتعداد بلبلن جي روشني ۾ مون کي خدا جي بستي نظر ايندي آهي. ڪافي دير تائين دل جي هستيءَ تي اهو ڇٽ ڇنڻ کان پوءِ جڏهن هوا جي هلڪورن تي آءٌ ڪٿ تي اهلندي آهيان تہ الاءِ ڇو پنهنجو پاڻ بلڊ پريشر وڏيڪ نارمل، بلڪ سپرنارمل لڳندو آهي. دل جي دنيا ۽ ٻاهرين دنيا ۾ هم آهنگي. ترنم ۽ عجب جهڙي تڪميل محسوس ٿيندي آهيم- اهڙي ويل پيراندي ۾ پيل رلي ۾ مونکي سڄي خدائي وڇايل محسوس ٿيندي آهي. سيرانديءَ پائيندي آهيان، منهنجي طراط مستقيم جي صورت آهي.

دل ۾ تڪميل ۽ ڪمال جي اهڙي ڪيفيت پاڻ‌ءِ ڪو ڪنن ۾ منهنجي هوريان "اليوم اڪملت لڪم دينڪم" جو ورد ڪري رهيو آهي. ڪوئي چئي رهيو آهي، اڄ هن وقت اسان توکي تنهنجي دين کي دنيا کي مڪمل ڪري ڇڏيو آهي، هاڻ هن ۾ مزيد ڪمي پيشيءَ جي گنجائش ناهي.

طمانيت ۽ سرور جي اها ڪيفيت جا دنياوي سمونڊ ۾ جسم جي جهاز کي اڳيان رستو ڏيکارڻ لاءِ انڊيڪيٽر جو ڪم ڏيندي آهي.

آءٌ اهڙن احساس کي لفظن جو روپ ڏئي نہ ٿي سگهان، ميان ٿي. جنهن ماڻهو کان ڪنهن سچوئيشن ۾ لفظ ادا نہ ٿي سگهن ان ماڻهو جي زندگي؟ شڪست جو اعتراف آهي. آءٌ شايد پنهنجون پويون ڪهاڻيون پڙهي وري ڪا نئين ڪهاڻي لکي سگهان. تيستر مون پنهنجي ان ڪهاڻي واري بند باب کي تعويذ جيان امام ضامن سمجهي ٻانهن ۾ ٻڌي ڇڏيو آهي.

شايد ڪڏهن بند جا بادل پڃن لفظن جي جل ٿل ٿئي ۽ روشني جا مينهن وساڻان وري ٻيهر پسي سگهان.

جي ائين ٿيو تہ من واه واه جي ائين نہ ٿيو تہ دنيا کي ڪو خاص يا عام ڏوڙو ڪين ايندو. البتہ اهو پينگهو جنهن ۾ آءٌ پليس ۽ جنهن ۾ ويهي مون ڪهاڻيون لکيون منهنجي بدن جي لهسي سان ڪڏهن ڪين لڏندو. هونئن بہ هندورن ۾ ٻارڙا ۽ آسرا پالبا آهن. قبرن ۾ پلي ڇڏبا آهن!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنوير سان ملهايل شام ۾ هڪ تقرير

الائي ڇو هيڪر وري صدارت جا سنج مونکي سونپيا ويا آهن. ڪجهه ڏينهن اڳ ٿميرا جي ورسي جي موقعي تي، ڪجهه ڏينهن پوءِ اَڄ تنوير سان شام ملهائڻ جي موقعي تي، حاضرين! سنج سونا ٿبدا آهن، نه ڀانئجو ته ڪو دعوت انڪري قبول ڪيم- پر سچ ته دعوت ڏيڻ وارا مون لاءِ سون ورتا آهن. نه ته سونا سنج ته غريب گڏهن کي پارايا ويندا آهن.

ماڻهن کي انعام ۾ سونا تمغه ڏبا آهن. هتي جانور ماڻهو کان بازي کٽي ويل ٿو ڀانئجي، جو سنجن ۾ سون سيرن منهن ۽ تمغن ۾ تولن منهن ٿيندو آهي. اُميد ته ماڻهو ويچارو ڳجهن جيان هِتان هُتان لامارا هڻي هڪ جاءِ هنداڻو ٿيندو. پوءِ ان جانور سان ضرور مقابلي لاءِ وڙهندو...... الاءِ ڇو ڪنهن سُگهڙ هن جانور کان نااميد ٿي هريرو ڇيو هو. 'ڪتابن جي لڏ ڪنهن گڏهه تي ڊويل ڏسي نه ڀانئجو ته ڪو عالم ويجي رهيو آهي.'

ٻر سائين منهنجا هرويرو ويچارو اِهو جانور ئي ڇو؟ ڪو ماڻهو لَڏ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتابن جا پڙهي موٽ ۾ ليٽرين هٿي عمل جي دوران لڏون لاهيندو ويجي ته اُهو وري ڪهڙو عالم ويجي رهيو آ.....

سو ڳالهه مون پنهنجي تي ڪئي ته مون اَڄان ڊگهه ڪتابن جي پڙهڻ جي دعويٰ ناهي ڪئي، پر پاڻ ۾ ڪيفيت اُن غريب جانور جهڙي ئي محسوس ڪري رهي آهيان، جنهن کي سونا سنج ته ڏنا ويا آهن، پر هُو موٽ ۾ ماڻهن کي مسڪيني، ماٺ ۽ مصلحتن ڪان سواءِ ڪجهه ڏيئي نه سگهي. پنهنجي پنهنجي نڪ ۽ چمڙيءَ جي پڪائي ۽ ڪچائي جي ڳالهه آهي، نه ته ضروري ناهي ته ڪو سونو تمغو پائڻ وارو به پاڻ کي اِن ڪيفيت ’۾‘ محسوس ڪري.

نه ته سون ته برابر سون آهي.... سنج هجي يا تمغو سون پنهين ۾ ساڳيو آهي، خدا مون جهڙا سنج ڪنهن کي به نه پارائي، ۽ مون جهڙي ڪيفيت سان ڪنهن کي دوچار نه ڪري.

اڄ معاملو آ تنوير سان شام ملهائڻ جو ته مون کي ڪجهه مٿس لکڻ ئي گهرجي. سندس فن تي سندس شخصيت تي. دل چوي ٿي اجوڪي شام لاءِ آءٌ مٿس فقط هڪڙوئي جملو لکان: ’تنوير جنهن سُئيءَ سان سندي عورت جي قاتل دل کي تحريرون ڏيئي سبيو هو. اَڄ سندس ماٺ آهي ٽانڪا توڙي رهي آهي. پاڻ جنهن روانيءَ سان سماجي اَنياءُ ۾ عورت جي تصوير عام آڌو آندو هئين، اوترو ئي اڄ سندس ماٺ مٿي جيان ان تصوير کي لٽي رهي آهي.

ڊپ اٿم ته سندس خاموشيءَ جو اِهو طويل سلسلو سندس تحريرن کي مٿي جيان تهن مٿان تَهه چاڙهي ڪٿي موهن جي دڙي جي تاريخ ۾ نه چڪي وڃي، هو بيحد خاموش آهي، ايتري قدر جو پڌم ته پاڻ ساڻس شام ملهائڻ تي به راضي نه پيي ٿي. چئي: ’شام وڃي ملهايو ادي خيروءَ سان، جيڪا لکي ٿي مان اڄ ڪلهه لکان ٿورڙوئي ٿي.‘ مون پڌو ته خوش ٿي ويس.

چيم نيڪ آ- اڌ شام مون سان اڌ تنوير سان- يعني fifty fifty (اَڌو اَڌ).

پر هي ففٽي ففٽي (اڌو اڌ) به پائر ٽيون ٽيڪو واري ففٽي ففٽي نه بلڪ پيور چڪن سوپ واري ففٽي ففٽي آ. چون ٿا ته ڪنهن مت جي موڙهئي خالص مرغي جو سوپ وڪڻڻ واري ڪان سوپ سڄو ڪجهه وڏين پوٽيون ترندي ڏسي پڇيو ته: ’چا هن سوپ ۾ ڪجهه وڏو گوشت مليل آ.‘ سوپ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واري نهايت ٺي نهنائيءَ سان وراٺيو، 'سائين ايمانداري سان 'fifty fifty.
يعني سوپ آهي تہ ڪڪڙ جو پر ملاوت ۾ ايمانداري آ- هڪ سڄي ڪڪڙ تي هڪ سڄي مينهن. اڌ ڪڪڙ تي اڌ مينهن، سو منهنجي هتي اهميت بہ چڪن سوپ ۾ ملاوٽ جيان ففٽي ففٽي آ......

ورنہ سائين صدارت ڪرڻ وارا تہ ٻيا بہ ڪوڙ، ڪوئي فني نقاد هجي جو تنوير جي تحريرن کي فني ڪسوٽي تي پرکي.....

ڪوئي عبدالقادر جوڻيجو هجي، جو تنوير جي حيثيت جو هوبهو فوٽو اسٽيٽ چڪي ٻڌائي......

آءٌ آهيان ٻنهين مان ڪونہ.

پَر مڙيئي پورائي ڪرڻ لاءِ ففٽي ففٽي ٺي سَهي.

بهرحال تنوير لکڻ تڏهن شروع ڪيو، جڏهن ادبي لحاظ کان مون شايد قلم جهلڻ بہ ڪونہ سکيو هو.

هو عمر ۾ مون کان منهنجي قد جيان ڪوڙ جونيئر- بہ ادب ۾ پنهنجي قد جيان خاص سينئر آهي.

مون سندس ڪهاڻيون فني اک سان پرکيون ناهن، بلڪ محض عام چڱي پڙهندڙ جي حيثيت ۾ پڙهيون آهن. اڪثر سندس ڪهاڻين جا پلاٽ مضبوط سٽن جي اوسار سريلي ۽ لفظي لب لٽ صفائي سادگي ۽ سيبتائيءَ سان ٽيل آ...... اُن ڪري ڏسڻ ۾ سندس تحريري گهر ڪنهن آفيسر جي لڪايل پئسن مان ڪلفٽن تي ٺهرايل ٺاٺ باٺ وارو بنگلو نہ پر پڪين سرن سان ٻڌل هڪ وچولي طبقي جو گهر لڳندو، جنهن ۾ گهمندي ڦرندي ڪڏهن پاڻ ۾ فريده جو ڪردار پيو سرايت ڪندي باسندو جا حقيقتن جي تلخين کان منهن موڙي نري آس تي سماج کان نا اُميد ٿي الله ۾ اُميد رکيو ويٺي آ.... ڪڏهن زرينہ جو روپ جا مجازي خدا جي مرضيءَ تي پنهنجا آدرش مٽي- پنهنجي ٻارن جي ٻن مٺن ۾ جيئڻ جا جواز ڳولهي رهي آهي.

سندس ڪهاڻيون گهڻي ڀاڱي سماجي انياءُ ۾ پلجندڙ هڪ عام گهر جون ڪهاڻيون آهن. جي هوريان ڇاتل سڇاتل وهيل واپيل درد جو، چرڪائيندڙ نہ، پر اَڻ لکو تاثر ڇڏين ٿيون.....

سندس ڪهاڻين جا مڙيئي ڪردار هڪ هڪ ڪري اَواڳون جي سلسلي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمان نئين چڪر سان نئين ڪهاڻيءَ جو روپ وٺي جڻ هڪ ساڳئي ئي ساهه تي گذرندي محسوس ٿين ٿا.

هر ڪهاڻي پڙهي ماڻهو محسوس ڪندو. ها ائين ئي ٿيندو آ.....

مون کي اعليٰ ادب لاءِ ڪنهن مفڪر جي هڪ وصف ٿي ياد اَچي- جنهن چيو ته: اَدب اُهو جو پڙهي محسوس ٿئي ته مان به ائين لکي سگهان ٿو- پر جڏهن لکڻ وهي ته لکي نه سگهي.

سو اِن وصف پٽاندر تنوير واڱون جيڏي وڏي اديب نه سهي- ميچيل اديب ته لاريب آهي.

حالتن اسان کي هاڻي وڏن اديبن کان مايوس ڪيو، اِهو سيڪاريو آ ته ڪنهن وڏي اديب کي پرجهڻ ۽ پرکڻ جي ڪسوٽي هاڻ ائين نه ٿيڻ کپي ته هُن اسان کي پڙهڻ خاطر اکرن ۽ اچارن ۾ ڇا ڇا ڏنو؟ قلم جي قلابازي ڏيئي اکرن جو ڪهڙو ڪاڪ محل جوڙي ڏنو- وري وقت، آزمائش ۽ ويجهڙائپ ڪيس ڇا کان ڇا ثابت ڪري ڏيکاريو؟

اسين پري کان لفظن جي سحر ۾ وڪوڙجي اکرن جي سوداگر کي مَن جو مسيحا ۽ وقت جو هيرو پائي ويهندا آهيون.

اکرن اچارڻ لاءِ هُن جو وات کلي ته اُن کي جنت جون دريون ڪليل سمجهي ويهندا آهيون. پر جڏهن آزمائش جو وقت ايندو آ...... ويجهڙائپ کان ڪيس پرکڻ جو موقعو ملندو آ. تڏهن لفظن جا لبادا لهي ويندا آهن. اکرن جا ڪاڪ محل پري پوندا آهن، ويجهڙائپ مان جنت جي درين مان ٿڌي واءُ نه پر دوزخ جي گرم لهس لبيٽي وجهندي آ. تڏهن اسين مايوس ٿي سوچيندا آهيون ته ڇا اسان جي من جو مسيحا ۽ وقت جو هيرو فقط شيطاني قوتن جو ميڙ هو؟ اهڙي سمي گڏهه جا سنج ۽ عالم جا تمغا هڪ ئي پيتي ۾ پوريل لڳندا آهن. وقت آزمائش ۽ ويجهڙائپ قصن کي قضين ۾ بدليو ڇڏي، لفظي علم کي جي عمل نه هجي ته ڇڙو علم الم ۾ بدلجيو وڃي. ڪائنات جي سڀ کان وڏي سچائي عمل آهي.

سو بهتر ڇا ائين ناهي ته بجاءِ اونچا آدرش ڏسڻ جي، وڏيون ڳالهيون ڪرڻ جي پنهنجي سادي، کري ۽ سپٽي ڪردار مان ڪا جٽادار جهوپڙي ئي ڪنهن جيءَ ۾ اڏي ڇڏجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سچ پڇو تہ آءٌ تنوير جي ادبي خدمتن جي شڪرگذار آهيان جن جي توسط سان سندس عام ڪردار اسان جي آڏو آيو. جيڪي سندس ويجهڙا هوندا تن کي خبر هوندي تہ سندس عمل ۾ اونچائيءَ جي حامر نہ پر سادگي ۽ سچائي جو اظهار آ. پاڻ عمر جي جنهن دور ۾ آ، اُن ۾ نڪو جوانيءَ وارو جهول اٿس، نہ ئي سندس ٻولن ۾ ٻچاپڙائي.....

نہ تہ ماٺهو تہ جواني گذاري پڇاڙي ۾ ويندڙ وَهي کي هٿ ڪرڻ لاءِ، ڪنهن جوانڙي جي چوسيءَ جو قندڻ، شهزادي گل منير جيان نڪ تي رکي گل جيان سونگهيندي گهر ناهڻ جي ڪوشش ڪندا آهن-.

هوءَ سڌي سادي آهي، سئين سيبتي. نہ ڪو ڳالهہ ۾ ور وڪڙ نہ ئي انداز ۾ ور وڪڙ.

جيڪي سندس اوڏا هوندا تن کي خبر هوندي تہ سندس دوستي بلڪ گروپ جيان هر اُن رَتُ ۾ رَچي ويندي، جو رت رنگ نسل ڪان پري، ڪنهن بہ ڪنهن نموني سندس ٻولي جو ڳالهائيندڙ ۽ سندس ئي ڌرتي جو رهندڙ هجي- هوءَ عالم اديب پوءِ، هن ڌرتيءَ جي ڌيءُ پهرين آ. ڌرتيءَ ۽ ٻوليءَ لاءِ پيار جو ڪڏهن هُن نئون سر باري واري نعرو ناهي هنيو. وات سان ڪجھ ڪچندي ڪونہ. پر ماٺ ماٺ ۾ اُها مَڻ ڏيئي ويندي، جا الاءِ ڪيترن زبان جي ڪاريهرن جي ڪاٿ ثابت ٿيندي. مان جڏهن پنهنجي اوٺري ڌيءَ کي ڪاڪڙي گوري گهوٽي ماکي ۾ ملائي ڏيندي آهيان، تڏهن چوندي آهيانس: پيءُ اَمان ماسي تنوير جي امرت منجھ ڪڙاڻ. ۽ دل ۾ دعا ڪندي آهيان: شال وڏي ٿي تون سانس جيان ٿئين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"اُمِيري کان فقيريءَ تائين"

خيرالنساءَ جعفريءَ جي طنز ۽ مزاح جي چاشنيءَ سان رچيل هڪ دل افروز تقرير.

خاتون دانشور ۽ منفرد ڪهاڻيڪار محترمہ خيرالنساءَ جعفريءَ جو نالو سنڌي ادب جي افق تي روشن ستاري جيان جرڪي رهيو آهي.... هيءُ مضمون اصل ۾ سندس اها تقرير آهي، جيڪا ڊاڪٽر قمر جهان مرزا جي Ph.D جي ٿيسز "حيدرآباد ٽالپرن جي دؤر ۾" جيڪا مهورت جي موقعي تي پيش ڪئي هئي. خاتون ليکڪا هن مضمون ۾ جنهن انداز سان اجتماعي شعور ۽ حميت کي جاڳائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، انهيءَ سان مرحوم جسٽس ڪيانيءَ جون ڏاهپ طنز ۽ مزاح سان ڀريل ۽ ذهن ۾ ڇپندڙ تقريرون ياد اچڻ لڳن ٿيون.] ادارو.

عزت ماب حاضرين، ٢٣- مارچ ١٩٨٧ع کان اڳ، يعني اڄ کان ٻہ مهينا پهرين، مون سڄي زندگي، هر ان شخص تي رشڪ ڪيو، جنهن جي نالي پويان لفظ Ph.D لکيل هوندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٢٣- مارچ ١٩٨٧ع کان پوءِ، رات جو ساڍي ٨ لڳي کان، جڏهن منهنجي ماءُ اوچتو مري وئي، ويندي، هينئر تائين هاڻ هر ان شخص تي رشڪ ڪندي آهيان، جنهنجي ماءُ زنده آهي ۽ جيئري ئي ماءُ جي پيرن هيٺان جنت ۾ آهي.

جنت جهڙي پيئي ۽ ماءُ جهڙي پر جهلي جي هلي ويڻ کان پوءِ، مون مان ڪهڙي اميد ڪري سگهجي ٿي؟ اها ڳالهه مون قمر کان پڇي هئي، ڇو ته هن جو اسرار هو ته آئون سندس ڪتاب تي ڪجهه لکان... قمر جيڪو جواب مون کي ڏنو ان جو مطلب هيءُ هو ته، ”هينئر رمضان آهي. عام توڙي خاص لاءِ جنت جا دروازا کليل آهن... انهن لاءِ به جن جون مائون زنده آهن- اُنهن لاءِ به جِن جون مائر مون وانگيان مري ويون آهن!“

صاحبو! هي اسلامي دؤر آهي، ۽ پاڪستان جا دروازا ٻاهرين اچ وڃ لاءِ هميشه کليا پيا آهن.

هر شخص جيڪو جنت لاءِ سخت فڪرمند آهي، اهو ٻئي کي اسلام جي پارت ڪندو گهمي. ڪو وقت هو جڏهن اهڙي هڪ پارت، اسان به هڪ لڳان، سائين شيخ اياز جن کي ڪئي هئي. پاڻ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ وائيس چانسلر هئا. سندن وقت ۾ يونيورسٽيءَ جا ست استاد نوڪرين مان ائين ڌڪجي ويا، جيئن الله سائينءَ حضرت آدم کي جنت مان ڌڪي ڪڍيو هو. پوءِ جيئن الله آدم جي پاسراتين مان بي بي حوا کي چونڊي ڪڍيو، تيئن اسان آپا امينه خميسانيءَ کي ڪل ماسترياڻين مان چونڊي ڪڍيو، ته پاڻ باقي ماسترياڻين سان گڏ وڃي شيخ صاحب کان استادن جي اوچتو نڪري وڃڻ جو سبب معلوم ڪري. شيخ اياز صاحب جو جواب مون کي اڃان به ياد آهي. چيائين، ”انهن استادن کي مون ناهي ڪڍيو... انهن کي سڌو سنئون گورنمينٽ ڪڍيو آهي.“ اسان پڇيس، ”سائين ڇو...؟“ جواب ڏنائين ”انهن مان اسلام کي خطرو هو...“

اسلام کي خطرو... معنيٰ جنت کي خطرو! اسين مانڙي ڪري موٽي آياسين...ويندي ويندي، سندس پرسان لنگهندي مون آهستي اياز صاحب کي چيو هو، ”سائين هاڻ اوهان کي اسلام جي پارت هجي.“

هو معنيٰ خيز مرڪ مرڪيو جڻ چوندو هجي ته ”اوهان کي به اسلام جي پارت هجي.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساتيو- هيءَ رمضان جو مهينو آهي. چؤڏس جنت جا دروازا کليا پيا آهن. هڪ هيءَ ڊاڪٽر قمر جهان آهي، جيڪا خوشيءَ جا لمحا اينجواءِ ڪري رهي آهي، هِڪ هوءَ قمر واحد آهي جا آمريڪا جا دورا ڪري رهي آهي... ٻڌو اٿم تہ مهتاب چنا بہ ادبي وفد سان چين ويل آهي... بس ٿورا ڪي ايا ڳا ئي آهن، جي مون وانگيان ذهن جي حويلين کان ويندي، يونيورسٽيءَ جي هاسٽلن تائين، چؤديوارين ۾ بنديا پيا آهن!

دوستو! سنڌ يونيورسٽي هجي يا علم جو ڪو بہ ادارو، پل مٿس چؤديواريون چڙهيل ئي سهي... پر جت هڪ بہ علم وارو انسان پير رکي ٿو، اٽ پنهنجو پاڻ جنت جا دروازا کلي پوندا آهن.

جيوت شاهراه تي ننڍا ننڍا سنگ ميل ايندا رهندا آهن... جن سان مطلب اهو ناهي تہ هلڻ وارن لاءِ اهو رستو اتي ختم ٿي ويو... بلڪ سنگ ميل بجاءِ دل جي ڊاهڻ جي، دل کي ڏڍ ڏيندا آهن تہ اڳيان ٿورو اڳيان ڪا چڱي اسٽيشن اچڻي آهي، جت ساه جو سمورو سامان لاهي، ٽڪ پيجي، آرام سان اَهلي سگهجي ٿو... اهو سبق مون کي قمر واحد کان Ph.D ڪرڻ کان پوءِ مليو. نہ تہ اڄ کان ١٠-١٢ سال پهرين، قمر واحد جي اکين مان وهندڙ لڙڪن جي آلاڻ آئون اڄ بہ پنهنجي ذهن ۾ محسوس ڪندي آهيان. ڪيئن هن همت ڪئي! ڪيئن هن اعتماد gain ڪيو ۽ Ph.D پرائي! ايڏو اعتماد جو اڄ هن جي ماني سنڌي چوڻيءَ موجب "ڪتا بہ نٿا کائن!"

سو دوستو ڳالهہ ٿي ڪيم تہ هوءَ قمر واحد آهي ..... هڪ هيءَ قمر جهان آهي.... اسان جي يونيورسٽيءَ ۾ گرلز ڪامن روم آهي، جتي اردو ڳالهائيندڙ خالہ ويهندي آهي... هڪ دفعو جي. ٽي. ايس. جي بس ۾ مونکان ان خالہ پڇيو "آپ قمر ڪو جانتي هئين؟" مون چيومانس، "خالہ ڪونسي قمر؟ هماري پاس قمرين دو هئين؟"

هن پڇيو، "ڪيا دونون اُستانيان هين... جواب ڏنو مانس "هان خالہ دونون ماسٽرنيان ڀي هئين، ڊاڪٽر ڀي هين... يعني دونون، توان ون Twoin one هئين...

خالہ وري مون کان پڇيو،

"اور بيٽا تم...؟" مون اداسيءَ مان چيومانس، "خالہ مين نن اِن وَن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

none in one هون...“

سو ڳالھ تي ڪيم تہ ٻئي قمرون Ph.D آهن. Ph.D تہ پيا بہ ڪوڙ آهن... پر هنن ٻنهي سان منهنجي مشترڪ زخمن واري دوستي آهي. بقول قرت العين حيدر، ”ڪجھ ڳالهين جا مطلب رڳو ساڳئي زخمن جي حوالي سان سمجھ ۾ ايندا آهن!!“

زخم پنهنجو پاڻ قدرت heal ڪندي آهي، پر هنن جي دوستي زخم لاءِ ڪنهن اينٽي بايوٽڪ دوا جو اثر رکندي آهي...

ساٿيو!

قمر کي مون پهريون ڀيرو وي. سيءَ جي آفيس ۾ تڏهن ڏٺو، جڏهن سليڪشن بورڊ جي ميٽنگ هئي. منهنجو منهن ڀڳھر سان پسيل هو پر قمر کي چڱو خاصو پائوڊر لڳل هو. ان پائوڊر جي مهڪ اڄ بہ آئون روز اسٽاف بس ۾ محسوس ڪندي آهيان... ڪيس ڏسي، ڪنهن شرارت جي موڊ ۾ آهستگيءَ سان پڇيو، ”هيءَ پائوڊر پٽلي ڪير آهي؟“ الاءِ ڪنهن جواب ڏنو، ”هيءَ ڊاڪٽر آهي!“

پائوڊر ۽ ڀڳھر جو فرق تڏهن مون کي اتي پهريون ڀيرو محسوس ٿيو. ڀڳھر سان پسيل هٿن ۾ جڏهن ڪاميابيءَ جي سرٽيفڪيٽ ساڻ هجي... گهٽ ۾ گهٽ، اهو چهرو ڀڳھر سان پسيل نہ هئڻ گهرجي.

خوشبودار پائوڊر شايد قمر جي ڪمزوري آهي... شروع ۾ اڪثر هوءَ هلندڙ بس ۾ پرس مان ننڍڙو آئينو ڪڍي، پنهنجو پائوڊر ڏسندي هئي... دراصل چڱي جيئڻ لاءِ انسان کي پنهنجي صحت ۽ صورت جي حفاظت ڪرڻ گهرجي، نہ تہ حشر اهڙو ٿيندس جهڙو منهنجو ٿيو هو.

ٿيو ڇا، جو اسٽاف بس هلي رهي هئي ۽ قمر آئينو ڏسي رهي هئي، منهنجي هڪ ننڍڙي ڪليگ مون کان طنزيہ انداز ۾ پڇيو ”ڇو اڄ بستري مان اٿي سڌو بس ۾ چڙهي آيون آهيو ڇا؟“ مون حيران ٿي وري ڪانئس ئي پڇيو، ”منهنجي ڀُنن تي ڇو ايحان بہ رلي چنبڙي پئي آهي ڇا؟“ چيئن، ”رلي تہ خير ڪونهي پر اوهان کي ٿورو ٽپ ٽاپ رهڻ گهرجي.“

هن قمر ڏي اشارو ڪري چيو، ”ٿورو هن ڊاڪٽر صاحب کي ڏسو“ جڻ چوندي هجي، ”اسان کي ڏسو، ڪيئن!؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون پنهنجي ڪليگ کي ڏنو. ڪيس واقعي زبردست ميچنگ پيل هئي. انهن جيئن اڄ ڪلهه جا مادرن ڇوڪرا رنگين بيل بوٽا يا بيل ٻاٽم پائيندا آهن. سندس اڇي رنگ جي بوٽ تي ٽن رنگن جا پٽا هئا. ساڳين ٽي رنگن جا ٽي پٽا سندس اڇي شرٽ تي سيني وٽان اڪريل هئا. رنگن جي اها هم آهنگي واقعي محنت جوڳي ڳالهه هئي!

پر مون پنهنجي ڪليگ کي ساراهڻ جي بدران حيرانيءَ ۽ همدرديءَ سان ڏٺو. ڏک وچان پڇيومانس، "هي صبح ساڻ توکي تنهنجي پيرن مان لاهي، سيني تي ڪنهن سٽيا آهن، جو پادرن جا رنگ پوپٽ جي رنگن جيان تنهنجي شرٽ تي چنبڙي پيا؟"

ساٿيو، اهو ڪو وقت هو ۽ هاڻ به ڪو وقت آهي. قمر هوريان هوريان ماحول سان هري، هاڻ آئينو ڏسڻ ڇڏي ڏنو آهي... ۽ مون آئينو ڏيکارڻ ڇڏي ڏنو آهي. واقعي وقت ماڻهوءَ لاءِ قدرت جو سڀ کان وڏو ظالم ۽ صبر آزما تحفو آهي.

جڏهن وقت جي ٿي ڳالهه ڪريان، ته واقعي حيدرآباد جو به دؤر هو ... پاڻ پنهنجي ٿيسز جي پهرئين واليوم جو نالو رکيو اٿئين "حيدرآباد ٽالپرن جي دؤر ۾" سندس ڪتاب جو رڳو پيش لفظ پڙهيو اٿم. باقي ڪتاب جي في الحال رڳو ورق گرداني ڪئي اٿم. قمر جو رڳو مقدمو پڙهي ئي ڇانور چڪي، ديگ جو اندازو ڪيو اٿم ته مواد جتي انفارميٽو آهي، اٿ قمر جي ٻولي سڌي سولي، ساڳيءَ وقت ادبي ذوق سان به مالا مال آهي... آئون رڳو اهو چوڻ خاطر نه پئي چوان، پر رڳو مقدمو پڙهي ئي سچ ته سندس ڪتاب تي ايمان آندو اٿم. سندس ڪتاب جا سچا سارا جملا آئون هت دهرائڻ کان مجبور آهيان- جن ڪتاب پڙهيو هوندو، اهي ڄاڻي ويا هوندا ته سانوري سلوڻي، بظاهر عام قمر پنهنجي اندر محنت جو ايڏو خاص ثمر رکي ٿي، جو هن هڙئي ميرن کي پنهنجي ڪتاب جي مٺ ۾ ايئن پوري رکيو آهي، جو سموري ميرن جي صاحبي ۽ سموري حيدرآباد جو حسن هن جي هٿ جي ترڻيءَ ۾ بند جي ويو آهي... جنهن کي سندس ڪتاب جي Vi-dio Cassete تي ڏسي سگهجي ٿو.

ڪلهه جڏهن هوءَ دعوت ڏيڻ ڪامن روم ۾ آئي، تڏهن هن هڪڙي ننڍڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳالهه ڪئي... جنهن مون کي الاءِ ڇو Move متاثر ڪيو... جيئن، ”سموري زندگيءَ ۾ مون صرف هڪ ننڍڙي خوشي محسوس تڏهن ڪئي، جڏهن منهنجي Ph.D جي رزلٽ آئوٽ ٿي... ٻي ننڍڙي خوشي هاڻ محسوس ڪرڻ جي ڪئي اٿم جڏهن ڪتاب جي وي سيءَ جي هٿان مهورت ٿي ڪرايم...“ ايئن چئي چڻ هوءَ ڪجھ گھڙيون چپ ٿي وئي ۽ پوءِ ٿورو سنجيدگيءَ سان چئين، ”عام ماڻهن کي خوشيءَ جي موقعي تي مناٻون، مبارڪون ۽ گل ملندا آهن. پر اسان کي مناٺي ۽ مبارڪ جي بدران ٽُڪ پوندو ملندو آهي...“

مون چيو، ”چڱو ٿيو جو Ph.D اسان ڪون ڪئي، نہ تہ اسان کي مناٺي ۽ مبارڪ جي بدران مار موچڙو پوي ها:“

ڪي ڪي ماڻهو فرشتہ آهن!

ڪي ڪي ماڻهو شيطان آهن!!

Mostly ’اڪثر‘ ماڻهو پڪا مسلمان آهن!!!

پر انسان الاءِ ڪٿي آهي؟

اهي رڳو سڪن گلن سان گڏ قمر جي ڪتاب ۾ ملندا.

جيتوڻيڪ انسان جيڪي ڪنهه هئا، اڄ بہ اهي ئي آهن. هسٽريءَ ۾ رڳو انهن جون تاريخون بدليل آهن. ننڍي هوندي تاريخ ۾ پڙهندا هئاسين تہ. ”ميرن جي حڪمرانيءَ ۾ سنڌ ۾ ڏاڍا سڌارا آيا... ميرن کان اڳ تاريخ ۾ شيرشاه سوري آيو، ان جيان ميرن بہ ڏاڍا سڌارا آندا،کوهہ کوٽايا ۽ رستا ٺهرايا.“

ڇا اڄ بہ حيدرآباد شهر جا سمورا رستا ڪوٽيل ناهن؟ جنهن گهٽيءَ پند وڃبو، سمورا رستا ڪوٽيل نظر ايندا. شيرشاه تاريخ ۾ هڪ دفعو آيو ۽ مري ويو، البت سوري اڄ بہ هر رستي تي ٽنگي پئي آهي.

بقول قمر جي، ”اسلام سنڌ جي ماڻهن ۾ تازي خون مثال ڪم ڪيو. ميرن سنڌ کي ورهائي، هڪ ئي خاندان ۾ پنهنجون ٽي جدا حڪومتون قائم ڪيون. ملڪ ۾ امن امان بہ هو تہ ماڻهون سکيا ستابا بہ ٿيا.“

سندن حڪومت راڄوڻي هئي... پر پوءِ ميرن جي پنهنجي ئي گھر مان لڳي. ٻين لفظن ۾ حڪومت ڪندڙ حڪمران پاڻ ۾ ايئن ڳنڍجي، بلڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳتر جي پيا، جو اڄ جي دؤر وانگر خبر نہ ٿي پئي، تہ ملڪ ۾ مارشل لا آهي يا جمهوريت! نيٺ انگريزن اچي سندن صاحبيءَ تي آخري قل پڙهيا!

ميرن جي صاحبيءَ جون عقل وارن لاءِ اڄ بہ نشانيون موجود آهن... سنڌي قوم جي هڪ اهم سيحاتپ پل ختم سهي، پر ميرن جي قبن وٽان لنگهندي، محسوس ٿيندو، تہ غيور قوم ڪنهن بہ وقت قبرن مان اٿي سگهي ٿي! جو ڪنهن تاريخ دان چيو هو تہ، "هيءَ ڪائنات هڪ وسيع دسترخوان آهي... جنهن تي هر قوم پنهنجو پنهنجو حصو کائي رهي آهي....." جيڪڏهن اهو واقعي سچ آهي، تہ پوءِ، اسان جي قوم ڪٿي آهي؟ اها پنهنجو حصو ڇو نہ کائي رهي آهي؟ ان کي پنهنجو حصو ڪيتريقدر ملي رهيو آهي؟اهو هڪ سوال آهي، جنهنجي جواب جي تلاش آهي..... جي ٿي سگهيو تہ ان تي Thesis وڏي ٿي، انشاءَالله منهنجي ڌيءَ لکندي.... جو قوم قربانيون ڏيندي ٿي ان ڪري آهي تہ عوام جو رت وهي ۽ اَدب تي بهار اچي....

بهرحال دوستو!

حيدرآباد ميرن جي دؤرن ۾ قمر کي ڏاڍو وڻي هئي..... (جيئن هن لکيو آهي.) ۽ مون کي حيدرآباد منهنجي ماءُ جي دور ۾ وڻندي هئي...

ميرن جي نشانين، يعني باغن ۽ مقبرن کي ڏسي، ماڻهو ميرن کي هميشہ ياد ڪندا ۽ سندن نشانين تي مقالا ۽ مقدما لکندا.

آئون پنهنجي ماءُ جي سندس گهر ۾ پائڻ واري جتيءَ تي سندس پيرن جا نشان ڏسندي آهيان. ڪاش آئون ان مقدس جتيءَ جي نشانن تي ڪا ٿيسز لکي سگهان!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تاج بلوچ جي ڪتاب ’خوشبو جو زهر‘ تي ڪيل تقرير

دوستو ۽ ساٿيو!

اڄ کان مَهينون ڏيڍ اڳ مون هڪ تقرير ڊاڪٽر قمر جهان جي رونمائيءَ وقت، منهنجو مطلب آهي سندس ڪتاب جي رونمائي وقت ڪئي هئي ڪئي ته ڇا ته، پر ڏڪي ڏڪِي پڙهي هئي. تقرير کي نه رڳو ڇپجڻ جو حُسن مليو پر ڇاپڻ واري اداري پنهنجي طرفان حُسنِ سلوڪ روا رکندي نه رڳو تقرير ڇاپي بلڪ اَنن ڏهن تعريفي جُملن جي هڪ ننڍڙي ڏاڪڻ ناهي مون کي هيٺ کان کڻي مٿي اُن ڏاڪڻ تي ويهاري ڇڏيو. حالانڪ ماٺ ڪري ويهڻ منهنجي وَس ۾ نه آهي. آئون ماٺ ڪري هڪ هنڌ ويهي به نه سگهندي آهيان. هينئر به منهنجا هٿ پير نري رهيا آهن، ۽ مٿو ڦري رهيو آهي. مطلب ته منهنجي جسم جو هر حصو اِن نيڪ ڪارِ خير ۾ حصو وٺي رهيو آهي.

دوستو ائين نه ڀانئجو ته ڪو آئون ايڏي بيمار آهيان. بلڪ اسٽيج جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊائس تي چڙهندي ئي منهنجي حالت غير دوا جي اُن بند شيشيءَ جهڙي ٿي ويندي آهي جنهن تي لکيل هوندو آهي.

Shake well before use ! لوڏي پيتل دوا هوئين ترت شفا جي ضامن ٿيندي آهي. ڏک جو منهنجي ڪتابـ تقرير ڪو بـ لفظ مون لاءِ ڪنهن ذهني شفا جو متحمل نـ ٿي سگهيو آهي.

سو ساٿيو، ڳالهـ ٿي ڪيمر تـ اداري طرفان چند جملن ۾ بـ بـ جملا اهڙا هئا. جن مون کي هرويرو خوش ڪري ڇڏيو.

اداري لکيو آهي تـ خيرالنساءِ جعفري جي تقرير مان جسٽس ڪيانيءَ جي ڏاهپ جي ٿي خوشبو اَچي- پنهنجي نالي سان گڏ جسٽس ڪياني جو نالو پڙهي منهنجو روح خوش ٿي ويو. باقي ڪيانيءَ جي روح تي قبر ۾ ڇا گذريو اهو آئون نـ ٿي ڄاڻان. بس هڪ ڳالهـ ڄاڻان ٿي ڪاش! آئون ڪيانيءَ جي قبر تائين پڄي وڻانئس ڪا دعا ئي گهري سگهان.

ٻي ڳالهـ تـ اداري منهنجي نالي ڪان اڳ مون کي دانشور ڪري ڪوٺيو آهي. سو ان لفظ کي آئون بـ حسن ۾ پيچي پنهنجي لاءِ قبوليان ٿي....

دان معنيٰ خيرات + شور معنيٰ اهُو جو خيرات نـ ملڻ تي گوڙ ڪري! پر جئن تـ مون کي بلڊ blood ۾ 360 جي حد تائين شگر ٿي پيئي آهي ۽ جڏهن بلڊ (خون) ۾ شگر وڌي ويندي آهي تڏهن بلڊ جو پريشر هميشہ هيٺ لهي ويندو آهي. ۽ جن جو بلڊ پريشر Down (هيٺ) هجي اهي گوڙ ڪري خيرات ۾ ڪا وڏي چيز تـ ڇا پنهنجي ڳالهائڻ جو حق بـ گهري ڪون سگهندا آهن...! هوئن جئن تـ بلڊ پريشر هتي اسان سيني جا ڊائون (هيٺ) آهن سو اسين جيئڻ لاءِ خيرات ۾ اَتي لَپ بـ گهُرڻ جو ساهس نـ ٿا سنياليون، حقن جي تـ دوستو ڳالهـ ئي رهي پري!

بلڊ پريشر ڊائون پل اسان جو ئي سَهي‌پر هاءِ بلڊ پريشر high blood pressure رکو اُنهن جا ٿيندا آهن جيڪي ماٿهون مَٿي منهنجو مطلب آهي پهاڙ جي چوٽيءَ تي رهندا آهن. اِن لحاظ کان آئون پانيان ٿي تـ اِسلام آباد جا هڙيئي همراه اِن مرض جا ورتل آهن، جو اسلام آباد جو هڪ ننڍڙو فقير بـ اَتي لَپ بدران اوهان کان خيرات ۾ گهُر فاسٽ فوڊ Fast food جي ڪندو جڏهن تـ اَسان پا ب down ماٿهون منهنجو مطلب آهي تـ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊنل ماٺهون هائي بلڊ پريشر وارن کان ڊپ ۾ اَتي لَپ جي گهڙ بہ ڪون ڪري سگهنداسين جو متان غصيِّ ۾ اَچي هو اسان جو راشن پاڻي بندي نہ ڇڏين!

ساٿيو ڳالهہ تہ آئون تاج بلوچ جي ڪري رهي هئس پر ڳالهہ اَچي مون پنهنجي ڇيڙي. ڪيانيءَ کي تہ ڳالهہ مان ڳالهہ پيدا ڪرڻ جو خوبصورت ڏانءُ هو... آئون ڳالهہ کي ڳالهوڙي ۾ بدلائڻ جي ماهر آهيان. ڳالهوڙي مان بہ لفظ 'ڳ' ڳئون پاڻ لاءِ own تي ڪريان باقي اُها لوڙهہ اُها لڳن مون ۾ ڪٿي جا ڪڏهن ڪياني ۽ هاڻ اَسان جي تاج ۾ آهي!

سو ڳالهہ ٿي ڪيم تہ تاج اسان جي گهر آيو، تہ گهر جي در تي صائمہ سندس سواگت ائين ڪيو جڻ مون لکيو هو تہ انڊيا ۾ اَسان جو سواگت سوئرن ڪيو هو. جن لاءِ مون لکيو هو تہ انڊيا جا سوئر هتي جي سوئرن کان وڌيڪ شريف ۽ sobor آهن. هو اسان جي پيرن تي ڀوٿيون رکي اَسان جا پير ائين چٽڻ لڳا هئا جهڙو انسان جي اندرئين سوئر جو زهر چٽيندا هجن! (جو انسان جي اندر جو سوئر هتي سوئرن کان وڌيڪ ظالم ۽ فاشسٽ آهي.) تاج کي در تي ئي صائمہ ٻڌايو "ماما ماما، اَمان اوهان تي مضمون لکيو آهي!" تاج چيس، 'ڀلا ڇا لکيو اٿس - مون کي مضمون آڻي تہ ڏيکار!'

مون چيس 'ايجان تون منهنجن رف ڪاغذن تي چڙو چڙ آهين- جڏهن رف مرحلي مان لنگهيو - تہ آئون توکي اَلمر جي بيرڪ وانگر فيئر ڪاغذن تي چاڙهيان.

سو تاج هاڻ فيئر پنن تي فيئر فيئر بلڪ ويري فيئر موجود آهي هو رفوگَري، مان نڪري چڪو آهي، منجهس ڪو بہ عيب تن داغ يا رفينس ناهي- اگر منجهس ڪو تن يا داغ رهجي بہ ويو هوندو - تہ اهُو مون کي نظر ۾ نہ ايندو جو چوندا آهن تہ محبت مڪمل شخصيت سان اُنهن جي خامين جي باوجود بہ ڪئي ويندي آهي!"

سو دوستو- هاڻ تيار ٿيو! سنجيدگيءَ جو سين شروع ٿيڻ وارو آهي آئون تقرير ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وئي آهيان- اوهين بہ ٻوڙ ٿيڻ لاءِ تيار ٿي ويحو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دوستو- ڪنهن بہ ڪتاب جو لکندڙ بيشڪ وڏو ماڻهون ٿيندو آهي- اُن ڪتاب جي رونمائي ڪندڙ اُن کان بہ وڏو ماڻهون! دوستو هڪ مصنف جو قول آهي تہ هن قدرت جو سچو نظام اصولن جي تابع ٿيندو اهي- وڏن ماڻهن جي پيدائش جا بہ يقيناً ڪي اصول ٿي هوندا... مختار مسعود لکي ٿو تہ وَڏا ماڻهون ڪنهن بہ قوم کي انعام طور ملندا ۽ سزا طور ڪسي ونبا آهن... ساٿيو مون کي ڪنهن بہ طرح اِهو روائي ڪونہ ٿو تہ آئون اَڄ جي ليکڪ يا مهورتڪار لاءِ ڪجھ چئي سگهان... جو منهنجي تہ ڪنهن ڪتاب جي ڪڏهن بہ ڪائي رونمائي نہ ٿي آهي ۽ نہ ڪڏهن ٿيندي آئون تہ پنهنجي روءَ تي بہ رليءَ وجهي گهمندي آهيان-

تاج جو ڪتاب خوشبوءَ جو زهر گلن جي ٿالهي مان نڪري چڪو آهي- تاج جي گويا تاج پوشي ٿي چڪي آهي- هينئر جڏهن مٽس گلپاشي ڪرڻ جو وقت آهي تہ آئون الاءِ ڇو پاڻ کي موڊ ۾ نہ ٿي پانيان- جو مون کي sugar جي پهرئين ۽ اوچتي حملي هٿي بدحواس ڪري ڇڏيو آهي- آئون ان مرض جو ذڪر ڪري اوهان کي بيزار ڪرڻ نہ ٿي چاهيان- پر ٻڌائڻ جو مطلب رڳو اِهو اٿم تہ آئون مڃاڻ- محبت- ميٺ يا شگر کي پنهنجي شڪتي ۾ Balance ڪرڻ ۽ ڪنٽرول ڪرڻ جي صلاحيت وڃائي ويٺي آهيان- اُن ڪري اگر ڪڏهن ڪٿ منهنجو قلم قابوءَ مان نڪري وڃي تہ دوستو مون کي معاف ڪجو!

تاج بلوچ مون سان جا ڳالھ ڪئي اُها هئي تہ ڪتاب خوشبو جو زهر اڃا پريس ۾ آهي- پر ڪتاب جي رونمائي جي تاريخ طيءِ ٿي چڪي آهي. تاج جو ڇيو خيرو اوهان جي وائس چانسلر سائين مظهر صديقيءَ سان ڳالهايو اٿم. هو ڪتاب جي رونمائي ڪندا.... مزيد جيئن خيرو اوهان جو وائيس چانسلر مظهر صديقي بہ چا.... 'چا' چعي هن مٿي هٿ هوا ۾ بلند ڪري پنهنجي ڳالھ اڌ ۾ ڇڏي ڏني جئن پل ٻڌڻ وارو/ واري پل پنهنجو پاڻ اِن ڇڏي ڏنل خال ۾ چار چنڊ پري ڇڏي... هڪ دفعو هن عام رواني سان - ٻيو دفعو دل جي گهرائي سان ٽيون دفعو دماغ جي روشني سان نالو وٺي ڳالھ کي مڪمل ڪون ڪيو شايد ڪيس مظهر صاحب لاءِ سخت ڪنهن مناسب ترين لفظ جي ڳولها هئي... پر هو جذباتي پٽي ۾ ڪنهن لفظ جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انتخاب نہ ڪري سگهيو جو ڪڏهن ڪڏهن جذبن جي سچائي ۾ اَچي ماڻهون لفظن جي هارڪان مارکائي ويندو آهي!

اِهو جملو آئون پاڻيان تي هر سچي ماڻهو تي صادق ٿو اچي سواءِ ادي عبدالجبار جوڻيجي جي. جو سراپا سچ هوندي بہ مٿلن جيترو محتاط هوندو آهي- هت آئون اوهان کي هڪ لطيفو ٻڌائيندي هلان ۽ سندس Ph.d جو راز بہ فاش ڪندي هلان- ڪو وقت هو جڏهن يونيورسٽيءَ جي استادن تي هڪ گرھ آيو.. اُستاد سخت پريشان هئا: اَسان جا استاد تندرست توانا جيئرا جاڳندا C.O.T جي اسڪالرشپ تي ٻاهر ٿي ويا پر سندن لاشا ٿي موٽيا. ڊاڪٽر ادو وڏل شاه ويو- اُن جو لاش آيو... ڊاڪٽر نور محمد ويو. ان جو لاش آيو. استاد هڙئي پريشان ٿي ويا. يا تہ اسڪالرشپ تان هٿ کڻجي يا تہ استادن تان هٿ کڻجي. هيءَ اسڪالرشپ هئي الاءِ ڪهڙي جيئرن جاڳندن کي ماري ٿي موڪليائين- پوءِ گڏيل فيصلو اِهو ٿيو تہ نہ اسڪالرشپ تان هٿ کڻجي ۽ نہ ئي وري استادن تان هٿ کڻجي... هتان ساڳئي موڪلجي ٿي ڪنهن لاش کي... اِن merit تي عبدالجبار جوڻيجو پورو لٿو... سو پاڻ Ph.d لاءِ ٻاهر ويو- جهڙو ويو تهڙو Ph.d ڪري آيو.. هو هو ئي مٿل... سو وڏيڪ مري ڇا مٺندو! اِها ڳالھ ٻي آهي جو عبدالجبار جوڻيجو ذهانت جي لحاظ کان ڪنگ سائز فل برائيٽ آهي...

شايد قلم منهنجو قابو مان نڪرندو وڃي يا شايد ادو جبار هينئر آپي کان نڪرندو وڃي سو بهتر آهي تہ آئون بجاءِ 'فل برائيٽ' ماڻهن تي ڳالهائڻ جي- اِن اسٽيج تي ڳالهايان جنهن تي اَسان جي مجلس جا مير موجود آهن.

چون ٿا تہ انڊيا جي عليگڙھ شهر ۾ هڪ يونين هال آهي ان هال جي اسٽيج مٿان ڇت تي عين اُن جاءِ جي مٿان هڪ شگاف نهيل آهي- جتي هيٺ 'ڊائس' رکيل هوندو آهي اهو هال رڳو ڪتابن جي مهورتڪاري لاءِ مخصوص آهي... جئن ئي 'ڊائس' تي اِن ڪتاب جو ليکڪ يا مهورتڪار تقرير لاءِ ايندا. تيئن اڳم ئي ڇت تي گلن ۽ موتين جا ڍير سٽي ڇڏبا هئا... جيئن ئي صاحب تقرير ڊائس تي تشريف فرما ٿيندا تيئن ئي اُن شگاف مان پهرين آهستي آهستي پوءِ ٿورو تيز تيز- ۽ آخر ۾ اهڙو گلن ۽ موتين جو وڏ- ڦڙو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وَسندو مقرر تي جو ڏسندي ئي ڏسندي سچو هال گلن ۽ خوشبو سان واسجي ويندو.

دوستو مختار مسعود جو چوڻ آهي تہ جو هڪ دفعو انهن گلن جي ورڪا ۾ ورتو اُهو سڄي عمر اِن خوشبوءِ ۾ پنل رهندو ۽ جيڪو هڪ دفعو اِن خوشبو ۾ پنل رهيو سو تا حيات اِن خوشبوءِ ۾ دفن رهندو! سو يقينن، اَڄ هتي اسان جا اسٽيج تي مان وارا ماڻهون بہ اهڙا ئي آهن سچن گلن ۽ موتين جو مينهن تہ هر مَن ۾ وَسي رهيو آهي- پر ڏک جو هِند جي يونين هال جي ڇتِ تي شگاف پيل هو هِت اسان جي حالتن ۾ شگاف پيل آهن- جو بروقت اهڙن گلن جو اهتمام ائين پنهنجي ليکڪ ۽ مهورتڪار لاءِ ڪري نہ سگهيا آهيو!

ساٿيو- ڪو وقت هو- جڏهن مون تاج کي ڏٺو ڪون هو ڪيس رڳو 'سوجهرو' جي حوالي پڙهيو ۽ پڌو هوم. مون پنهنجي پهرين تحرير جي ابتدا بہ سوجهرو سان ڪئي ۽ آئون چوندي آهيان تہ ادب ۾ منهنجي حلالي وجود جو خالق تاج بلوچ آهي. سوجهرو جي حوالي سان تاج نہ رڳو مون کي پر مون پارن کوڙ ٻين اديب ۽ اديبائن کي جنم ڏنو- اِن لحاظ کان 'سوجهرو' هڪ اُميد جو ڏيئو هو- جيڪو روشني جي لاٽ لائي بيٺو هو- تاج بحيثيت 'سوجهرو' جي سهيڙيندڙ جي ڪيتري ئي مون پارن سيڪڙاتن کي سيڪاريو ۽ سنواريو بقول ڪنهن جي تہ 'خيرو تاج جي جنميل آهي- تنوير تاج جي جنميل آهي- هيءَ هوءَ هي ۽ هُو هڙئي تاج جا جنميل آهن- سنڌي ڊپارٽمينٽ وارا تاج جي ادبي خدمتن کي ميجيندي زباني امتحان ۾ پنهنجي شاگردن کان هڪ سوال هميشہ پڇندا آهن 'ڇا تاج بلوچ جي رهڻ جو هنڌ ڪراچي آهي؟' شاگرد ورائيندا آهن 'نہ تاج بلوچ جي رهڻ جو هنڌ سول هسپتال جو ليبر رومLabour room آهي' جتي هو هميشہ عوامي اديب ڄڻيندو آهي.

تاج پل ڪٿي ادبي دنيا ۾ ڪنهن 'ميٽرنٽي هوم' جي حوالي نہ سڃاتو ويجي- پر هي اُهو خلقٺهار آهي جنهن سوجهرو جي سهڪار سان سنڌ جي هر وستي- وستي جي هر گهر، گهر جي هر فرد جي هنج ۾ هڪ هڪ ادبي لحاظ کان اُميدن جو ٻارڙو ويهاري ڇڏيو آهي- اِها ڳالهہ ٻي آهي جو تاج پاڻ بہ هڪ گول مٿول پنهنجي پيدا ڪيل مخلوق جيان ميجي مِلڪ ٻيبيءَ جهڙو آهي!

رهيو جيئن تہ دنيا جي لاهين چاڙهين يا Labour room ۾ آهي ان ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس ذهن جي Maturity خيالن جي اڏام اُنهن سڪيڙات شاعرن کان وڌيڪ mature آهي جيڪي شاعريءَ کي Modern ڪرڻ جي موڊ ۾ پنهنجي جسماني Maturity جي Scale تي ماپيندا آهن- Bath rooms ۾ گهڙندا آهن ۽ شاور هيٺان بي لباس ٿي بهڻ وقت مٿن شاعريءَ جو نزول يا نزلو ٿيندو آهي!

اهڙي ئي هڪ شاعره جو ذڪر جنهن هڪ لڳان جسماني وٺ سٽ ڪائي- شيخ اياز جي آڏو ٿي پنهنجو ڪلام پڙهيو. ڳلي ۾ اڇي رنگ جي موتين جي مالها پيل هجيس ناز وانداز، هجيس اياز کي ڏسي ڪڏهن اُن مالها جا موتي وات ۾ وجهي ٿي چٻاڙيئن ڪڏهن اياز ڏي اشارا ڪري پنهنجي چمڻ چٽڻ جي شاعري ٿي ڪيئن-

تنوير کان مون پڇيو هو”تنوير هي ڳلي ۾ اٽس ڇا اڇو اڇو جو وات ۾ ٿي وجهي چٻاڙي“؟.... تنوير چڙ ۾ جواب ڏنو هو ادي خيرو- اهو اڇو اڇو اڳٺ ٿي وات ۾ وجهي چٻاڙي...

تاج بلوچ چوي ٿو- مان هلندس مان جو حال ۾ هلندس نئين راهه جي هر اڪيلي مسافر سان هلندس- مان هلندس —— سچائي جي جوهر کي ماڻڻ جي خاطر- ڪٺن رهگذارن تي جو هلندو هلي- اُنهيءَ ساڻ هلندس- مان هر حال ۾ هلندس- ان شعر ۾ ’سچائي‘ تاج کان پنهنجي سموري قيمت وصول ڪري ڇڏي آ سندس ’هلندو‘ رهڻ جو اُتساهه سچ- چنڊ ۽ تارن جي تيج کان اڳيرو آ نه سوجهرو جو بند ٿيڻ .T.V کان ريڊيو تائين- ڪراچيءَ کان حيدرآباد تائين Promotion کان Demotion تائين .... زندگي جو اُبتو سفر- تائين تاج هميشه Suffer ۾ رهيو آ.

هو جتي ’سچو‘ اهي اُت ٿورو طبيعتن ڪنئورو به آهي باقي آهي اڪيلو مرد - مجاهد- هزارن تي ڀاري- هو صابري قوال ۽ همنوا جيان ڪو همسفر رکندو هجي يا نه رکندو هجي- باقي همنوا رکي ڪون ڇاڻي!

اڪليو ئي پنهنجي ذات ۾ انجمن آهي بينجمن سسٽر جيان ’ڪورس‘ قطار يا همنوائي ۾ ڳائڻ جاڻڻ جو قائل ڪونهي! ڳالهائڻ ۾ لکڻ ۾ سندس نِنڊڙا سادا لفظ- جيڪي صدين جي تاريخ روشن ڪندي لڳندا آهن هو بيشڪ genius انسان آهي باقي ڳالهه رهي جي اگر رواداريءَ جي نه تاج

ڪڏهن ڪڏهن ڏک ڪائي ويندو آهي ڇون ته تاج اگر ڪنهن دوست، يار ياءُ ۽ پيڻ جو روادار ۽ رازدار بنجي - ته نه رڳو اُن ياءُ ۽ پيڻ ڪي ڇپيندو ۽ ڇپائيندو- بلڪ پنهنجي خرچ تي لکي به پاڻ ڏيندو- سو ڳالهه ٿا ڪن ته هڪ لڳان تاج ۽ سندس هڪ ٺهيل 'پيڻ' جو جهيڙو ٿي پيو- 'پيڻ' ڪاوڙ وچان ڪراچيءَ ۾ هڪ سيل ٿيل مَس ڪيڙي ڏياري موڪلي- اُن ڪُيڙي، سان گڏ نياپو به اماڻيائيس ته آئون اُها پيڻ ناهيان جو هرويرو جو احسان کڻان- مون کي هيل تائين جيترو جيڪو مواد لکي ڏنو ٿئه اُن ۾ وڏ ۾ وڏ هڪ ڊالر انڪ جي ڪيڙيءَ جو ئي استعمال ٿيو هوندو- سو وٺ پنهنجي ڪُيڙي! ڇون ٿا ته پيڻ اُن ڪُيڙي ۾ پنهنجي ياهن تان راڪي لاهي ڪاري ڪري ڪيس واپس ڪئي!

خير- تاج اِن پيڻ لاءِ نه ته وري ڪنهن ٻي پيڻ لاءِ لکندو ۽ ضرور لکندو- آئون پانيان ٿِي ته هو قيامت تائين قبر ۾ به لکندو رهندو- سند قيام به اِن ڊالر اِنڪ جهڙي ڪاري ٿي ٿيندي- جوٽنڻ وقت آسمان مان روشني ڇڏيندڙ هر تارو ڪنهن اندهيري جاءِ جو انتخاب ڪندو آهي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ليڊيز ڪلب ۾ آپا خورشيد طرفان Talented Ladies سان ملهايل شام ۾ هڪ تقرير.

دوستو! معاف ڪجو منهنجون مائون پيٽون! ماءُ چوڻ تي چڙجو نہ. دراصل مون کي تہ پوڙها نوڙها بہ ماسي ڪري سڏيندا آهن- اِن ڳالھ تي آئون پوءِ تي اَچان پهرين 'دوستو' چوڻ تي اوهان کان معافي تي ونان- منهنجو دراصل ڏوھ ڪونهي- هي دراصل منهنجو پهريون فنڪشن آهي جنهن ۾ رڳو Ladies آهن- اِن کان پهرين آئون عورتن سان گڏ مڙسالن جي فنڪشنن ۾ ڳالهائيندي آهيان- سو دوستو چوڻ جي عادت پئجي ويئي آٿم- اسان وٽ عبدالقادر جوڻيجو آهي. جو چوندو آهي تہ جنهن فنڪشن ۾ چار زنانيون يعني چار سينڌون نہ هجن اُن فنڪشن ۾ مون کي مزو ئي ڪونہ ايندو آهي- آئون وري چوندي آهيانس تہ جنهن فنڪشن ۾ چار ڏاڙهيون نہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هجن اُت وري اسان کي مزو ڪونہ ايندو آهي هونئن زالن ۽ مڙسالن کان مايوس ٿي حليم بروهيءَ قانون ۾ هڪ ٻي ترميم بہ آندي آهي تہ هڪ مرد عورت کان ايڏو اعليٰ آهي جو ان جي هڪ شاهدي ٻن عورتن جي شاهدين جي برابر هوندي آهي - ڪائنس مون پڇيو تہ پوءِ ڀلا ٻن مردن جي شاهدي ڇا جي برابر هوندي آ؟

هن جواب ڏنو تہ ٻن سنڌي مردن جي شاهدي ڇئن ڪڏڙن جي برابر هوندي آهي- ڀلا ڇئن ڪڏڙن جي شاهدي ڇا جي برابر هوندي آ؟

"ڇئن ڪدڙن جي شاهدي وري برابر ٻن مڙسالن جي ٿيندي آ.... تڏهن جڏهن هڪ مرد اردو ۽ هڪ مرد سنڌي هجي! ڀلا اِن هڪ سنڌي ۽ هڪ اردو مرد جي شاهدي ڇا جي برابر هوندي آ"

"اِها شاهدي ٿوري ڳري ٿيندي آ... اُها وري ڇئن جي بدران ٨ ڪدڙن جي برابر ٿيندي آهي- ۽ ان شاهديءَ تي ڪو بہ سرڪاري فيصلو سرانجام ڏيئي سگهجي ٿو- دوستو! حليم ڪڏهن ڪڏهن ڏک ڳاڙڙ لهجي ۾ چوندو آهي تہ هن دنيا ۾ بہ سچا ساٿي ڪونہ ملندا آهن- آئون چوندي آهيانس تہ نہ ملندا آهن بلڪہ هن ڌرتيءَ تي ملندا آهن- ڏس جام صادق علي ۽ الطاف حسين ڪيئن نہ مِلي ويا آهن.

هو وري گهڻو رنجيده ٿي پڇندو آهي 'تہ پوءِ هن دنيا ۾ ٣-٣ ساٿي ڪونہ ملندا آهن' يعني ٽن مردن جي جوڙي- ٽن عورتن جي جوڙي...

آئون چوندي آهيانس تہ ٽن - ٽن جي جوڙي بہ ملي ويندي آهي. ڏس بينجمن سسٽرز جي جوڙي الطاف- جام ۽ جتوئي جي جوڙي! اِنهن ٽنهين مڙسالن جا سُر ايئن ساڳيا آهن - جيئن بينجمن سسٽرز جا سُر ساڳيا آهن- بلڪہ اِهي ٽيئي جٽان .T.V تي پري کان بينجمن سسٽرز لڳنديون آهن-

هو پڇندو آهي تہ پوءِ ڀلا انهن ٽن جي شاهدي ڇاجي برابر آهي؟ آئون چوندي آهيانس تہ اِنهن ٽنهين جي شاهدي دنيا جي سمورن ڪڏڙن جي برابر آهي جيڪي ڳائي وڄائي سموري سنڌ جو قانوني فيصلو هڪ پاس ڪري سگهن ٿا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(معاف ڪجو دوستو! حليم بروهيءَ اهڙي ڪا واحيات ڳالهه نه ڪئي آهي هيءَ سڀ منهنجي من گهڙت جدول آهي) فرق ٻنهين جوڙين جو اِهو آهي جو بينجمن سسٽرز جي جوڙي قدرت روح کي خوش ڪرڻ لاءِ ناهي آهي جڏهن ته هنن جي جوڙي قدرت انگريزيءَ ۾ بين، وجهڻ ۽ اردوءَ ۾ بين ڪرائڻ لاءِ ناهي آهي!

دوستو! رات نذير ناز جنهنجو ادبي نعرو هميشه 'ناري' يعني 'عورت' رهيو آهي ۽ جا 'ناري سنگت' پاران هميشه مختلف ادبي گڏجاڻيون ۽ ڪانفرنسون ڪوناڻيندي آهي جنهن ڪان آئون مذاقاً هميشه پڇندي آهيان ته تون هميشه ناريءَ جو نعرو هنيو آ اڪثر اِن ڏس ۾ فنڪشن ڪرايا آهن- تقريرون ڪندي ۽ ڪرائيندي آهين پوءِ هيل تائين تون ڪيترين ناريون 'نرن' ۾ بدلائي سگهي آهين؟

نذير هميشه عورت جي اُتم پڻي جي ڳالهه ڪندي آهي هن جو چوڻ آهي ته عورت جيتري چڱي آهي اوتري چڱائي هن سماج هن کي ڏني نه آهي- عورت ڪيڏي اعليٰ آهي. مرد ڪيڏو اعليٰ تر آهي- اِهو بحث ته وري ڪنهن سيمينار ۾ ئي ڪري سگهجي ٿو- پاڻ ته هِت هڪ ٻئي سان شام ملهائڻ آيا آهيون- سو پهرين آئون اوهان کي پنهنجي 'ماسي' چورائڻ جي ڳالهه ته ٻڌائيندي هلان- ڀاڄي ڀُتي ونڻ لاءِ بازار ويندي آهيان ته اڪثر بازار ۾ رش هوندي آهي. ١٢-مهينا اڳ ان رَش مان نڪرندي هُئس ته پويان ايندڙ ماڻهون جاءِ نه ملڻ ڪري چوندا هئا. "آي خاله ذرا جگه دي..." ٻن ٽن مهينن ڪانپوءِ چوندا هئا... "اي امان ذرا جگه دي...." ۽ هاڻ تڪڙو تڪڙو جيئن پاڪستاني رپئي جي قيمت ڪِرندي وڃي ٿي تيئن منهنجي عمر ٻه ڪجھ ائين وڌندي وڃي جو چوندا آهن...."اِي بڙهيا! ذرا جگه دي..."

آئون دل ۾ ته سڙي ويندي آهيان پر دِل ۾ جاءِ نه هوندي ٻه رستي تي جاءِ ڏيئي ڇڏيندي آهيان- اِهو اخلاق سڏجي يا مصلحت.... مون کي ناهي خبر باقي اهڙو 'اخلاق' پاڻ کي ڪونه اڄي جهڙو اَڄ ڪلهه جا پيارا مرد حضرات روا رکندا آهن.... مون ڪجھ وقت اڳ ۾ پنهنجي ڪنهن تقرير ۾ غلام رباني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آگري صاحب جي هڪ مضمون ۾ مينارام هاسٽل ۾ ڪيل هڪ جوڪ، جو ذڪر ڪيو هو اِن مذاق جو عملي جامو ڪيئن ٿا اَڄ ڪلهه جا ”ٻارڙا“ پيش ڪن اهو به پنهنجي جاءِ اَهم مذاق آهي... منهنجو هڪ مرد اسٽوڊنٽس مون وٽ آيو... ڇٺي مئڊم هاسٽلن جو حال ڪونهي! درين جا شيشا ڀڳل آهن ۽ ديوارن تان پلستر لٿل آهي- ”پوءِ ان جو تدارڪ ڪيئن ٿا ڪريو بابا...؟“ ڇٺي مئڊم اسين وري گهڻ آهيون ڇا. اِهوئي رباني صاحب جو ٻڌايل نسخو... سامهون ديوارن تان جتان جتان پلستر لٿل آهي گوتم ٻڌ جا فوٽو هٽي چڏيا ٿئون- پل آيو ويو پيو سبق وٺي-

باقي ڇت جا رڳو ليٽي ليٽي مون کي نظر ايندي آهي ان تي وچ ۾ هڪ مارلن منرو جو فوٽو هٽي ڇڏيو اَٿم پل ههڙيءَ گرميءَ ۾ آئون به ٿورو ٿوري وائک ونان.ٿوري ٿوري واري ڳالهه تي مون کي وري رات واري ڳالهه ياد آئي آهي... اسان جيstaff bus(اسٽاف بس) روز صبح جو ڄام شوري ڦاٽڪ وٽان لنگهندي آهي- فوجي ۽ رينجرز اڪثر اِن بَس ۾ (۽ هر بس ۾) گهڙندا آهن ۽ جڙ تي ونندا آهن- سو ڳالهه ٿي ڪيم ته رات اَسان جيstaff dinner هئي- مرد توڙي زالون ٿورو ٿورو يا ٿوريون ٿوريون مڙيئي ’تيار‘ ٿي آيا هئا... هميشه جهڙا حال ڪونه هئا. سو هميشه جيان شام به جيئن ئي اسان جي بس ڦاٽڪ وٽان لنگهي هڪ فوجي اندر آيو... سيني کي چڪيل مکيل ڏسي ڪجهه سيجاتئين- ڪجهه ڪون سيجاتئين... سامهون واري ليڊيز سيٽن ڏي هڪ نظر وجهي هڪ نظر پوريان وڌئين.... پوءِ ٿورو حيران ٿي پڪ ڪئين ”يه صبح والا سرڪاري ئي مال هي-؟“

’سرڪاري مال‘ جي ڳالهه اسين هينئر ڪونه ٿا ڪريون- جو اِهو سرڪاري مال ته ڄامءِالطاف حسين آهن. باقي اسين ڳالهه ڪريون ٿا اُنهن جي جيڪي ذهني ادبي لحاظ کان مالا مال اهن- جن جي مالا مال هئڻ سان ڪجهه عوام کي هن سماج کي ڪا روشني ملي... باقي ’سرڪاري مال‘ جو ته اسلامي طريقي سان ’عقيقو‘ ٿيڻ کپي... ڪنهن سرڪاري آفيسر يا آفيسرياڻي جون ڪيتريون پٽيون ڪجن ائين جو اسلام جي ڳالهه به رهجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اَڇي سماجي ڀلائي بہ ٿي وڃي جيئن عقيقي جي رسم ۾ ٻڪرين واري مال تي پٽيون ڪبيون آهن ڪهڙي ۽ ڪيتري پٽي غريبن جي - ڪيتري پٽي مائٽن جي- ڪيتري پٽي گهر وارن جي!

آپا خورشيد مون کي چيو هو ”تون اديب آهين- تو ۾ اَسان جي بہ پٽي آهي پنهنجا ٻہ- تہ ڪلاڪ ڏي تہ توسان شام ملهايون-؟“

مون چيو هو مانس آپا! رڳو هڪ پٽي چو؟ منهنجو سڄو پٽو بلڪہ پٽو ئي اوهان کي حصي ۾ آيو... جو اسين اديب رڳو قلم جي گهوڙا گهوڙا ڪندا آهيون اوهين سماجي ڪارڪن ۽ استاد آهيو.... ”اوهين تہ وڏيڪ ابرِ ڪرم آهيو....“ سچ پڇو تہ مون کي هر اهو انسان وڏيڪ افضل وڏيڪ قيمتي لڳندو آهي جو پنهنجي عمل يا علم سان ڪجھ عوام کي بہ ڏي.... آپا خورشيد سان منهنجي ڪا دوستي ڪونهي- پر الاءِ ڇو جيئن چقمق چاندي کي چڪيندي آهي.... چنڊ جي چانڊوڪي سمنڊ جي لهرن کي چڪيندي آهي- (جو هِن عورت جي بلندي ۽ حليمي هُن جي مسڪراهٽ مان ئي ظاهر ٿيندي آهي)- تيئن آئون هرويرو بہ هن ڏانهن ڇڪجي ويندي آهيان- هوءَ اڪثر ڪنهن نہ ڪنهن هنڌ ڪنهن نہ ڪنهن چڱائي ۽ ڀلائيءَ جي ڪم ۾ ئي Busy هوندي آهي...

چڱائي جي لهر پکيڙيندڙ اِهي عورتون آهن- ۽ هاڻ هنن جو ٻج وڏيڪ پکڙجي رهيو آهي جو ڪلھ شام نذير ناز هڪ وري تازي شام ڀيڻ ارشاد قمر سان ملهائي - جو هوءَ عورت جي ڀلائي لاءِ هڪ ماروي فورم کولي رهي آهي- ان شام جي صدر آپا مريم نوحاڻي هُئي!! نذير فون تي حڪم ڪيو هو ”اچج ۽ ٻہ اکر ڳالهائج...“

مون نذير کي Excuse ڏنو هو پڇيو هوم ڀلا مائي مارويءَ جو ڀيڻ ارشاد سان ڪهڙو تعلق! مارويءَ جي مٽي ۾ چيڙ هو- لوئي قاتل هئي- هوءَ حفظانِ صحت جي اصولن کان بہ واقف ڪونہ هئي هن ڪڏهن مٽو ڌوئڻ لاءِ شيمپوءَ جو استعمال بہ ڪون ڪيو- جڏهن تہ مون ڀيڻ ارشاد قمر کي هڪ ٻہ دفعہ سندس ڀيڻ جي گهر ڏٺو آهي- مون کي هن جو نالو صحيح ونڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪونہ ايندو آهي- مون کي هن جي رڳو خوشبو ايندي آهي ڪيس جڏهن بہ ڏسندي آهيان هميشہ بدحواس ٿي پڇندي آهيانس" ادي قمر ارشاد تون خوش آهين؟ ۽ سندس گهر واري کي جڏهن بہ ڏٺو هوندم هميشہ خوشيءَ وچان اُتاولو ٿي چيو هوندومانس "ادا ارشاد قمر توهان خوش آهيو؟"

نذير ان ڳالھ جو سختيءَ سان نوٽس ورتو هو. چيو هئائين "قمر شهباز هڪ ميجيل ميجايل مرد اديب آهي- هن جو ادبي قدبت آسمان جيڏو آهي هن جو اخلاقي قدبت آسمان کان بہ اوچو آهي جو هو هڪ سنو پيءُ وفادار گهر وارو آهي."

جيئن هر وڏي انسان جي پويان هڪ چڱي عورت جو هٿ هوندو آ- تيئن هر چڱي قمر شهباز جي پويان هڪ چڱي ارشاد جو هٿ آهي - جنهن تي قمر شهباز جواب ڏنو هو تہ هر وڏي عورت جي پويان بہ هڪ مخفي مرد جو هٿ هوندو آ - ويچارو جو ڏسڻ ۾ ڪونہ ايندو آ-اِن شام جي صدر... آپا مريم نوحاني.....هڪ انتهائي حسين ۽ مڪمل عورت، هڪ باعلم ۽ باڪمال انسان- جنهنجو نالو قرآن ۾ بہ آهي منهنجي دل ۾ بہ آهي هڪ ڪتاب اگر قرآن آهي تہ هڪ دل بہ آخر ڪعبو آهي- اُهو نالو 'مريم' آهي جو منهنجي دل جي دڙڪن ۽ قرآن جي رواني ۾ آهي. هڪ مريم حضرت عيسيٰ جي ماءُ آهي هڪ مريم هيءُ نوحاني آهي- علم عمل- ڪمال ۽ رحمت جو حسين ترين اِمتزاج- ڪاش هر عورت ماءُ ٿيڻ جي خوش نصيبي حاصل ڪري سگهي! ڪاش هر عورت 'اهڙي' مريم جي بہ تخليق ڏيئي سگهي!! ڪاش آئون مريم ٿِي سگهان!!ڪاش آئون ڪنهن مريم کي جنم ڏيئي سگهان!! ——
هيءُ عورت ڪيڏي نہ حسين آهي. هيءُ عورت ڪيڏي Mature آهي.

ڪائنات هن ۽ هنن جهڙي ئي عورتن سان ڪيڏي نہ مڪمل ۽ پر اُميد آهي..... هِن شام جي حوالي سان مون پنهنجي رواني ۾ انهن عورتن تي ڳالهايو آهي جيڪي 'ابرڪرم' آهن ۽ اتفاق سان منهنجي سامهون آهن... جن جي هجڻ سان ماحول بہ معطر ٿِئي ٿو ۽ جن جي هجڻ سان هر عورت جو ڪنڌ بہ اوچو ٿيئي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙي عورتن تان نظر لاهڻ جي خاطر... آئون ضروري ٿي سمجهان تہ ڪجھ پاڻ تي ڳالهايان. ـــــ

اِهاJustification ڏيان تہ آئون ڇؤ هن Stage تي ويٺي آهيان منهنجو ادبي سفر! ڪڏهن ڪيئن ۽ ڇو شروع ٿيو؟ مون ڪا بہ ڪهاڻي ادب ۾ انقلاب آڻڻ لاءِ ناهي لِکي. زندگيءَ جي زگ زيگ ۾ جڏهن بہ دِل سيني جي بدران پيرن ۾ دڙڪندي محسوس ٿي - دل ڏڙڪو کاڌو Compromise جو ساهس نہ سنڀاليائين - تڏهن ڪونہ ڪو لفظ سرجيو ڪانہ ڪا ڪهاڻي سرجي- پنهنجو پاڻ کيExcuse ڪرڻ! معذرت جي ايذاءَ مان گذرڻ! زندگي نہ هجي ها تہ چڱو هو... پر جي آهي تہ اِيئن نہ هَجي ها، وڌيڪ چڱو هو. اِها هميشہ منهنجي approach رهي.... منهنجون اڪثر ڪهاڻيون ڏکهي رات جي پيڙائن ۾ سرجنديون ۽ اَسر جو ان ويل انجام تي پهچنديون آهن- جنهن وقت حالات سان غداري ڪيل قيدي ڦاهيءَ چڙهندا آهن... اَسر جو اَذان جي آواز تي ڪنهن نہ ڪنهن قيدي سان گڏ منهنجي ڪهاڻي بہ قلم جي صليب تان لهندي آهي آئون جيڪڏهن ليکڪ نہ هجان ها تہ پڪ پوءِ ڦاهيءَ جو سزا وار ڪو قيدي هجان ها ـــ

جيڪڏهن ٽيچر نہ هجان ها تہ پڪ پوءِ ڪا ڦٽيچر 'فقير' هجان ها- جو رستي تي پنڌ هلڻ ۽ فقيرن کي ڏسڻ منهنجي دلچسپ hobby آهي.

مهيني جي شروع واري ڏينهن ۾ آئون فقيرن کي خوب ڏيندي آهيان - مهيني جي وچ واري تاريخن ۾ ڪين رڳو روپيو ڏيئي ٽرخائيندي آهيان- مهيني جي آخري تاريخن ۾ فقير مون ڏانهن ۽ آئون فقيرن ڏانهن ٻئي هڪ ٻئي ڏانهن ڏسندا آهيون- منهنجي هٿ ۾ بچيل هڪ روپيو منهنجي ڪنهن ضرورت کي پورو ڪري نہ ٿو سگهي... جڏهن تہ اِن هڪ رپئي مان فقير جو هڪ ويلو ٽري سگهي ٿو. سو بعضي بعضي آئون فقيرن جي بہ فقيرياڻي هوندي آهيان.

عملي طرح ڪنهن ڪان بہ ڪجھ گهرڻ، منهنجي نفسيات جي خلاف آهي - آئون خيرالنساءِ جعفري آهيان- اڄ کان ١٢ سال پهرين مون هڪ تقرير ۾ چيو هو آئون پاڪستاني بچو آهيان. پر حالات هٿي پوڙهو ڪري ڇڏيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اَٿم... منهنجي مقابلي ۾ هو اَڇن وارن وارو ابراهيم جويو، وڏيڪ جوان آهي.... قاضي خادم منهنجي نالي ڪو وقت هو جو چوندو هو تہ خيرالنساءِ سان هٿ چراند ڪرڻ سخت جوکم جو ڪم آهي- هوءَ ويڙهہ ڪرڻ ۾ بلڪل 'سيلاني' آهي- آئون چوندي هئي سانس تہ آئون سيلاني نہ پر چيلاني آهيان- البت منهنجو ڏنگ 'تنوير جوٽيجو' ڪڍي ڇڏيو آهي-

آئون اَڄ ڪلهہ لکڻ يا پڙهڻ جي موڊ ۾ بلڪل ناهيان- اخبار پڙهڻ بہ هاڻ منهنجي وس ۾ نہ رهيو آهي... اخبار پڙهڻ ان کان بهتر آهي تہ آئون تسبيح پڙهان ۽ ڪنهن ڪنڊ ۾ ويهي رام رام ڪريان- پر هيءَ سامهون اخبار پئي آهي اُن جي سرخيءَ مون کي پاڻ ڏانهن متاثر ڪيو آهي- اردو اخبار وارا جام صادق جي نالي رڳو 'جام' لکندا آهن- اَڄ اخبار ۾ مٿان 'جام' ۽ هيٺان "Wine" وائين جي نالي سان هڪ خبر آئي آهي تہ 'جام' ۽ 'وائين' گڏجي سڏجي سنڌ جي عوام جي 'پاڻي' جو مسئلو حل ڪري ڇڏيو آهي.

البت اخبار ۾ لکيل آهي تہ هاڻ سنڌين کي پاڻي گهٽ ملندو- 'جام' ۽ 'وائين' گڏجي پاڻيءَ جي بدران عوام کي 'پيگ' پياريندا.....

سنڌي عوام جيئي! پاڻيءَ جي بدران پيگ پيئي. جام جيئي!!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ يونيورسٽيءَ جي آڊيٽوريم ۾ شاگردن سان ملهايل هڪ شام ۾ ڪيل تقرير....

دوستو، عبدالقادر جوڻيجو هڪ دفعو 'اديون' لاءِ انٽرويو وٺندي مون کان پڇيو هو... توکي گهرجي اگهڻ ۽ آرٽس بلاڪ جي ڪاريڊور ۾ ڪهڙو ڦيرو فرق نظر اچي؟ مون کيس جواب ڏنو هو ته گهرجي اگهڻ کي ته ڏوئي ڏوئي هٿن جا ليڪا به ڏوئي ڇڏيا اٿم... باقي آرٽس بلاڪ جي ديوارن تي لکيل اهي نعره ۽ نيايا نه مٽائي سگهي آهيان... ۽ نه ئي مٽائي سگهبا نه ئي مٽجي سگهندا... حالانڪ لکڻ وارا فاني آهن ۽ فاني ئي رهندا... دوستو! فاني هجڻ اِنسان ذات لاءِ هڪ فطري اَمر آهي... باقي "فنا ٿي وڃڻ" اسان جي قومي غيرت جو سوال آهي... جنهن کي للڪارڻ مشڪل آهي... تاريخ جا ورق... چام شوري جون ديوارون بلڪ چئوديواروون شاهد آهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ مڪليءَ جي قبرن ڪان وٺي ويندي مئن جي دڙي تائين اهي قبرون بہ اسان جي مئلن کي خاموشي سان سمهاري نہ سگهيون آهن.. حضرت يسوع مسيح جي ڪا قبر ڪانهي... جو هو زنده آسمان ڏي کنيو ويو... اُهو اسلام جو يسوع مسيح دور هو... هي اسلام جو تارا مسيح دور آهي! (ضياءُ جي دور ۾ ڪيل تقرير).

هينئر قبرون بہ ڪُنجي وانگر وڇنديون آهي... ساٿيو! ٻڏندڙ سج جي آخري پساهن سان گڏ شام جو تصور هلندڙ چلندڙ ماڻهون جي حياتيءَ ختم ٿيڻ سان گڏ قبر جو تصور (جو ٻڏو ٿئون پٿو جيل ۾ جيئرو ئي هو جو ٢۴ ڪلاڪ اڳ سندس قبر کي کوٽڻ جو اهتمام اڳ ئي ٿي چڪو هو) بيشڪ سياويڪ آهن... پر بہ اِنهن تصورات سان ذهن تي اُداسا ئي، نراسائي، ۽ شڪست خوردگي جو تاثر طاري ٿئي ٿو. جيتوڻيڪ نئين سج اُڀرڻ لاءِ شام جو وقفو تمام ضروري آهي. ڪنهن نئين اُميد جي سرجڻ لاءِ پراڻي شڪست خورده خيال جو قبر ۾ پوڻ بہ ضروري آهي... پر بدنصيبي سان حالات ڪڏهن ڪڏهن ايئن پاسو بدلائيندا آهن جو ڪنهن قوم جي نصيب ۾ شام جا وقفا ڪجهہ ڊگها... وڌيڪ ڊگها ٿي ويندا آهن... شامون، نماشامون ٿي ويندي يون آهن... اسين ئي ڏسو... ۴٠ سالن کان رڳو شامون ئي ملهائيندا پيا اچون... پيري پل تہ قبر ۾ پير پساري ويچي... پر جڏهن جوان ۽ نوجوانن لاءِ جيئري ئي قبرون کوٽبيون آهن، تڏهن ڌرتي تي خاموشيءَ جو بوجهہ وڌي ويندو آهن. آسمان ڦاٽڻ لڳندو آهي... ۽ تڏهن ماڻهون بيزار ٿي يا تہ هڪ ٻئي سان شامون ملهائيندا آهن... يا وري ڪاريون پٽيون ٻڌي شهيدن جا ڏينهن ملهائيندا آهن!

پر ساٿيو، اڄوڪي شام ۽ هن شام ۾ چوڪرن جو ولولو زندگي ۽ زنده دلي ڏسي لڳي ٿو تہ هاڻ آسمان ڦاٽڻ جو ڪوئي انديشو ڪونهي... هونئن موسم جي اڳڪٿي ڪرڻ وارن جو بہ خيال آهي تہ في الحال، آسمان ڦاٽڻ جو امڪان گهٽ آهي، جو خاموشيءَ کي بہ اشارن جي زبان ملي وئي آهي. ويتر جو ٽي وي تي 'اشارون کي زبان،' جو پروگرام شروع ٿيو آهي تہ خاموش ۽ بيٺل ماڻهون بہ هاڻ اشارن ئي اشارن ۾ هلڻ لڳا آهن اِن پروگرام کي هلائڻ وارو افتخار احمد ٻڌو اٿم تہ گونگي عوام کي اشارن تي هلائڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي سکيا آمريڪا ڪان وٺي آيو آهي!

ڏسو نہ؟ پلا اِها چڱي نشاني ناهي تہ پيو ڇا آهي جو سالن ڪان الاءِ ڪيترن سالن ڪان سائين جي ايم سيد نظر بند رهي هڪ هنڌ هلڻ ٺي وساري وينو هو... هاڻي اهو بہ هلڻ لڳو آهي. نہ رڳو هلڻ لڳو آهي، بلڪ گهمڻ بہ لڳو آهي. ڪڏهن سنڌ تو گهمي... ڪڏهن هند تو گهمي- هاڻ وري جوان بہ تي ويو آهي... نوڪري ڪرڻ لاءِ تيار بہ تي ويو آهي... بلڪ شام شاتي ڪرڻ لاءِ بہ تيار تي ويو هجي. آهي نہ سٺي Improvement سنڌين لاءِ! اِها ڳالهہ هروڀرو دشمنن جي اُڏايل آهي تہ 'اشارون کي زبان،' جي تمام ڊگهي عرصي دوران اگر T.V تي سُنڌي ڪرو تباه! جو ٽريلر اچي تہ ڪو هروڀرو سنڌين کي تباه ڪرڻ جي سازش ناهي وٺي آهي... ڪا طاقت اهڙو ڪو لارسبين جو قوهارو ناهي ٺي نہ سگهي آهي... جنهن جي هڪ قوهاري سان سمورن سنڌين کي ختم ڪري سگهجي!

ساٿيو. جڏهن شامن ۽ نماشامن جي ڳالهہ نڪتي تہ اتفاق ڪجهہ ائين ٿيو جو هِن مهيني ڏيڍ اندر جيڪي بہ شامون ملهايون ويون آهن... اُنهن ۾ اتفاقاً مائي خيرالنساءِ جعفري تہ آهي ٺي آهي! مون حنيظ قريشي کان پڇيو تہ هن ٺي مهيني ۾ هي بہ- ٽي پڪيون شامون! رڳو مون سان ملهائڻ؟ آخر مطلب ڇا؟؟

حفيظ جو جواب مون کي ڏنو اُهو هِي تہ مئدم هي شامون اتفاقاً اوهان سان ڪون ٿا ملهايون... هي شامون بي معنيٰ ۽ بي مقصد ناهن... هي شامون با معنيٰ ۽ با مقصد آهن... مون پڇيو مانس تہ پلا منهنجي حوالي سان انهن شامن جو ڇا مطلب ٿي سگهي ٿو؟

جواب ڏنيئن تہ مئدم هڪ تہ اوهان اردو ۾ لکي اردو ادب جي خدمت ناهي ڪئي... پيو تہ اوهين ڪڏهن بہ اَهل قلم ڪانفرنس ۾ شريڪ نہ ٿيا آهيو اوهان جي رڪارڊ بلڪل صاف آهي...."

مون جواب ڏنو مانس تہ اَهل قلم ڪانفرنس ۾ هيل تائين شريڪ نہ ٿي سگهي آهيان. جو زندگيءَ جون گهڻيون چمڪ ۽ ڌمڪ واريون شيون مون کان گهٽون ڪري MIS تي ويندي يون آهن. ان ۾ منهنجي ارادي کي دخل ڪونهي! مون پنهنجي گلي تي هٿ ڦيرائي ڏيکاريو مانس تہ ڏس منهنجي گلي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ ته منگل سوتر به ڪونهي-. حفيظ جيئن ته شادي شدو ڪونهي. سو منگل سوتر جي تصور کان به واقف ڪونهي. تي سگهي ٿو ته اوهين به واقف نه هجو هيل اهل قلم ڪانفرنس ۾ رکو بريف ڪيس ورهايا ويا... ان کان اڳ صدر ضياءُ صاحب پاڻ سيني اَهل قلم کي گلي ۾ ميڊل پارائي هٿ ملائيندو هو. هٿ شايد ٿورو روز سان دٻائيندو هو. جو پوءِ ماڻهون ڪنهن سان اک ملائڻ جي قابل ئي نه رهندو هو. سو ڳالهه ٿي ڪيم منگل سوتر جي ته هي هڪ زيور آهي جو انڊيا جي سهاڳڻ جي نشاني آهي.گذريل سال اهل قلم ڪانفرنس جو اکين ڏٺو احوال آل آنڊيا پنهنجي پروگرام ۾ زبردست خراج تحسين سان ڏنو هو. پر جيئن ته انڊيا ۾ ميڊل پائڻ يا پارائڻ جو رواج تمام گهٽ آهي سو سندن زبان تي به اِهو لفظ تمام گهٽ آهي. سو خبر ڪجهه ايئن ڏنئون ته اس سال بهي پاڪستان مين اهل قلم ڪانفرس بڙي عقيدت اور احترام سي منائي گئي. صرف سنده سي آئي هوئي ديڙه سئو اديبون کو جناب صدر ضياءُ صاحب نه اپني هاتهه سي منگل سوتر پهنائي!

منهنجو مطلب اِهو هرگز ڪونهي ته اسان جا مڙيئي اهل قلم صاحب صدر صاحب جون سهاڳڻيون آهن پر ڳالهه مڙيئي آهي زبان جي غلطي جي... يا محض مزاح ۽ مسخري جي...

اهل قلم ڪانفرس ۾ شريڪ ٿيڻ وارا... يا اَهل قلم ڪانفرنس ۾ نه شريڪ ٿيڻ وارا... اسين سيئي هڪ آهيون. جيئن ٿوري ٿوري جمهوريت يا ٿورو ٿورو محمدخان جوڻيجو سيني جو آهي تيئن ٿورو ٿورو حق هر ڪنهن کي آهي ته هو پنهنجو انفرادي حق ۽ نظريو رکي... پنهنجو فيصلو پاڻ ڪري... اسان کي ڪوئي حق ناهي جو اسين ويهي هڪ ٻئي جي گلا ڪريون... هڪ ٻئي جون ٽنگون ڇڪيون جيڪڏهن ڇڪڻ جو ئي موڊ سوار آهي ته پوءِ الله جي رسي کي مضبوطيءَ سان ڇڪيون. جو ان ۾ ئي طاقت آهي... باقي هڪ ٻئي جي ٽنگن کي الله جي رسي سمجهي ڇڪڻ مان ڪوئي فائدو ڪونهي! اهڙن فنڪشنز ۾ وڃڻ وارن کي پنهنجي Justification آهي. اِها هر ڪنهن جي شخصي آزادي آهي.. هُن جو چوڻ آهي ته سڄو سال زندگيءَ جي هڻ هٽان... ٽڪ ٽڪا ,... ۽ بوريت کي لاهڻ لاءِ جيڪڏهن ٻاهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويجهڻ جو موقعو ملي... دل بہ خوش ٿئي ۽ خرچ بہ پرائو هجي تہ اِن ۾ اربع خطا ڪهڙي آهي؟ يا ايئن ڪٿي چئجي تہ ڪافر جو تہ هونئين مُنهن ڪارو آهي ٿوري دير لاءِ اسان جو موڊ موچارو ٿي وڃي تہ آخر حرج ڪهڙو آهي!

باقي رهي اِها ڳالهہ تہ مون اردو ادب جي خدمت ناهي ڪئي تہ ان جو هڪ سبب هي آهي تہ منهنجي دماغ جي Development Romantic Ce ntre جي پوري ٿي نہ سگهي آهي بنيادي طرح آئون جيئن تہ ٿورو چوٽ چاٽ جي قائل آهيان. اوهان کي خبر آهي تہ دماغ جي رومانٽڪ سينٽرن جي نشونما لاءِ اردگرد جو ماحول ۽ موسيقي اهم رول ادا ڪندي آهي. مون کي اهڙي ڏان جو ماحول ۽ اهڙي موسيقي نہ ملي جو منهنجا اِهي سينٽرز نشونما پائي سگهن! مثلاً چلي يا چلڙي جي تصور سان ذهن جو ٿورو نرم گرم گوشو جاڳي ٿو... پر جڏهن چلي يا چلڙي جو گيت ريڊيي تان ٻڌجي تہ چلو ڪاڏي ڪيئي او چوري چلو ڪاڏي ڪئيءَ؟... چلي سان گڏ چوريءَ جو لفظ ۽ اَجائي پچا ڳاڇا جو ڊپ... هٽي سڄي رومينٽڪ موڊ جو بيڙو تاريو ڇڏي.

وري جو مٿان گيت ٻڌجي... اولاڏا بوند ڪِرئي شل بوچڻ تي سو پسيل پوچڻ واري لاڏي جي تصور سان منهنجي رومينٽڪ پهلوئن جي نشونما جتي هئي ات رهجي وئي... آئون اردوءَ کان اک ملائڻ کان رهجي ويس... عبدالقادر جوڻيجو اردوءَ کان اک ان ڪري بچائي نہ سگهيو جو روحي بانو سانڍهيءَ جي مٿان بوچڻ ڪون ٻَڌندي آهي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ذوالفقار سيال جي ڪتاب ”لفظن جا رانديڪا“ جي مهورت جي موقعي تي ڪيل تقرير.

دوستو! آئون ذوالفقار سيال جي مانَ ۾ ڪو مرثيو لکي ڪونہ آئي آهيان، نہ ڪوئي سندس چاهت ۾ ڪو ادبي چٺو يا ڪچو چٺو، لکي آئي آهيان. منهنجا اڳوڻا دفتر سڀ ڪتا ڪٺي ويا آهن. منهنجو اهو مطلب هرگز ڪونهي تہ اڄ ڪلهہ ميونسپالٽيءَ جا هڙئي ڪتا اديب ٿي ويا آهن، منهنجي دفترن انهن کي ادب سيکاري ڇڏيو آهي.

نہ دوستو! ڪتن کي ادب سيکارڻ اعليٰ انسانن جو ڪم آهي..... آئون تہ ادنيٰ ماڻهو بلڪ هاڻ تہ اڌ ماڻهو وڃي رهي آهيان جو نظر بنهہ گهٽجي وئي اٿم ۽ ڪنهن کي نظر هڻڻ جوڳي بہ نہ رهي آهيان. پنهنجي شناختي ڪارڊ تي رڳو پنهنجو ڪبو آڱونو ڏسي سگهندي آهيان، پوءِ بہ الاءِ ڇو بيخبر ڇون ٿا تہ هن سماج ۾ عورت کي اهميت ڪانهي! اڙي ٻائي جتي عورت جو آڱونو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ئي وزن دار آهي تہ پوءِ سچي ساري عورت پانيو ٿا تہ ڪيتري نہ اهم ۽ ڀرپور هوندي! ڪو وقت هو جو ان آڱوٺي جي زور تي ويزا وٺي سچي سنڌ تہ ڇا هند بہ گهمي آئي هئس. دوستو پوءِ بہ اڄ جي ماحول ۾ هر سنڌي عورت جي شناختي ڪارڊ تي، پل هوءَ ڊاڪٽر هجي يا پروفيسر هجي، فوٽوءَ جي جاءِ تي اهو ضرور لکيل هوندو "پرده نشين" ۽ صحيح جي جاءِ تي نشان ڪهو آڱوٺو مسمات فلاڻي يا فلاڻي.... ان آڱوٺي جي ذڪر فڪر ۽ اهميت تي پاڻ روشني پوءِ وجهنداسين.

دوستو! ذوالفقار پنهنجو ڪتاب مون کي پنهنجي گهر ۾ نہ بلڪ مهينو کن اڳ سول اسپتال جي دل واري وارڊ ۾ ان وقت ڏنو، جڏهن مون کي هارٽ جو اٽيڪ ٿيل هو..... ات اسپتال ۾ مون کي خبر پئي هئي تہ ڪي انسان مون پارا اهڙا ٿيندا آهن، جن کي اٽيڪ ڪلم ڪلا پوري درد سان پوندا آهن، ۽ ڪي انسان اهڙا هوندا آهن جن کي دورا خاموشيءَ سان پوندا آهن ۽ انهن دل جي زخمن جا نشان رڳو اي سي جيءَ ۾ ايندا آهن، يعني دل جي دفتر ۾ دل جي زخمي هجڻ جا خاموش نشان- انهن خاموش نشانن تي ڪو آڱر رکي تہ اهو ڊاڪٽر آهي..... انهن خاموش نشانن تي ڌيان ڏيئي ڪو قلم کڻي تہ اهو اديب آهي!

ذوالفقار ڊاڪٽر بہ آهي ذوالفقار اديب بہ آهي. ان ڳالھ جي تہ پوري پڪ اٿم..... باقي سو شڪ اٿم تہ ذوالفقار الاءِ پرڻيل آهي يا ڪنوارو آهي، جو ڏيڍ تولي جي منڊي پائي نرسن کي رعب ۾ ڪون ڏيکاريندو آهي! دوستو، ڳالھ ٿي ڪيم تہ منهنجا ادبي دفتر تہ ڪتا کڻي ويا. باقي ذوالفقار ماشاءَالله جوان آهي، تندرست آهي، سو لفظن جا رانديڪا ناهڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو آهي. ان جي برعڪس آئون ڪاغذ ۽ قلم جي راند هارائي "بان" ڪري ويهي رهي آهيان. بيٺي بہ اجهو هاڻ آهيان نہ تہ مهينو ڏيڍ اڳ تہ ديوان مشتاق ۾ ليٽي پئي هوندي هئس ۽ منهنجي چؤطرف ديوان مشتاق جا ڊاڪٽر گوتم ٻڌ وانگر ايئن بيٺا هوندا هئا، جيئن ڪنهن زماني ۾ مينارام هاسٽل ۾ غلام رباني صاحب جي ڪمري جي ڇت تي فوٽو ۾ مارلن منرو ليٽي پئي هوندي هئي ۽ چئن ئي پٽين تي مارلن منرو جي پاسي کان گوتم جا فوٽو ٽنگيا بيٺا هوندا هئا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دوستو! آئون مارلن منرو نہ سهي، مون کي تہ اهو نالو ونڻ بہ صحيح ڪون ٿو اچي، باقي سو دل جي وارڊ جا ننڍا وڏا ڊاڪٽر سچ تہ گوتم آهن. اهي شفا جو در آهن، ڪو منجهن يوسف جي نالي سان آهي، ڪو غلام حسين آهي ڪو بيکها رام آهي. مطلب تہ هڙئي اوتار آهن. خدا کين ڏينهن ڏي.

دوستو! ڳالھ ٿي ڪيم تہ ذولفقار جنهن وقت مون کي ڪتاب ڏيڻ آيو هو، ان وقت هڪ نرس منهنجي پاسي کان بيٺي هئي. ذوالفقار ان نرس کي منهنجي پارٽ ڪئي هئي ۽ چيو هئائين تہ "نرس ديکو يہ مريض اپنا هي، اسڪا خيال رکنا ورنہ" ورنہ چئي ذوالفقار هڪ تڳڙي مڪ نرس کي ڏيکاري جنهن ۾ کيس منڊي بہ پئي هئي. مڪ ڏسي نرس ٿورو هيسجي وئي... مون مذاق ڪندي نرس کي چيو تہ پنهنجي منڊي ٿو ڏيکارئي- مون حسينہ معين جي ڪنهن رومانٽڪ ڪردار جيان پڇيو مانس "توکي ڪيئن لڳي هن جي منڊي؟"

ذوالفقار نرس کي مڪ ڏيکاري سامهون ڪاريڊور ۾ هليو ويو. جتي پري کان ڪا ٻي نرس پي آئي.

مون سامهون ڏٺو.... پريان کان ذوالفقار ڪنهن ٻي نرس کي مڪ ڏيکاري رهيو هو نرس ٿورو نراس ٿي چيو تہ "يہ اُسي پي انگوٺي دکا رهي هين- يہ تو سيي ڪو اپني انگوٺي دکاتي هين، ليڪن دين گي پتہ نهين ڪِس ڪو؟" مون چيو مانس تہ "يہ دينگي اُسڪو جس ني انگوٺي تو ڪيا خود ذوالفقار ڪو پي ڪَيي نهين ديکا هوگا، يہ هم لوگون کي شريفانہ ريت هي."

مطلب تہ ذوالفقار کي پنهنجي ڏوري مٺ مڪ ۽ منڊي تي پورو اختيار آهي، سندس رعب تاب سول جي مريضن تي گهٽ نرسن تي وڌيڪ آهي، سو لڳي ٿو تہ هو سول جي انتظاميہ بہ چڱي سنڀاليندو هوندو جو نيٺ تہ آر ايم او آهي.

دوستو، آئون جيڪڏهن مڪ کي مٺ پڙهي ويحان مُنڊي کي مَنڊي چئي ويحان پاڇي کي پڇو پڙهي ويحان تہ دل ۾ نہ ڪجو، جو پروف ۾ اهڙيون غلطيون پڙهي پڙهي هاڻ صحيح پڙهڻ جي هير ٿي ڇڏائجي وئي اٿم، شايد اهو ئي سبب آهي جو چڱو نہ پڙهڻ ڪري چڱو لکڻ بہ ڇڏي ڏنو اٿم. بهرحال ڳالھ ٿي ڪيم تہ ذوالفقار کي پنهنجي مڪ ۽ منڊيءَ تي پورو حق

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، اهي ٻئي شيون، ٻئي تي وار ڪرڻ لاءِ هڪ اهڙو اسلحو آهن، جنهن کي پوليس تلاشي وٺڻ لاءِ ڊاڪٽرن جون هاسٽلون بہ خالي ڪرائي نہ ٿي سگهي. اهي ٻئي اسلحہ بنا لائيسنس جي پاڻ وٽ نہ رڳو رکي سگهجن ٿا، بلڪہ ڏيکاري بہ سگهجن ٿا.

هڪ مڪ ذوالفقار جي، ٻي مڪ ان ٻار جي جنهن کي سنوارڻ ۽ وندرائڻ لاءِ ذوالفقار هي ڪتاب لکيو آهي..... ان ٻار جو ذڪر بہ آئون اوهان کي ٻڌائيندي هلان. منهنجو هڪڙو پاڻيو آهي، عمر اٿس ڪل ٦ سال! جڏهن منهنجي عمر ٦-٧ سال هئي تہ مون کي ياد آهي تہ اسان کي طوطي ۽ مينائن جون ڪهاڻيون ونديون هيون،لاشعوري طور طوطي کي پائي ۽ مينا کي مائي سمجهندا هئاسين. ذهن جي حالت اها هوندي هئي جهڙي اسلام کان پهرين عربن جي حالت هوندي هئي. اسڪول ۾ گهڙياسين تہ استاد جو رتبو ذهن تي ائين ڇانيل هوندو هو، جيئن ڪنهن پيغمبر جو رتبو سندس پوئلڳن تي ڇانيل هوندو آهي..... اخلاق ادب صبر شڪر چٽي ڪاريءَ جا سبق اسان ڪتابن کان ۽ ماٽن کان سکيا.... شاه لطيف کان وٺي علامہ قاضيءَ تائين. علامہ قاضي کان وٺي ذوالفقار سيال تائين هنن پنهنجي شاعري، نظم ۽ نثر ۽ شرافت صبر شڪر جا درس ڏنا زندگي جي حسن کي بچائڻ ۽ برقرار رکڻ جا درس ڏنا.....

سوال آهي تہ اڄ ڇو اسان وٽ برقراري جي بدران بيقراري آهي؟ ٻاڪرن جي بدران ٻالا آهن! گهر تہ ٻاتين سان ڀريل هوندا آهن، پوءِ گهر ڇو سڃاءِ ويران آهن، جيل اسان جي جوانن سان ۽ اسپتالون مريضن سان ڀريل آهن. اسپتال ۽ مريضن جو ذڪر ڪندي مون کي ڳالھ وري پنهنجي ننيڙي ٻاٽي جي ٿي ياد اچي..... عمر ڇھ سال اٿس، اڄ ڪلھ ٻارن ۾ گيسٽرو جي وبا ڦهليل آهي، سو هي ٻار بہ ان وبا جي ور چڙهي ويو. ڇوتڪي گهڻي واري ڊاڪٽر شريف وٽ وٺي وياسين.

ٻار جي ماءُ ڊاڪٽر کي ٻار جي شڪايت ڪندي چيو تہ ڊاڪٽر صاحب هي ٻار دوا پيئڻ ۽ گوريون کائڻ کان لهرائي ٿو. ڊاڪٽر ٻار کي ڊيڄارڻ لاءِ دڙڪو ڏنو تہ هاڻ جيڪڏهن گوريون ۽ دوا نہ پيئندين تہ سرنج هڻندو سانءِ. ٻار لفظ ”سرنج“ تہ سمجهي نہ سگهيو باقي ڊاڪٽر جو مطلب سمجهي ويو تہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرنج هوندي ڪا ڪلاشنڪوف جهڙي چيز، سو ڊاڪٽر کان پڇڻ لڳو ته ڊاڪٽر تو وٽ ڪلاشنڪوف آهي؟ ”ڊاڪٽر چيس نه يار ڪلاشنڪوف مون وٽ ڪونهي!“ ٻار چيس ته ”پوءِ تو وٽ مون کي هڻڻ لاءِ ڇا هي؟“

”تو وٽ ڪلاشنڪوف آهي- پر تون مون کان لڪائين ٿو! پر ڊاڪٽر مون وٽ به هيءَ مڪ آهي.....!!“ هڪ مڪ ذوالفقار جي-! هڪ مڪ هن ننڍڙي ٻار جي!

وچ ۾ سچا ڪين، ڪيا آگونا اسان عورتن جا.... اهي سڀ ٿي هٽ ۽ مڪون جي پاڻ ۾ ڀيڙجي پون ته.....!

ذوالفقار جي لفظن جا رانديڪا يقين جڙي پوندا ۽ دشمن جي ڪلاشنڪوف جهري پوندي.....

دوستو، آئون مايوس ته ناهيان پر مون کي الاءِ ڇو ڏک سان شيخ اياز جي هڪ لڪٽي ياد اچي رهي آهي.... اياز پهرين غالب جي هڪ شعر کي ڪوٽ ڪيو آهي. ”بازيچه اطفال هي دنيا ميري آگي!“ واقعي دنيا ته ٻارن جي راند آهي، پر هو جو پريان فاشي سپاهي منهنجي ٻار جي سيني تي بندوق تاڻي بيٺو آهي... ڇا ان کي به آئون رانديڪو سمجهان! مون کي اڄ کان ويهه سال کن پهرين پڙهيل هڪ ڪهاڻي خواجه احمد عباس جي ٿي ياد اچي.

ڪنهن ملڪ ۾ فاشزم جي خلاف وڏن سان گڏ ننڍڙن ٻارڙن به هڪ جلوس ڪڍيو، ٻارڙن جي مائن سندن ڇاتيءَ تي ننڍڙا بينر هڻي ڪين جلوس ۾ موڪليو هو. هڪ بيوه عورت کي صرف هڪ ننڍڙو نينگر هو...... ماءُ الاءِ ڇو ٻار کي جلوس ۾ شامل ڪري نه سگهي، بينر به ناهي نه سگهي..... ڪرسچن ٻار پنهنجي ساٿين کي ڏسي اسڪول جي ڪتابن مان بائيبل ڪڍيو سيني تي رکيو ۽ جلوس ۾ شامل ٿيو.

دشمن جي پهرين گولي نڪتي بائيبل کي وچان جت لکيل هو ته: ”هڪ انسان جو رت ٻي انسان تي وهائڻ حرام آهي.“ چيريندي ٻار جي دل جي هُن پار هلي وئي.

دوستو، اوهين به پنهنجي گهرن ۾ ويحو پهرين پنهنجا ٻار ڳڻيو ۽ پوءِ قرآن شريف تان غلاف لاهي ڏسو! ڪٿي اوهان جا ٻار ڪٺل ۽ اوهان جي قرآنن جا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غلاف رت سان پريل تہ ڪونهن!

زرينہ بلوچ ذوالفقار جي ڪتاب جي پهرين پيش لفظ ۾ هڪ اهڙي نندڙي نور خاتون جو حوالو ڏنو آهي- اوهان يقيناً پڙهيو هوندو!

دوستو آئون شاعره تہ ڪونہ آهيان، پر زرينہ ذوالفقار جي شاعريءَ جي هڪ لڪل خوبي ٻڌائي آهي- تہ سندس شاعريءَ کي ٻالڪي سگهجي ٿو، ٻارن کي موسيقي جي ذريعي ٻڌائي سگهجي ٿو. ها تہ ڳالهہ ٿي شاعر جي رديف قافئي يا ٽيڪنيڪل خوبيءَ جي. يقيناً ذوالفقار شاعري جي لحاظ کا پنهنجي پر معيار بہ اهڙوئي باڪمال رکيو هوندو، پر هڪ ڳالهہ جا مون کي محسوس ٿي اها هيءَ تہ ذوالفقار اسان سيني اديبن مان اسان سيني شاعرن مان آڪاس جي انتهائي بلندي واري مقام تي آهي، جو هن وڏن کي ڇڏي ننڍن ٻارن لاءِ پنهنجو ڌيان ۽ گيان وقف ڪيو آهي. ذوالفقار پنهنجي شخصيت جا ڪامپليڪس، پاسيرا رکي، پنهنجي اندر جي ٻار کي اندر مان ڪڍي ڪڇ ۾ ڪري وهاريو آهي. ۽ پوءِ ان جو نفسياتي جائزو ورتو آهي. ٻار جي شخصيت جي مڙنئي گهرجن کي هڪ هڪ ڪري ڏنو ۽ سامهون آندو آهي.

مثلاً پکي پکڻ کي پيار ڪرڻ ۽ پالڻ ٻار جي جبلي ضرورت آهي، ان (Motive) جي اڳيان هلي نشونما ائين ٿئي ٿي جو هو وڏو ٿي پنهنجي پريوار ۽ ٻارن کي نہ رڳو پيار ٿو ڪري، پر پالئين بہ ٿو ذوالفقار ٻار جي ان (Motive) جو ذڪر منهنجو آهي، پيارو ڪڪڙ، ۾ يا طوطو منهنجو طوطو آهي ۾ ڪيو آهي. اهو ٻار جي پرپور چاهت جو اظهار آهي. ۽ ٻار جي نفسياتي ضرورت بہ آهي. ذوالفقار ٻارن لاءِ شاعري ڪندي نہ رڳو هن جي فطري ضرورتن جو اظهار ڪيو آهي، پر ساڳي وقت اڄ جي هلندڙ هوا سان بہ روشناس نہ رڳو ڪرايو آهي، بلڪ هوريان هوريان ٻارن کي ڪمپيوٽر واري نظم وسيلي گهڻو ڪجهہ سيکاري بہ ويو آهي. ڪمپيوٽر جو تعارف هڪ ڏکيو موضوع آهي، پر ذوالفقار ٻارن کي سڄي ڪمپيوٽر جو ڪمال هڪ صفحي ۾ ئي سيکاري ڇڏيو آهي. دوستو، هڪ ڳالهہ آئون پنهنجي ڌيءَ کي ڪڏهن ڪونہ سمجهائي سگهي آهيان، ذوالفقار اها ڳالهہ پنهنجي شاعريءَ وسيلي صائمہ کي بہ سمجهائي ڇڏي آهي. اها آهي سندن نظم "بيدري" صائمہ جو ذهن اڄ جي ماحول جي پيداوار آهي، اڄ جو ماحول، جنهن ۾ هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طرف تہ "نور خاتون" اھڙن ٻين ٻارن جو قضيو آھي، ٻئي طرف دنيا جي سطحي بناوٽ جا قصا آھن.

ھر ٻار کي ٽي چار لفظ انگريزي جا ضرور ايندا آھن. مثلاً ھڪ 'ھيپي برٿ ڊي ٽو يو' ٻيو 'باءِ باءِ' ۽ 'گڊ لڪ'! صائمہ کي مون ذوالفقار جا لکيل رڳو چار جملا پڙھايا ۽ سيکاريا آھن.

ستم اھو آ. منجھن ڇپيل کي سڀيو ويو آ، ھاڻي دعا بہ گھري نہ سگھبي. ان کان وڏي ڪھڙي آ بدبختي، بيڊ لڪ!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اياز لطيف سان حيدرآباد ۾ ملهايل شام جي موقعي ڪيل تقرير

(ڊسمبر 1991)

دوستو، جيئن هڪ نالي پويان سڄي شخصيت ۽ هڪ محبت پويان سڄي جيوت جي ڪهاڻي هوندي آهي... تيئن هڪ اياز لطيف جي، هن شام جي موقعي تي ورهايل ڪارڊ ۾ سندس سموري شڪتي، سندس سڄي شخصيت جا مختلف پهلو سمايل آهن....

دوستو! آئون پانيان ٿي تہ اياز تي ڪو وڏو مضمون لکي اُڪ ڪارا ڪرڻ بدران اِهو هڪ ننڍڙو ڪارڊ ئي ڪافي آهي. جنهن ۾ لکيل آهي تہ هو اديب آهي، شاعر آهي، اداڪار آهي ڪلاڪار آهي، ڪالم نگار آهي ۽ الائي ڇا ڇا آهي. هڪ وڏيڪ خوبي، جنهن جو سندس ڪارڊ ۾ الائي ڇو ذڪر ڪونهي تہ هو چڱو خاصو مقررّ بہ آهي. تقرير جي فن جي لحاظ کان هيل تائين رڳو رسول بخش پليجي جو رڪارڊ وڃندو رهيو آهي، پر سال بہ رکي آئون پانيان ٿي اڳيان هلي هو شايد پنهنجي پيءُ جو رڪارڊ بہ ڀڃي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چڏيندو.... ۽ اِها خبر نہ پوندي تہ ہنهي مان ڪير ڪنهن جو پيءُ آهي... تقرير جي ان ڏانءُ مان ثابت ٿيو تہ بهرحال هو پنهنجي پيءُ جو حقي حقي پٽ آهي ۽ هاڻ قيامت جي ڏينهن ہين ماڻهن کي خدا عزت رکڻ لاءِ پل مائن جي نالي سان اُٿاري پر اياز لطيف کي هو پيءُ جي نالي سان پڪاري سگهي ٿو، جو آسان کي ۽ خدا کي منجهس ڪو بہ شڪ نہ آهي!

دوستو! منهنجو ذاتي خيال آهي تہ اياز لطيف کي خدا پل پنهنجي ماءُ زرينہ جي نالي ئي اٿاري، جو اِها ڳالهہ وڌيڪ قابل قدر ۽ عزت جوڳي ٿيندي.... جو اياز پٽس جو منهن تہ سياست جي ڪري ڪڏهن ڪڏهن ئي ڏسندو هوندو، صبح شام سياڳو منهن تہ زرينہ جو ئي ڏِسي ڏِسي وڏو ٿيو آهي، جو هو پَليو نپنو تہ زرينہ جي ئي سائي ۾ آهي... (زرينہ البتا اڪثر يا ڪڏهن ڪڏهن قمر واحد جي سائي ۾ نظر ايندي آهي، جو قمر اهڙو چنڊ آهي. جنهن تان ذاتي طرح ڪڏهن آئون تہ ڪڏهن زرينہ چنڊ جي روشنيءَ جا ڪجهہ ترورا وٺي جيئرا آهيون... پر ساڳي وقت ڊڄندا بہ آهيون تہ هوءَ ڪاوڙ ۾ اَچي، چنڊ تي هٿ رکي روشني جا اهي ترورا آسان کي ڏيڻ نہ روڪي ڇڏي- حالانڪ قمر، قمر آهي... چنڊ جو ڪم روشني ڏيڻ آهي... پوءِ ڪو بہ اِن روشنيءَ مان فائدو وٺي نہ وٺي)

ها سو دوستو! ڳالهہ ٿي ڪيم تہ علامہ قاضي پنهنجي ذاتي ڪچهريءَ ۾ چوندو هو تہ حضرت عليءَ کان حضرت بي بي فاطمة جو ڪردار هزار دفعا بلند آهي. اگر پليجو صاحب Mind نہ ڪري تہ آئون پانيان ٿي تہ زرينہ جو ڪردار پليجي جي ڪردار کان وڌيڪ Powerful آهي. زرينہ ستن پائوندن جي اياز لطيف کي پيٽ ۾ پالي ۽ ڄڻي ڏيکاريو....

پليجو جيڪڏهن اِئين چاهي تہ بہ نہ ٿو ڪري سگهي، سو زرينہ پليجي کان بهتر آهي. هوئنئن بہ اياز جي جنت پليجي جي پيرن ۾ نہ بلڪ زرينہ جي پيرن ۾ آهي. زرينہ هوئنئن بہ پنهنجي گهر پنهنجي جنت جي مالڪ آهي، جڏهن تہ پليجو ويچارو اڪثر جيل يا پنهنجي اوطاق ۾ گذاريندو آهي.

دوستو! اياز جي جنت پل زرينہ جي پيرن ۾ سهي پر ہڌو اٿم تہ هو اِن جنت جي ڳولا وري اُن رستي تي ڪندو آهي جو رستو مسعود نوراني جي گهر تي ختم ٿئي ٿو، جو ہڌو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اٿم تہ هو تازو نوراني ۽ جي نياڻيءَ سان مڱيو آهي. دوستو، هي نوراني اُهو ناهي جنهن لاءِ نعرا لڳندا هئا تہ: نوراني نور هي - ڪرسي بهت دور هي. هي نوراني پاڻ وارو نوراني آهي ۽ ڪيس ڪرسي بہ بلڪل قريب آهي. بلڪ هو ڪرسي تي ئي ويٺل آهي.

ساٿيو، جيئن عقلمند ماڻهو پنهنجي future جي پلاننگ سالَ اڳ ڪري ڇڏيندا آهن، تيئن اياز بہ (جو مڱيو آهي سو نيٺ بہ پرڻبو) شادي شده ٿيڻ جي Practice هاڻ کان ئي ڪرڻ شروع ڪري ڇڏي آهي. هُو، Adhoc بنياد تي هينئر کان ئي ڇوڪرين سان لهہ وچڙ ۾ اچڻ شروع ٿي ويو آهي... هونئن جيئن تہ باادب ڇوڪرو آهي سو هر عورت کي ماءُ، ڀيڻ، آمان، جيجان ڪري ڳالهائيندو آهي پر اِهي تعظيم وارا اکر بہ سندس وات مان مٿاڇرا ٿي نڪرندا آهن. بلڪل اِئين جيئن T.V تي صدر اسحاق کي قرآن کي مٿاڇري چمي ڏيندي ڏيکاريندا آهن. صدر اسحاق ويچارو هونئن تہ Flying Kiss جو قائل ڪونهي پر سندس عينڪ اٽڪڻ سبب هو قرآن شريف کي پري کان ائين flying kiss تائين پاسيرو ڪندو آهي، جو مون واري ڏي صائمة مون کان پڇندي آهي: امّي هي قرآن کي چمي ٿو يا سُنگهي ٿو؟

سو اياز ويچارو بہ آهي تہ عينڪ جو ستايل، پر صدر اسحاق جي برعڪس هو وري ائين Mature ۽ گهرو آهي، جو جنهن شيءِ کي سنگهڻو هوندس اُن شيءِ کي چمي ڏيئي چوندو تہ چڪي ٿي ڏٺم تہ سامهين ڏر جو ذائقو ڪارو آهي يا مِٺو!

اِهي ڳالهيون تہ خير آئون مذاق ۾ ٿي چوان پر چوڻ جو مطلب اِهو اٿم تہ هو مٿاڇرو ڇوڪرو ناهي. چيزن، ڪتابن ۽ انسانن جي آخري حد تائين گهرائيءَ ۾ گهڙڻ جو قائل آهي. جن چيزن کي سنگهڻ گهرجي اُنهن کي چمندو آهي، جن کي چمڻ گهرجي اُنهن کي چکندو آهي، ۽ جن کي چکڻ گهرجي اُنهن کي رکندو آهي، باقي غيرضروري Formalities جو هو قطعي قائل ڪونهي!

دوستو، هن سماج ۾ هڻ هٽان واري دور ۾، آئون ڏسان پيئي تہ هاڻ سماجي For-malities جو دور گهٽبو وڃي. 'هيڏانهن ڪم لٿو هوڏانهن ڪاغذ ڦاٽو!' سنڌي جي چوڻي اِها پراڻي آهي پر هاڻ بہ ساڳي طرح Toilet paper جو دور آهي ۽ dis-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

posable شين جو زور آهي!

جيئن جيئن سماجي اخلاقيات ۽ Formalities گھٽبيون وڃن تيئن تيئن اندروني ذهن ۽ جمالي Formalities وڌنديون وڃن. اگرين کي گھڙي گھڙي موڙڻ جسم جي هڪ Formalty آهي. منهن کي موڙو ڏيڻ، مُنهن جي هڪ Formalty آهي. (آئون به انهن ماڻهن مان آهيان) ، جيسين منهن کي موڙو نه ڏيان تيسين ڪا ڳالهه ڪري نه سگهان. منهنجي ڏي چوندي آهي ته ممي تون پنهنجي منهن جي اِن موڙي کي لڪائڻ لاءِ اهڙو موڙ ٻڌندي ڪر جهڙا موڙ هو گهوٽ 'هٿين گل مينديءَ' ۾ ٻڌندو آهي.

خوشيءَ جي ڳالهه اِها آهي ته اَياز جسم جي اِنهن Formalities کان آزاد آهي. اهو اُن ڪري دوستو! جو اياز ذهني طرح Mature آهي. جيڪي ماڻهو ذهني طرح Mature هوندا آهن اِهي انهن جسماني ڪمزورين ۾ پناه ڪونه ڳولهيندا آهن. 'هٿين گل مينديءَ' ۾ به هو ادا ڪاري ڪندي جسماني طور ڪابه ادا ڪاري ڪونه ڪندو آهي. لڳي ٿو ته هو T.V تي به ادا ڪاريءَ کي رڳو پري کان في الحال سنگهڻ آيو آهي. باقي چمڻ، چکڻ، چٽڻ ۽ رکڻ جي اسٽيج تي اَچان نه اَچي سگهيو آهي.

دوستو، جسم جون ڪي deformalties ظاهري ڦيرڦيون آهن ته ڪي باطني ڦيرڦيون آهن. منهنجي هڪ دوست هئي فرحت. اردو ڳالهائيندي هئي.... اَڄ کان 16-17 سال پهرين هڪ گانو تمام مشهور هو جيڪو يقيناً اوهان به ٻڌو هوندو؛ 'جيئو ڊولا جيئو ڊولا.' اُن زماني ۾ جيئي سنڌ جو رواج ڪونه هو، سو منهنجي دوست هڪ ڏينهن مون کي چيو؛ "يار خيرو! آج مين ني بس مين جيئو ڊولا گانا سنا هي. پته نهين کيا بات هي يه گانا ميري اعصاب پر چڙه گيا هي، اور ميرا کسي کام، کسي سوچ مين دل نهين لگتا" مون سندس ڏيان هٽائڻ لاءِ چيو؛ "فرحت اَچها هي يه گانا تمهاري اعصاب پر چڙها. اگر ميري اعصاب پر چڙهتا تو بات اور مشکل هو جاتي" فرحت پڇيو. "کيون" مون چيو مانس ته؛ "اردو مين ڊ- ڊولا بولنا تو آسان هي، ليکن سنڌهي مين ڊ- کو ڏ- ڏيڏر بولتي هين، سو اگر سنڌهي مين اگر مين يه گيت اندر هي اندر بولون تو بولون گي؛ جيئو ڏولا جيئو ڏولا- ڊ- کي مقابله مين ڏ- کو بولني مين جسماني قوت زياده خرچ کرني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙتي هي "ڳالهہ تہ خير آئي وئي ٿي وئي.

ٻي ڏينهن فرحت جو منهن ڏٺم تہ لٿل هو. چپ چاپ هئي، چيئين: "خيرو! ڪل سي تو ميري جان هي نکل گئي هي، ميرا گلا، ميري تمام اعصاب تهک گئي هين. ڪل سي جو مين ني نمازين پڙهي هين، سجدي ڪئي هين، ايک نماز، ايک سجدي مين بهي خدا ڪا نام نهين ليا. هر نماز هر سجدي مين ميري گلي سي صرف ايک صدا اُبرتي تهي: جيئو ڏولا جيئو ڏولا- اي باڙه مين جائي ايسا ڏولا جو بندي ڪو خدا سي جدا ڪري. تمهاري سندهي مين تو صرف ايک ڏکيا لفظ هي بندي ڪا حشر نشر ڪرديتا هي"

اَڄ آئو دل ۾ سوچيان ٿِي تہ هڪ لفظ 'ڏ' جو ئي ماڻهو ڪي اهڙو مهانگو ٿو پوي تہ سڄي سنڌي ٻولي ڳالهائڻ لکڻ ۽ پڙهڻ لاءِ ماڻهو ڪي ڪيڏي قيمت ادا ڪرڻي پوندي.

سو اياز لطيف بہ سنڌ جو سنڌي ڳالهائيندڙ ٻيباڪ سڄڻ آهي. هو سنڌي ڳالهائيندڙ، سنڌي پڙهندڙ ۽ سنڌي لکندڙ آهي. باقي پنهنجي ڪتاب ۾ غير ملڪي اديبن جا نالا رڳو آسان پارن ڪي ڊيڇارڻ لاءِ لکندو آهي.

اهوئي سبب آهي، جو هِڪ هي ننڍڙو اياز ۽ ٻيو هو وڏو اَياز، ٻئي مون ڪي ڪونہ وڻندا آهن، جو هو غيرملڪي اهڙن اديبن ڪي پڙهندا آهن، جن اديبن جي نالن جي صحيح Pronun ciation يا تلفظ آسان پارن ڪي ڪونہ ايندا آهن. منهنجو ذاتي طرح تہ حشر اهڙو آ جو اَڄان تائين بہ ڪو ڏکو نالو صحيح طرح نہ پڙهي سگهندي آهيان. ستن اٺن سالن جي عمر تائين تہ سنڌي ۽ اردو ڪي بہ عربي زبان ۾ پڙهندي هئس. ننڍي هوندي ڪان وٺي ويندي ٻاويهن سالن جي عمر تائين مون حبيب بئنڪ لميٽيڊ ڪي تيسين صحيح ڪونہ پڙهيو جيسين وڃي منهنجي نوڪريءَ جي پهرين پگهار اُن ۾ شامل نہ ٿي. ننڍي هوندي هميشہ حبيب بئنڪ جي در آڏو بيهي قرآن جي حِجيَ ڪندي هئس: حب يب بئنڪ لم يہ ٿڊ.

سو اسين تيسين ڪنهن بہ شيءِ ڪي صحيح ڪونہ پڙهندا آهيون نہ پروڙيندا آهيون، جيسين آسين سڌي طرح پاڻ نہ ڪنهن ڳالهہ سان واسطو رکون يا ملوث ٿيون.... هميشہ پري ڪان بيهي فتويٰ ڏيڻ جا عادي آهيون... حالانڪ جيڪي حبيب آهن، انهن ڪي حبيب ئي رهڻ ڏجي. پنهنجي تنگ نظرن جي باعث پنهنجن حبيبن ڪي هرويرو حب يب نہ هئڻ گهرجي...

اياز لطيف پنهنجن دوستن ۾ مقبول آهي، سنڌي عوام ۾ مقبول آهي، اُن ڪي مقبول ئي رهڻ گهرجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي خيال ۾ شهرت ۽ عزت اهڙيون شيون آهن، جن کي ڪنهن به ريت Toilet paper جيان disposable نه ٿيڻ گهرجي.

اَڄ اياز T.V جي حوالي سان، ادب جي حوالي سان ماڻهن جي ذهنن تائين پهتل آهي پر منهنجي دعا اِها آهي ته هو عام ماڻهن جي، پنهنجن پيارن ماڻهن جي دلين تائين پڄي سگهي ۽ اُتي به دائمي رَهي disposable نه رهي.

دوستو! جڏهن مسعود ميمڻ مون کي سندس دعوت جو ڪارڊ ڏيڻ آيو ته مون هن کان پڇيو: "اياز ڪيئن آهي ۽ ڪٿي ٿو گهمي؟" هن جي پر واري بار جواب ڏنو: "آپا اياز زور آهي ۽ شيراڊ گاڏي ۾ ٿو گهمي"

شيراڊ گاڏي منهنجي چڙ آهي، ان ڪري نه جو آئون ان کان متاثر آهيان، بلڪ انْ ڪري جو اَڄ کان مهينو ڏيڍ اڳ يعني 1991 ۾ مون هڪ پراڻي F X ورتي. ۽ ونندي ئي جيئن مون پهريون پيرو هن کي رستي تي آندو، هڪ گڏه گاڏي کيس زوردار ڌڪ هڻي ڌڪي ڇڏيو. مون وارو ڊرائيور هيٺ لٿو ۽ اچي مون کي خبر ڏنئين، چئي: "امان پاڻ واري گاڏيءَ کي شيراڊ ڌڪ ڪي وئي آهي" مون چيو مانس "ابا رستي تي ته سواءِ هن گڏه گاڏي جي ٻي ڪنهن شيراڊ جو ته وجود ئي ڪونهي" ڊرائيور گڏه گاڏيءَ ڏانهن اشارو ڪيو. گڏه گاڏي سهٽي نندڙي ۽ نئين نهيل هئي. متانئس لکيل هو: Charde Advance Model 1992، سو اسان واري FX، شيراڊ 1992 جي Advance Model کان مار کائي آئي ۽ ڊپ اٿم ته ڪٿي هوءَ ٻيهر وري آياز واري شيراڊ کان به نه مار کائي. جو هونئن به آئين ڪمزور بيمار ۽ وڏي عمر جا ماڻهو پراڻي ۽ ڪمزور ڪار ۾ آيل آهيون. اياز ننڍو چست ۽ جنوني چوڪرو آهي. هُن جي قلم، ڪار ۽ ڪرسي ٽنهين ۾ طاقت آهي. آئون پنهنجي هار ميجان ٿي، نه رڳو گاڏي جي حوالي سان، بلڪ علم، قلم هر حوالي سان.....

هن جو رستو نوراني جي در تي ختم ٿئي ٿو. منهنجو رستو البت ڪٿي به ختم ٿيڻ جو ناهي!

ٽاٽا اياز!

جيئي لطيف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجو تخليقي سفر

خيرالنساء جعفري

سنڌيڪا اڪيڊمي

خيرو اٿڻ ويهڻ، ڳالهائڻ ٻولائڻ ۾ عورت جي بجاءِ مرد وڌيڪ لڳندي آهي. کهڙي به ڳالهه اڳيان اچيس ته ڪن تار نه ڪندي ۽ نه وري وتبي ستبي. عام ڇوڪرين وانگر ذهني تحفظات ته صفا نه رکندي آهي، سچ سان اک ملائيندي ڇنييندي به ڪونه، انڪري ڪٿان به اٿي ويندي ته پويان ’حيرت‘ جا نشان ڇڏي ويندي.....

سنڌي افساني جي ارتقا ۾ ماٺڪ جي نئين روپ ۾ مشتاق شوري جي نالي ڪانپوءِ ڪجهه وقت ماٺار اچي ويئي ۽ ڪو اهڙو نئون نالو ڏسڻ ۾ نٿي آيو، جنهن کي سنڌ ڪهاڻيڪارن ۾ ڳڻائي سگهجي. ڪهاڻي ۾ نيون فڪري راهون ڳولي لهڻ پنهنجي جاءِ تي پر هڪ تازي تواني نالي جو وجود ۾ اچڻ، جيڪو هن پيڙهيءَ ۾ پڙهندن کي ڀليون ڪهاڻيون ڏيئي سگهي، وڏي خوشيءَ جي ڳالهه آهي. پوءِ ڇاهي ڪٿي ان ڪهاڻيڪار نيون فڪري راهون ڳولي نه لڌيون هجن، پر سندس فن ۾ زندگي، نواڻ ۽ مستقبل ڏانهن سڃيل آگر هجي. سنڌي افساني جي اها ڪمي خيرالنساءِ جعفري پوري ڪئي. جيتوڻيڪ هوءَ ڪافي وقت اڳ کان ڪهاڻيون لکندي اچي، پر سندس اندر ۾ ويٺل آرٽسٽ سندس تخليق ”تخليق جو موت“ ۾ پڌرو ٿي پيو.....

عبدالقادر جوڻيجو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙهندڙ نَسُل . پ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيٰ e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَڙِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن ڪي ڏِجيِٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڏِجيِٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

ڄڻ ڄڻ ڄاڙ وڏي تي ڄَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄ‍ڄاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄ‍ڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن ڪي پڙهي سماجي حالتن ڪي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

ﭘڙهندڙ نسُل جا ﭘَنَ سيني ڪي **چوڻ، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن ڪي هر بيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ ڪي نه رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن ڪي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياکيِ پائي چيو تہ "منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)